ڏگهڙيءَ جي تاريخ



اڪرم قمبراڻي

ڍگهڙيءَ جي تاريخ

اڪرم قمبراڻي

ڪارونجهر پبليڪيشن ـ جهڏو

كتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب: ڏکڙيءَ جي تاريخ
ليکڪ: اڪرم قمبراڻي
پروف چيڪ ڪندڙ: محمد صابر ملڪاڻي
ڇاپو: پهريون. سال 2015ع
ڪمپوزنگ: اشفاق احمد ملڪاڻي
(ماهين ڪمپوزنگ سينٽر ملڪاڻي شريف)
0300_3343773
ڇپائيندڙ: ڪارونجهر پبليڪيشن، جهڏو
ڇپيندڙ: ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد 03332634650
تعداد: 500
قيمت: 500
رابطي لاءِ: اقبال جت _ موبائل نمبر : 03013855172
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپـنـا

ھي ڪتاب ارپيان ٿو

شھيد عبدالمالڪ نوحاڻي

کي جنھن جي جدوجھد جا رنگ

ھِن ڪيترن گلابن جيان

ھنڌين ماڳين وکريا پيا آھن

فهرست

	صفحو نمبر
• اداري پاران	07
• پنهنجي پاران	08
• مهاڳ	10
• سنڌ ملڪ /سنُهري / بچل چانگ	23
• فقير بشير لغاري	49
• خاناڻي ٽالپر / مير زاهد / MPA مير حاجي محمد حيات ٽالپر/	56
ماستر لائق چوٽلاڻي	70
• عمرڪوٽ ياترا	73
• ڏاڙيل مير خان کوسو	77
• مدد خان پٺاڻ	88
• سرفراز واھ جي حقيقت	92
• محمد شاھ جيلاني	103
• روڄي ڪولهي	104
• سيد فداحسين شاھ	105
• عورت	107
• سوامي ڪيمنات	111
• گوو ميگهواڙ	118
• ڪامريڊ سومار شالماڻي	122
• شيدي، سنڌ، ممبيءَ ۾ ڏگهڙي ۾	125
• گهنشام داس / تارا چند تارا	127
• حاجي محمد ابراهيم مڪراني (جدگال)	129
• مڪراني بلوچ	131
• مامون شفيع محمد سومرو / خاصخيلي برادري	134

- مالهي 136
- مستري رامچند ڪاريو 138
- محمد اسلم سينهڙو / صالح سينهڙو 139
- قائمخاني 141
- حڪيم شريف حسين جٽ 143
- چوڌري خالد محمود گِل 145

146

- سيٺ محمد اڪرم آرائين 148
- ڏاؤ ڀڳت 149
- ڪامريڊ مصطفيٰ "راضا" 153
- ڪامريڊ شمشاد راڻا 154
- لال محمد غوري 155
- روشنا ڪپري / وسايو ڪپري

157

- لڪياري سيد / عبدالواحد آريسر
- حيدر بخش جتوئي 163
- ميرن واري مسجد / ڏگهڙيءَ شوگر مل 164
- ڏگهڙيءَ ۾ صحافت / مصري مگٹهار / اسحاق ڪارو 177
- عجيب سياٽپ / تعلقہ اسپتال
- ڏگهڙيءَ ۾ بجلي / ڏگهڙيءَ ۾ ريلوي
- ڏگهڙيءَ ۾ لائبريريون / شاعر
- ڏگهڙيءَ ۾ قتل / سهتا ڪيچي قمبراڻي
- ڏگهڙيءَ ۾ ذاتيون / محمد صادق اوٺو
- رپ. / لاڙپٽ جا خاصخيلي
- پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ
- ڏگهڙيءَ ۾ همال گاڏو
- ڏگهڙيءَ ۾ رانديون
- ڏگهڙيءَ ۾ ٽرانسپورٽ
- ڏگهڙيءَ ۾ ڳاڙهي بازار

- سپ رنگ سانول
- الھہ بخش نوحاڻي
- نوحاڻي قبيلو
- جھان خان پرڳڙي
- ماستر خير محمد چانڊيو
- ڏنبالو
- ڳوٺ صوفن شاھہ / حفيظ الرحمن آرائين
- ڪنڊو پنھور
- ڳوٺ اسماعيل جوڻيجو / ڪارو دڙو
- ڪارياڻو
- ڪارياڻي جا پرڳڙي / لغاري
- وڏيرو محمد هاشم رمداڻ
- آبڙينگ / خاڪو مھر / ماستر عيسيٰ ڪوري
- ماه پارو
- ٽنڊو جان محمد / ڪرهل / بکو چانڊيو
- سيد منظور حسين شاھہ
- جھڏو شھر
- ڪامريڊ غلام محمد لغاري
- ڳوٺ علي محمد پنھي
- چاند ماڙي
- ڳوٺ خير محمد پرڳڙي
- پراڻ درياءَ
- ڳوٺ راڻو رمداڻ
- ڏگھڙيءَ ٽائون ڪميٽي جا چيئرمين ۽ لسٽ
- اولڊ ٿر پارڪر
- ڏگھڙيءَ ۾ آبادي ۽ دڪانن جي لسٽ

اداري پاران

محترم اڪرم قمبراڻي ڏگهڙيءَ شهر جي تاريخ لکي تاريخ جي هڪ باب ۾ اضافو ڪيو آهي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي علائقي جي تاريخ سيڪيولر سوچ سان تاريخ جي ڪتابن مان ڇنڊڇاڻ ڪري علائقي جا پراڻا پاڻي وهڪرا ۽ علائقي جا مڪام قلوري ته سنڌ جي هڪ مستند تاريخ ٺهي سگهي ٿي. ۽ اسان درباري تاريخ جي وچڙ مان آزاد ٿي سگهون ٿا.

اسان هن دوست کي جس ٿا ڏيون ته هن مسلسل ڪجهه سالن جي محنت سان ڏگهڙي جي تاريخ جو هي ڪتاب ڏنو آهي.

محمد صابر ملڪاڻي

پنهنجي پاران

ڏگهڙيءَ شهر شروع ۾ ڪولهي ذات جي ماڻهن جيءَ ننڍڙي بستيءَ جي صورت ۾ هو. پوءِ محمد شاهه جيلاني ۽ ميرن / ٽالپرن جي وجهه سان هِن کي وسعت ملي. اڄ تعلقي جو صدر مقام آهي. هٿين سمجهڻ گهرجي ته ڪولهين هن ڳوٺ (شهر) جو بنياد رکيو هي شهر اصل ڪولهي ذات جي ماڻهن جي نالي سان جڙڻ جو ڪارڻ سمجهڻ گهرجي 1800ع ڌاري هت صرف ڪولهي ذات جا ماڻهو ويٺل هوندا هئا. مسجد جو وجود به ميرن جي اچڻ کانپوءِ پيو آهي.

هن ڪتاب جي لکڻ جو مقصد ئي اِهو ته هن علائقي جا ڪافي اهڙا پاسا هئا، جنهن تي وقت جي ڌڙ چڙهي ويئي هئي. ان حصن کي ڇنڊي ڦوڪي اونداهه کان ٻاهر ڪڍي عوام اڳيان پڌرو ڪجي جيئن اڻڄاڻائي جو بيابان ختم ٿي سگهي.

پاڻ وٽ تاريخ هڪ اهڙو سبجيڪٽ بڻجي ويو آهي جنهن ۾ پاڻ پرستي انتهاپسندي، فضول روايتن ۽ مفروضن جي ڀرمار رهندي اچي. پر اسان هن ڪتاب کي ان آپٽار کان آجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن تحريري پنڌ ۾ اقبال جت رِڳن ۾ڊوڙندڙ رت وانگيان منهنجو ساٿ ڏنو آهي. هن جي تبصرن، تجويزن واقعن ۽ حالتن کي هڪ سهڻي شڪل

ڏني آهي. ۽ هُن جي ساٿ نہ ملڻ جي صورت ۾ آئون هي ڪتاب ڪڏهن بہ مڪمل نہ ڪري سگهان ها. فقير بشير لغاري، ڊاڪٽر صغير احمد قائمخاني، محمد يعقوب آريسر، محمد رمضان نوحاڻي، محمد خان ملڪاڻي ۽ سندس خوبصورت لائبريري جي ريفرينسن ۽ ڀاءُ صابر ملڪاڻي جن جو دلي طور تي ٿورائتو آهيان جن جي آٽت هي ڪاوش مڪمل ڪرڻ لاءِ اُڪسايو ۽ آئون ڀاءُ اشفاق احمد ملڪاڻي جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب کي ڪمپوز ڪري ڏنو.

محمد رمضان قمبراڻي، ايڊووڪيٽ حبيب الرحمن ميمڻ، ماستر نثار احمد خاصخيلي، هريش ڪرماڻي، محمد جوڻيجو الطاف خاصخيلي ايڊووڪيٽ اصغر مرراڻي ۽ حبيب ٽالپر وارن جو نالو نہ ڪٽان جڻ پنهنجي قلم سان ويڙن ڪريان.

منهنجي هن بي ترتيب تحرير کي ڏانءُ جو نِڪار شاعر ايوب کوسو جن ڏنو سندن اِن وڏ جو آڀياري آهيان ۽ ٻين تمام دوستن جو ممنون آهيان جن هن سفر ۾ ساٿ ڏنو.

هن ڪتاب تي راين ۽ فيصلن جو حق، پڙهندڙن کي آهي ۽ انهن جي هر راءِ اکين تي سمجهندي اُن جي اوسيڙي ۾ رهندس.

اڪرم قمبراڻي

وارڊ نمبر هڪ (1) ڏگهڙيءَ

مُهاڳ

گُمناميءَ جي دزڪان بچايل تاريخ جا ورق!

جديد عالمي تحقيق اسان کي ٻڌائي ٿي تہ ”ڌرتيءَ تي زندگيءَ جي شروعات لڳ ڀڳ ٽي ارب اَسي ڪروڙ سال پُراڻي آهي“.

جديد علم جا ذريعا اهو بہ ڄاڻائين ٿا تہ ”گهٽ ويجهڙائيءَ جو زمانو جنهن ۾ انسان جو ڌرتيءَ تي ظهور ٿيو، اهو زمانو بہ ڪروڙ پنجاهہ لک سالن کان وٺي هڪ ڪروڙ ويهہ لک سال آهي“. مٿيون رايو نامياري بيباڪ محقق يحيٰ امجد جي تاريخي ڪتاب ”تاريخ پاڪستان“ ۾ بہ ڄاڻايل آهي. اهو سائنسي مستند حوالو بہ آهي.

ناليوارو محقق ۽ تاريخ نويس هينرڪ وليم وان پنهنجي شاهڪار ڪتاب ”انسانذات جي ڪهاڻي“ ۾ لکي ٿو: ”انسان جي سڀ کان وڏي خيرخواهہ کي مُٽي پنج لک سال ٿيا آهن، اُهو انسان ، انسان جو استاد هو ،جنهن بيرم ۽ هٿوڙو ايجاد ڪيو هو جن جي مدد سان انسانن ٻين جانورن تي برتري حاصل ڪئي هئي!“ عالمي شهرت يافتہ محقق، دانشور ۽ تاريخدان ول ڊيورنٽ پنهنجي ڪتاب ” نشاط فلسفہ “ ۾ لکي ٿو تہ: ترقيءَ جي هِن دور تائين پهچندي پهچندي انسان هيٺيون منزلون طئي ڪيون آهن.

زبان سان ڳالهائڻ ـــ ٻوليءَ جي ايجاد. (2) باهه (3) جانورن تي فتح (4) زراعت (5) گڏجي رهڻ (6) اخلاق (7) اوزارن جي ايجاد (8) سائنس (9) تعليم (10) تحرير، تقرير ۽ تحقيق.

مٿيان جيڪي مرحلا ول ڊيورانٽ بيان ڪيا آهن، انهن مان هر موضوع ۽ هر شعبي تي صدين ۾ مرحليوار تحقيق ٿي آهي. اُن کوجنا کي تاريخ سڏجي ٿو! وڏيڪ چٽائي جواهر لال نهرو جي هنن لفظن سان هينئن ٿيندي ته : "وحشت کان تهذيب تائين انسان جي ترقيءَ جو نالو آهي!." "تاريخ عالم تي مختصر نظر" نهرو جو ڪتاب پڙهڻ جهڙو آهي.

تاريخ کي ڪن ماهرن ٻن حصن ۾ ورهايو آهي، هڪ تاريخ کان اڳ، ٻيو تاريخ لکجڻ جو زمانو! تاريخ کان اڳ جو دؤر اندازن ۽ گمانن جي نظر رهيو آهي. جڏهن ته تاريخ لکجڻ واري دؤر کي نئين نظر سان پيٽيو ۽ مستند سمجهيو ويو آهي. سچ اهو آهي ته انساني تاريخ گهڻو دير سان لکي وئي آهي. ڇو جو لکتون محفوظ ڪرڻ جو علم انسان دير سان سکيو آهي. سڀ کان آڳاٽو انساني فن، پٿرن تي لڪيرون يا شڪليون ڪيڻ آهي. جڏهن ته لکڻ پڙهڻ جو علم ساڍا ست هزار ورهيه اڳ قديم عراق جي شهر سُمير ۾ شروع ٿيو جيڪو مٽيءَ جي سِرن تي لکيو ويو پوءِ اُنهن سِرن کي باهه ۾ پچائي پختو ڪيو ويو. لنڊن يونيورسٽيءَ جي برٽش ميوزيم ۾ اُهي سِرون محفوظ ۽ موجود آهن. انهيءَ ڪوشش جي تسلسل ۾ ٿي قديم زماني جي هڪ دور ۾ نيل نديءَ جي پرپاسي پيدا ٿيندڙ خوبصورت ٻوٽي پاٽيپرس جي پنن تي به لکڻ جو عمل شروع ٿيو. ڪاغذ ته گهڻو پوءِ چينين ايجاد ڪيو هو. منظم تاريخ لکڻ جو رواج يونان کان شروع ٿيو پراهو ضرور چئي سگهجي ٿو ته غير منظم تاريخ شاعريءَ ذريعي محفوظ ڪرڻ جي روايت ڪافي آڳاٽي آهي. اهو به اسان کي سمجهڻ گهرجي ته رگويد جهڙا ڌرميءَ پُستڪ به آڳاٽي تاريخ جو حصو آهن. منظم تاريخ لکڻ جي حوالي سان يوناني ڏاهي ۽ تاريخ نويس هيرودوٽس کي تاريخ جو ابو سڏيو

ويو آهي. هن جي ڪتابن کي دنيا عزت جي نظر سان ڏسي ٿي.

تاريخ جو شعور، تاريخ جي ڇاڻ ۽ تاريخ نويسيءَ، ٽيئي جُدا حقيقتون آهن. تاريخ هڪ سنجيده ۽ ذميواريءَ جو علم آهي، جنهن لاءِ جذباتي پٽي ۽ تعصب جي ڪا گنجائش موجود ناهي. تاريخ عالمي موضوع آهي. هر موضوع جي تاريخ ترتيب هيٺ آئي آهي، پر اڄ ڏينهن تائين هن اُج جو انت اڃا ناهي سگهيو. ان جو سبب رڳو اهو ٿي آهي ته دنيا قديم آهي،انسان قديم آهي، ان جو سرگرميون قديم آهن. ان ڪري ان جي تاريخ کي يڪدم مڪمل ڪرڻ ممڪن ٿي ناهي. احساساتي حوالي سان ڏٺو وڃي ته هر ڏينهن، هر رات ۽ هر پل نئين تاريخ گهڙيندڙ آهن. ان ڪري تاريخ ته وهندڙ درياهه آهي. اها ختم ناهي ٿيڻي . اُها تڏهن ختم ٿيندي جڏهن انسان ختم ٿيندو! وقت جو هر پل نئين تاريخ کي جنمي رهيو آهي.

وڏو الميو اهو آهي ته پوري دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن تاريخ سان جبر ٿيو آهي تَہ اها ذيادتي سنڌ جي تاريخ سان ٿيل آهي! سنڌ جي اصل تاريخ گمرهي آهي. ان جا ڪيئي سبب آهن. قديم سنڌ جو لکت جو علم گمنام هئڻ سبب حقيقتون گم ٿي ويون آهن.

سنڌ تي ڌارين قومن ايترا ته حملا ڪيا آهن، جو ڌرتيءَ ڌڻي ڀاڄ جو شڪار ۽ دربدر ٿيا آهن، اهي غلاميءَ ۾ دٻجي لاوارث ٿيا آهن. ٽڙجي وڃي سڄي دنيا ۾ پکڙيا آهن. ٻاهران آيل قومن جي حڪمرانيءَ سبب تاريخ جي لکجڻ جو سلسلو غائب رهيو آهي.

ايتري تائين جو صورتخطي جي بہ سُڌ ناهي پئجي سگهي. شاعريءَ ۾ ڪي چند تاريخي حوالا ملن ٿا، اهي بہ پري جي تاريخ جا ناهن. ست سئو سالن کان مٿي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ بہ نٿي ملي، جڏهن ته سنسڪرت جي شاعريءَ جي ساڍا ٽن هزار سالن جي تاريخ موجود آهي. اسان جي تاريخ جا ماخذ عرب، ايراني، يا انگريز آهن. جڏهن ته مقامي ماڻهن ڪافي دير سان تاريخ سان رجوع ڪيو آهي. انگريزن جي دؤر ۾ اسان تاريخ جو

وڏو ڪم شروع ڪيو آهي. سنڌ جي تاريخ تي لکيل مستند ڪتابن جو تعداد بہ ڪو گهڻو ناهي. پوءِ بہ چچ نامي، جنت السنڌ، تاريخ معصومي، تاريخ بکر، تحفتہ الڪرام جهڙا ڪافي اهم ڪتاب بنهہ ٿورڙا آهن. ايچ ٽي سورلي جي لکيل شاهہ لطيف جي پس منظر ۾ ڪيل سنڌ جي تاريخ تي وڌل روشنيءَ جهڙي معتبر تحقيق ورلي نظر اچي ٿي. سنڌ ۾ علاقائي تاريخ تي بہ ڪو گهڻو ڪم ناهي ٿيو پر جيڪو بہ ٿيو آهي اهو شاندار چئي ۽ مڃي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ ايم ايچ پنهور، سومار شيخ، پيرو مل مهر چند آڏواڻي، ٽيج سنگهہ سولنڪي، بدر ابڙو راڻيچند رهريجن، معمور يوسفاڻي، مهر ڪاڇيلوي، گل حسن ڪلمتي، حسام الدين راشدي، ۽ ٻيا ڪيئي معتبر نالا شامل آهن. جن ٿرپارڪر، ٺٽ، بدين، لاڙ عمرڪوٽ، ماتلي، ديبل، رني ڪوٽ، ڪڇ، حيدرآباد، وغيره تي اتهاسڪ ڪم جاندار نموني سهيڙيو آهي.

اسان جي نوجوان باشعور نئين محقق دوست اڪرم قمبراڻي جو ڪيل هي تحقيقي مواد ۽ پورهيو بہ علاقائي تحقيق تي ٿيل ڪم جو بهترين تسلسل آهي. جنهن تي تفصيلي روشنيءَ وجهڻ کان اڳ ۾ علائقائي تحقيق جي تاريخ جي حوالي سان ڪجهہ ڳالهيون ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. ڇو جو سنڌ جي علاقائي جاگرافي حدن کي وڏي حسناڪي رهي آهي. غضب جي ڪشش سنڌ جي هر علائقي ۾ محسوس ٿيندي آهي. هر علائقو پنهنجي دفن ٿيل تاريخ جو ماتم ڪندو ۽ سڏڪو محسوس ٿيندو آهي!

سنڌ جي عظيم عوامي شاعر استاد بخاري هڪ نظم ۾ لکيو آهي تہ:

منهنجي تاريخ نہ شل تباهہ ٿئي!

تاريخ جي تباهي يقينن وڏو الميو آهي. استاد بخاري ڄاتو پئي تہ سنڌ جي اڳاٽي تاريخ تہ تباهہ ٿيل ٿي آهي. شل هاڻ ان کان وڌيڪ ٻي تاريخ تباهہ نہ ٿئي! وري ڪو خوارم شاهہ نہ اچي، جيڪو ڪتابن کي

تندورن حوالي ڪري ڇڏيا وري ڪنهن خلجيءَ جي جرئت نہ ٿئي. جو
ريپارين کي سوڳ ۽ ستم ۾ مبتلا ڪري! وري ڪو مرزا شاهہ حسن نہ اچي،
سنڌياڻين جي مٿن جون سينڌون تاراج ڪريا وري ڪن پورچوگيزن کي
اهڙي مُلهت نہ ملي جو اجرڪن کي سنڌيءَ سمنڊ ۾ اڇلائي ٺهڪ ڏين!.

اڪرم قمبراڻي نئين دور ۾ تحقيق سان عشق ڪيو آهي، ۽ اهو عشق
ايڏو سولو بہ ناهي جو ان سفر ۾ پير نہ سڙن، ۽ دل آزمائشن جي بليدن تان نہ
گذري!.

هڪ محقق جي وڏي خواهش اها هوندي آهي تہ هو آزاديءَ سان
پنهنجو ڪم ڪري پنهنجي وطن ۾ جتي بہ وڃي تحقيق ڪري، اتي جي
ماڻهن کان کيس تعاون ملي. تحقيق لاءِ آساني مهيا ٿئي. جنهن بہ جاءِ تي
هو پير رکي هن کي اُتي سنڌي وطن جو احساس ٿئي! هتي صورتحال
بلڪل مختلف آهي. قومي ورثا ۽ آثار لاوارثي جو شڪار آهن. تحفظ رکڻ
وارا ادارا هنن شين جا ڏٽي تيڻ لاءِ تيار ناهن.

اڪرم تحقيق جي هن پنڌ ۾ اهو ڄاڻي چُڪو هوندو تہ ماڳن،مڪانن
جو ڪهڙو حال ٿي چڪو آهي يا ٿي رهيو آهي! حد تہ اها آهي جو قومي
ورثي وارا هنڌ ماڻهن کي زمينن سان گڏ الاٽ ٿي چڪا آهن! عام زميندار
ورثن کي پنهنجي ملڪيتن ۾ تبديل ڪرائي چُڪا آهن! جهڙو حشر
پرڙائي ڪوٽ ۽ پراڻ جي قديم آثارن جو ٿيو آهي، باقي سنڌ ۾ بہ
صورتحال ساڳي آهي.

اسان جا اڪثر ايرندڙ محقق پنهنجي معلومات مقامي ماڻهن کان
حاصل ڪن ٿا. پوءِ ائين بہ ٿئي ٿو جو هٿ نوڪي ۽ جڙتو ڄاڻ بہ مهيا
ڪئي وڃي ٿي. ڪيئي محقق اهڙي غلطي ڪن بہ ٿا جو تاريخ بلڪل
تباهہ ٿي وڃي ٿي.

اڪرم قمبراڻي جي هن تحقيق جو بہ گهڻو حصو ماڻهن کان حاصل
ڪيل معلومات تي مشتمل آهي ان جي باوجود اها حقيقت نظر اچي ٿي تہ

هُن چند چاڙ جي ساهميءَ جي هڪ پُڙ ۾ اها معلومات ۽ ٻي پُڙ ۾ پنهنجو دماغ رکيو آهي، تہ جيئن ڪنهن وڏاءِ، غلطيءَ ۽ پرتيءَ جي گنجائش باقي نہ رهي. اڪرم جن ڪتابن جو سهارو ورتو آهي، اُهي ساک رکندڙ ڪتاب آهن.

هُن ڏند ڪٿائن تي ڌيان رکڻ بجاءِ عقل کي ڪسوٽيءَ بڻايو آهي، ۽ اها ضروري شيءَ بہ آهي! هڪ اهم تاريخي وطن جي تحقيق جذباتي ڪيفيت ۾ ڪرڻ ممڪن ئي ناهي. جتي تاريخ هيٺ مٿي ٿيل هجي، اتي محقق کي بيحد خبردار رهڻو پوندو آهي، ڇوجو تاريخ انصاف چاهي ٿي.

تاريخي سانحو اهو آهي تہ، سنڌ جيڪا هڪ فطري ۽ تاريخي تهذيبيءَ محبوب وطن جي حيثيت ۾ رهي آهي، جنهن کي پنهنجو جدا ٻوليءَ، ڌرتيءَ، تهذيب، ثقافت، تمدن، سمنڊ، درياهہ ۽ پنهنجا معدني وسيلا حاصل رهيا آهن. ايتري تائين جو قديم سنڌو ڌرم بہ هڪ حيثيت طور تسليم ٿيل رهيو آهي. افسوس جو ان سنڌ جي صدين جي سفر ۾ ان جي حدن ۽ علائقن جي تاريخ بہ مڪمل طور پڌري ناهي ٿي سگهي. اسان جي مخققن اڪثر علائقن جي جيڪڏهن ڪا چند چاڙ ڪئي بہ آهي تہ اها تحقيق ڇڪي تاڻي اڍائي هزار سالن کان اڳتي اُڪري ناهي سگهي. ڪن علائقن جي تہ پوري تحقيق اجا بہ ناهي ڪئي وئي. موئن جي دڙي جي تاريخ سوڙهيءَ ڪري پنج هزار سالن تي بيهاري وئي آهي، جڏهن تہ اها تهذيب ڪنهن بہ ريت پندرهن هزار سالن کان گهٽ جي ناهي! سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ڏهہ هزار سال اڳ سنڌ ۾ ٻين جاين تي انسان نہ رهندا هئا؟ ڇا انسان ۽ انساني وسنديون سنڌ جو حصو نہ رهيو آهن؟ سنڌ سان تاريخي تبديلي جو هڪ واضع سبب هيءَ آهي تہ سنڌ ۾ هن وقت موجود اڪثر ماڻهو يا قبيلا ٻاهران آيل آهن. انهن جي نسلن کي سنڌ ۾ آئي ٻارنهن سئو سالن کان مٿي جو عرصو ناهي ٿيو. سنڌ جو اصل سنڌي يا وارث گم ٿيندو رهيو آهي. اهو يا تہ سنڌ ڇڏي دربدر ٿيو آهي، يا

ناانصافين، جنگين، آفتن ۽ استحصال جيَ ڪري پٺتي ڌڪجي غلام بڻجي سيڪجهه وساري چڪو آهي. يا ٿنڊ کان ئي ڪاروباري ذهنيت جي ڪري تاريخ جي علم کي پُٺيءَ ڏئي ڏن جوڙڻ جي جستجو ۾ مشغول رهيو آهي.

ڇا به آهي، پر حقيقت اها آهي تہ سنڌ ان ماٿ جيَ ڪري قومي نقصان برداشت ڪيو آهي ٻاهران آيل قبيلن کي هزارين سال اڳ جي تاريخ جي ڪيئن سُڌ پوندي؟ انهن کي مڪمل ڄاڻ هئڻ ممڪن ئي ناهي .پر جيئن تہ سنڌ عظيم ڌرتيءَ رهي آهي، ان ٻاهران آيل قبيلن کي جيڪو مان بخشيو آهي ان جي موٽ ۾ اهي قبيلا بہ سنڌ سان عشق ۾ رڱجي ويا آهن. انهن قبيلن جي انيڪ فردن سنڌ جي تاريخ سهيڙڻ ۾ دل سان حصو ورتو آهي. ڪجهہ عرصو اڳ مون ۽ صحافي سڄڻ، وسيم يوسف راهمون گڏجي ڪارونجهر رسالو شروع ڪيو هو. اسان جو بنيادي مقصد ثر، لاڙ ۽ ميرپورخاص جي علائقن جي پراڻي تاريخ، گم ٿيل ورقن ۽ لڪل اتهاس کي ظاهر ڪري منظر عام تي آڻڻ هو ان حوالي سان تاريخ جي موضوع سان دلچسپي رکندڙ دوستن کي اسان گڏ ڪيو. ۽ مضمون لکرائي رسالي ۾ ڇاپيا. ان سٽ ۾ اسان کي اقبال جت، نورحسن هوت، عمراحمداڻي ۽ اڪرم قمبراڻي جهڙا باشعور تاريخ سان عشق ڪندڙ دوست مليا.اڪرم قمبراڻي کي پهريون پيرو اسان نئين باشعور محقق جي روپ ۾ڏٺو. هُن جي لکڻين ۾ مضمونن ۾ وڏي جان نظر آئي .ڪيئي خاصيتون سامهون آيون. هر سچي ، تعصب کان آجي محقق جيان هُن ۾ سچائي نظر آئي. تاريخ لاءِ تڙپ مون کي واضع محسوس ٿي. قوم دوستيءَ جو عنصر هُن ۾ نمايان نظر آيو.

ان سان گڏ مطالعي جي مهڪ بہ هُن مان محسوس ٿي. اهي خوبصورتيون ئي آهن جن گڏجي هي تحقيقي خوبصورت ڪتاب تخليق ڪرايو آهي، جيڪو "ڊگھڙيءَ جي تاريخ" جي عنوان سان سامهون آهي.

سچ اِهو آهي تہ ڍگهڙيءَ جي آس پاس کان ويندي نئون ڪوٽ جي قلعي تائين جي هِن سجي علائقي ۾ ڪا پُراسراريت جي جهلڪ محسوس ٿئي ٿي. ان علائقي کي پراڻ نديءَ يا پراڻ ڍوري جو آشيرواد رهيو آهي. اهو وهڪرو ارڙهين صديءَ ۾ بند ٿيو هو. ان پوري علائقي ۾ پتڻ هئا. هتي انساني وسنديون آباد هُيون. مهاڻن جا ويڙها آباد هئا تاريخي ۽ جاگرافيائي حوالي سان هي علائقو ڪڇ رياست جو حصو هو. هن علائقي جي قديم دورن بابت تاريخ چُپ آهي! پاڻي جي موجودگيءَ جي هوندي ڪير چوندو تہ هتي پوئين زمانن ۾ ڪجهہ بہ نہ هو؟ دل چوي ٿي ،هتي صديون اڳ انساني حُسناڪين جا جوين جرڪندا هئا.هتي وسندين ۾ باهہ ٻرندي هئي. مٽيءَ جا ڏيئا ٻرندا هئا. هوليون ۽ ڏياريون جاڳنديون هيون. ڪاج ٿيندا هئا. فصل اپرندا هئا. راتين ۾ دنيا کي سُتل ڇڏي جواڻيون اوجاڳا ڪنديون هيون! ڪوڏرن جا شپڪا هوا ۾ راسوڙا تي اُپرندا هئا! ميتن تي ماتم ٿيندا هئا. قديم واٽون جيڪي ڪڇ جي نگرين ۽ ننگر پارڪر ڏي نڪرنديون هُيون. اُنهن واٽن تي اُٺن جي لوڏ لمڪندي هئي.گهوڙن جون ٽاپوليون گونجنديون هيون.! چانڊوڪين ۾ چوڙا آلاپ ڪندا هئا! ٻيل گاڏين جا ڦيٿا چيڪن جا نشان ڇڏيندا ڪي ڪهاڻيون سُڻائيندا هئا. جوڳيءَ، ساميءَ، سنياسي، ڪاپڙي ۽ گوتم ٻُڌ جا پيروڪار هتي نظر ايندا هئا. صوفي ازم جو سج هتي اپريل هو. افسوس اڄ تائين اهو سڀ ڪجهہ گمناميءَ جي گهٽين ۾ گم ٿيل آهي، فقط ڪجهہ ويجهڙ وارين صدين جا ڪجهہ آثار اهو ٻڌائين ٿا تہ هيءُ اهم علائقو ڪڇ جي سدا بهار حاڪم ٻڌاماڻي ٻنري جي رياست جو حصو هو.

جنهن جي رياست ۾ پکيءَ کي مارڻ جي بہ پابندي هئي! هُن جو اهم راجواڙو جهڏي ويجهو ٻرڙائي ڪوٽ جي نانءُ سان آباد هو. جنهن کي شاهہ بيگ ارغون لُٽيو هو. قديم وقت جي ڪتاب جا تہ پنا هٿ ناهن آيا، نہ ڪنهن ڳوليا بہ آهن، پر اها بہ وڏي ڳالهہ آهي جو نوجوان محقق اڪرم

قمبراڻي ڏگهڙي جي ڪجهه پراڻن ۽ ڪجهه نئين ورقن کي سهيڙي اهم تاريخ طور محفوظ ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيو آهي. اڪرم ڏگهڙيءَ جي اُنهن پيچرن کي قلمبند ڪيو آهي، جن جو هيلتائين ڪو وارث ئي نه ٿيو هو. سچ اهو آهي ته ميرپورخاص کان ننگر پارڪر تائين اڄ جيڪي رستا وجن ٿا، اهي ئي آهن، جيڪي پراڻي دؤر جي انسان سفري سهوليت لاءِ استعمال ڪيا هئا. اڪرم هتي جيڪا تاريخ سهيڙي آهي ته اها ويجهڙ جي پنج صدين جي اندر جي آهي. اِها تاريخ مستند محسوس ٿئي ٿي. ان ڪري هِي ڪوشش بنا شڪ جي داد لائق آهي. اڪرم جڻ ته ان لڪل تاريخ کي گمناميءَ کان بچائي ورتو آهي.

ڏگهڙيءَ کي احساس جي اک سان ڏسجي ٿو ته محسوس ائين ٿئي ٿو ته ڏگهڙيءَ جي ويجهڙ واري دور جي سچائيپ طور به ٿي حقيقتون نظر اچن ٿيون. انهن مان هڪ سچ پري کان پڌرو اهو آهي ته هتي ڪيترن ئي ماڻهن جون ٻانهُون ڦريل نظر اچن ٿيون.

اهو ڪارنامو هتي جي ڊاڪٽر صاحب جو ڪيل هو. جيڪو ٻارن کي ڪچي وهيءَ ۾ ٻانهن ۾ انجيڪشن هڻندو ته ان جون ٻانهون اييون ٽي يا ڦري ويندڙيون هيون اهڙي ئي هڪ همراهه کي يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ ڏسي سفرنامن جي بادشاهه الطاف شيخ ان کان بي ڏڙڪ پُڇي ورتو هو ته "ڀائو ڏگهڙي جو آهين ڇا؟"...

ڏگهڙي جا ڪافي ماڻهو يورپ جي ملڪن ۾ رهندا رهيا آهن. ڏگهڙيءَ جي ٻي سچائيپ ان جو شاهڪار انساني عورتاڻو حُسن آهي. اهو حُسن سراپا شاعريءَ آهي. هڪ ڀيري اهڙي عظيم حُسن کي بارش وسندي مهل ڏسي، اهو غزل سر جي پيو هو ته:

نهاريو تو ته پنڇيءَ هو ورڻ جي واٽ ڀُلجي ويا،
هنيلو ٿهڪ ڇا نڪتو ڪٽڻ سپ ڳاٽ ڀُلجي ويا.

ڏگهڙيءَ جي سچائپ اُهي ڦُبا بہ رهيا آهن، جن کي ڪُتن ٿي ڦُبا جو نالو ڏئي مُلڪان ملڪ مشهور ڪيو ويو هو. پر نوجوان ليکڪ رمضان نوحاڻي ڪارونجهر رسالي ۾ بيحد اِهم ۽ وضاحتي ليک لکي پڌرو ڪيو هو تہ هي ڪُتن تي نہ پر نوحاڻي شهيدن جي مٿان اڏيل ڦُبا آهن، جن بابت هروڀرو ابهام پيدا ڪيو ويو آهي.

اڪرم قمبراڻي جي هن خوبصورت پورهئي جي تفصيلي جائزي مان ڪيئي بيحد اهم ۽ خوبصورت راز ۽ حقيقتون نروار ٿين ٿيون. انيڪ ڏوڙ ۾ لڪل، مٽيءَ ۾ پُوريل سچائيون چٽيون ٿي سامهون اچن ٿيون. چاڻ جو نئون خزانو ذهنن جي ملڪيت بڻجي ٿو. اڳ نامعلوم ڳالهيون معلوم ٿي وڃن ٿيون. رازن جي جسم تان لباس لهي ٿو تہ حقيقتن جون جواڻيون اپري نروار ٿين ٿيون. بناشڪ جي هن ڪتاب ۾ پيش ڪيل معلومات ۽ ڳالهيون اڳ ۾ ڪٿي بہ پيش ناهن ٿيون. ڀريون پيرو اُنهن کي قلم جي زبان ملي آهي. اهي واقعا تاريخ ۾ ضرور اهميت جوڳا آهن.ڏگهڙيءَ جي قائم ٿيڻ ۽ آباد ٿيڻ کان وٺي ان سان لاڳاپيل اهم مستند واقعن، ڳالهين ۽ ڪردارن کي، قبيلن کي جنهن ريت روشنيءَ ۾ آندو ويو آهي. اهو بيمثال تحقيقي ڪم آهي. اُن جي اهميت کان انڪار ممڪن ئي ناهي، اڪرم لڪل حقيقتن جي روح تائين رسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو ذميواراڻو تحقيقي رويو آهي.

هڪ باشعور فرد ۽ محقق جي حيثيت ۾ اڪرم جو اهو ترقي پسند نظريو بيحد شاناائتو آهي تہ: علائقا بد دعائن جي ذريعي سان ڪڏهن بہ ڪونہ اجڙندا آهن. علائقا مختلف جاگرافيائي حالتن، آفتن، جنگين، تباهين ۽ معيشيت جي مسئلن جي ڪارڻ ئي برباد ٿيندا آهن. پراڻي شهر سُنهريءَ تي ڪيل تحقيق شاندار آهي. اِن تحقيق سان اڪرم مڪمل انصاف ڪيو آهي.هن تحقيق جي خصوصيت اها آهي جو هُن مختلف زمانن جي اهم واقعن جي چند چاڻ ذريعي معلومات کي ڇاڻي مان ڇاڻيو

آهي جنهن سان اها چٽائي ٿي وڃي ٿي ته واقعو ڪهڙي دؤر جو آهي ۽ ڪهڙن ڪردارن جي اثر اندازيءَ اصل سبب بڻي آهي. هُن ڪڙيءَ کي ڪڙيءَ کان ڌار ٿيڻ ناهي ڏنو. ڊاڙيل ميرخان ڪوسي جي حوالي سان ڏنل جاڻ تي ڪجهه روشنيءَ وجهڻ چاهيندس. اُها هيءَ ته مير خان ۽ اسان جو قبيلو ساڳيو آهي، خانداني طور به ويجهڙائي آهي ان تناظر ۾ اهو چوڻ چاهيندس ته: ميرخان ڪوسي جون ٽي شاديون هيون. مضمون ۾ ڄاڻايل آهي ته مهميد خان، ميرخان ڪوسي جو سئوٽ هو. حقيقت ۾ ائين ناهي، مهميد خان صرف ذات وارو ۽ گهرو دوست هو. مهميد خان جي زال زهري لنڊ رائيفل سان 15 سپاهي ماريا هئا، اهو درست ناهي. اصل ۾ اها واردات ميرخان ڪوسي جي زال گلابي خاصخيليڻ ۽ پيڻ سميءَ ڪئي هئي. جنهن ۾ 13 سپاهي ماريا ويا هئا.

اڪرم قمبراڻي جي هن بيحد خوبصورت ۽ منفرد ڪتاب ۾ جيڪو ادبي رس ۽ سفرنامي وارو چس آهي، اهو ڪتاب کي دلفريب بڻائي ٿو. دلچسپي پيدا ڪري ٿو. فقير بشير سان رهاڻ هجي، يا خاناڻي ٽالپرن تي تحقيق هجي سرفراز واهه بابت حقيقتون هجن، يا پراڻ درياهه تي دستاويزي ڪم هجي. محمد شاهه جيلاني بابت مضمون هجي يا ڪامريڊ سومار شالماڻيءَ بابت ڄاڻ هجي. ڪامريڊ غلام محمد لغاري کان ويندي گوو ميگهواڙ تائين، روشنا ڪپريءَ کان اقبال جت تائين، ڍڳهڙي جي مالهين کان حيات ٽالپر تائين جي شخصي خاڪن کي اڪرم جنهن ريت نئين تاريخ جو حصو بڻايو آهي، اهو تعريف لائق آهي خاص ڪري ڪارياڻي جي علائقائي ڄاڻ، نوحاڻي قبيلي بابت تفيصلي معلومات، سوامي ڪيمنات جوگيسر بابت دلفريب ڄاڻ، اهم ڳوٺن بابت دستاويزي ڪم، روينيو رڪارڊ تائين اهم رازن جي ڄاڻ بابت اُجاگر ڪيل تحقيق هن ڪتاب جا دلچسپ ورق آهن، جن جي نه رڳو هاڻ پر ايندڙ وقت ۾ به اهميت رهندي هن ڪتاب ۾ آيل عمرڪوٽ ياترا مان هڪ اهم شڌ نروار ٿي اسان کي حيران

ڪيو ڇڏي ته جوڌپور ۾ ڪوسن پاران هنيل ڌاڙي تي مذهبي فتوائون جاري ڏنيون هيون. هڪ عالم جي فتويٰ موجب اهو ڌاڙو جهاد جو حصو هو ۽ جائز هو. ان ساڳئي واقعي خلاف سنڌ جي اهم عالم ۽ بابا پٺاڻ جي دوست مخدوم معين عرف مخدوم ٺارو جي سيڪيولر روايت واري فتويٰ ڏنل هئي. ان فتويٰ جو تت هو ته "ڌاڙو جائز نه هو" اهڙيون اهم ڳالهيون هن ڪتاب جو حصو بڻيل آهن. هن تحقيقي ڪتاب مان اها به سُڌ پوي ٿي ته هڪ دؤر ۾ هن علائقي اندر اهڙي پراسرار بيماري پکڙجي وئي هئي جنهن لاشن جا ڍير لڳائي ڇڏيا هئا، الميو اهو اپريو هو جو اڇو ڪفن اڻلڀ ٿيو هو ته رنگين ڪپڙن سان لاش دفنايا ويا هئا. هِن ڪتاب ۾ لطيف جي سُر رپ جي شهزاديءَ رپ جو به ذڪر آهي ته، ڪارو ڏڙو جو ورق به چٽو ڪيل آهي، جنهن کي چچ نامي جي اک سان ڏٺو ويو آهي. اهي اهم موضوع آهن جيڪي اڃان به تحقيق جا گهرجائو آهن.

اڪرم ذميوار محقق وارو ڪردار ادا ڪرڻ کان وسان ناهي گهٽايو. بهترين ڳالهه اها آهي ته هُن مهر ڪاڇيلوي جهڙي روشن خيال محقق جي ڪيل تحقيقي ڪم ۽ ڄاڻ کي به پنهنجي هن ڪتاب ۾ دل سان جاءِ ڏني آهي. مهر ڪاڇيلوي جي پورهئي ۽ روشن خياليءَ کي ڪڏهن به نٿو وساري سگهجي. مهر ڪاڇيلوي راجه ڏاهر کي قوم پرست سمجهندو ۽ لکندو هو. مهر ڪاڇيلوي تاريخ تي اهم ڪم ڪيو آهي. هڪ دور هو جو ڍگهڙيءَ شهر جو پراسرار ڪردار ٻُولو فقير هِن شهر مان آخري ريل گذاري پوءِ سمهندو هو ان خيال سان- ته متان ڪنهن کي منهنجي ضرورت پوي. ان ٻولي فقير جي روح کي هن ڪتاب ۾ جاءِ ملي وئي آهي. ويجهڙ ۾ هن شهر ڍگهڙيءَ کي سنڌين جو شهر بڻائڻ جو خواب ڏسڻ وارو محبوب قوم دوست اڳواڻ مالڪ نوحاڻي هن شهر ۾ شهيد ڪيو ويو هو. ڪمال جو دلربا انسان هو مالڪ نوحاڻي جو وهيل رت هن شهر جي

نئين تاريخ آهي. اڪرم قمبراڻي جو هي ياد رکڻ جهڙو ڪتاب هن شهر ڍگهڙيءَ جي نئين نسل لاءِ تحفي کان گهٽ ناهي.

ان سان گڏ پيار جي لکيل ڊائريءَ جو تاثر پيش ڪندڙ هي ڪتاب سنڌ جي سجاڻ ذهنن کي بہ ضرور متاثر ڪندو. هن ڪتاب جو هڪ باب "سپ رنگ سانول" سنڌ سان عشق جو خوبصورت داستان آهي، جنهن مان اسان شهيد بشير خان قريشيءَ جهڙي ارڏي رهنما ۽ عبدالواحد آريسر جهڙي مدبر انسان جي مهڪ محسوس ڪريون ٿا. مجموعي طور تي هن ڪتاب کي هڪ بهترين ڪاوش چئون تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

ايوب ڪوسو

جون 2015ع

سنڌ ملڪ

سنڌ ملڪ جي ڪنهن بہ شهر جي تاريخ سمجهڻ کان پهرين سنڌ جي تاريخ تي ويچارڻ ضروري آهي. ۽ سڀاجهي سنڌ جي تاريخ سان ڪجهہ اهڙو ظلم ٿيل آهي جو ڇا چئجي! پر ڏرتي جو درد رکندڙ ڪجهہ حقيقت پسند محققن هن سر زمين جي تاريخ کي چنبڙي ڦوڪي صحيح معنيٰ ۾ اڇو اجرو ڪرڻ لاءِ ڪوشش پي ورتي آهي. پر اجا بہ گهڻو ڪم رهيل آهي جيڪو ايندڙ مورخ کي ڪرڻو آهي.

ڪاڪو ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي پنهنجي ڪتاب ”قديم سنڌ“ جي ديباچي ۾ ڄاڻايو آهي تہ سنڌ جو پرڳڻو جهڙو آهي پاڻ قديم تهڙو ئي آهي سندس نالو قديم. رگ ويد جهڙي جهوني پستڪ ۾ بہ اهو ئي نالو ڄاڻايل اٿس. جنهنڪري چئبو تہ سڄي دنيا جي ساهت ۾ انهي کان آڳاٽو نالو ٻيو آهي ئي ڪونہ اها اسان جي سنڌ آهي جنهن ۾ سڀيتا جو سج بہ آڳاٽي سمي ۾ اڀريو هو جنهن سمي ۾ دنيا جون ڪيتريون قومون اڃا سياري جي سوڙ تاڻي سمهيون پيون هيون ۽ سڄاڳ ٿيون تہ بہ ڪيترو وقت سنڌ جي ململ سان پنهنجو بت ڍڪينديون هيون. اهو رواج الهندي ايشيا، مصر ملڪ، يونانچ سمنڊ وارن ڪنارن،بلڪ يورپ ۾ ڪيترن هنڌن تي هو.

ڪاڪو ڀيرو مل وڌيڪ ڄاڻائي ٿو تہ سنڌ ازل کان سکيءَ ستابي هئي انڪري دنيا جي ڦورو لٽيرن حملا آورن هن ملڪ تي ڪاهيو ۽ هت انسانيت جو قتل عام ڪيو 515 ق۔م دارا، 325 ق۔م ۾ سڪندر اعظم کان وٺندي عربن،ترخانن، مغلن، پٺاڻن وغيره سنڌ تي صرف لالچ ۽ ڦرلٽ لاءِ چڙهايون ڪيون آهن. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ مقصد نہ هئن. سنڌ لٽيرن

جي حملن ڪانسواءِ فطرت جي بہ وڏي آب تاب سان تيندڙ تبديلين مان بہ گذري آهي رگ ويد ۾ جيڪو ”سپت سنڌو“ (سنڌو ماتر جي ستن دريائن وارو ملڪ) جو ذڪر آهي تنهن مان بہ سنڌ جو نقشوجوڙڻ ڏکيو آهي. جوان ۾ سنڌ جي حدن جو ذڪر آهي ئي ڪونہ. وڏي ڳالهہ تہ خود رگ ويد جي منڊل 2 سوڪت 17 ۾ خوفناڪ زلزلن جو ذڪر آهي، جن انهيءَ وقت ۾ ئي ملڪ جي طبعي صورت ۾ ڦيرو پئي آندو. رگ ويد کان پوءِ جي احوالن مان بہ ائين ظاهر آهي تہ وقت بہ وقت زلزلن ۽ سنڌو ندي جي ڦيرن گيرن ڪيئن ساوا پاسا سڃا ۽ سڃا پاسا ساوا ڪيا آهن.

سنڌ ۾ 962ع ۾ اهڙو خوفناڪ زلزلو ٿيو جنهن بکر وارا ٽڪر بہ ٽوڙي ڇڏيا ۽ الور ۽ ٻيا ڪيترا شهر ويران ٿي ويا. سنڌو نديءَ جا الور وادي ٽڪري جي بنهہ هيٺيان وهندي هئي تنهن پنهنجو رخ ٿي ڦيرائي ڇڏيو. پڇاڙي وارو خوفناڪ زلزلو 1819ع ۾ ٿيو جنهن سنڌ جي سڄي لاڙ واري ڀاڱي جي طبعي صورت ڦيرائي ڇڏي ۽ ڪڇ جو رڻ جنهن مان اڳي دريا وهندو هو ۽ راحمڪي بازار سنڌڙي ۽ ٻيا بندر بہ اتي هئا، تن بہ پنهنجي سهڻي صورت ڦيرائي ۽ برپٽ ٿي پيو. سنڌ جي هاڻوڪي طبعي صورت انهي وقت کان وٺي پيدا ٿي.

(ڏسو ڪتاب ”قديم سنڌ“ ڀيرومل مهر چند آڏاڻي ديباچو سال 2004)

اهي ڳالهيون ذهن ۾ رکي پوءِ ئي هتي جي تاريخ يعني (ڏکڙيءَ جي تاريخ) تي ويچاريو ويندو. ڇاڪاڻ جو جاگريافي بدلاءَ انساني رهڻي کهڻي تي سڌو اثرانداز ٿئي ٿو جنهن سان تهذيبون ۽ تمدن جڙن يا اجڙن ٿا.

زلزلا سبب هاڪڙو بہ سڪي ويو ۽ سنڌو درياءَ جي رخ ڦيرائڻ سان ان مان پاڻي ڪٽندڙ پراڻ، ريڻي وغيره بہ خشڪ ٿي ويون تنهن سبب انهن جي ڪنڌين تي آباد تهذيبون بہ اجڙي ويون ڪئين ڳوٺ ويران ٿي ميسارجي ويا، ماڻهن لڏي ٻيا واهڙ وسايا، اهڙي ريت انسان فطرت سان جهيڙيندو هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ آباد ٿيندو رهيو آهي ۽ نوان ڳوٺ ۽ شهر ٻڌندو رهيو آهي.

ڏگهڙي شهر جي تاريخ جي حوالي سان تعلقي ڪائونسل ڏگهڙي جي ڪاروائي جي مينٽس بڪ جي صفحي 4 ۽ 5 تي تاريخ 2003-12-08 ۾ هيٺين ريت ڄاڻايل آهي تہ:

ڏگهي جو پتڻ، ڏگهي، ڏگهڙيءَ، ڏگري

جناب فقير بشير احمد لغاري جو چوڻ آهي تہ ڏگهڙيءَ شهر جو بنياد ڪلهوڙن جي آخري دؤر 1783ع ۾ پيو شروع ۾ هتي هڪ گهاٽ مائي ڏگهي جي نالي سان هو. سرفراز واهہ جي ڪناري هڪ وڏي قد جي پوڙهيءَ عورت جيڪا مير بحر نسل سان تعلق رکندي هئي انهي ٺاهيو هو جيڪا هر گذرندڙ ماڻهو کان معاوضو وٺي گهاٽ پار ڪرائيندي هئي. جيئن تہ ان جو قد وڏو هو انهيءَ ڪري ان تي نالو ڏگهي جو پتڻ پيو. ان وقت سرفراز واهہ جي ڪناري اُچ شريف مان هڪ سيد محمد شاهہ جيلاني اچي پنهنجو ٽڪاڻو ٺاهيو. انهي جڳهہ تي هو الله جي عبادت ۾ چلو ڪيڏيندا هئا. حضرت محمد شاهہ جيلاني جي حضرت بلي شاهہ سان تعلق ۽ مائٽي هئي. سرفراز واهہ حيدرآباد جي ويجهو ڄامشورو کان نڪرندو هوجيڪو ٽنڊوالهيار کان ٿيندو چمبڙ گلاب لغاري جي پاسي مان ٿيندو ڏگهڙي شهر سان گڏ وهندو هو ۽ ڳوٺ فقير غلام علي لغاري جي پرسان پراڻ ۾ وڃي ڪري ٿو. ان وقت ماڻهن جي آمد رفت حيدرآباد سرفراز واهہ ذريعي ٿيندي هئي. ان جو هڪ پتڻ ڏگهڙيءَ ۾ بہ هو. حضرت محمد شاهہ جيلاني جي جيڪي زائرين زيارت ڪرڻ ايندا هئا انهن کي مائي ڏگهي بنا اجوري جي پتڻ پار ڪرائيندي هئي انهن زيارتين کان ڪوبہ پيسو وغيره نہ وٺندي هئي. انهيءَ خدمت جي ڪري جيلاني بادشاهہ دعا ڏيندي چيو تہ تنهنجو نالو هميشہ قائم رهندو.

جيلاني جي دعا قبول ٿي ۽ ڏگهي جو پتڻ ڏگهڙي شهر ۾ تبديل ٿي ويو. انهي طرح ڏگهڙيءَ جو بنياد پيو ان وقت ڏگهڙي جي ويجهو وڏو ڪاروباري مرڪز سونهري شهر هو جنهن جا کنڊرات موجوده ڏگهڙي ميرواهہ روڊ تي

ڏگهڙي شهر کان 2 ڪلوميٽر پري اڄ بہ موجود آهن. سونهري جي شهر ۾ سون (Gold) جو ڪاربار جام ٿيندو هو اڪثريت هندو ڪاروباري ماڻهن جي هئي. هڪ دفعي درگاهہ صوفي فقير جو سجاد نشين رات جو 15 مريدن سميت سونهري ۾ اچي رڪيو انهن مريدن مان ڪنهن وٽ پيسا هئا جن مان ڪنهن سونارن جي دڪان تان زيور ۽ پيون شيون خريدڻ جي ڪوشش ڪئي هندو دڪاندر فقير جي ظاهري حالت ڏسي چيو تہ مفلس فقير زيور نٿو خريد ڪري سگهي هتان هليا وڃو يا آئون توهان جي بي عزتي ڪندس ان وقت صوفي فقير انهي دڪان جي ويجهو هو جنهن اهي لفظ ٻڌا جيڪو پنهنجي فقير جي بي عزتي برداشت نہ ڪري سگهيو صوفي فقير اتان پنهنجي ڳوٺ وڃي پنهنجي مريدن ۽ مارواڙ علائقي جي ماڻهن جن کي مارواڙيا گجراتي زبان ۾ "باره دنيہ" چيو وڃي ٿو اهي مارواڙي ماڻهو بهادر ۽ همت وارا هئا. انهن جي هر هڪ سردار وٽ پنهنجو ٽولو هو انهن کي سونهري موڪليو ويو جن اچي سونهري شهر کي مڪمل طور ڦرلٽ ڪري ستياناس ڪري ڇڏيو تنهن کانپوءِ سونهري شهر جون رونقون مڪمل ختم ٿي ويون ان کان پوءِ هندو ڪاروباري ماڻهو ميرپورخاص، حيدرآباد ۽ ڪجهہ ڏگهڙيءَ ۾ اچي آباد ٿيا. انهن واڻين مان شروع ۾ لونگ واڻيون اچي ڏگهڙيءَ شهر ۾ رهيو انهي کانپوءِ سومري خاندان جا ماڻهو ڏڳاڻو ، اوپايو ۽ اسماعيل اچي رهيا انهن سيني کان پهرين اچي مسجد ٺاهي جيڪا حاجي اسماعيل جي نالي سان سڏبي هئي. هينئر "غوثيہ مهاجر مسجد" جي نالي سان مشهور آهي ان کانپوءِ شيدين مان ڪنڊو شيدي جيڪو سونهري شهر ۾ رهندو هو جيڪو اتي پاڻي ڀرڻ جو ڪم ڪندو هو اهو بہ سونهري مان اچي هتي آباد ٿيو. انهي اچي ڏاڙيلن جي ڳالهہ محمد شاهہ جيلاني کي ٻڌائي. پاڻ حقو پيئڻ جي ڪِرت ڪندا هئا، يڪدم حقي جو پاڻي سرفراز واهہ جي ڪناري ڪرائي هڪ لڪير ڪڍي فرمايائين هاڻي ڏاڙيل نہ ايندا نہ ئي هي لڪير پار ڪري سگهندا، اهي لفظ هُن سرائيڪي زبان ۾ چيا هئا جيئن تہ حضرت محمد شاهہ جيلاني اُڇ شريف جا رهڻ وارا هئا ان ڪري

ان جي مادري زبان سرائيڪي هئي. انهي وقت انهن ٽالپرن جيڪي ان وقت رام جاڳو جي پرسان ديهه لنگڙي جي ڳوٺ مان لڏي اچي ڏکڻ طرف پڻ جي ويجهو آباد ٿيا هئا انهن کي پيغام موڪليائون ته اچي هتي رهو ان ۾ مير بمبو خان جنهن کي ان وقت مير بمبئي خان چيو ويندو هو اچي آباد ٿيو. ان طريقي سان ڪجهه سيد جڙيل شاهه، جاني شاهه، ڏتل شاهه بخاري اچي آباد ٿيا انهي طريقي سان شهر جو بنياد پيو انهي جڳهه جو نالو ڏگهي جو پٽڻ مان ڏگهي جي پٽڻ ٿيو ۽ بعد ۾ ڏگهڙي ٿيو ان کانپوءِ انگريز دؤر ۾ ڏگري ٿيو جيڪا سراسر تاريخ سان زيادتي آهي. (Digri) انگريزي ۾ لکڻ جي وجه سان ڏگهڙي مان ڏگري ٿي ويو. ريوينيو جي رڪارڊ ۾ اڄ به ڏگهڙي ئي آهي. تعلقو ڏگهڙي پهرين ديرو محبت سان شامل هو جيڪو اڄ به ماتلي ۽ ٽنڊو غلام علي جي وچ ۾ ڳوٺ آهي. پوءِ حيدرآباد جي ٽالپر حڪمرانن ۽ ميرپورخاص جي حڪمرانن جي وچ ۾ ٽنڊوالهيار جي پرسان ول تي جنگ ٿي جنهن کان پوءِ اهو علائقو مير پورخاص جي ٽالپر حڪمرانن جي هٿ هيٺ آيو ميرپورخاص جي ٽالپرن ڏگهڙي جي موجوده جانورن جي اسپتال جي ويجهو سرفراز واهه جي ڪناري تي هڪ فوجي چوڪي قائم ڪئي. جنهن ۾ ڪجهه سپاهي ۽ هڪ آفيسر رهندو هو. انگريز دؤر ۾ انهي چوڪي کي پهرين پوليس اسٽيشن ۾ تبديل ڪيو ويو.

(تعلقي ڪائونسل ڏگهڙي جي ڪاروائي بڪ تان ورتل "اردو")

سائين فقير بشير لغاري جو خيال ڏاڍو بهتر آهي پر ان ۾ ڪنهن ڪتاب جو حوالو يا ڪو بحث ٿيل نه آهي، ان ڪري ان ڳالهه جي شديد کوٽ محسوس ٿي ته ڏگهڙي شهر جي تاريخ جوڙڻ جي حوالي سان تحقيقي ڪم ٿيڻ گهرجي.

محمد حنيف عرف مهر ڪاڇيلوي بوٽا ڳوٺ وارو جنهن پنهنجي ڪتاب "تاريخ ترپارڪر" ۾ ڏگهڙي جو ذڪر ڪجهه هن ريت ڪيو آهي ته ڏگهڙي شهر ڏگهي نالي مهاڻن جو ڳوٺ هو جتي ٽالپر امير اچي آباد ٿيا. اهڙي طرح شهر ترقي ڪندو ويو اڄ ضلعي جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي

ڏگهڙي شهر 9_25 اُتر ويڪر ۽ 9_69 اُڀر ڊيگهه جي وچ ۾ واقع تعلقي جو صدر مقام آهي انگريزن جي رپورٽ موجب 1911ع ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو جنهن ۾ 1097 ماڻهون رهائش پذير هئا. سرڪاري آفيس ڪان علاوه هتي ڪوبه اسڪول ڪونه هو 1948ع ۾ نوٽيفائيڊ ايريا ڪميٽي ٺهي، پوءِ 1958ع ۾ ٽائون ڪميٽي وجود ۾ آئي جنهن جو پهريون چيئرمين مير غلام حيدر خان ٽالپر ٿيو (۽ مير غلام حيدر نوٽيفائيڊ ايريا ڪميٽي جو چيئرمين بيٺو هو) ڏگهڙي جي آدمشماري 1972ع جي مطابق 11556 ۽ 1981ع جي مطابق 16516 ماڻهن تي مشتمل هئي 92_1991ع ۾ ٽائون ڪميٽي جي آمدني 7422334 روپيه ۽ خرچ 7157317 روپيه هو.“

(”تاريخ ٿرپارڪر“ صفحو 256_257 مهر ڪاڇيلوي ”اردو“)

مهر ڪاڇيلوي وڏيڪ چاڻائي ٿو ته ”ڏگهڙي شهر آباد ٿيڻ کان پهرين ٻه ميلن جي مفاصلي تي ”سونهري“ ڳوٺ ٺيڪ ٺاڪ آباد هو جتي جا سونارا وڏا دولتمند هئا جن کي وسند ڏاڙيل ۽ مير خان کوسي ڦريو هو مير خان گرفتار ٿي سزاياب ٿيو جنهن کي ڪاري پاڻي جزيره انڊيمان تي جلا وطن ڪيو ويو جتي اڄ ڪلهه هن جي اولاد رهي ٿي، اهڙي طرح کوسه بروچ ٿرپارڪر مان نڪري انڊيمان جي جزيرن تي پهتا (صفحو 257) مهر ڪاڇيلوي جي ان خيال جي تصديق فقير بشير لغاري به ڪئي، تاريخ 20_11_2011 تي فقير بشير سان منهنجي ۽ اقبال جت جي تفصيلي ڪچهري ٿي هئي، ان ۾ هن نه صرف مهر ڪاڇيلوي جي راءِ جي تصديق ڪئي پر اهو به چيو هئس ته ”ڪاري پاڻي جي سزا، انڊونيشيا ۽ برمان جي وچ ۾ انڊيمان جو جزيرو جيڪو انڊيا جي هٿ هيٺ آهي، انگريز هتان جي ماڻهن کي سزا ڏئي اوڏانهن اماڻيندا هئا. بشير لغاري صاحب جو اهو به چوڻ هو ته فقير صوفي صديق جيڪو سجاده نشين هو جهوڪ شريف جو جنهن سونهري جي واڻين کي پٽيو تڏهن شهر لٽجي ڦٽي ويو. لغاري صاحب جو وڌيڪ اهو به چوڻ آهي ته سرفراز واهه، سرفراز ڪلهوڙي نهرايو جيڪو چمبڙ تائين پهتو هو ان جو بقايا ڪم پراڻ تائين مير نصير خان ٽالپر

ڪرايو" (ڪافي شيون تضادن جي رخ ۾ اڳتي وڌن پيون جنهن کي آهستي آهستي پاڻ آڇيريندا سين جئين پڙهندڙن کي خبر پئجي سگهي).

ذڪر نڪتو آهي صوفي صديق سجاده نشين جو جيڪو صادق به سڏرائيندو هو. حسين بادشاهه جي ڪتاب "صوفي شاهه عنايت شهيد" جي صفحي نمبر 292 تي حڪيم عبدالمجيد "ماجد" جو مضمون "صادق فقير" جي حوالي سان شايع ٿيل آهي ان ۾ سندس سوانح عمري تي روشني ڪجهه هن ريت وڌل آهي "فقير محمد صديق صاحب تخلص صادق ذات سومرو علوي، سنڌ جي مشهور حاڪم گهراڻي دودي ۽ همير سومرو جي نسل مان آهي سندن درگاهه مبارڪ ڳوٺ صوفي (تعلقو عمرڪوٽ) ۾ آهي جنهن کي اڳ "اهرشريف" سڏيندا هئا. سندن ولادت سومر ڏينهن سانجهي جي ساعت، شوال جي مهيني ۾ 1170 هجري ۾ ٿي. ۽ سندن وفات وچين مهل خميس ڏينهن 11 رمضان 1265 هجري ۾ ٿي ان موجب سندن عمر پنجانوي ورهيه هئي.

عيسوي سال مطابق سندن ولادت 1762ع ۾ ۽ رحلت 1847ع ۾ ٿي پاڻ انگريزن جي حڪومت ۾ چار سال حيات هئا" ڪتاب آهيان اڳ ازل جي" مرتب صوفي بيدل ستاري ۾ ڄاڻايل آهي ته "فقير صادق سومرو جيڪو پاڻ ڏاڙيل هو اصل ۾ عمرڪوٽ جا هئا پنهنجي سوٽ ڏاڙيل جميل سومرو جو پلاند ڪري پوءِ لڏي لاڙ آيا هئا."

صوفي صديق فقير لاءِ اهو به مشهور آهي ته پاڻ داتا پير قلندر جو طالب ٿيو مرشد فرمايو" درياءَ ٻيڙي ۾ پلتجي ٿو"ان اثر ۾ 30 سال درگاهه تي رهيو. مرشد کيس "صادق" سڏيندو هئس. هن فقير ٽالپرن لاءِ بددعا گهري ۽ انگريز آيا.

ان ڳالهه مان اهو وچور ڪڍي سگهجي ٿو ته صوفي صادق فقير جيڪو اصل وينل ڏاڏي آدم جي ٻني نالي ڳوٺ لڳ عمرڪوٽ جو هو سو پنهنجي سئوٽ جميل سومري سان گڏ ڏاڙا هڻندو هو ۽ جميل سومري جي ڏاڍ مڙسي ۽ ڏاڙيلائي جوڙ جو تنهن دور ۾ ڪڇ ۽ لاڙ ۾ ڌهڪاءُ هو. چون ٿا ته راڃا

محمد نومڙئي فقير صاحب جن جي ڳوٺ مان سومرن جو مال چوري ڪرايو تہ جواب ۾ جميل سومري بہ نومڙين جو مال چوري ڪيو نومڙين پيرا کڻي رستي ۾ اچي جميل سومري کي قتل ڪيو جنهن جو پلاند فقير صادق ورتو ۽ پوءِ پاڻ لڏي اچي لاڙ جي طرف رهيا. ڪِرت ساڳي هُين پر هڪ ڏينهن اتفاق سان جهوڪ شريف ۾ داتا پير قلندر جي ڪچهري جو رنگ فقير تي اهڙو چڙهيو جو پيون سڀ ڳالهيون وساري مرشد جي پيروي ۾ لڳي ويا,پوءِ ٽيهارو (30) سالہ اتي رهيا. نيٺ هڪ ڏينهن فقير صاحب جي اولاد جي مرشد جي اولاد سان اٽبت ٽي پئي, جنهن تي فقير صادق احترام کي قائم رکڻ لاءِ لڏي اچي موجوده ڳوٺ صوفي اڱوٺي (اهر شريف) لڳ عمرڪوٽ ۾ رهيا جتان بارهوئي مرشد جي حاضري تي جهوڪ شريف ويندا هئا. اهڙا حوالہ مختلف ڪتابن ۾ ملن ٿا ۽ ڳوٺ سونهري وارو واقعو بہ جهوڪ شريف ڏانهن سفر دوران پيش ايندڙ ٿو ڏسجي, فقير صاحب ڳوٺ صوفي مان نڪتا هوندا ۽ ڳوٺ سونهري ۾ اچي ڪجھ وقت لاءِ ترسيا هوندا, جتي هڪ سوناري دڪاندار فقير صاحب جي مريد سان بدتميزي ڪئي, جيڪا فقير بڏي ورتي,' جنهن تي فقير بددعا ڏني تہ سڄو سُونهري ڳوٺ برباد ٿي ويو. سونهري جي تباھ ٿيڻ جا بيا ڪهڙا بہ ڪارڻ هجن پر مکيا واقعو فقير صادق جي بددعا ٻڌائي وڃي ٿي. هاڻ اچون ٿا ان ڳالھ تي تہ فقير صادق ڏاڙا بہ 20, 25 سالن جي عمر ۾ هنيا هوندا, ان کانپوءِ سوٽ جميل سومرو جو پلاند ڪري لاڙ اچڻ ۽ پوءِ داتا پير قلندر جي مريدي ۾ 30 سال رهڻ کانپوءِ واپس ڳوٺ صوفي ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ۽ پوءِ سال پر سال مرشد جي حاضري تي صوفي کان جهوڪ وڃڻ دَوران ڳوٺ سونهري ۾ ترسڻ وقت سندس عمر تقريبن 50 يا 55 سال رهي هوندي, جاڪاڻ جو سندس پيدا ٿيڻ جو سال 1762ع آهي, ان حساب سان ڳوٺ سونهري جي بربادي جو سال تقريبن 1812ع کان 1817ع جو ٿي سگهي ٿو ان وقت سنڌ ۾ ميرن جي صاحبي جو دؤر هو ڇا ڏگهڙي جي وجود ۾ اچڻ جو اهو سال آهي؟ ان سوال جو جواب ڳولڻ کان پهرين ڳوٺ سونهري تي ويچاريندا سين.

ڳوٺ سونهري

ڏگهڙي شهر جي ٻه ڪلو ميٽر کن اتر ۾ ميرواهه گورچاڻي روڊ جي اولهندي پاسي هڪ پراڻو پڊ ملي ٿو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هي آڳاٽو ڳوٺ سونهري هو هاڻوڪو ڳوٺ ولي محمد شاهه عرف سونهري انگريز دؤر جو آهي، آڳاٽو ڳوٺ سونهري موجوده ڳوٺ ولي محمد شاهه کان بلاڪ ڏيڍ ڏگهڙي جي طرف تپو سونهري ديهه 165 ڍوري جي ڪنڌيءَ تي هو آڳاٽو سونهري ڳوٺ ڪڏهن وجود ۾ آيو ان لاءِ ڪا پختي شاهدي نٿي ملي، بس سندس بربادي کي صوفي صادق فقير سجاد نشين جي بددعا سان منسوب ڪيو ويو آهي، سونهري لاءِ چيو ويو آهي ته هي چڱو خاصو واپاري مرڪز هو ۽ هتي سونارا سون جو ڪاروبار ڪندا هئا، پر تاريخ ڳوٺ سونهري جي شادابي جي ڪا شاهدي نٿي ڏي، مثلن مهر ڪاڇيلوي تاريخ ٿرپارڪر ۾ لکي ٿو ته ميان غلام نبي ڪلهوڙي جي قتل ڪانپوءِ هن جي والده جوڌپور جي راجه کي لکيو ته مير بجار خان باغي ٿي ويو آهي، ان کان نجات ڏياري وڃي، راجه ٻه راجپوت موڪلي مير بجار خان ٽالپر کي قتل ڪرائي ڇڏيو جنهن تي ٽالپرن ميان عبدالنبي ڪلهوڙي تي حملو ڪيو. هو راتو رات ڀڄي ويو پوءِ قنڌهار مان مدد خان پناڻ کي سنڌ تي حملي لاءِ دعوت ڏيئي وٺي آيو جنهن سنڌ جي تمام گهڻن ڳوٺن کي ڦري ويران ڪري ڇڏيو.

(تاريخ ٿرپارڪر مهر ڪاڇيلو صفحو 97 اردو)

هاڻ ڏسجي ته مدد خان پناڻ 1782ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو هو. ڇو جو اهو ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جو دؤر آهي، جنهن ٽالپرن کان بدلي لاءِ مدد خان پناڻ کي سنڌ آندو مدد خان پناڻ هڪ رهزن لٽيرو هو جنهن سنڌ جا ڀريا ترپيا شهر لٽي ساڙي راک ڪري ڇڏيا هئا. مدد خان پناڻ اڳوڻي نبي سر ڳوٺ کي به بخش ڪونه ڪيو هو پوءِ سونهري جتي سون جو واپار ٿيندو هو سو مدد خان جي قهر کان ڪيئن بچي ويو؟ اتي هڪڙو اهو امڪان به موجود آهي ته ڳوٺ سونهري مدد خان جي حملي کانپوءِ وجود ۾ آيو هجي!

جيڪڏهن سونهري سون جي واپارين جو هاڪ وارو شهر رهيو آهي ته باقي جي عام ننڍڙو ڳوٺ هو ته ان جي چمار وڏيڪ به ٿي سگهي ٿي، جنهن تي مدد خان پٺاڻ جي نظر نه پئي هجي.

فقير بشير لغاري جن جو چوڻ آهي ته سونهري ڳوٺ به دفعا لٽيو ويو هو هڪ دفع ٻارنهن وٿن يعني هر هڪ ماڻهو وٽ 12 ماڻهن جو ٽولو جن صوفي صادق فقير جي بددعا جي صورت ۾ ڦريو ۽ ٻي دفعي ڏاڙيل مير خان کوسي ۽ سندس ساٿين جي هٿان ڦريو ۽ اهڙي شاهدي مهر ڪاڇيلوي کان به پاڻ اڳ ذڪر ۾ آئي چڪا آهيون، هاڻ ڏسڻو اهو آهي ته ڪاري پاڻي جي سزا ته صرف انگريز دوَر ۾ ڏني ويندي هئي، ان جو مطلب ته مير خان کوسي وارن جڏهن سونهري کي لٽيو ته انهن کي ڪاري پاڻي جي سزا ملي، جيڪا انگريز دوَر ۾ يعني 1843ع کانپوءِ ملي هوندي، ان حساب سان سونهري ڳوٺ جي طبي چمار 60 سالن جي لڳ ڀڳ وڃي بيهندي، هت جيڪا ڳالهه وڏيڪ وزن رکي ٿي سا فقير بشير لغاري صاحب جو اهو چوڻ ته" سرفراز واهه ميان سرفراز چمبڙ تائين کوٽايو پوءِ اتان ڏگهڙي لڳ پراڻ تائين ٽالپر دوَر جي آخري حڪمران مير نصير خان پهچايو" .(جڏهن ته ٻي طرف اهو خيال به موجود آهي ته سرفراز واهه ڏگهڙي آيو ئي ڪونهي جنهن جو ڏگهڙي مان گذر هو سو اڳوڻو ڍورو هو جيڪو ڇهه ماهي يا برساتن جي صورت ۾ وهندو هو. فصلن جو گهڻو دارومدار هُرلن تي هو. جمڙاو واهه جي تعمير کان پوءِ اُن ڍوري جي اهميت به ختم ٿي ويئي. سرفراز واهه جي ٽيل ڏگهڙي ۾ قطعي ڪونه رهي آهي.)

ڏگهڙيءَ

مولائي شيدائي لکي ٿو ته مير نور محمد جي وفات 1256هه 1840ع ۾ ٿي جنهن کانپوءِ سندس پاءُ مير نصير خان گادي تي ويٺو

(صفحو 576 جنت السنڌ)

ميرن جي دؤر جو آخري حڪمران مير نصير خان ٽالپر جيئن ته 1840ع ۾ سنڌ جي تخت تي ويٺو ۽(فرض ڪريو) ان ڪان پوءِ هن سرفراز واهه کي ڇمبڙ کان ڏگهڙي لڳ پراڻ ٽائين پهچايو ان مان اهو واضح ٿو ٿئي ته ڏگهڙي شهر جووجود ان کان پوءِ پيو هوندو مير نصير خان جي حڪومت 1843ع ۾ انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ سان ختم ٿي ويئي ۽ سنڌ انگريزن جي غلامي ۾ هلي وئي، اهڙي ريت ڏگهڙي شهر جو وجود ميرن جي آخري دؤر ۾ انگريزن جي شروعاتي دؤر ۾ پوندو ٿو ڏسجي، ڇاڪاڻ جو ان حساب سان سرفراز واهه کان بغير ڏگهي مير بحر مائي ۽ ڏگهي جو پتڻ نظر نٿو اچي ۽ نه ئي سرفراز واهه جي ڪنڌي تي محمد شاهه جيلاني جو آستان تي سگهي ٿو.

ڏگهڙي جي نالي جي حوالي سان هڪ نئون بحث سيد فدا حسين شاهه ڇيڙي ٿو هُن جا وڏا اصل ڪوئيٽه جا رهواسي هئا، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سندن وڏا سنڌ لڏي آيا هئا، ۽ پاڻ سنڌي جا پلوڙ شاعر به آهن، جڏهن ته سندن مادري زبان پنجابي آهي، سيد فدا حسين شاهه جو چوڻ آهي ته "ڏگهڙي تي اهو نالو دربڙي تان پيو آهي، دربڙي اصل ۾ هڪ ڪولهڻ عورت هئي، جنهن جي نالي سان ڳوٺ پيو جيڪو اڄ وڏي ويجهي هڪ شهر ۽ تعلقي جو صدر مقام بڻجي پيو آهي" سيد فدا حسين شاهه جڏهن ته پنهنجي ان ڳالهه جي حق ۾ ڪو دليل نٿو پيش ڪري پر اسان ان رخ ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي ته خبر پئي ته ڪولهي برادري ۾ اهو اُچار (دربڙي) عورتون وٺن ٿيون ۽ بقول اقبال جت جي ته دربڙي نالي ڪولهين جو هڪڙو ڳوٺ نئون ڪوٽ جي ويجهو مون اخبار ۾ پڙهيو آهي نه رڳو ايترو پر ڏگهڙي شهر جي اتر ۾ ڳوٺ ڏاڪٽر مدد قائمخاني جي لڳ ڪولهي برادري جا ٽي قبرستان آهن جن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هي برادري هت آڳاٽي وينل آهي. سيد فداحسين شاهه جي خيال کي رد نٿو ڪري سگهجي ۽ نه وري پوري ريت اپنائي ٿو سگهجي، ان رخ ۾ وسيع تحقيق جي ضرورت آهي . ماستر قربان جسڪاڻي جو چوڻ آهي ته سونهري شهر

1901ع کان 1908ع جي وچ ڌڌتويا اتي ڏاڙو لڳو آهي، ماستر قربان وڏيڪ چئي ٿو تہ سونهري ۾ صوفي صادق فقير نہ بلڪ ان جو سجاده نشين آيو هو پاڻ گهوڙي تي هئا. سونهري لڳ ڪنهن وڻ جي ڇانوءَ ۾ ڪجهہ گهڙين لاءِ ترسيا هئا. ساڻن گڏ هڪ مريد بہ هو ۽ پاڻ جهوڪ شريف جي زيارت ڪري واپس صوفي فقير وٽي رهيا هئا. جنهن دوران سجاده نشين جو مريد بہ آنا ڪٽي سونهري بازار ۾ سوناري کان سون وٺڻ ويو جنهن تي سوناري دڪاندار مريد جي هٿ ۾ بہ آنا ڏسي اڻڳهو رويو استعمال ڪيو جيڪا وارتا مريد اچي سجاده نشين کي ٻڌائي جنهن تي سجاده نشين ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ پاڻ وٽي ڏاڙيلن کي سونهري ڦرڻ لاءِ موڪليو جنهن سبب ڳوٺ سونهري ڦٽي ويران ٿي ويو. ماستر قربان ان سجاده نشين جونالو ٻڌائڻ کان قاصر آهي. قربان جسڪاني اهو بہ چوي ٿو تہ محمد شاهہ جيلاني جي نالي اسان ٻڌو آهي تہ يلاني ٻارنهن سالن جي عمر جا هئا پنهنجي ڳوٺ کن کان ميرن سان گڏجي هت آيا، مير ڊگهڙي لڳ ڳوٺ ڀُوڻ تي آباد ٿيا ۽ جيلاني سرفراز واهہ جي ڪنڌيءَ تي جتي هاڻ سندن مزار آهي پنهنجو آستانو آباد ڪيو ۽ ڊگهي مير بحر مائي کي دعا ڏني تہ تنهنجو نالو هميشہ قائم رهندو.

ڊاڪٽر صغير قائمخاني هڪ سائينسي سوچ رکندڙ ماڻهو آهي پاڻ ڊگهڙي جي ٽنڊي غلام علي روڊ تي مهاجر مسجد لڳ ڪلنڪ کولي هئس ۽ ڪافي وقت پريڪٽس ڪندا رهيا پر بعد ۾ ڪراچي لڏي ويا. ڊاڪٽر صاحب هڪ دعوت ۾ ڊگهڙي آيا تہ ڪجهہ گهڙين لاءِ اسان سان بہ ڪچهري ڪئي هئن، جنهن ۾ ڊاڪٽر جو موقف هو تہ ڊگهڙي تي اهو نالو لفظ "ڊگر" تان پيو ڊگر معنيٰ رستو پيچرو يا گُذر گاهہ. ڊاڪٽر صاحب جي ان خيال کان انڪري اختلاف ڪري سگهجي ٿو تہ جڏهن ڊگهڙي وجود ۾ پئي آئي تڏهن ڊگر واري ٻوليءَ ڳالهائيندڙ "ياڻي لوڪ" اڃان هت ڪونہ آيا هئا. ۽ نہ ئي اردو ٻولي هت ڳالهائي ويندي هئي، جو ان تان اُچارجي اهو لفظ ڊگهڙي جو روپ وٺي سگهيو هوندو.

"هڪ پيو ٻه رايو موجود آهي ته ان ڊگهي مائي جيڪا ذات جي ميربحر هئي، سندس نالو مائي سوني هو پر ان راءِ لاءِ ڪي دليل موجود ناهن. نياز جسڪاڻي چواڻي ته اها چاڻ عارب پان فقير مفتي عبدالرحيم شر ڪي ڏني هئي، بهرحال هن شهر جو هاڪاري نالو ڊگهڙي آهي، جنهن ڪي شعوري يا لاشعوري طور بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، جنهن عمل خلاف ڊگهڙي جي پهرين تعلقي ناظم قاضي فيض الله ساند جي دؤر ۾ تعلقي ڪائونسل جي اجلاس ۾ڪائونسل جي ميمبر سڪينه سومرو جي حوالي سان رٿ آندي ويئي ته ڊگهڙي کي آئنده ڊگهڙي ئي لکيو وڃي، ٻولي چاهي اردو هجي يا انگريزي اهڙي ريت اردو سان لکڻ لاءِ (هه) انگريزي سان لکڻ لا (H) لڳائڻ لازمي قرار ڏنو وڃي ۽ اها قرار داد متفقه طور منظور به ٿي

(تعلقي ڪائونسل ڊگهڙي جو ڪاروائي بڪ تاريخ: 20_12_08).

ان عمل جي روشني ۾ ڊگهڙيءَ شهر جي رهواسين کي اها گذارش ٿي ڪجي ته پنهنجو شهر پنهنجي سڃاڻپ آهي ان جي نالي کي بگاڙڻ واري سوچ جي نفي ڪندي اردو ۾ جي ڊگهڙي ٿا لکو ته ان کي هئين لکو "ڈگھڑی"جي انگريزي ۾ لکو ٿا ته هئين لکو DIGH▮RI يعني G کان پوءِ H لازمي لڳايو ته اُچار مڪمل ٿي سگهي.

ڊگهڙي شهر هئينر 14 وارڊن تي مشتمل آهي 2000ع جي سرڪاري گزٽ موجب ڊگهڙي جي آبادي 27027 ماڻهن تي آهي جيڪا پوءِ تيزي سان وڌي رهي آهي، شهر جي غريب آباد ڪالوني ڪانسواءِ باقي اڪثر علائقه بغير رٿا بندي جي وڌي ويجهي رهيا آهن. وڌيڪ مسئلن جو ذڪر اڳين صفحن تي ڪنداسين.

ڊگهڙيءَ جا ٽالپر

مير احمد خان عرف ڪامريڊ نصير خان ٽالپر ولد مير محمد خان ٽالپر تاريخ پيدائش 1928ع جن جو چوڻ هو ته ڊگهڙي ۾ ٽالپر مختلف وقتن تي مختلف هنڌن تان آيا آهن. سندن چوڻ هو ته اسين اصل پيرر

پاڳاري جا مريد هئاسين ۽ اسان جو اصل ڳوٺ گهوڙا ٻاڙي آهي، اتان کان هٽ آياسين، مير علي مراد خان ٽالپر وارا ٽنڊوڄان محمد کان ڏگهڙي آيا، ڪامريڊ نصير خان جو وڏيڪ چوڻ هو ته منهنجو اصل نالو مير احمد خان آهي جيڪو شناختي ڪارڊ ۾ پڻ چاڙهايل آهي اهو نالو منهنجي ڏاڏي جي ناني جي نسبت سان رکيو ويو باقي نصير خان جو نالو مون تي منهنجي نوحاڻي دوستن رکيو ڇاڪاڻ جو ٽالپرن ۾ ٻيا به احمد خان جي نالي سان موجود هئا، انڪري منهنجي دوستن منهنجي سڃاڻپ الڳ ڪئي، نصير خان وڏيڪ ٻڌايو ته مير بهادر عرف ڦاڏو جيڪو مير عبدالستار ٽالپر جو ڏاڏو هو سو خيرپور کان هٽ آيو هو.

هڪ نوجوان حبيب ٽالپر (واپڊا) ٻڌايو ته ان سلسلي ۾ منهنجون چند رهاڻيون پنهنجي ڏاڏي بزرگ محمد بخش ٽالپر ۽ خليفي محمد عمر خاصخيلي سان ٿيون هيون، جن جو چوڻ هو ته ٽالپر مختلف هنڌن کان ڏگهڙي آيل آهن، ديهڙي کان مير حاجي نور محمد ٽالپر جنهن جو نالو موجوده سورهڏي ڳوٺ جي حاجي نورل تي رکيل آهي، اهو شروعاتي آيل ٿو ڏسجي، فقيري طبيعت رکندڙ هن شخص هٽ پاڻي جي اٿاٽ سبب خدا کان شاعرانه انداز ۾ دعا گهري هئي ته "آڻ سگهو سرفراز ڪي" انهن بزرگن جو وڏيڪ چوڻ هو ته سائين محمد شاهه جيلاني ڪي ڄت هاڻ ميرن جي قباءَ مسجد آهي ، اُت ڪچي مسجد هئي ان کي آباد ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو هو ان دؤر جا ٽالپر مير محمود خان، مير نور محمد خان ليکيا وڃن ٿا، ان وقت جي بزرگن جو اهو خيال به هو ته سائين محمد شاهه جيلاني شريعت جا پابند ۽ تيز طبيعت هجڻ ڪري ڪنهن عورت کي ڏسڻ به پسند نه ڪندا هئا، اهو به چيو ويندو هو ته سائين نوجوان ۽ خوبصورت هئا، تنهنڪري هڪ عورت سائين جن تي فدا ٿي پئي، جيڪا ڳالهه جيلاني بادشاهه کي ناگزير لڳي، جنهن جلال ۾ اچي پنهنجي نفس کي ڪتي ڇڏيو جنهن سبب بيمار ٿي پيا، آخر ان تڪليف جي ڪري هن دنيا مان رحلت ڪري ويا، نوجوان حبيب ٽالپر کي هي معلومات بزرگن کان ملي هئي، اهڙي طرح ٽنڊوڄام

ڪان اوپر طرف ڄام واهه جو رهواسي ڇوٽل خان ٽالپر جو اولاد جيڪو ڏگهڙي ۾ ڇوٽلاڻي سڏجي ٿو جن ۾ ذڪر هيٺ هي آهن. الهڏنو،اسماعيل، محمد ابراهيم، احمد خان، محمد حسن، حافظ عطا محمد ۽ علي محمد سچو قبيلو ڇوٽلاڻي سڏجي ٿو (اهي به ٽنڊو ڄام ڪان آيل ٽالپرن جي اولاد ڇيا وڃن ٿا.)

ڏگهڙيءَ شهر جو حڪمران ٽالپر طبقو

نوجوان صحافي مير محمد ٽالپر جي چوڻ موجب ته "مون ڪامريڊ مصطفيٰ "رضا" ۽ فقير بيشر لغاري ڪان مختلف وقتن تي معلومات ورتي هئي، ان مان خبر پئي ٿي ته ٽالپرن جو خاناڻي قبيلو تقريبن 1890ع ڌاري هن طرف آيل ٿو ڏسجي"

ڪامريڊ مصطفيٰ رضا جي قلمي نسخي ۾ هن ريت ڄاڻايل آهي ته "رام ڄاڳي جو قبرستان ڪوٽ غلام محمد ۽ سامارو جي وچ ۾ آهي، جتي علي شير شاهه لڪياري جي مزار آهي، ان قبرستان سان گڏ ئي ڏگهڙي جي خاناڻي ٽالپرن جو ڳوٺ ديهه لنگڙي ۾ خانپور يا ڪن هو جتي اڄ به ڏگهڙي جي ٽالپرن جي بزرگن جون قبرون جهريل حالت ۾ موجود آهن، اتان ڪان ٽالپر اچي ڏگهڙي ڪان 2 ميل پري ٽنڊوياگو روڊ تي موجود ڀُوڻ ۾ آباد ٿيا ۽ اتان ڪان حضرت بابا محمد شاهه جيلاني جي پيغام تي لڏي اچي سرفراز واهه جي ڪناري ڏگهي جي پٽڻ تي آباد ٿيا"

فقير بشير لغاري جو اهو چوڻ آهي ته ڏگهڙي جا خاناڻي ٽالپر اصل حيدرآباد جا آهن.

اها به هڪ دلچسپ حقيقت آهي ته ڏگهڙي ۾ مير حاجي محمد حيات ٽالپر جي اقتدار جي مسند تي ويهڻ سان ئي ٽالپرن جو هن شهر ۾ فيصلا ڪن اثر ٿيو ان ڪان اڳ ائين نه هو توڙي جو نوٽيفائيڊ ايريا ڪميٽي جي وجود ۾اچڻ سان ان جو پهريون چيئرمين مير حاجي غلام حيدر ٽالپر ٿيو پر

ان جو فيصلا ڪن اثر نہ هو اهڙو اندازو هيئين حوالن مان پلي پئي لڳائي سگهجي ٿو.

تاريخ 03 جنوري 2012ع تي پنهنجي دوست الطاف خاصخيلي سان گڏجي وڏيري مريد دل جي ڳوٺ صبح 11 وڳي پهتس، وڏيرو هلڪو سيءَ هجڻ ڪري اُس سيڪي رهيو هو اوطاق جي ٻاهر کٽون لڳل هنيون، اسان ڪجهہ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيري وٽ اچڻ جو مقصد ڏسيو ۽ ڪجهہ سوال ڪياسين، جنهن جي جواب ۾ وڏيري مريد دل ڪجهہ هن ريت وراڻيو تہ "ڊگهڙي جي بلوچ هوٽل جو مالڪ سيٺ عبدالرحيم بلوچ منهنجو بهترين دوست هو عبدالرحيم بلوچ بچل چانگ جي ٻنيءَ مڪيءَ کان واپس وٺرائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ورتي هئي، وڏيري وڏيڪ چيو ڇنڇر جي ڏينهن بچل چانگ جي ٻنيءَ جو ڪورٽ مان فيصلو اچڻو هو ۽ جمعي جي ڏينهن سيٺ عبدالرحيم بلوچ وڏيري مريد دل جي ٻاونجاهہ ماڊل جيپ ۾ مريد دل جي ڊرائيور مٺو چاڪي ٽنڊو جان محمد واري سان گڏ حيدرآباد وڃي رهيو هو تہ ٽنڊوالهيار وٽ هن جي گاڏي جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو ان لاءِ چيو ويو تہ مٺو چاڪي ڊرائيور مڪيءَ جي چوڻ تي گاڏي وڃي بيٺل ٽرڪ ۾ هنئين جنهن سبب عبدالرحيم بلوچ وفات ڪري ويو ۽ مٺو ڊرائيور گرفتار ٿيو هو جنهن کي بعد ۾ آزاد ڪرايو ويو هو اهو واقعو 1963ع جو آهي، تڏهن ڊگهڙي کان ميرپورخاص تائين ڪچو رستو هو عبدالرحيم بلوچ جي وفات جو ٻڌي ڊگهڙي شهر سوڳ ۾ بند ٿي ويو هو پنهنجي دوست جي موت جو ذڪر ڪندي، وڏيري مريد دل جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. ۽ گلو بہ ڳرو ٿي پيس.

وڏيري مريد دل وڌيڪ چيو تہ هوت چند مڪيءَ بچل چانگ جي ٻنيءَ جا کاتا بدلائڻ لاءِ ان وقت جي تپيدار غلام حيدر لغاري جيڪو ڊاڪٽر نواز بلوچ جو وڏو ڀاءُ هو تنهن کي چاليهہ هزار روپيہ ڏنا هئا جيڪا ان وقت هڪ وڏي رقم هئي.

ان سلسلي ۾ چاچي رستم جت جيڪو اقبال جت جو والد آهي ان جو چوڻ آهي تہ مڪيءَ وٽ بچل چانگ جي والد ڪوڙي خان ٻنيءَ گروي رکي هئي، جنهن جا مکيءَ چالاڪي سان ڪاتا تبديل ڪرائڻ پئي چاهيا، ڪاتي تبديلي ٿيڻ جي صورت ۾ بچل چانگ ڊگهڙي چوڪ ۾ ٽپيدار غلام حيدر لغاري کي پريءَ ڪان ڏسندي هڪل ڪري گهٽ وڌ ڳالهايو هو جنهن تي ٽپيدار ڊوڙي وڃي پاءُ ڊاڪٽر نواز بلوچ جي گهر ۾ پناهہ ورتي هئي، جيڪو ان وقت ڊگهڙي ۾ ميڊيڪل آفيسر هو ۽ موجوده يونين ڪائونسل ڊگهڙي جي آفيس الڳ سندس سرڪاري ڪوارٽر هو. (سائين بخش لغاري چئي ٿو تہ آئون 1971ع ۾ ڊگهڙي آيو آهيان ان ڳالهہ جي مونکي ڄاڻ نہ آهي امام بخش ڪلوئي رٽائير روينيو ملازم چئي ٿو تہ آئون 1960ع ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿيس. اهڙا ٻڙلاهہ مون بہ ٻڌا هئا.

اصل ۾ ان رخ ۾ مون تڏهن سوچڻ شروع ڪيو هو جڏهن ڊگهڙي جي معروف ڪردار گاگو شيدي سان منهنجي هڪ معلوماتي رهاڻ ٿي هئي.

اها تاريخ پهرين جنوري 2012ع هئي، جڏهن گاگو شيدي سان منهنجي ڪچهري ٿي هئي، ڊگهڙي ۾ گاگو جي سڃاڻپ خوبصورت چوڪرن کي پسند ڪرڻ رهي، گاگو ڊگهڙي شهر ۾ ٽنڊو جان محمد روڊ تي هڪ هوٽل بہ ناهي هئي، هو اڪثر سنڌ جي لاڙ واري پاسي لڳندڙ ميلن ۾ هوٽلون لڳائيندو هو. گاگو شيدي جو ميلن ملاکڙن ۽ سهڻن چوڪرن کي پسند ڪرڻ جي حوالي سان ڊگهڙي ۾ ان جي پسگردائي ۾ ٿيندڙ ڪچهرين ۾ طنز و مزاح سان ذڪر ڪيو ويندو هو. گاگو منهنجو تمام ويجهو عزيز هو ۽ منهنجي مٽي ڏاڏي هوش محمد شيدي جو نالو هجڻ ڪري هو مونکي نانو چوندو هو گاگو نائي يا حجام جي ڪِرت بہ ڪندو هو اڪثر ميلن ۾ نائي جو دڪان بہ لڳائيندو هو ۽ پنهنجي زندگي جي آخري دم تائين حجام ڪو ڪم ڪندو رهيو هن کي پوڙهيي سان پيار هو گهري ڪائڻ کي عيب سمجهندو هو.

جڏهن گاگو سان هن ڪتاب جي سلسلي ۾ منهنجي ڪچهري ٿي ته هن مون سان عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ انڪشاف ڪيا، هن چيو ته منهنجي ڏاڏي تاجو جو والد خميسو ذات جو جمالي هو جيڪو ڦڙدي جمالي جو ويٺل هو خميسي جمالي جي شادي شيدي قبيلي مان ٿي هئي، ان وقت خميسي جمالي جا سهريجا جن جو تعلق شيدي برادري سان هو سي ڳوٺ بکي چانديي ۾ ويٺل هئا، اهو ڳوٺ اڄ به ڏيئي شهر کان پنج ست ميلن تي موجود آهي، هن جو چوڻ هو ته خميسي جمالي جا پنج پٽ ٿيا ۽ نياڻي جو ڪو به اولاد نه ٿيس، خميسو جمالي شادي ڪانپوءِ پنهنجي شيدي برادري جي سهريجن ۾ رهي پيو ۽ پنهنجي پٽن جون شاديون به اتي ڪيائين، اتي ئي گاگو شيدي جي ڏاڏي تاجو کي اولاد ٿيو تاجو خميسي جمالي جو ٽيو نمبر پٽ هو تاجو کي به اولاد ۾ پنج پٽ، موريو الهورايو عرس جاڙو ۽ عارب ٿيا ۽ ٽن نياڻين سميت اٺ ٻارن جو والد بڻيو، اهڙي طرح تاجو جي پٽ عرس کي جڏهن پٽ جو اولاد ٿيو ته هن ان تي نالو خدابخش رکيو جيڪو مشهور ۽ معروف گاگو شيدي جي نالي سان سڃاڻ ۾ آيو.

خدا بخش عرف گاگو ٻڌائي ٿو ته اسان جڏهن لڏپلاڻ ڪري "بکي چانڊئي"ڳوٺ کان ڊگھڙي آياسين ته ان وقت ڊگھڙي جي اوير ۾ درسين سک جو ڳوٺ هو ان ۾ اچي رهياسين اُتان پوءِ گاگو جي ڏاڏي تاجو کي اڪبر عرف اُڪو ڪوسي جيڪو تپيدار عمر ۽ احمد ڪوسي جو والدُ هو تنهن سڏي پنهنجي پر ۾ يعني (فرضي) سرفراز واهه جي اولهه ڪنڌي تي موجوده ڊگھڙي جي وارڊ نمبر هڪ ۾ هاڪاري نالي بکائي پاڙي ۾ ويهاريو جتي ان وقت پڌو ۽ پڌ هو ۽ پوءِ تاجي ڳوٺ بکي چانڊي مان هوشو شيدي کي به گهرايو هوش محمد شيدي، جو ڊگھڙي اچي آباد ٿيڻ جو سال تقريبن 49_1948ع آهي، چاڪاڻ جو ڊگھڙي اچڻ سان هوش محمد شيدي جي گهر ۾ چوٿين پٽ محبوب شيدي جو جنم ٿيو ان کان اڳ ڪيس هڪ نياڻي ۽ ٽي پٽ محمد يوسف عرف شير پيو نور محمد ۽ ٽيون محمد اڪبر جي نالي سان هئا، جڏهن ته محبوب شيدي جي تاريخ پيدائش جو سال 1949ع آهي، اهڙي

ريت ڏگهڙي جي وارڊ نمبر هڪ ۾ بکائي پاڙي جو وجود پيو بکائي هنن کي ان ڪري سڏيو ويو جو هي ڳوٺ بکيو چانڊيو مان لڏي ڏگهڙي آيا گاگو اهو به ٻڌائي ٿو ته جڏهن اسين ڏگهڙي آياسين ته ان وقت راڄ جو والي وارث مير حاجي غلام حيدر ٽالپر هو ۽ ميرن جون ان وقت ڏگهڙي ۾ ٽي اوطاقون هنيون، هڪ شهر جي مين بازار ۾ مير حاجي محمد حيات ٽالپر جي موجوده نئين مارڪيٽ وٽ ٻي موجوده ميرن جي مدرسي وٽ ۽ ٽي مير زاهد حسين ٽالپر جي بنگلي جي اڳيان ٽئي اوطاقون ڪچيون ۽ ڪکائو لانڍيءَ جي صورت ۾ هونديون هنيون، ان باوجود ڏگهڙي شهر جا اڪثر فيصلا مُکي (ڪجومل) جيڪو ڏيون مکي جو پيءُ هو سو ڪندو هو. گاگو اهو به ٻڌايو ته سرفراز واهه جي لڳ ڀڳا ۽ پڊ ته سرڪاري هئا پر باقي زمين ڏگهڙي شهر جي مختلف پاسن تي بچل چانگ جي هئي، گاگو جي چوڻ موجب بچل چانگ وٽ ان وقت سوين ايڪڙ زمين هئي، جنهن مان اڌ زمين بچل چانگ جي مُکي وٽ گروي پيل هئي، جيڪا پوءِ مُکي جي واڻين جي نالي سان مشهور ٿي پوءِ مُکي جي ڀنيءَ ان کان ميرن ۽ ٻين ماڻهن خريد ڪئي .ڊاڪٽر مدد قائمخاني جو ڳوٺ به مُکي جي زمين ۾ آهي مير بهادر عرف قادو رڍن وارو جيڪو اصل خيرپور جوهو رڍن جو ڌڻ ساڻ هئس، جنهن به رڍون ڪپائي ڏگهڙي شهر جي اُتر ۾ زمين ورتي هئي ۽ موجوده ڊاڪٽر مدد قائمخاني جي ڳوٺ جي مٿان مير قادي جو ڳوٺ سڏبو هو جتي هر هفتي خيرات ٿيندي هئي، هاڻ اها مير ستار جي ڀنيءَ سڏجي ٿي، مير قادو مير ستار جو ڏاڏو هو گاگو جو اهو به چوڻ هو ته بکائي پاڙي جي لڳ ويٺل ڪولهي برادري اسان کان اڳ هت آباد هئي. ڪولهين ۾ ڪيتو نالي همراهه ڏاڍو جوان مڙس هو جيڪو مشهور چورهو ۽ ڏاڍن ماڻهن جون چوريون ڪندو هو غريب مسڪينن جو نالو ڪونه وٺندو هو موجوده ديني شيخ ڪيتي جي اولاد مان آهي، جيڪو بعد ۾ مسلمان ٿي شيخ بڻيو.

ڳوٺ ٻچل چانگ

اقبال جت سان گڏجي اسان 13 جنوري 2012ع تي ڳوٺ ٻچل چانگ ۾ پهتاسين ڏگهڙي بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ته اسان کي هڪ بزرگ مير محمد چانگ ۽ ڪجهه نوجوان مليا، اسان پنهنجي اچڻ جو سبب ٻڌايو ۽ مير محمد چانگ سان ڪچهري شروع ڪئي سين.

مير محمد چانگ چواڻي ته سنجر چانگ ۽ هوت چانگ پاڻ ۾ سڳا ڀاءُ هئا ۽ رهندا به ڳوٺ سنجر چانگ ۾ گڏ هئا. جتي هوت ۽ سنجر چانگ جي وِچ ۾ برادري تڪرار تي پيو ۽ هوت لڏي ڏگهڙي آيو ۽ موجوده ڳوٺ ٻچل چانگ ٻڌائين.

هوت چانگ کي پنج پٽ هئا، 1.دوست علي خان چانگ 2. چاڪر چانگ،3. ڳهڻون چانگ، 4 حاجي چانگ ۽ 5. سوائي خان چانگ انهن پنجن مان دوست علي چانگ کي هڪ پٽ هو جنهن جو نالو ٻچل چانگ هو ۽ (پاڻ ان کي ٻچل چانگ "اول" چوندا سين،) ان ٻچل چانگ اول انگريز دؤر ۾ هت آروجون زمينون ورهائڻ لاءِ آيل وفد جي ڀرپور خدمت ڪئي هئي. جنهن عيوض انگريزن ٻچل چانگ اول کي نو سئو ايڪڙ زمين کاتو ڪري ڏني، ٻچل اول کي ڪوڙو خان چانگ نالي هڪ پٽ هو ٻچل اول جي وفات کانپوءِ زمين سندس پٽ ڪوڙو خان چانگ جي حوالي تي ويئي. ڪوڙو خان چانگ ٽي اڌ زمين مُکي هوت چند وٽ گروي رکي هئي، مُکي هوت چند هوشيار ماڻهو هو جنهن آهستي آهستي ڪوڙي خان چانگ جي پوري زمين تي قبضو ڪري ورتو ان دوران ڪوڙي خان چانگ کي به هڪ پٽ ڄائو هو جنهن جو نالو به ٻچل چانگ رکيو ويو هو سو ٽيو ٻچل چانگ ٻيو جڏهن ڪورو خان وفات ڪري ويو ته ٻچل چانگ جي حالت انتهائي غربت واري تي ويئي ، مُکي چانگن جي ڳل ٻنيءَ تي قبضو ڪري چڪو هو ان ڪري ٻچل چانگ پيٽ گذر لاءِ روينيو کاتي ۾ ڪوٺاري جي نوڪري ڪرڻ لڳو.

هوت چند مُکي وڏي چالاڪي ۽ تکي کان ڪم وٺندي چانگن جي زمين جا پنهنجي نالي کاتا ڪرائڻ لڳو زمين جي کاتن جي ڦير ڦار ڪجهه

هن طريقي سان ڪئي ويئي تہ ڪوڙي خان چانگ جي نالي کي ڪوڙو مل ۽ بچل خان چانگ جي نالي کي بچو مل لکرائي کاتا مُکي هوت چند جي نالي ۾ تبديل ڪيا ويا. جنهن لاءِ چيو ويو تہ اهو ڪم تپيدار غلام حيدر لغاري پيسن عيوض ڪيو جيئن تہ بچل چانگ بيو بہ روينيو کاتي ۾ ڪوٺار هو جنهن کي اها خبر پئجي ويئي، جنهن پنهنجي زمين مُکي کان واپس وٺڻ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو هو ان ڪيس جو فيصلو اچڻ وارو هو تہ بچل چانگ جي مدد ڪندڙ عبدالرحِم بلوچ جو ايڪسيڊنٽ ٿي ويو جنهن ۾ هو گذاري ويو عبدالرحيم جي حوالي سان اهو بہ چيو ويو تہ اهو ايڪسيڊنٽ مُکي هوت چند هٿ وٺي ڪرايو هو ان ڳالهہ جو خوف بچل چانگ تي گهرو ٿيو چاڪاڻ تہ پوءِ جڏهن مُکي هوت چند زمين جي مالڪي لاءِ جهوڪ شريف جي ان وقت جي گادي نشين سائين غوث محمد (1963ع ۾ هي گادي نشين هو) کي دانهيو هو تہ گادي نشين ڏگهڙي ۾ فيصلو رکيو هو چون ٿا تہ ان فيصلي ۾ بچل چانگ جي نہ اچڻ جي ڪري گادي نشين مُکي جي ماني بہ نہ کاڌي هئي ۽ مُکي وارن کان زور ڏيئي پڇين تہ توهان بچل چانگ کي ڌمڪيون تہ نہ ڏنيون آهن؟ مُکي چالاڪ هو جنهن چيو نہ سائين اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪونهي، نيٺ مجبور ٿي سجاد نشين اهو چيو تہ جيڪڏهن شام پنج وڳي تائين بچل چانگ فيصلي ۾ نہ آيو تہ پوءِ فيصلو مُکي جي حق ۾ ڏنو ويندو آخر شام جا پنج بہ ٿيا ۽ بچل چانگ ڊپ جي ڪري فيصلي ۾ نہ ويو تہ سجاد نشين اهو چئي فيصلو هوت چند جي حق ۾ ڏنو تہ حق ۽ ناحق جي خبر خدا کي پر بچل چانگ جي، فيصلي ۾ نہ اچڻ جي ڪري زمين جي مالڪي مُکي هوت چند جي مڃي ويندي ، وڏيڪ خدا بهتر ڄاڻندو بچل چانگ جو نسل تہ ان ڏينهن پنهنجي ماڻٽن جي ملڪيت کان محروم ٿي ويو پوءِ بچل چانگ بہ وفات ڪري ويو ۽ سندس پنجن پٽن مان ٽي پٽ فيض محمد چانگ، عبدالرحمن چانگ، بابو چانگ بہ وفات ڪري ويا ۽ سندس بہ پٽ محمد خان چانگ ۽ محمد ايوب چانگ حال حيات آهن ۽ مزدوري تي گذر سفر اٿن.

وقت پنھنجي ڪروٽ بدلائي، اڄ ھوت چند مُکي جو ڏھنڊو ڪڏھن ڪڏھن ڏگھڙي ۾ پڻدي نظر ايندو آھي، مُکي ھوت چند جو سمورو غرور مٽيءَ ۾ دفن ٿي ويو.

ھن ماجرا مان اھو ظاھر ٿئي ٿو تہ ڏگھڙي جي زمين جي فيصلي لاءِ جھوڪ شريف مان سجاد نشين کي اچڻو پئي ٿو يا بچل چانگ جي ٻنيءَ جي ڪيس لاءِ عبدالرحيم بلوچ کي ڊوڙ ڊڪ ڪرڻي پئي ٿي تہ ان مان سمجھڻ گھرجي تہ ڏگھڙي ۾ ٽالپرن جو ان وقت فيصلا ڪن اثر ڪونہ ھو جيڪو پوءِ مير حاجي محمد حيات ٽالپر جي اقتدار ۾ اچڻ سان ٿيو.

ڏگھڙي جي حڪمران ٽالپرن جو ھڪ دؤر اھڙو بہ رھيو آھي تہ ھو روايتي وڏيرن وانگر پنھنجي ديرنَ مان ووٽ نہ ڏياريندا ھئا.

صابرين طبيعت جي سچاٽپ رکندڙ مير حاجي جان محمد مرحوم جنھن لاءِ اڄ بہ ساٿين جي صحرائين مان سيراب ٿيل رند آھہ زاري ڪندي اھو چوڻ ٿا تہ مير جان محمد مرحوم ڪير سڏائي، مير جان محمد جي شخيصت کان متاثر ماڻھو ميلن ملاکڙن جا شوقين رھيا آھن ۽ ڳالھين جا ڪوڙيا طور سچاٽپ بہ رکن ٿا، اُھي ماڻھو اھو ٻڌائين ٿا تہ جڏھن مير حاجي جان محمد ۽ مير حاجي محمد حيات ٽالپر ھڪ ٻيٻي اليڪشن ۾ ھڪٻئي جي سامھون بيٺا تہ اليڪشن ھلندي مير خان محمد سورھڏي واري جي گھر واري پنھنجي وڙ خان محمد سان گڏ سنڌن ٿوياٿا جيپ ۾ مير حاجي محمد حيات کي ووٽ ڏيڻ لاءِ آئي تہ اھو ڏسي مير جان محمد وقت کان اڳ پنھنجي ساٿين کي اھو چيو تہ "اٿو وڃي مير حاجي محمد حيات کي مبارڪون ڏيو پاڻ اليڪشن ھاڻ ڪونہ ٿا وڙھون" چاڪاڻ جو مير خان محمد ٽالپر جي گھر واري مير حاجي جان محمد ٽالپر جي پيڻ ھئي، ان وقت مير صاحبان پنھنجي ديرن مان ووٽ ڏيارڻ کي عيب سمجھندا ھئا.

مير حاجي جان محمد ٽالپر ڏگھڙي جي اڳوڻي تعلقي ناظم مير زاھد حسين ٽالپر جو والد ھو طبيعتن ڏاڍو سنو انسان ھو راڳ رنگ جو شوق رکندڙ ۽ مسڪينن سان ٻاجھاروءِ حال مست رھندڙ شخص ھو محرم

الحرم جي ڏينهن ۾ ڏکڙي جي محمد شاهه جيلاني واري پڙ ۾ نغارا وڄائڻ وارو عمل امامن جي ڊيوٽي سمجهي ادا ڪندو هو سندس وڏو فرزند مير غلام حيدر ٽالپر به سادگي پسند ماڻهو هو راڄ برادري ۾ مسڪين ماڻهن وٽ مرڻي پرڻي هڪدم پهچي ويندو هو نه آڪڙ نه شوبازي غريبن سان ياري، سندس ويجهن دوستن ۾ در محمد شالماڻي، مير احمد خان ٽالپر، محمد سليم قمبراڻي ۽ ابراهيم قمبراڻي هئا، پاڻ حج ڪرڻ لاءِ ويا اتي ئي وفات ڪيائين کيس اتي ئي دفنايو ويو.

ٽالپر

ٽالپر بلوچن جي مشهور قبيلي هوت سان تعلق رکن ٿا. سندن مورث اعليٰ اسماعيل خان ملتاني جي گورنر سلطان شاهه حسين لانگاهه جو گهاٽو دوست هو جنهن کيس دعوت ڏيئي مڪران مان پاڻ وٽ گهرايو اسماعيل خان 1488ع ۾ پنجاب جي شهر ديري اسماعيل جو بنياد رکيو.

("ماڻڪاڻي ميرن جي تاريخ " مير حاجي، محمد بخش خاص صفحو 8 ۽ 11، 1976ع) (جڏهن ته هوت سمات آهي)

مير اسماعيل خان جو پوٽو بجير بن بيزن سن هزار هجري مطابق 1592ع ۾ لڏي ياڳناڙي ۾ ويٺو، ڪجهه وقت ڪانپوءِ هو ديري غازي خان جي حد ۾ آيو ۽ چوٽي بالا جو ڳوٺ پڏي ويٺو.

("سنڌي يوسف زليخا" غلام مرتضيٰ شاهه سيد، مطبع جليل اڪليل ڪراچي 1892ع صفحو 592)

هن قبيلي تي ٽالپر لقب به چوٽي بالا ۾ پيو، هن ڳوٺ ۾ هڪ ٽاريءَ جو وڻ هو جنهن هيٺيان بجير بن بيزن ۽ سندس قبيلي وارا ويهي ڪچهري ڪندا هئا، ان ڪچهري ۾ ويهڻ وارن جو نالو ٽالهي پور يعني ٽالهي جا پٽ هڪ ال طور پئجي ويو سرائيڪي زبان ۾ ٽاريءَ کي ٽالهي سڏيندا آهن، اهو لفظ ٽالهي پور مان ڦري ٽالپر بڻجي ويو ان ڪانپوءِ هن خاندان ۾ زنگي بن بجار کي هڪ پٽ به ان ٽاريءَ جي وڻ جي هيٺيان ڄائو، جنهن جو نالو ئي

ٽالھو رکيائون، اھو ٽالھو سنڌ وارن ميرن جي وڏي مير سليمان عرف ڪڪي خان جي پيءُ شاھو خان جو چاچو ھو مير ڪڪي خان جي رھائش بہ چوٽي بالا ۾ ھئي، جتي سندس پٽن ۽ پوٽن جي نالي تي واھہ قلعا ۽ انھن جا ويڙاھہ اڄ بہ موجود آھن.

("سنڌي يوسف زليخا" صفحو 609).

تخت گاھہ ماڻڪاڻي سرڪار

"ٽالپر دؤر ۾ ٽي سرڪارون حيدرآباد، خيرپور ۽ ميرپورخاص ھيون، ميرپورخاص واري سرڪار جو نالو ماڻڪاڻي سرڪار ھو ڇو جو ميرپورخاص جي شھر بعد ۾ آباد ٿيو ان ڪان پھرين جڏھن "ماڻڪاڻي سرڪار" جو باني مير ٺارو خان ٽالپر پنھنجي سرڪار الڳ ٺاھي ھئي، ان جو مرڪز ڪجھہ وقت لاڙ خط ۾ فتح پور ڪي رکيو جيڪو ھن جي والد آباد ڪيو ھو ان ڪانپوءِ ونگو پرڳڻي ۾ قديم درياءَ پراڻ جي ڪناري تعلقي ٽنڊو باگي جي اوپري سرحد تي ھڪ دريائي ڪيٽي تي قلعو تعمير ڪرايو.

ھڪ زماني ۾ مير علي مراد خان ماڻڪاڻي جي پنھنجي عزيزن سان ناسازي ٿي پئي تہ ھن پنھنجي رھائش گاھہ لاءِ نئون ڪوٽ جو قلعو تعمير ڪرايو جيڪو ٿر ۾ ميرن جي ٻين قلعن ڪان وڏو ھو"

(مھر ڪاڇيلو، "تاريخ ٿرپارڪر "صفحو 119 اردو)

اشتياق انصاري پنھنجي ڪتاب "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا" ۾ نئون ڪوٽ جي قلعي لاءِ ھن ريت ذڪر ڪري ٿو تہ "نئين ڪوٽ لاءِ اھو چيو وڃي ٿو تہ " "ٿر جو ھي ڪوٽ 1814ع ڌاري تعمير ڪيو ويو، جيئن تہ مير ڪرم علي خان پنھنجي ڀاءُ مير غلام علي جي وفات بعد 1812ع ۾ سنڌ جي تخت تي ويٺو ۽ 1928ع ۾ وفات ڪيائين، ان مان صاف ظاھر آھي تہ نئون ڪوٽ سندس نظر داري ھيٺ تيار ٿيو ھوندو " اسان کي اھڙا اشارا سنڌ جي مختلف تاريخن ۾ ملن ٿا الله بخش عقيلي (الوحيد اسپيشل ايڊشن 1936ع) ۾ لکي ٿو تہ نئين ڪوٽ جو قلعو سال 1814ع ۾ اڏايو

ويو جنهن جي ڊيگهہ 640 فٽ ۽ ويڪر 600 فٽ هئي، اهو سيني قلعن ۾ وڏو معلوم ٿئي ٿو. انهن قلعن جا ڪجهہ آثار عبرت لاءِ هيئنر بہ موجود آهن“

رائيچند هريجن بہ ان ڳالهہ جو حامي آهي تہ ”نئين ڪوٽ جو قلعو مير ڪرم علي خان سال 1814ع ۾ ٺهرايو هن جي ڊيگهہ 640 فٽ ۽ ويڪر 600 فٽ آهي، اهو سيني قلعن کان وڏو هو پڪيون اجان بينيون آهن، انهن قلعن ۾ ساڳي قسم جي سر ڪم آندل آهي، جا هاٿوڪي چالو ڪشتي واري سر (3*6*12 انچ) کان ڊيگهہ، ويڪر ۽ ٿولهہ ۾ گهٽ آهي“

سروپچند اسير بہ انهي ڳالهہ جو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو تہ ”مير ڪرم علي خان جي سادهہ دل ترين ۽ سندن سادگي پسند ڳالهڙين سان خاص همدردي هئي، هو وقت بوقت ٿر جو گشت ڪندو رهيو ۽ ان جي قلعن فتح ڳڙهہ، گڏو سينگاريو وغيره جي مرمت بہ ڪرائيندو هو هن پنهنجي رهڻ لاءِ هڪ خاص قلعو ٿر ۾ نئون ڪوٽ نالي سان سن 1229هہ (1814ع) ۾ اڏيو“.

محمد اسماعيل عرساڻي وري نئين ڪوٽ جو بيان هيئين طرح سير ريگستان ۾ ڏنو آهي، ”هي قلعو سن 1814ع ۾ مير ڪرم علي خان ٺهرايو جو ٿر جي سيني قلعن کان وڏو آهي، سندس ڊگهہ 640 فٽ ۽ ويڪر 600 فٽ آهي، قلعي ۾ ميرن جو سپاهہ پڻ رهندو هو وٽن بارود بہ هو. قلعو اڃا سالم حالت ۾ آهي“

نئون ڪوٽ جو قلعو ۽ مير پور جا مير

سنڌ جي فتح بعد ميرن جون پاڻ ۾ خانداني رنجشون ٿي پيون، جن توري ٿي وقت ۾ سنڌ کي جداجدا حصن ۾ ورهائي ڇڏيو اعجازالحق قدوسي ميرن جي اختلافن ۽ سنڌ جي ورهاست جو احوال هن طرح ڪيو آهي، تہ ڪجهہ ڏينهن تائين مير فتح علي اطمينان ۽ سڪون سان حڪومت ڪندو رهيو هو چاهي پيو تہ ملڪ جي وحدت ٽڪرا ٽڪرا نہ

ٺٽي ۽ ٽالپر پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي رهن، ان ڪري هن آساني جي لحاظ کان ملڪ جا ست حصا ڪيا، چار حصا پاڻ ۾ پنهنجي ٽن ڀائرن لاءِ ٻہ حصا مير سهراب خان کي ڏنا ۽ هڪ حصو مير ٿاري خان کي ڏنو پر اها ورهاست مير سهراب ۽ ٿاري خان کي پسند نہ آئي، اهو مير فتح علي خان جيڪو سيني جي اک جو تارو هوندو هو هاڻي انهن کي ان جي حڪمراني نہ وڻندي هئي، ان ڪري مير سهراب خاموشي سان نڪري روهڙي پهتو اُتي هن قوت حاصل ڪري پنهنجي لاءِ مستقل اقتدار حاصل ڪري ورتو ائين خيرپور رياست جو بنياد پيو ٿارو خان اتان نڪري شاهہ بندر پهچي اتي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ان طرح ٺي مرڪز ٿي ويا ۽ هر هڪ طرفان علحيده علحيده خراج رقم دربار شاهي ۾ پيش ٿيندي هئي. "

(اشتياق انصاري "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا" صفحو 464، 465)

اهڙي ريت مهر ڪاچيلوي جو رايو آهي تہ ٺٽين ڪوٽ جو قلعو مير ~~ٿارو~~ علي مراد خان ٺهرايو، پر سنڌ جي ٻين محققن جو رايو ان جي مختلف نظر آيو.

ماڻڪاڻي سرڪار لاءِ مهر ڪاچيلوي جو وڏيڪ چوڻ آهي تہ "1806ع ۾ مير مراد علي خان ميرپورخاص جو قلعو ۽ شهر تعمير ڪرائي هتي اچي ويٺو ان ڏينهن کان هي قلعو ماڻڪاڻي سرڪار جو دارالسلطنت قرار ٿيو جيڪو 1843ع تائين رهيو 1806ع کان هن حڪومت کي ماڻڪاڻي سرڪار جي بجاءِ ميرپورخاص سرڪار چيو ويو.

(مهر ڪاچيلوي " تاريخ ٿرپارڪر " صفحو 120 اردو)

مير فتح خان جا پٽ، جيڪي وڏا بهادر۽ مرد ميدان هئا. جن پنهنجي والد فتح خان جي قتل جو بدلو وٺڻ لاءِ هالاڻي جي ميدان ۾ جنگ ۾ وڙهيا، جنهن ۾ چار ماڻڪاڻين ڪلهوڙن جي فوج جا ڌجيا اڏائي ڇڏيا. ان ۾ مير غلام علي خان (باني ٽنڊو غلام علي) مير الهيار ثاني(باني ٽنڊوالهيار) مير ٿارو خان (حاڪم اول ماڻڪاڻي سرڪار) ۽ مير باگو خان (باني ٽنڊوباگو) هئا.

(ايضن صفحو 121).

شهيد عبدالمالک نوحاڻي

كامريڊ مصطفيٰ رضا، كامريڊ شمشاد ۽ ڊاڪٽر صغير قائمخاني

چوڌري حاجي محمد اسلم گِل

مير حاجي محمدحيات ٽالپر MPA ۽ فقير بشير لغاري

مير مُبارڪ خان ۽ مير مقصود خان جون مزارون


ڪُنب قبرستان (نوحاڻي)


جهان خان ڀُرڳڙي

فقير بشير لغاري سان رهاڻ

ڏگهڙي جي تاريخ تي ڪتاب لکڻ جي حوالي سان اسان جون فقير بشير لغاري سان ٻه جامع ڪچهريون ٿيون، پهرين ڪچهري تاريخ 2011ـ11ـ06 ۽ ٻي ڪچهري 2011ـ11ـ20 تي سندس ڳوٺ فقير غلام علي ۾ ٿي.

"فقير بشير لغاري جي پيدائش، تاريخ 4 فيبروري 1944ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿي، سندن ناناڻا لاڙڪاڻي جا هئا، تعليم ايم اي تائين حاصل ڪيائين، سندن ڳوٺ فقير غلام علي کي 85/1880ع ۾ خود فقير غلام علي اچي آباد ڪيو. سندن تعلق پير صاحب پاڳاري جي حُر جماعت سان هئڻ ڪري فقير چورائين ٿا، اها فقيري سندس پڙ ڏاڏي فقير خان محمد طرفان پير صاحب پاڳاري جي پوئلڳي ڪرڻ ڪري ملي."

فقير خان محمد انگريز دؤر ۾ ڪاردار جي عهدي تي فائز هو جيڪا پوسٽ مختيار ڪار جي درجي جي هئي، فقير خان محمد ديره غازي خان ڪانپوءِ دادو آيا ۽ دادو ڪانپوءِ اچي ڏگهڙي جي پرسان ڳوٺ ٻڌائي مستقل رهائش اختيار ڪئي.

فقير بشير چوي ٿو ته "ننڍي هوندي کان پڙهڻ سان چاهه رهيو باباسائين لاءِ الوحيد اخبار ايندي هئي، ڳوٺ ۾ سا پڙهندو هئس، تڏهن شايد اخبار الوحيد جون ٻه ڪاپيون ڏگهڙي شهر ۾ ريل رستي ايندڙيون هيون، ان مان هڪ ڪاپي بابا لاءِ اسان جي ڳوٺ ايندي هئي."

ڏگهڙي جي باري ۾ فقير بشير لغاري جو چوڻ هو ته ڏگهي ميربحر مائي جي رهائش ان پتڻ جي پر ۾ هئي. پتڻ پار ڪرائڻ جو ڪرايو چٽانگ چانور ونندي هئي، جنهن کي ان وقت "پتڻ پاٽي" چيو ويندو هو.

فقير بشير جو وڏيڪ چوڻ هو ته هڪ روايت آهي ته "فقير صوفي صديق جيڪو سجاد نشين هو، جنهن سونهري جي واٽين کي پٽيو تڏهن شهر لٽجي ويو"

فقير چوي ٿو تہ سرفراز واهہ سرفراز ڪلهوڙي کوٽرايو جيڪو چمبڙ تائين پهتو هو ان جو باقي ڪم ميرن جي آخري حڪمران مير نصير خان ڪرايو جيڪو ڏگهڙي کان ٽيندو ڳوٺ فقير غلام علي جي مٿان وڃي درياهہ پراڻ ۾ پوي ٿو.

فقير بشير وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ جرنل شالمين حيدرآباد جي قلعي ۾ توبون هلائيندو هو جنهن بعد ۾ ميرن جون زائيفائون حيدرآباد قلعي مان ڪڍي ٽنڊي ٺوڙي پهچايون.

فقير بشير جو شالمين جي باري ۾ خيال پنهنجي جاءِ تي پر رحيمداد خان مولائي شيدائي "جنت السنڌ" ۾ شالمين جو ذڪر ڪجهہ هن ريت ڪيو آهي تہ "حيدرآباد جي قلعي ۾ سرائي (ڪلهوڙو) ميان عبدالنبيءَ پاران شالمين حبشي قلعدار هو قلعي اندر مٽي پاڻي جا پنج کوهہ هئا هر ڪنهن قسم جي اَن جا انبار ۽ گاهہ جون دنيون هيون. بارود سان تجرون پريل هيون، قلعي وارن کي ٻاهرئين غنيم جي حملي کان ڪو خطرو نہ هو مير فتح علي، حاجي احمد خان کي لشڪر ڏيئي قلعي ڏانهن روانو ڪيو ٻن ورهين (2سال) تائين ٽالپري لشڪر قلعي تي گهيرو ڪيو. مگر ڪڙتيل ڪو نہ نڪتو آخر مرراٽين بارود کي باهہ ڏني، جنهن جي ڌڪاءَ ڪري قلعي جي اوڀرندي واري ديوار جو ڳچ حصو ڪري پيو حاجي احمد خان لشڪر سميت قلعي اندر ڪاهي پيو شالمين گرفتار ٿي، ميرن اڳيان پيش ٿيو فاتح مير سندس نمڪ حلاليءَ جي ساراهہ ڪئي ۽ مٿس گهڻيون نوازشون ڪيون.

تنهن ڪانپوءِ شالمين سرائين جي حرم کي وٺي- جوڌپور ڏانهن ويو.
(مولائي شيدائي "جنت السنڌ" صفحو 478)

اهو ذڪر شاهنامہ سنڌ ۾ حيدرآباد جي قلعي جي حوالي ۾ پڻ ٿيل آهي، جڏهن شالمين جوڌپور کان واپس موٽيو هوندو تہ اچي آراڙو سامارو جيمس آباد ۾ ٽنڊوجان محمد ۾ رهيو هوندو ڇاڪاڻ جو ڏگهڙي ۾ شيدي برادري ۾ موجود شالماڻي ذات وارا بہ آهن، جٿين ڪامريڊ سومار شالماڻي

جيڪو در محمد شالماڻي جو والد آهي، مرحوم حاجي خان شالماڻي جيڪو اياز حسين شالماڻي جو والد هو هي اصل ٽنڊوڄان محمد جا آهن، اتان لڏي ڊگهڙي آيا آهن. ساماري جي طرف ڪجهه خاصخيلي برادري جا ماڻهو به شالماڻي سڏائين ٿا.

ڊگهڙي ۾ محمد هاشم شيدي نالي ملهه پهلوان هو جنهن جي اولاد آهي، محمد فضل، محمد حيات عرف حاجن، عبدالغفورؒ ۽ ماستر محمد حنيف ۽ اهڙي طرح عبدالستار به هو جنهن جي اولاد احمد علي ڪوثر، اعجاز احمد، اشفاق علي ۽ سندن پاٻر آهن. محمد هاشم جي اولاد قمبراڻي سڏائي ته عبدالستار جي اولاد پنهنجي ڏاڏي ڦلو جي پويان ڦلاڻي سڏائي. پر پنهي لاءِ اهو به چيو ويندو آهي ته هنن جو شالمين جي نسل سان تعلق آهي.

اهڙي ريت فقير بشير لغاري اهو به چوي ٿو ته جڏهن اڳوڻو سونهري شهر ڏاڙيلن پاران ڦُٽيو ويو ته ڪنڊو شيدي جيڪو سونهري ۾ واٽين جو پاڻي پريندو هو تنهن اچي ڊگهڙي جي پتڻ وٽ ٽڪيو ڪري ويٺل سيد محمد شاهه جيلاني کي ٻڌايو ته "سونهري کي ڏاڙيل لٽي رهيا آهن" جنهن تي سائين محمد شاهه مٽيءَ جي مُٺ پڙهي سرفراز جي ڪنڌي تي ڇٽي ۽ اهو چيو ته "اسان ليڪو ڪڍي ڇڏيو آهي" ڏاڙيل هيڏانهن نه ايندا"

(اهو ڪنڊو شيدي لونگ شيدي جو والد هو ۽ لونگ وري حاجي ڪالو شيدي جو والد هو ۽ حاجي ڪالو منهنجو ناٺو هو) فقير بشير لغاري پنهنجي ڪچهري ڪي اڳتي وڌائيندي چوي ٿو ته سيف الملوڪ ۽ بدي الجمالي، ٻئي پراڻ ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ ڪري ٻڏي مئا، جن جون قبرون پراڻ جي ڪنڌي تي آهن. پراڻ جي ڪنڌي تي واقع ميندرن جون پٽون آهن، راڻو ميندرو هن ڳوٺ جو هو توريي مان تيل ڪيڻ لاءِ تنهن وقت ان ڳوٺ ۾ 300 گهاڻا هئا. درس عثمان ڏاتار پراڻ ڪناري مدفون آهي، سڪريو فقير حضرت بابو سڪريو ملا ڪاتيار جي خانقاهه سان تعلق هئس، سندس آخري آرام گاهه پراڻ جي ڪنڌي تي آهي، ڳوٺ سڪرياري سندس نالي پويان آباد ٿيو آهي. فقير بشير لغاري جو وڏيڪ چوڻ هو ته نوحاڻي ذات

سندن وڏي نو هڪ خان جي پويان پئي آهي، اڳئين وقت ۾ نوحاڻي ۽ ناهيان ميرن جي بنگلن جا نوڪر هوندا هئا.

منڙائو واهہ جو نالو فقير منٺار جي نالي سان پيو آهي، فقير بشير منٺار فقير جو هڪ بيت بہ ٻڌائي ٿو:

تالپر ڏاتتا، ڪلهوڙا گاهہ،
وديوس ڪريو ڍير فقير ڏي باهہ.

فقير بشير جو اهو بہ چوڻ آهي تہ ميندرا پهرين پراڻ ڪناري رهندا هئا، پوءِ لڏي لاڙ ويا. (راڻي ميندري جي جيڪا مومل هئي ان لاءِ بدر ابڙي هئين لکيو آهي تہ "اتر سنڌ تي راڄ ڪندڙ راجا گجر راجپوت کي نو (9) ڌيئرون هيون، مومل، سومل، ساجان، سوڍي، مرم مردان، ڪوڏ، ڪنداهي ۽ مارکي، سومل سڀ کان سياڻي هئي ۽ مومل سڀ کان سهڻي هئي، باقي سڀ سنڌ، جوڌپور ۽ جيسلمير ۾ پرڻيل هيون. سومل گهڻو ڪري پنهنجي ذاتي محل شجرپور ۾ رهندي هئي ۽ مومل پنهنجي پيءُ سان")

(بدر ابڙو "سنڌوءَ جو سفر" 89ع صفحو 662)

ذڪر فقير بشير جي ڪچهري جو. فقير صاحب جو چوڻ هو تہ مالابار سمنڊ جون لهرون جيڪي تسبي جي داڻن جيان هڪٻئي جي پويان اچن ٿيون، انڪري هن کي مالابار سمنڊ چيو وڃي ٿو. ڪاري پاڻي جي سزا، انڊونيشاءَ ۽ برما جي وچ ۾ انڊيمان جو جزيرو جيڪو انڊيا جي هٿ هيٺ آهي، انگريز سنڌ جي ماڻهن کي "ڪاري پاڻي"جي سزا ڏيئي اوڏانهن اماڻيندا هئا.

لفظ کوسو ڪوهسار مان نڪتو آهي، ڪوهہ + سار جبل سنڀاليندڙ يعني پهريدار يا چوڪيدار.

لغار۔ بندر عباس وٽ لغار ندي آهي، لغاري فوج جنگ تي وڃڻ لاءِ تيار ڪو نہ ٿيا، ان ڪري لغاري، سڏيا ويا . لغاري معنيٰ سيني جي مر.

جاٽ معنيٰ جٽ مرميد معنيٰ مهاڻا.

رحيم خان نوتڪاڻي جي ڳوٺ وٽ (چام نندي جي دور ۾)

تنازور پيتي جي رهائش هئي.

پاتي يا پيتي ساڳي ڳالهه آهي.

جت سمات آهن.

مدد خان پٺاڻ بسان سنڌ ۾ پروچ وڙهيا،

زرداري جت آهن ۽ جت پروچ نه آهي.

جيڪي قبيلا ملتان کان ئي سنڌ موٽيا، انهن سرائيڪي زبان استعمال ڪئي، خاصخيلي به انهن مان آهن. جُسڪاڻي، ملڪاڻي، ٻهراڻي ، برهماڻي ، اُهي سمات آهن ڪلوئي معنيٰ ڏوئي.

شيدي ۽ خاصخيلي ايران کان آيا آهن.

ڪپر ندي بلوچستان ۾ آهي ڪپري اتان جان آهن. جدگال معنيٰ جدا ٻولي ڳالهائيندڙ ــ غير.

ٻي جنگ عظيم ۾ پنجاب انگريزن کي فوج ۾ ڀرتي لاءِ ڏهه لک ماڻهو ڏنا هئا.انگريز ٻي جنگ عظيم کان اڳ فوج ۾ صرف نڪر، خاصخيلي ۽ پروچ ذاتين جي ماڻهن کي ڀرتي ڪندا هئا. فقير بشير لغاري جو وڏيڪ چوڻ هو ته ڏگهڙي ۾ موجوده نيشنل بينڪ وٽ ڏگهڙي جو آڳاٽو پرائمري اسڪول هو. اڳوڻي چيئرمين شفيع محمد آرائين جي گهر وٽ به اسڪول هو جتي انگريزي ٽي درجي تائين پڙهائي ويندي هئي. محمدُ سليم لغاري، ظهر الدين جو والد وڏو ڄاڻو ماڻهون هو. آصف جا ڪارواڻي پتائي جو وڏو ڄاڻو هو. ماستر عبدالواحد، پتائي ۽ احمد ملاح جو ڄاڻو هو.

محمد افضل آرائين ديهه 170 وارو ، جنهن ڏگهڙي کان پهرين ديهه 170 ۾ اسڪول ٺهرايو. ڊاڪٽر فيروزالدين جي گهر ڀرسان ٻن ڪمرن وارو اسڪول هوندو هو هڪڙي ڪمري ۾ ڇوڪريون ته ٻي ڪمري ۾ ڇوڪرا پڙهندا هئا.

فقير بشير تاريخ تي روشني وجهندي ٻڌايو ته "ساموئي نگر ونگي ۽ وجوٽي جي وچ ۾ نئون ڪوٽ لڳ هو"بمبيءَ ۾ ٽيهه لک ڪولهي رهن ٿا، بمبيءَ اصل شهر ئي ڪولهين جو آهي، انگريز هن خطي ۾ پهرين ريلوي

لائين تعمير ڪرائي ۽ اتي سامان مسافرن جو ڪولهي ڪٽي پهچائيندا هئا. جن کي انگريز سڏيندو تہ ڪولهي هو پر اُچار "قلعي " نڪرندو هو انهي قلعين جو اصل نالو "ڪولهي" آهي.

ڪولاپور ڪولهين جي اسٽيٽ آهي.

انڊين مشهور ايڪٽر پدمني ڪولاپري بہ ڪولهي آهي، ڪولهي مرائي آهن.

فقير بشير لغاري جن سان رهاڻ پڄاڻي تي پهتي، پر اسان کي اهو معلوم بہ ٿيو تہ فقير صاحب جي لائبريري ۾ پندرانهن هزارن جي قريب ڪتاب آهن. لائبريري جو افتتاح سن 1960ع ۾ پير سائين پاڳاري جن ڪيو هو. فقير صاحب سان گڏ ڪيل ڪچهرين ۾ مون سان گڏ ڪامريڊ سومار شالماڻي، چندي رام استام وينڊر، اقبال جت ۽ در محمد شالماڻي جو پرپور ساٿ رهيو.

مريد جروار "رول" سان ڳالهہ ٻولهہ

مريد جروار کي "رول" انڪري چيو ويندو آهي تہ هي اڪثر ڪنهن هڪ جاءِ تي نہ ملندو آهي. زندگي جو گهڻو عرصو پنڌ هلندي گذاريو اٿس. ڪنب جي نوحاڻين سان ياريُ هٿس. مريد جروار جو چوڻ آهي تہ ڪنب جو جيڪو قبرستان آهي، ان ۾ هڪ قبو مٺو نوحاڻي جو آهي مٺو منهنجو دوست هو ۽ سخت طبعيت جو ماڻهو هو.ڏگهڙي ۾ موجوده ڪولهين جي پاڙي وٽ ڪولهين جو وڏو ڳوٺ هو. مير بتده علي جي والد جو نالو مير محمد حسن هو مير گهوڙي تي ايندو هو ۽ آڏي گلي وارو پهراڻ اڪثر پائيندو هو.

ڪريمداد جروار ملهہ پهلوان هو.

مريد جو وڏيڪ چوڻ هو تہ مون سمن سرڪار کي جيئري ڏٺو .

محمد هاشم شيدي بہ ڏاڍو سٺو ملهہ پهلوان هو.چوڌري محمد شريف جي پيءُ جو نالو محمد اسماعيل ۽ ستدس ڏاڏي جو نالو علاؤالدين هو.ڏگهڙي

۾ مير غلام حيدر جي ڪڪاڻي اوطاق هوندي هئي. مير حاجي محمد حيات جو والد مير حاجي فتح خان سدائين اجرڪ جو پٽڪو ٻڌندو هو.

(هي ڳالهه ٻولهه تاريخ 2011_11_30 تي ڊاڪٽر غلام الله جروار جي ڪلينڪ ڏگهڙي ۾ ٿي، جتي ڊاڪٽر صاحب به موجود هئا.)

رپ ۽ بروو

ڪي ٽي اين تان تاريخ 2012_5_6 تي پروگرام "تاريخ" نشر ٿيو جنهن ۾ محقق ڊاڪٽر اسد جمالي پلي ۽ فقير بشير لغاري جي گفتگو شامل هئي.

محققن جو چوڻ هو ته شهزاديءَ رپ ڪلياڻ بادشاهه جي نياڻيءَ هئي، جنهن تي بروو عاشق هو. ڏگهڙي جي ديهه ڳانيو ۽ تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي حصن تي ڪلياڻ رياست قائم هئي. بروو عشق ۾ ان حد تائين محور رهيو جو ڪاسائي جي معرفت پنهنجي جسم جو گوشت ڪوري حويلي ۾ شهزادي رپ ڏانهن اماڻيندو هو ۽ شهزادي ڪاسائي کان مليل گوشت جانور جو سمجهي، کائيندي رهي، محققن جو وڌيڪ چوڻ هو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ مولوي احمد ملاح ان قصي کي ڳايو آهي.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلياڻ آڏواڻي واري سهيڙيل رسالي ۾ صفحي 367 تي سُر رپ جو مشهور بيت هيٺيون ڄاڻايل آهي.

تهائين کان تينهن، سک منهنجا سپرين!
سڙي سارو ڏينهن، ٻهر ٻاڦ نه نڪري

اهڙي ريت رسالي ۾ مڪمل "رپ" سر ڄاڻايل آهي ۽ هن عظيم عشق جي داستان جو تعلق به ڏگهڙي جي پسگردائي سان ملي ٿو.)

خاناڻي ٽالپر ڏگهڙيءَ

سنڌ اسيمبلي جي ضلعي ميرپورخاص جي تڪ PS_66 يعني تعلقي ڏگهڙي ۽ تعلقي جهڏي تي ڏگهو عرصو ايم پي اي رهندو ايندڙ مير

حاجي محمد حيات خان ٽالپر جو تعلق خاناڻي ٽالپرن سان آهي سندس وڏا خانپور جا هئا. خانپور جا خاناڻي ٽالپر سکيا ستابا هئا. سندن خاندان ۾ مقصود خان ۽ علودو خان وڏي نالي وارا همراهه ٿي گذريا آهن

خانپور لاءِ مشهور تاريخدان معمور يوسفاڻي صاحب لکي ٿو ته "هن ئي هنڌ ٽالپرن جي دور جي شروع ۽ ڪلهوڙن جي دؤر جي آخر ۾ "خاناڻي" ميرن جو تاريخي شهر "خانپور يا ڪن " هو جيڪو ناري پٽ جي مشهور مجذوب فقير " عبن دهلڙي واري" جي پاراتي سان برباد ٿيو. هوهڪ دفعي ميرن ۽ لڪياري سادتن جي تڪرار ۾ ساداتن جو طرف وٺي ميرن ڪان سيدن جون مينهون ڇڏائڻ لاءِ ويو ميرن نه رڳو جواب ڏنو پر هنن ساداتن کي به ڪافي برو ڀلو ڳالهايو جنهن تي فقير صاحب کي جوش اچي ويو ۽ هن دهلڙيءَ وڃائي هينيون بيت ڏنو.

"پلي" اڳي پڌرو پيو پيلي ٿيس "رام"
"علودي" ۽ "مقصودي" جي ڪُنڊي رهندي ڪان.
ٻئي هن پٽ ۾ ڪم ڪندي ڪا نه
"خانپور" جا خان لڏي لهنوارا ٿيا.

(ڪتاب اُنا مينهن ملير، معمور يوسفاڻي صفحو 158)

هڪ ته خانپور جو لهوارو پاسو ڏکڻ ۾ ساماروءِ ڪنري وغيره. ڏگھڙي ته اولهه ۾ اٿس ۽ پيو مجذوبن لاءِ انتهائي احترام ۽ معمور يوسفاڻي (پلي) صاحب جي تاريخي ڪاوش کي سلام پر تاريخ ڪجهه پيو به پڌائي رهي آهي ڇاڪاڻ جو عبن فقير خاناڻي ميرن کي تڏهن پاراتو ڏنو هو جڏهن ميرن "ٽالپرن" جي حڪومت اڃان سنڌ ۾ ڪا نه هئي، پوءِ ميرن سنڌ جا واڳ ڌڻي ٿيا، ۽ خاناڻي، ٽالپر خانپور مان ڪافي پوءِ لڏيا آهن ۽ ويرا وير وڏ آهن، ڏوليا ڪونه آهن.

ڪتاب "تاريخ ڳوٺ ڏيڏياڻ پرڳڙي" ۾ پڌ پري گوسوامي ۽ پيا ساٿس گڏيل ليکڪ صفحي 11 ۽ 12 تي لکن ٿا ته "حمير سومري " جي دؤر جي ڳالهه ٿا ڪن ته "رندو واهه" شهر جي اولهه ڏکڻ وهندو اتر اوير ويندو هو "اهو

واهه پراڻ مان نڪري" چونري "لانڍي گل حسن" کان ٿيندو هت ايندو هو. ڏينگاڻ کانپوءِ مخدوم رام جاڳو تائين وهندو هو. خانپور (اهو پراڻو ڳوٺ مخدوم رام جاڳو جي ويجهو آهي) جو خاناڻي ميرن نئين سر ٻڌايو هو. جڏهن مير مبارڪ جو مقبرو ٺاهيو پئي ويو تڏهن انهي جا پٿر انهي رندي واهه جي رستي حيدرآباد جي طرفان ٻيڙين جي ذريعي آندا ويا. انهي واهه مان ٻيڙين رستي ماڻهو سفر ڪندا ۽ سامان آڻيندا هئا. خانپور جي قتل شهر ۽ مخدوم رام جاڳو بابت جهونن کان حقيقتون مليون آهن. اهي ڏيکارين ٿيون ته اهو مقام توڙي اهي ڳوٺ ڪلهوڙن جي صاحبي کان گهڻو اڳ جا آهن ۽ مير صاحبن پوءِ نئين سر انهي کي خانپور نالو ڏيئي آباد ڪيو هو.

تنهن کانسواءِ اتان خان واهه به وهندو هو سو شايد رندي واهه جو نالو اتي خان واهه رکيل هجي يا رندي واهه جي خان واهه هڪ برانچ يا شاخ هجي".

جنت السنڌ ۾ لکيل آهي ته "هوتڪ جي پاءُ علي ٽالپر جنهن کي عالي به چون تنهن کي به پٽ هئا. مير دريا خان ۽ ٻيو مير مبارڪ خان. دريا خان جي اولاد خاناڻي ٽالپر سڏائي ٿي ۽ مير مبارڪ جي اولاد خاناڻي ٽالپر. مير مبارڪ خان کي ٽي پٽ ٿيا هئا. هڪ تاجو ٻيو علودو خان ۽ ٽيو مقصودو خان انهن مان وري مير مقصود خان کي به پٽ ٿيا. علي خان ۽ شاهه علي. ۽ مير شاهه علي ٽالپر کي اولاد ۾ ٽي پٽ ٿيا. حيدر علي، بهاول خان ۽ مير علي محمد ٽالپر (اول) ۽ انهي مير علي محمد ٽالپر کي وري پنج پٽ ٿيا هئا جن ۾ پهريون احمد علي ٻيو علي مراد ٽيو غلام الله. چوٿون مير غلام حيدر ٽالپر (اول) ۽ پنجون شاهه علي ان مير غلام حيدر ٽالپر (اول) کي اولاد ۾ به پٽ ٿيا هئا هڪ مير ولي محمد ٽالپر ۽ ٻيو جان محمد ٽالپر (اول). مير ولي محمد ٽالپر کي ڪو به اولاد نه ٿيو هو ۽ مير جان محمد ٽالپر (اول) کي اولاد ۾ ڏگھڙي وارا ٽي مشهور ٽالپر ٿي گذريا آهن. هڪ مير حاجي غلام حيدر خان ٽالپر (دوم) ٻيو مير حاجي احمد خان ٽالپر ۽ ٽيو مير حاجي فتح خان ٽالپر جي صورت ۾ ٿيا آهن. ان مير حاجي فتح خان ٽالپر جو وڏو پٽ

آهي مير حاجي محمد حيات خان ٽالپر ۽ سندس پٽن ۾ ٽي آهي مير علي محمد خان ٽالپر (پيو) جيڪو ڏگهڙي شهر جو سابق چيئرمين / ناظم رهي چڪو آهي اهو آهي ڏگهڙي جي خاناڻي ٽالپرن جو اختصار سان آندل شجري جو وچوڙ"

اهڙي طرح ڪتاب "سنڌ ۾ جاگيرن جي تاريخ" ۾ اچي ٿو "ته مير غلام حيدر ٽالپر (اول) پنهنجي ٽن مٿي ڄاڻايل پٽن مير غلام الله، مير احمد علي ۽ علي مراد سان گڏ مير صوبدار جو ملازم هو جنهن کان هن جاگيرن جون ٽي سندون ورتيون هيون، منجهائن پهرين سند تي 2 ڊسمبر 1837ع ٻيءَ سند تي 27 آڪٽومبر 1838ع ٽين سند تي 20 جون 1839ع جون تاريخون لکيل آهن. سنڌ جي فتح کان اڳ پنهنجي پٽن سميت وٽن انهن سندن هيٺ ٻاٽيلا، گجا،شهاب الدين ، ناهيڪي ۽ سپڪي ۾ جاگيرون هيون.......... غلام حيدر ٽالپر (اول) جولاءِ 1851ع ۾ وفات ڪري ويو هو".
(سنڌ ۾ جاگيرن جي تاريخ حسين بادشاهه صفحو 386,385 سال 2005ع).

اهو مير غلام جيدر ٽالپر (اول) فاتح سنڌ مير فتح علي ٽالپر جي پٽ مير صوبدار ٽالپر وٽ ملازم هو ۽ شهيد هوش محمد شيدي به ان مير صوبدار وٽ ملازم هو.

مير حاجي غلام حيدر ٽالپر (پيو) جيڪو شهر ڏگهڙي ۾ راڄ جي والي واريءَ حيثيت رکندو هو سندس وفات حيدرآباد ويجهو ريل جي ڦاٽڪ مٿي سندن جيپ ۽ ريل گاڏي جي ٽڪر سان 21 رجب 1372 هجري بمطابق 1953ع ۾ تقريبن 60 سالن جي ڄمار ۾ ٿي هئي، ڪيس هڪ ئي پٽ مير حاجي جان محمد ٽالپر (پيو) جي نالي سان هو تنهن حاجي جان محمد ٽالپر (پيو) کي چار پٽ ٿيا، هڪ مير غلام حيدر ٽالپر (پٽيل) (ٽيون) جنهن جي وفات مڪي مڪرمه ۾ 6 ذوالحج 1430هجري بروز اڱارو 24 نومبر 2009 ع تي بيماري سبب ٿي، پيو مير زاهد حسين ٽالپر جيڪو 2005ع ۾ ڏگهڙي

جو تعلقہ ناظم چونڊيو ويو هو. تيون مير محمد اڪرم ٽالپر ۽ چوٿون مير شهداد عرف مير ڪاشف ٽالپر آهي.

تاريخ ۾ اچي ٿو تہ ٽالپرن ۾ مير شهداد ٽالپر اهو پهريون ماڻهو هو جيڪو سنڌ اچي ڪلهوڙن جو سپهہ سالار ٿيو ۽ سنڌ جو شهر شهدادپور سندس نالي سان منسوب آهي ۽ شاهپور چاڪر جو شهر سندس پٽ چاڪر خان ٽالپر جي نالي پويان سڏجي ٿو جنهن جي اولاد خيرپور رياست جا سهراباڻي ٽالپر آهن. اهو مير شهداد خانپور واري مير مبارڪ خان خاناڻي جو سڳو سئوٽ هو. ميرپورخاص ۾ مير جي لانڊي وارا مانڪاڻي ٽالپر (مير) سندس چاچي مانڪ جي اولاد آهن. ۽ سنڌ جا فاتح حيدرآباد وارا شهداداڻي مير بہ سندس اولاد آهن انهن ميرن (ٽالپرن) ۾ پنهنجي وڏن جي نالن پويان سندن پاڙن جا نالا الڳ الڳ پيل ڏسجن ٿا پر بنيادي طرح پاڻ ۾ هڪ آهن. يعني اهي مير سليمان ڪڱي ٽالپرَ جو اولاد آهن. اهڙي طرح ٽالپرن ۾ وري چوٺلاڻي ٽالپرن جو وڏو تعداد آهي. جيڪي چوٺل خان جي نالي پٺيان چوٺلاڻي سڏائين ٿا. پر ٽالپرن جي گڏيل شجري ۾ مونکي ڪٿي بہ چوٺل خان جو نالو نظر نہ آيو آهي. البتہ چل جو نالو ملي ٿو جيڪو هليلاڻي هو ان کي خداداد نالي پُٽ ٿيو هو جنهن کي وري بہ پٽ نالي مراد جنهن جو اولاد مراداڻي ۽ بهار جنهن جي اولاد بهاراڻي آهي ٿيا هئا. مير مبارڪ قبرستان کي سخي مبارڪ قبرستان بہ چون. سندس مزار تي هيئين لکيل آهي "مبارڪ خان ولد علي بن ڪڪو بلوچ (فقير) وفات 1157 هجري جيڪا صدي عيسوي ۾ ٿيندي 1744ع " تنهن وقت ۾ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي صاحبي هئي ۽ حڪمران نور محمد ڪلهوڙي وارو دور هو.

خدا بخش خان مري پنهنجي ڪتاب "سرچ لائيٽ آن بلوچستان" جي صفحي 198 تي لکي ٿو تہ مير ڪڱي خان جي پوٽي "مير شهداد خان ولد مير هوتڪ خان ٽالپر پنهنجي فوجي اهليت سبب بروچن جي جداجدا گروهن کي پاڻ ۾ ملائي پنهنجو ڪيو هو ۽ مقامي بغاوتن کي بند ڪرڻ سبب سندس بهادري مشهور ٿي ويئي هئي، تنهن ڪري دهلي جي دربار مان

ڪيس پٽ باران جو علائقو (شهدادپور ۽ ان جي آس پاس وارو علائقو) جاگير ۾ مليو هو. ڪلهوڙن به ڪوشش ونئي ڪيس پنهنجو ٻڌايو ۽ لشڪر جو سالار مقرر ڪيو.

واضح ڪيان ته مير مبارڪ خان خاناڻي جي وفات 1744ع ۾ ٿي آهي اهو سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي صاحبي جو وچ وارو دور آهي تڏهن ٻه ان وقت خاناڻي ٽالپرن جو ڳوٺ "خانپور" موجود هو.

مير مبارڪ جي مزارجي اوير پاسي کان مير علودي جي قبر هئي جيڪاهاڻ ميساريل آهي ۽ مير مبارڪ جي مزار جي اولهه طرف کان مير مقصودي جي قبر آهي، جنهن تي به وفات جي تاريخ ڏنل آهي، الهبچائي آريسر جي قلمي نسخي موجب " هي قبرستان رام جاڳي مقام کان اتر طرف صالح پنيري طرف کان رام جاڳي ڏانهن ويندڙ رستي جي ڏکڻ طرف رستي لڳ. رام جاڳي مقام کان فرلانگ ڏيڍ تي هڪ بلاڪ ڪن جي ايراضي ۾ پکڙيل آهي.

مقام جي اترئين ڇيڙي ۾ مير مبارڪ ۽ سندس ڪٽنب جي افرادن جون تربتون آهن، جيڪي سڀ چٽيل پٿر مان جوڙيل آهن. مير مبارڪ جي قبر مٿان انهن ٽنهين سان ڇٽيءَ ٺهيل هئي، مگر ٿورو وقت اڳ پنج ٽنب ڇٽيءَ سميت ڪري ويا. باقي ٽي ٽنب ٿوري اٿڪ تي اجا بيٺل آهن".

پر اهي ٽيئي ٽنب به هاڻ ميسارجي ويل آهن ۽ انهي قبرستان ۾ ڏونڪائي، ڪوسا، پرڳڙي خاصخيلي ۽ ٻيا ماڻهو پڻ دفنايا ويندا هئا. اهو قبرستان ميرن جي ڦٽل خانپور جي ڏکڻ ۾ واقع آهي، سيد منظور حسين شاهه لڪياري ٽنڊوجان محمد (دونهانئو شريف) وارو ٻڌائي ٿو ته "سيد موليڏنو شاهه لڪياري سيدن جو وڏو سو هن تر ۾ ايندڙ پهڙيون ماڻهو هو جيڪو پنهنجن کان ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿي دادو جي لکيءَ کان لڏي خاناڻي ميرن جي ڳوٺ خانپور ۾ آيو هو، جتي بيروزگاري سبب ميرن کان ڪم گهريو هئين. ميرن وراڻيو هيو ته ڪو به ڪم ڪونهي البته اسان جون مينهون/ ڍور آهن سي پلي وجي چار اهڙي طرح لڪياري سيدن جو سلسلو

هن تر ۾ وڏيون دونهانئو شريف جا سيد پڻ خانپور مان آيل آهن، ۽ نئون ڪوٽ لڳ سادات راضي شاهه لڪياري ڏيرو واري جو اصل ڳوٺ ميرن وارو خانپور هو سندس پهرين گهر واري به اتي وفات ڪري ويئي هئي. ڏگهڙي جي اڳوڻي تعلقي ناظم مير زاهد حسين ٽالپر جو چوڻ آهي ته "اسان جي وڏن جي خانپور ۾ 25 هزار ايڪڙ زمين هئي" ۽ جي مير زاهد حسين ٽالپر 25 هزار مير بيگهس چوي پيو ته پوءِ به اها ساڍا ٻارنهن هزار ايڪڙ ٿي ۽ آزاد ذريعا 5 کان 6 هزار ايڪڙ زمين خانپور ۾ خاناڻي ميرن جي هجڻ جو ڏسين ٿا.

مير جان محمد خان ٽالپر (اول) تقريبن 85_1880ع ڌاري ڏگهڙي جي طرف آيو هوندو مير زاهد ٽالپر جو وڌيڪ چوڻ آهي ته " اسان جا وڏا پهرين لڏي راڄو خاناڻي ويا پر پوءِ لڏي ڏگهڙي لڳ ڳوٺ ڀُوڻ تي اچي ويٺا هئا ساڻن گڏ آيل سيد محمد شاهه جيلاني جي چوڻ تي ڏگهڙي جي موجوده شهر ڀنجي ويل جي ڀڊڻ تي اچي ويٺا هئا " مير جان محمد ٽالپر (اول) جو خانپور مان لڏڻ وارو وقت سنڌو درياءَ ۾ شديد پاڻي جي ڪوٽ اچڻ وارودؤر ٿي سگهي ٿو. ريڪارڊ ٻڌائي ٿو ته ڪجهه وقت پوءِ پاڻي جي اٿاٽ هئي، توڙي جو منڙائو واهه ٻان نالي انگريز جي اڳواڻي ۾ 1879 ع ۾ تعمير ٿي چڪو هو ۽ سندس نالي پٺيان هن کي ٻان واهه به چوندا آهن. منڙائو واهه تي اهو نالو مني فقير جي پوئيان پيو آهي، ۽ ان کي سُنهين جي نالي سان به سڏين ٿا 1885ع کان 90 ع ڌاري امن امان ۽ پوءِ 93_1891ع ۽ 95_1894ع ۾ سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي ڪوٽ ۽ برساتن نه پوڻ ڪري ڏڪار جا اُهڃاڻ نظر اچن ٿا. (ڏسو ڪتاب سنڌ جا پير ۽ برطانوي راڄ) ۽ ان وقت ۾ حر تحريڪ جي آمد هئي، جنهن جي انگريزن سان ٽڪر هجڻ ڪري عمر ڪوٽ جي انهي تر ۾ امن امان جي بگڙڻ جا اثر ٿي سگهن ٿا، عين ممڪن آهي ته پاڻي جي ڪوٽ ۽ خشڪي جي ڪري زمين مان وڏي تعداد ۾ ماڪوڙن جي ويا نڪتي هجي جنهن وڌيڪ عذاب ڪيو هجي، جنهن سبب لڏپلاڻ ٿي هجي . باقي اهو چوڻ ته ميرن جو خانپور "کن پل" ۾ پاراتي

سان ختم ٿي ويو اهو صحيح نہ ٿو لڳي، ڇاڪاڻ تہ "ڪتاب راضيؒ شاھہ لڪياري جو رسالو" يا "مهراڻي جو مير" ۾ ڊيڪاريل آهي ابن فقير دهلڙيءَ واري جي ميرن کي پاراتي ڏيڻ وقت سيد راضي شاھہ جي عمر 8/7 سالن جي ٻڌائي وڃي ٿي ان کان پوءِ بہ پاڻ ڪافي عرصو اتي رهيو آهي خانپور بعد ۾ معروضي حالتن سبب اجڙيو آهي(ڪتاب مهراڻي جو مير جي صفحي 65 تي ڊاڪٽر اسد جمال پلي لکي ٿو تہ "سيد صالح محمد شاھہ عرف راضي شاھہ جي ولادت 1754 ع ۾ وفات 1844ع ۾ ٿي آهي".

بدين جو شهر هنڊالو ۾ راڄو خاناڻي بہ خاناڻي ميرن جي حوالي سان سڃاڻپ رکن ٿا. ٽنڊو ڄام ۾ پڻ خاناڻي ٽالپر رهن ٿا. ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪندڙ مير فتح علي ٽالپر جي والده ماجده بہ خاناڻي ٽالپر هئي.

زاهد ڪنير جو چوڻ آهي تہ " ٽنڊو جان محمد لڳ ڳوٺ مير خدا آباد ٽالپر بہ خانپور کان آيل ٽالپرن جو ڳوٺ آهي، اهڙي طرح امن آباد لڳ ڳوٺ سورهڏي پڻ خاناڻي ٽالپرن جو آهي" ۾ سنڌ جي ٻين هنڌن تي بہ خاناڻي ٽالپر رهندا هوندا.

مير عبدالحسن ٽالپر سورهڏي واري جو چوڻ آهي تہ "مير مبارڪ قبرستان" اسان جي وڏن جو آهي انهي جي آئون مرمت ڪرائيندس تہ جيئن سنڌ جي هن تاريخي قبرستان جو وجود سالم رهي سگهي"

مير مبارڪ قبرستان ۾ هڪ قبر تي ياره بن جيوڻ لکيل آهي ان جي اولاد ياراڻي ٽالپر سڏائي ٿي ۽ هڪ قبر دريا خان ٽالپر جي آهي ان جي اولاد دريا خاناڻي ٽالپر سڏائي ٿي.

واضح رهي تہ ڏگهڙي ۾ سورهڏي جا خاناڻي ٽالپر هاڻ ميتن لاءِ ڏگهڙي جي "محمد شاھہ جيلاني " وارو قبرستان استعمال ڪندا آهن.

اهو بہ ذهن ۾ رکجي تہ ڪلهوڙن جي سنڌ ۾ حڪومت جو دؤر 1701ع کان شروع ٿئي ٿو ۽ 1782ع تائين هلي ٿو مير مبارڪ جي قبر جي تعمير 1744ع ۾ ٿي آهي يعني ڪلهوڙن جي حڪومت جي اڌ دور ۾ مطلب 43سال بعد تہ ان عرصي کي ڪلهوڙن جي دؤر جي پڇاڙي يا ميرن جي دؤر

جي شروعات نہ ٿو ڇٽي سگھجي ڇوڻ جو مقصد تہ ”کن پل“ وارو پاراتو تقريبن اڌ صدي جي ڄمار کي نہ ٿو ڳڙڪائي سگھي. (جيئن ڇيو وڃي ٿو تہ ابن فقير پليءَ جي پاراتي سبب ميرن جو خانپور ”کن پل“ ۾ ڦٽي ويو) محض پنهنجي ڳالھ کي هٽي ڏيڻ سان حقيقت کي مستقل لڪائي نٿو سگھجي حقيقت پسندي ضروري آهي.

❊

مير زاهد حسين ٽالپر (خاناڻي)

اڳوڻو تعلقي ناظم ڏگهڙي

هي 28 جولاءِ 2013ع آچر جو ڏينهن هو رمضان شريف جو 18 (ارڙهون) روزو ۽ منجهند جا 12 لڳي 20 منٽ ٿيا هئا. اسان مير زاهد حسين ٽالپر جي بنگلي تي پهتاسين ڪمري ۾ اسان کان اڳ مير ياسين، مير فيصل، مير زاهد سان گڏ ويٺل هئا. ٽي وي هلي پئي ۽ ٽي وي تي گذريل رات جو T_20 سيرز جو پهريون ميچ جيڪو پاڪستان ويسٽ انڊيز کان کٽي ويو هو. ان جي هاءِ لائيٽ (رڪارڊنگ) اچڻ واري هئي.

مير زاهد حسين ٽالپر اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ اسين ڪچهري لاءِ ويهي رهياسين . ڪجهه وقت ترسي اسان مير زاهد کي چيوسين ته اسان "ڏگهڙيءَ جي تاريخ" جي نالي سان ڪتاب لکڻ پيا. توهان خاناڻي ٽالپرن جي ڏگهڙي اچڻ واري واقعي تي روشني وجهو.

مير زاهد حسين ٽالپر ٻڌائڻ شروع ڪيو ته خاناڻي ٽالپر، خانپور کان ڏگهڙي آيا آهن. اسان جي وڏن جي خانپور ۾ 25 هزار ايڪڙ زمين هئي، هن وڏيڪ چيو ته مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جي وفات وقت عمر (ڄمار) تقريبن 60 سال هئي. هو 1953ع ۾ وفات ڪري ويو آهي. سندس وفات جو سبب سندن جيپ جو حيدرآباد لڳ ڦاٽڪ تي ريل گاڏي سان ايڪسيڊنيٽ هو. مير حاجي فتح خان جيڪو مير حاجي محمد حيات جو والد هو ان جي وفات وقت ڄمار تقريبن 73 سال هئي. هُن چيو ته اسان جي ڏاڏيءَ جنهن ڏگهڙي ۾ مسجد ٺهرائي هئي، جيڪا هينئر ميرن جي مسجد يا قباءَ مسجد سڏجي ٿي. اسان جي ڏاڏيءَ جي وفات 1961ع ڌاري ٿي آهي. مسجد جي ڪم جي پهرئين نگراني مير حاجي غلام حيدر ڪندو هو ان جي وفات ڪانپوءِ مسجد جو رهيل ڪم مير حاجي فتح خان پورو ڪرايو هو.

مير زاهد خان جو چوڻ ته خانپور ۾ اچي ماڪوڙا نڪتا هئا جن کان تنگ ٿي اسان جا وڏا اتان لڏيا هئا. زاهد وڌيڪ چيئي ٿو ته محمد شاهه جيلاني جي ان وقت چمار به نئيي هئي ۽ هو اسان جي وڏن سان گڏجي هت آيو هو. ۽ ڏگهڙي ۾ موجوده سندس مزار واري جاءِ تي رهي پيو هو. ۽ اسان جا مائٽ ڏگهڙي لڳ ڏکڻ ۾ ٽنڊوباگو روڊ لڳ ڳوٺ ڀُوڻ تي رهڻ لڳا هئا پوءِ محمد شاهه جيلاني هُنن کي سڏي ڏگهڙي ۾ موجوده هنڌ وهاريو هو. اسان جي مائٽن هن جاءِ کي ڏسي چيو هو ته هتي جهڪاڻ آهي، پاڻ ٻوڏ جي صورت ۾ ٻڏي ويندا سين. جنهن تي جيلاني کين چيو هو ته آئون دُعا ٿو ڪريان پاڻ ڪونه ٻڏندا سين. زاهد جو اهو به چوڻ آهي ته وڏي مير جان محمد کي پُٺن تي هڪ ڳوڙهي نڪتي هئي جنهن لاءِ هڪ انگريز ڊاڪٽر کي هت گهرايو ويو هو. مير زاهد پنهنجي بنگلي کان اولهه طرف هٽ جو اشارو ڪندي چوي ٿو ته 1901ع کان اڳ هرڻ جو شڪار به هت ٿيو هو. هُن جو اهو به چوڻ هو ته خانپور کان ميرجان محمد ٽالپر سان گڏ سندس پاءُ ولي محمد به هت (ڏگهڙي) آيو هو. ولي محمد کي اولاد ڪونه ٿيو هو. مير زاهد جو اهو به چوڻ آهي ته ٽالپرن جو جيڪو شجرو مون ڏٺو آهي ان ۾ چوئل خان (چولاڻي ٽالپر اولاد اٿس) جو ڪٿي به ذڪر نظر نٿو اچي، مير زاهد 2005ع ۾ ڏگهڙي تعلقي جو ناظم چونڊجي آيو هو. (ٻي طرف خبر پئي ٿي ته خاناڻي ٽالپرن واري خانپور لاءِ ڪامران اعظم پنهنجي ڪتاب اقوام سنڌ "اردو" جي صفحي 141 تي لکي ٿو ته "1734ع ۾ نور محمد ڪلهوڙي کان ميرن کي خانپور واري علائقي جي سَند ملي.) يعني خاناڻي ٽالپر خانپور واري هنڌ 1734ع ڌاري آيا هئا. ميان نور محمد ڪلهوڙي جو سنڌ تي حڪومت ڪرڻ جو وقت 1718ع کان 1755ع آهي مير مبارڪ جي وفات 1744ع ۾ ٿي آهي. مطلب خانپور ۾ اچڻ کان ڏهه سال پوءِ ۽ خانپور مان لڏي سندن ڏگهڙي اچڻ وارو دؤر 85_1880ع جي آس پاس آهي. نوٽ: مير زاهد حسين ٽالپر سان ڪچهري وقت مون سان گڏ اقبال جت، درمحمد شالماڻي. محمد وسيم ڪيچي، سڪندر سومرو ۽ عبدالسلام ابڙينگ پڻ گڏ هئا.

خاناڻي ٽالپرن جو شجرو

(ميجر گولڊ سمٿ جي بيان موجب ميرمبارڪ خان ولد عالي جو اولاد خاناڻي سڏجن ٿا)




(ڏگهڙي جا ٽي خاناٽي تالپر)
مير حاجي غلام حيدر تالپر
مير حاجي احمد خان تالپر
مير حاجي فتح خان تالپر
مير حاجي جان محمد تالپر
مير غلام حيدر خان
مير زاهد حسين
مير محمد اڪرم
شهداد
عرف مير ڪاشف
مير جان محمد عرف مير چاني
حاجي محمد حيات
علي محمد خان
عبدالرحمان
مشتاق خان
نياز محمد
خالد حسين
مير منظور خان
مير احمد خان
شرجيل
محمد حسن
يوسف خان
مير فتح خان
مير ذوالفقار
رافيع
مير طارق خان
مير شارق خان
مير انسر خان
مير عذير خان

چوئلاڻي ٽالپرن جو شجرو




الهڏنو
اسماعيل خان
محمد ابراهيم
احمد خان
محمد حسن
عطا محمد
علي محمد
غلام علي
غلام رسول
نياز محمد
مختيار عرف جان محمد
سائين بخش
غلام حسين
محمد فاروق
عبدالحفيظ
محمد يونس
عبدالحميد
عبدالمجيد
محمد ياسين
ابراهيم
محمد ملوڪ
محمد ايوب
محمد حنيف
محمد امين
محمد لائق
محمد شريف
محمد رفيق
عبداللطيف
عبدالخالق
مقصود
توفيق
زبير احمد
پرويز احمد
ظهير احمد

مير حاجي محمد حيات ٽالپر MPA ڏگھڙيءَ

ايم پي اي، مير حاجي محمد حيات ٽالپر جن جو چوڻ آهي تہ مير جان محمد ٽالپر (اول) وڏي ڄمار ۾ ڏگھڙي ۾ وفات ڪري ويو هو .سندس ڄمار ان وقت تقريبن 91_90 سال رهي هوندي،

محمد شاھ جيلاني بيماري سبب ڪوٽڙي لڳ حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو. مير جان محمد ٽالپر (اول) محمد شاھ جيلاني جو جسم خاڪي ڏگھڙي آڻي موجوده سندس درگاھ واري هنڌ دفنايو هو. ڪوٽڙي ۾ جيلاني، بيماري جي ڪارڻ پنهنجي عزيز وٽ ويل هو.

مير حاجي محمد حيات ٽالپر جو وڏيڪ اهو چوڻ هو تہ اسان جا وڏا مير جان محمد ٽالپر (اول) ۽ مير ولي محمد ٽالپر جن تقريبن 85_1880ع ڌاري خانپور/ ڪن ڪان هن طرف. ڏگھڙي لڳ ٽنڊوباگو روڊ تي ڳوٺ ٻوڙ تي اچي رهيا هئا. سندس اهو بہ چوڻ آهي تہ اسان خانپور ڪان سڌو ڏگھڙي آيا هئاسين، راڄو خاناڻي وغيره نہ ويا هئاسين.

(نوٽ) هي ڳالھ ٻولھ سامارو شهر جي سنڌ ٽي وي جي نمائيندي ڏاتر بخش سينهڙي جي مير صاحب سان سندس ڏگھڙي واري بنگلي تي ٿي هئي ،جتي درمحمد شالماڻي وسيم راهمون (ڪڇي) ۽ اقبال جت بہ موجود هئا.

ماستر محمد لائق چوٽلاڻي ٽالپر

سائين محمد لائق ولد حافظ عطاالله جن ٽالپرن جي چوٽلاڻي پاڙي سان تعلق رکن ٿا.

ماستر محمد لائق چوي ٿو تہ سندن وڏا تقريبن 22_1921ع ڌاري ٽنڊوڄام ڪان لڏي ڏگھڙي آيا هئا، سندن ڪجھ گھر سڌو ٽنڊوڄان محمد هليا ويا هئا ۽ ڪجھ هت ڏگھڙي شهر ۾ ٿي رهي پيا هئا. هنن جي اڳ رهائش ڏگھڙي جي وارڊ نمبر 2 ۾ خاناڻي ٽالپرن جي گھرن جي ويجهو هئي.

محمد لائق ٽالپر جي چوڻ موجب اهي پڇ اسان جي وڏن جي آباد ٿيڻ ڪان اڳ مٽي جي ڪاڻ وارن پرڳڙين جا هئا. سي اسان جي وڏڙن جي آباد ٿيڻ

ڪان اڳ اهي هنڌ ڇڏي لڏي ويا هئا. ماستر لائق جي چوڻ موجب نواب يوسف ٽالپرن وارن جو لاڳاپو انهن پرڳڙين سان آهي.

هو وڌيڪ چوي ٿو تہ اسان جي ماڻٽن جي اِت چوريءَ ٿي هئي. جنهن سبب مير حاجي غلام حيدر ٽالپر ڪوسن کي جيڪي انوقت سيدن جي موجوده گهرن جي طرف رهندا هئا. تن کي اُتان لڏائي اسان جي ماڻٽن جي گهرن جي پويان ويهياريو هو. اهو 27_1926ع جو زمانو هو جڏهن اڪبر عرف اُڪو ڪوسو جيڪو احمد ڪوسي جو والد هو تنهن پنهنجا گهر ات اچي اڏيا جتي هاڻ بہ سندن اولاد ويٺي آهي.

ماستر لائق جو ڏويڪ چوڻ آهي تہ تن ڏينهن ۾ مُنو خاصخيلي جي والد خميسي خاصخيلي جو هت گهر موجود هوجنهن مان لائق جي ماڻٽن کي شروع ۾ ماني پڻ ملندي هئي. ۽ مُنو خاصخيلي وارن جي مير حاجي احمد خان ٽالپر خاناڻي سان ويجهڙائي هئي.

هو چوي ٿو چوٽلاڻي ٽالپرن جو پهريون قبرستان ٽنڊوجان محمد ۾ رهيو هو. جنهن کي خليفن جو قبرستان چوندا آهن. وڏي عرصي کانپوءِ ڏگهڙي ۾ چوٽلاڻي ٽالپر جي وفات جي صورت ۾ ڪين ڏگهڙي جي جيلاني قبرستان ۾ دفنايو ويو يا تہ ان کان اڳ موت ٿيڻ جي صورت ۾ جنازو ٽنڊوجان محمد نيو ويندو هو.

ٽنڊوڄام کان جيڪي چوٽلاڻي ٽالپر اڳ لڏي سڌو ٽنڊو جان محمد ويا هئا. تن مان مير علي مراد ٽالپر (عبدالرزاق ۽ عبدالغفور وارن جو والد) وارا لڏي ڏگهڙي آيا هئا. ۽ ڪجهن لڏي بدين ضلعي جي ٽٺون دمبالو لڳ ڇتي مادراڻي ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪئي.

ماستر لائق ٽالپر جو اهو بہ بيان آهي تہ ڏگهڙي ۾اڳ پتڻ پار ڪرائيندڙ ملاح عورت ڦَڏ جي ڏگهيءَ ڪانہ هئي بلڪ سندس نالو ڏگهڙي هو. هو اهو بہ چئي ٿو تہ اها عورت جيلاني جي موجوده درگاهہ لڳ موجوده سومرن جي واحد گهر سان تعلق رکندي هئي. اهو اسان وڏن کان ٻڌو آهي.

هو اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ ڏگهڙي وارو جڙيل شاهہ جو قبرستان اصل ۾ معصومن جي نالي جو قبرستان آهي جيڪو هڪ پوليس واري جي ٻن معصوم ٻارن جي وفات جي صورت ۾ جڙيو هو. پوءِ پوليس واري وصيت ڪئي تہ اسين زال مڙس جي وفات ڪري وڃون تہ اسان کي بہ اتي دفن ڪجو.

ماستر لائق اهو بہ چوي ٿو تہ ڏگهڙي ۾ هڪ پيري بيماري وگهي ماڻهن جي وڏي موت ٿي هئي. شهر جي دڪانن تي ڪفن لاءِ ڏيندڙ اڇو ڪپڙو کُٽي ويو هو، تنهن ڪري لاشن کي رنگين ڪپڙي وارو ڪفن ڏنو پئي ويو. تنهن وقت مير غلام حيدر ٽالپر وڏي همت سان ماڻهن جي مدد ڪئي هئي (شايد اهو لوس جي بيماري جو وقت هجي) ماستر لائق جي ڳالهين جي تناظر ۾ ڏسجي تہ مير غلام حيدر وارو دؤر 1953ع تائين رهيو آهي.

تہ اموات جو وقت ان کان اڳ رهيو هوندو. ۽ معصومن واري قبرستان ۾ هڪ قبر مرحومہ قزبانو زوجہ صوبيدار اسماعيل عباسي جي آهي جنهن تي وفات جي تاريخ 11 ڊسمبر 1920ع وقت 11 بجي رات درج ٿيل آهي

چون ٿا تہ صوبيدار اسماعيل عباسي (ڪلهوڙو) جي گهر واري جيپ ڪلٽي ٿيڻ جي صورت ۾ وفات ڪري وئي هئي ساڻس گڏ ٻي قبر بہ جڙيل آهي، ممڪن آهي تنهن ۾ سندس هڪ يا ٻہ معصوم ٻار هجن ۽ صوبيدار اسماعيل عباسي ڏگهڙي ۾ ٿاڻي تي ڊيوٽي ڪندڙ هجي پر درج تاريخ 1920ع آهي. قوي امڪان آهن تہ قبرستان ان کان گهڻو اڳ جو هجي. جنهن سبب هنن ميتن کي بہ هت دفنايو ويو هجي. بهر حال ڳالهہ مڪمل واضح ناهي. جڏهن تہ سيد فدا حسين شاهہ جي چواڻي تہ " جڙيل شاهہ جو قبرستان سيد جڙيل شاهہ بخاري جي نالي سان آهي. پاڻ شاعر هئا، سندن تخلص يتيم هو" ممڪن آهي تہ ان يتيم لفظ جي ڪري هن کي معصومن جو قبرستان سڏيو ويو هجي. ۽ ان جڙيل شاهہ بخاري جا وارث بہ هاڻ ڏگهڙي ۾ نظر ڪونہ ٿا اچن.

حاجي ڪالو شيدي

وڏيرو جمعون رمداڻ

[redacted] افضل نمبردار



عبدالرحيم بلوچ

ريلوي اسٽيشن ڏگهڙي

مُحمدي چوڪ



قُباء مسجد

اڳوٺي ڳوٺ سونهري جو ٻَڊ



همال گاڏو

ماستر محمد لائق ٽالپر ڏگهڙي هاءِ اسڪول ۾ عربي ٽيچر ۽ خاموش طبعيت ماڻهو آهي.

ڏگهڙي ۾ بين چوٿلاٽي ٽالپرن ۾ مير عبدالغفور ٽالپر، مير نعيم ٽالپر، مير رياض ٽالپر، مير يونس ٽالپر STP، ماستر احمد ٽالپر، ماستر عبداللطيف ٽالپر ۽ جميشد ٽالپر وغيره اچي وڃن ٿا.

عمرڪوٽ ياترا

هي 10 آگسٽ 2013ع ڇنڇر ، مطلب عيدالفطر جي ٻي ڏينهن جي صبح جو 11:45 جي وقت تي اقبال جت ۽ آئون ڏگهڙي مان سليم قمبراڻي جي موٽر سائيڪل تي عمرڪوٽ لاءِ روانہ ٿياسين. اسان جو پهريون اسٽاپ ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) کان وينڊي نديم پرڳڙي جي ڳوٺ بکوريءَ جي ڏکڻ پر مان لنگهي منڙاؤ واهہ اُڪري رام جاڳي لڳ اوير ڏکڻ ۾ مير مبارڪ قبرستان هو.

هي مڙهہ مقام خانپور جي ميرن (ٽالپرن) جو آهي. جيڪو ڏگهڙي کان 40 ڪلوميٽر اوير ۾ پوندو. اسان مير مبارڪ قبرستان جون ڪيميرا سان تصويرون ورتيون قبرستان جي اُتر ۾ ٿلهي تي ٽي تربتون قطار ۾ آهن. جن مان وچ واري قبر تي مبارڪ خان فقير ولد علي بن ڪڪ بلوچ لکيل آهي. جنهن جي وفات جي تاريخ ڪتبي تي ،(1157) هجري لکيل آهي، جيڪا عيسوي سن ۾ 1744ع. بيهندي

هي ذڪر اڳ آيو آهي، مولائي شيدائي لکي ٿو تہ " سليمان (ڪڪو) جون بہ شاديون هيون، هڪ باگراڻي ديري مان ۽ ٻي مرراڻي ديري مان. جنهن مان هن کي باگراڻي ديري مان ٽي پٽ ٿيا هئا. سفر دڦڙ ۽ بجر. پهرين پُٽ سفر کي وري گهرام نالي پٽ ٿيو گهرام کي وري پنج پٽ ٿيا 1. عالي 2. ميران 3 جيوڻ 4 ماڻڪ ۽ 5. هوتڪ".

اهو عالي جنهن کي ڪافين هندن تي علي پڻ لکيو ويو آهي، تنهن کي بہ پٽ ٿيا، هڪ دريا خان جنهن جي اولاد درياخاناڻي سڏائي ۽ مبارڪ خان،

جنهن جي اولاد خاناڻي سڏائي ٿي. جيوڻ کي يارو نالي پٽ ٿيو جنهن جي اولاد جيواڻي يا ياراڻي سڏايو ۽ هوتڪ کي شهداد نالي پٽ ٿيو جيڪو ڪلهوڙن جو مشهور سپهہ سالار ٿيو ۽ سندس اولاد شهداداڻي سڏايو سنڌ جا فاتح ، مير فتح علي ۽ ان جا پائر (معروف چوياري) سندس اولاد آهن. مير شهداد ٽالپر مير مبارڪ جو سڳو سئوٽ هو.

اقبال جت ۽ مون ڪجھ وقت مبارڪ قبرستان ۾ گذاريو بعد ۾ عمرڪوٽ لاءِ روانہ ٿياسين. ڦهرين ٻچابند پوءِ صوفي فقير شهر کان ٿيندا آخر ۾ عمرڪوٽ پهتاسين. هت اسان جي منزل سائين جي ايم ڀڳت جو گهر هو. جتي قائم چنا بہ موجود هو. جيڪي سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ يا ورسي مهل مٺل ملاح سان گڏجي پنهنجي آشرم ۾ دوستن جي ڀرپور آڌرڀاءُ ڪندا هئا. ان سڄي سلسلي ۾ جي ايم ڀڳت جَن ساڻن گڏ پيش پيش هوندا هئا .مٺل ملاح ڪجھہ وقت اڳ سن ۾ ٿي قائم چنا جي اکين اڳيان رات جي پوئين پهر ۾ رَت جي اُلٽيءَ ڪيڏي وفات ڪري ويو هو. جڏهن سائين جي ايم سيد جي مزار جي پڏر ۾ بيٺل وڻن خاص طور تي نمن جي وڻن کي ننڊڙڪو ڪري ويو هو سن جي ڪيتر ۾ سندس ڪمي تا دَم رهندي ، مٺل ملاح، جي ايم ڀڳت ۽ قائم چنا، ٽنهي پاڻ ۾ گڏجي هڪ تنظيم "ڪُل ڪائنات" جي نالي سان پڻ ٺاهي هئي، جنهن جو چيئرمين مٺل ملاح هو ۽ بہ ميمبر هئا. هي ٽئي دوست پنهنجي مستين ۾ مگن هئا ، پروگرامن ۾ سن ۾ سندن آشرم ۾ ايندڙ دوستن جي خوب خدمت ڪندا هئا. پارٽين اندر ٿيندڙ گروپ بازين کان شديد نفرت ڪندي پنهنجي ڪُل ڪائنات جو چوٿون ميمبر ڪرڻ بہ مناسب نہ سمجهن، شايد هنن کي شَر جي ڪَر ڪٽڻ جو انديشو هو ۽ اڪثر ڪن خاص موقعن تي عمرڪوٽ ۾ بہ پاڻ ۾ گڏبا هئا. ڏگهڙي مان اقبال جت بہ هنن جي ڪچهري جي صحبت حاصل ڪرڻ لاءِ عمرڪوٽ ويندو رهيو آهي اڄ مٺل ملاح هنن ۾ موجود نہ آهي پر سن جو سندن آشرم روان دوان آهي، جتي اقبال بہ سندن هٿ ونڊائيندو آهي.

عمرڪوٽ ۾ جي ايم ﭘﮕﺖ سان گڏ قائم چنا به اسان جي آجيان ڪئي. ٺيڪ شام پنج وڳي جي ايم ﭘﮕﺖ اسان کي محمد يعقوب آريسر جي گهر وٺي هليو جن کي اسان جي اچڻ جو اطلاع اڳ ئي فون تي ڏنو ويو هو. يعقوب آريسر پنهنجي گهر تي اسان جي انتظار ۾ هو ڪچهري ۾ اسان کي يعقوب ٻڌايو ته خانپور جي ميرن جي قبرستان تي الهه بچائي آريسر "مشتاق" هڪ ٽيسيز لکي آهي، پوءِ اُن سان اسان کي فون تي ڳالهاريو به ويو.

يعقوب آريسر جو اهو به چوڻ هو ته منڙاؤ واهه هڪ انگريز نالي مسٽر بان کوٽرايو هو ان ڪري اُن کي بان واهه به چون، اُن واهه کي سونهين به سڏيو ويو آهي.

يعقوب جو اهو به چوڻ آهي ته توهان جون ڳالهيون ٻڌي مونکي هاڻ اهو آنومان ٿئي پيو ته شنهشاهه همايون مغل عمرڪوٽ ۾ اڪبر بادشاهه جي پيدائش وقت جڏهن هتان کان ٺٽي جي طرف روانو ٿيو هوندو ته خانپور وارو رستو جيڪو ڪوٽ غلام محمد، ڍگهڙي جُوڻ ۾ ٺٽي ويو تي سو وٺي ويو هوندو تنهن وقت ۾ فقط جوڻ جيڪو ماتلي لڳ هو سو قائم هو.

ڪچهري ۾ ئي ڍگهڙي لڳ ڳوٺ سُنهري جو ڪوسن هتان ڦرجڻ جو ذڪر اچي تو ته يعقوب چوي ٿو ته هتِ (عمرڪوٽ ۾) هڪ مسجد ۾ مولوي صاحب وٽ جوڌپور جي ڪوسن جي ڦر واري ڪاروائين جي حمايت ۾ فتوا پيل آهي. پاڻ صبح جو هلي اها ڏسنداسين، اسان يعقوب آريسر کان موڪلائي جي ايم ﭘﮕﺖ جي گهر تي موٽي اچون ٿا. رات جو بندوست گهر جي ڇت تي آهي. حسب معمول ﭘﮕﺖ جن جا شاگرد بااخلاق نموني سان خدمت ۾ موجود آهن. هر نئون ايندڙ شاگرد ﭘﮕﺖ جن جي گوڏن تي هٿ رکي پرنام ڪري ٿو ۽ پوءِ ٻين ويٺل مهمانن سان هٿ ملائي هڪ پاسي وهندو وڃي ٿو.

جي ايم ﭘﮕﺖ جا شاگرد مخموري سماءَ کان جڻ بي خبر ٿي ويٺل هجن ٿا ۽ هو ته صرف پنهنجي گروُ ﭘﮕﺖ جا ٻول ٻڌڻ ۾ مشغول رهن ٿا. محفل

هلندي يڳت. لفظ”معرفت“ تي پنهنجي مُدبرانا راءِ ڏئي سمجهائي ته هي فلسفي جو آپتار آهي جنهن کي طالب هيئن سان هنڊائين ٿا. صُبح جو يعقوب آريسر به اچو وڃي ته ناشتي کان پوءِ اسان ٽئي يعقوب آريسر، اقبال ۽ آئون مولوي صاحب سان ملڻ لاءِ مسجد جي طرف روانه ٿياسون، مفتي عبدالرحمن جمالي صاحب جن لاءِ مونکي اقبال اڳ اها ڄاڻ ڏئي چڪو هو ته سنڌ ۾ منطق جا صرف ٻه وڏا عالم آهن هڪ مولانه محمد قاسم سجاولي ۽ ٻيو اهو جنهن وٽ پاڻ هلون پيا، معنيٰ مفتي عبدالرحمن جمالي صاحب.

هن وقت ڏينهن جا 12 ٿيا هئا جو اسان عمرڪوٽ قلعي جي اوير ۾ واقع جامع مسجد جي گيٽ جي اُتر پاسي واري ڪمري ۾ پهتا هئاسين. مولوي صاحب هجري نمان ڪمري ۾ ليٽل هئا پر ننڊ ۾ نه هئا. يعقوب آريسر مولوي صاحب جن کي هت اسان جي اچڻ جو سبب ٻڌايو. اسان لاءِ چانهه جو اهتمام به ڪيو ويو. ۽ ڏونگيءَ ڪٽي پڻ ڪارائي ويئي.

مفتي صاحب جو چوڻ هو ته ڪلهوڙن ٿي هن تر ۾ پروچن کي آباد ڪيو هو جن ۾ ڪوسا ، چانديه ، رند ۽ ڪيري وغيره اچي وڃن ٿا. ان وقت ڪوسا جوڌپور ۾ ڌاڙاهڻندا هئا جَن جي رڙ وڏي ٿي ويئي هئي، ايتري ۾ مفتي صاحب ڪمري اندر موجود ٻي ننڍي ڪمري ۾ وڃي هڪ رجسٽر جهڙو ڪتاب کڻي اچي ته. جيڪو سائيز ۾ ٺيڪ ٺاڪ وڏو ۽ فوٽو ڪاپين تي جُلد ٿيل هو. اسان کي مولوي صاحب ٻڌائي تو ته هي اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ جوڌپور ۾ ڪوسن پاران هنيل ڌاڙن کي جائز قرار ڏئي فتواح ڏني ويئي آهي.

مخدوم محمد ابراهيم بن عبداللطيف بن محمد هاشم جيڪو چوي ٿو ته اهو عمل جهاد آهي، جوڌپور ڪفرستان آهي جت هندو رهن ٿا انهن جو مال ڦرڻ غنيمت آهي. اُن ۾ ڌن سميت عورتون وغيره به اچي وڃن ٿيون. فتوا جيئن ته عربي ٻولي ۾ شاعرانه انداز ۾ ڏنل هئي. جنهن کي مفتي صاحب پڙهي اسان کي ترجمون ڪري ٻڌائيندو وڃي ٿو. مفتي جن اسان کي اهو به ٻڌائي ٿو ته جوڌپور ۾ ڪوسن طرفان لڳندڙ ان ڌاڙن کي هڪ ٻي فتوا ۾ ناجائز

پڻ قرار ڏنو ويو آهي. اها فتوا ڏني هئي مخدوم محمد عثمان بن معين الدين، عرف مخدوم نارو جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو استاد ۽ شاهه ولي الله جو شاگرد ٿي رهيو آهي. اها فتوا به اسان کي پڙهي ٻڌائي ويئي، جنهن جو مقصد هو "جوڌپور ۾ کوسن طرفان لڳندڙ ڌاڙن کي جائز نٿو مڃي سگهجي سي ڌاڙا پنهنجي مُنهن هنيان وڃن ٿا جنهن سان عوام آزار جي ٿو." ان فتوائن يا ڪتاب جڙڻ جي تاريخ 1290 هجري(1873ع) ڄاڻايل آهي.

مفتي صاحب وڌيڪ چئي ٿو ته ڍگهڙي لڳ ڳوٺ سُنهري ۾ ڌاڙو ميرخان کوسي ڪونه هنيو آهي. اهو ڌاڙو صوفي حاجي محمد هنيو آهي، جيڪو صوفي قلندر جو والد هو. (اهو ڌاڙو صوفي محمد هنيو هو، هنڻايو هو يا نه، ان لاءِ پڪ سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي) پر دوڙ صوفي حاجي محمد واروئي پائيجي ٿو.

ڪچهري جي اختتام تي اسين مفتي صاحب کان موڪلايون ٿا......

ڌاڙيل مير خان کوسو بابت مضمون

رائچند هريجن لکي ٿو ته "انگريزن جي ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ ملڪ ۾ سٺو انتظام هو ته به ڪڏهن ڪڏهن ڌاڙا به لڳندا هئا. جن مان مشهور ڌاڙو اسلام ڪوٽ ۾ سن 1922ع ۾ لڳو. ڌاڙيلن جو اڳواڻ ميرخان کوسو نالي هو. هو صبح جو سويل 52 ساٿين سان اچي نعرو هڻي شهر ۾ ڪاهي پيو. پوليس ٿاڻي مان ساجن نالي سوار کي هٿ ڪري ٻڌائون ۽ مريد خان منيوال کوسو هنن کان کسڪي ويو ته ڌاڙيل ٿاڻي مان پوليس وارن جا گهوڙا ڇوڙي انهن تي مريد خان جي پيٺان پيا. پر هو اڳيئي بندوق سان هڪ دڙي تي پهچي ويو هو. ڌاڙيل اچا دڙي کان هيٺ هئا ته مريد خان هڪ وڻ جي اوٽ ۾ لڪي بندوق جا فائر ڪيا، جنهنڪري ٻئي گهوڙا مري ويا ۽ ڌاڙيل پوئتي موٽيا. علي خان جمعدار ۽ رکيو خان به پهچي ويا.

ڌاڙيلن اچڻ سان بندوقن جا فائر ڪيا، جنهنڪري ڊپ ۾ ماڻهو سيي لڪي ويا. بازار جي چؤسول ۾ وڏيءَ ڪٽ تي مير خان ويٺل هو ٻين ڦر شروع

ڪٽي، ڪيترو ئي مال، روڪڙ، سون، چاندي، زيور، ريشم ۽ اطلس جا تاڪيا ۽ ٻيو قيمتي ڪپڙو اچي ڍڳ ڪيائون. گهوڙن کي سونن روپن زيورن ۽ ريشمي ڪپڙن سان سينگاريائون. مير خان جو گهوڙو خاص طور سون سان سينگاريو ويو. ڇوته انهن جي بندوقن جو شاٽ اڍائي ميل هو. ڇٽن پنجن ڪلاڪن جي ڦر بعد ڏاڙيل روانا ٿي ويا. انهن ۾ ڪوسا، مياڻا ۽ ٻيا ٻه هٿا جن مان ڪي جوڌپور رياست ۾ پڪڙيا. پر ميرخان ڪيترا ڏينهن پوءِ مقابلو ڪندي مارجي ويو. مريد خان سوار کي سرڪار هيڊ ڪنسٽيبل ڪيو ۽ ڪيس انعام ۽ آفرين نامون ڏنو.

(تاريخ ريگستان، رائچند هريجن "پاڳو پهريون" ڇاپو پنجون ص 184 سال آگسٽ 2010).

ڏگهڙي شهر ۽ ان جي پسگردائي ۾ اها ڳالهه عام آهي ته ڏگهڙي لڳ اڳوڻو شهر سُنهري مير خان ڪوسي ڏاڙيل ڦريو هو. تنهن کان پوءِ سُنهري ڦٽو ۽ ڏگهڙي آباد ٿيو آهي.

ان سلسلي ۾ اسان اسلام ڪوٽ ۽ ننگر پارڪر وڃڻ جو پروگرام رٿيو اهو 14 آگسٽ 2013ع جو صبح ۽ اربع جو ڏينهن هو جڏهن اسان ڏگهڙي شهر مان سڪندر سومرو جي مهراڻ ڪار ۾ پنهنجي سفر لاءِ روانه ٿياسين. ڪار ۾ سڪندر سومرو درمحمد شالماڻي، اقبال جت ۽ آئون ڏگهڙي مان تقريبن صبح ساڍي نو وڳي روانه ٿياسين. اسان جو پهريون بريڪ جهڏو شهر ۾ ٿيو جتان اسان کي محمد وسيم ڪڇي (راهمون) کي ساڻ ونڻو هو. اهو رٿيل پروگرام تحت هو ۽ ڪار جي فيول جو وڏو وزن به وسيم تي هو.

نئون ڪوٽ ۾ مير ڪرم علي خان ٽالپر جي قلعي جي پر ڏي ويندڙ رستي تي اسان جو سفر روان دوان هو. نئون ڪوٽ کان اڳتي پٽن جي مالا شروع ٿيو وڃي. وڃونئو اُڪرندي ئي ساوڻي جي رم جهم شروع ٿي ويئي. ساوڻي جو مينهن معمول موجب ڪٽي هو ته ڪٽي نه. گڏي پٽ وارو مٺي شهر اُڪري اڳتي وڌون ٿا. اسلام ڪوٽ پهچڻ تي اسان جو محمد اشرف سمون سان فون تي رابطو ٿئي ٿو. پاڻ پرائمري ماسٽر آهن. اشرف سمون

اسان کي موبائل فون تي ٿي چئي ته توهان گاڏي سنت نيٺو رام جي آشرم اڳيان آڻيو ته آئون اُتي اچان ٿو. آشرم تقريبن اسلام ڪوٽ شهر جي اُتر کان ايندي ڏکڻ طرف ڇيڙي تي آهي.

اشرف سمون اُتي اچي اسان سان مليو ته سندس گهر آشرم جي پوئين پاسي واقع آهي، اسين ساڻس گڏ روانا ٿيون ٿا، اشرف پنهنجي گهر پردي جو چئي اسان کي اندر وٺي ويو ته گهر اندر اسان جو قيام سندس لائبريري آهي. هڪ خوبصورت لائبريري جنهن ۾ دل کي وڻندڙ ڪتاب موجود آهن. اسين ڪتاب ڏسڻ ۾ لڳي وڃون ٿا ته ايتري ۾ اشرف ٻڌائي ٿو ته ڪالهه (تاج جويو صاحب ۽ ايوب کوسو جن پڻ آيا هئا، تاج جويو سنڌ جو نالي وارو اديب ۽ ايوب کوسو سنڌ جو پلوڙ ۽ حساس شاعر آهي. ايوب جي شاعري ۽ نثر جو ته جي ايم پڳت به معوتقد آهي) اشرف اسان لاءِ هڪدم ٽڏي جو بندوبست ڪري ٿو ۽ ٻنپهرن (منجهند) جي ماني لاءِ زور پري ٿو پر اسين ٽڏو پيئڻ بعد ماني جي اشرف کان معذرت ڪريون ٿا پوءِ اسين اشرف جي رهنمائي ۾سنت نيٺو رام جو آشرم ڏسڻ لاءِ پهچون ٿا. آشرم جي دروازي جي اندر اچبو ته ساڄي هٿ تي هڪ وڏو ٿلهو تعمير ٿيل آهي جنهن جي مٿان آر سي، سي ڇت پيل آهي ۽ هيٺ ماربل جون ٽائيلون پڻ لڳل آهن جتي عام جنتا کي ٻن ويلن تي ماني کارائي ويندي آهي.

هينئر منجهند جي ماني جو وقت هو ۽ غريب مسڪين ماڻهو وڏي تعداد ۾ ماني کائي رهيا هئا.ٿورو اڳتي وڃبو ته کاٻي هٿ تي هڪ ٻيو ٿلهو ايندو جيڪو اڏيل ڪونهي، اُتي وڏي تعداد ۾پکين کي آن کارايو ويندو آهي پيو هن وقت به پکي موجود هئا. سامهون هڪ چبوتري ۾ مورت جوڙيل آهي، جنهن جو رنگ نيرو آهي، ان مورتي کان اڳ هڪ مندر اچي ٿو جنهن کي سنت نيٺو جو مندر چون ٿا. ان مندر جي اڳيان اُتر ۾ هڪ ڪمرو آهي جنهن ۾ سنت نيٺو جي حياتي واريون ڪئميرا سان نڪتل تصويرون لڳل آهن. فوٽون ۾ نيٺو رام ٿر جي پٽن ۾ ڪٿ تي ويٺل نظر اچي ٿو ۽ اُتي نيٺو رام مڪمل بزرگي جي عمر تي پهتل آهي. هڪ تصوير تي سنت نيٺو رام جي

وفات جو سال 15 سيپٽمبر 1973ع لکيل آهي ان ڪمري کي فوٽو گرافي واري گيلري بہ چئي سگهجي ٿو جيئن ئي اسين ڪمري کان ٻاهر اچون ٿا تہ آشرم جو هڪ همراه اسان کي اچي چوي ٿو تہ ماني کائو. جيئن تہ اسان اڳ ئي اهو سوچي چڪا هئاسين تہ هي ماني مسڪين ماروئڙن لاءِ آهي، انکري همراه کان وڏي نيازمندي سان معذرت ڪندي موڪلائي اڳتي نڪري اچون ٿا.

هوٽل تان ماني کائي نيٺ اسان اسلام ڪوٽ کان ويراه لاءِ روانہ ٿياسين ٿپهري ڏاري ويرا واهہ پهتاسين، جتي بصري خاصخيلي سان ملاقات ٿي. اسان کيس کوسن کان ٿي وٽس اچڻ جو چئي، ويرا واهہ کان اُيرندي طرف ڳوٺ ڪُبڙي لاءِ راونہ ٿي وياسين ڪُبڙي رئيس غني خان کوسي جو ڳوٺ آهي، غني خان کوسو ڪاپڙي خان جو پٽ آهي، رستي ۾ پڪي روڊ ڪانپوءِ ڪچي رستي جي نئين تعمير لاءِ پٿر وڇايل ملن ٿا.جيڪي سانگاهہ جي رڻ ۾ اڳتي وڌن ٿا، سانگاهہ درحقيقت پٽن مان گذرندڙ نئين آهي .اڳيان پٽن تان پاڻي جي وهڻ جو گس نظر اچي ٿو.اسان کان ڪجهہ ڏينهن اڳ آيل برسات جي پاڻي رڻ جي ڪُجهہ حصي مان رستي وارا پٿر بہ واهي ڇڏيا هئا، هي اها روڙهي هئي جنهن تي ڪجهہ بلڊوزر بہ هليل هو جنهن سبب اسان واري ڪاربہ مٿان آرام سان هلي سگهي ٿي. پر گذريل ڏينهن تي پيل برسات جي پاڻي جو رڻ مان پٿر گسڪائي وڃڻ وارو منظر ڏسي درمحمد رَڙ ڪندي چيو هو تہ هلندي جي برسات وري اچي ٿي وڃي تہ پاڻ رڻ جي هن حصي مان واپس ڪونہ اُڪري سگهنداسين پر خير اسان رڻ جي هن حصي کان اڳتي وڌي وياسين. وڇايل پٿر ختم ٿيا وري مڪمل نئون تيار ٿيل روڊ شروع ٿي ويو. اسان پيچائون ڪندا نيٺ ڳوٺ ڪُبڙي ۾ اچي پهتاسين، جتي خبر پئي تہ رئيس غني خان کوسو ننگر پارڪر واري جاءِ تي ويل آهي ۽ اسان سان ملڻ لاءِ سندس پاءُ محمد اسماعيل کوسو اچي ٿو. ڪجهہ ئي دير ۾ اسماعيل کوسو بہ اسان سان اچي مليو ۽ اسان کا حال احوال ورتائين ۽ اسان جي پهچڻ تي ٻڌائين تہ

منهنجي ڇمار هينئر 50 سالن جي لڳ ڀڳ ٿيندي. مير خان کوسو جيڪو ڏاڙيل هو ان جو پاڙو اسان وارو ناهي. هو بليلاڻي کوسو هو، هن جا پٽ دريا خان ميوو خان يا سندس پڙپوٽو سهراب خان توهان کي ننگر پارڪر شهر ۾ ملندا جن کان ميرخان کوسي جي باري ۾ وڌيڪ معلومات ملندي. رئيس اسماعيل جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان جي هن ڳوٺ ۾ اڳ ڪُڀڙي ذات جا واڻيان رهندا هئا. جيڪي پوءِ لڏي انڊيا هليا ويا. اسماعيل جي چوڻ موجب هتان کان هندستان جو باڊر اٺن نون ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي ۽ انڊيا جي طرف ٻاڪاسر، سوئي گام ۽ احمد آباد وغيره اچي وڃن ٿا. کوسن چانهه ڪانپوءِ رات جي ماني لاءِ گهڻو ئي ڇيو ۽ رات ترس لاءِ پڻ چئين. پر سج مڪمل لهي چڪو هو ۽ برسات به پوڻ لڳي هئي جيڪا آهستي آهستي زور وٺي رهي هئي ان ڪري موڪلائي واپس نڪتاسين.

ٻي دفعي

اسان 24 آگسٽ 2013ع جي شام جو ننگر تعلقي جي ويرا واهه ڳوٺ ۾ پهتا هئاسين. اسان جو وفد محمد رمضان نوحاڻي، اقبال جت، نجيب نوحاڻي ۽ مون سميت چار ماڻهن تي مشتمل هو. اسان جي آجيان ويرا واهه تي لال بخش ۽ وسايو خاصخيلي جن ڪئي، وسايو جي ويراواهه تي ئي هوٽل هئي ۽ هوٽل پوياں سندن ڳوٺ اٿن.

اسان جي رهائش به خاصخيلين وٽ هئي همراهن ميزباني جو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. اوطاق جي ٻاهر کلي ميدان تي هوا خاطر کٽون لڳايون ويون،رات جو رنگ ٿيو ته ڪچهري جو به رس چڙهيو رهاڻ هلندي رانجهو خاصخيلي، حيڪم خان ۽ ٻيا به اچي شامل ٿيا. اوطاق محمد عمر خاصخيلي جي نالي سان هئي جيڪو وڏي ڇمار جو بزرگ هو. ۽ هي جاگير اڳ آيي سنگهه ٺڪر جي هئي. اسان جي ڪچهري ۾ موجود رانجهو خاصخيلي ليمي خاصخيلي جو پوٽو هو. ليمي جي وقت ۾ ٻڙوت سنگهه ٺڪر نالي ڏاڙيل جي وڏي هاڪ هئي، ٻڙوت ٺڪر قد جو ننڍو ڪنن ۾

سونيون ۽، ۽ ڪوينٽيون ، ۽ لانگوُٽو بدران هوندو هئس، پيرن ۾ ٿُنئور واري جُتيءَ ۽ ننڍين ٻانهن واري شرٽ نماءِ قميض پهريندو هو. جڏهن ته ليمون خاصيخيلي قداور شخص پٽڪو ۽ اجرڪ جي گوڏ بدران پريل ڏاڙهي سان به هٽيو مڙس هوندو هو.

ڏاڙيل نُڪر جي هڪ ٻانهن (عورت) جي سلسلي ۾ خاصخيلين سان اڻبت هلندڙ هئي، هڪ دفعي ڏاڙيل ٻڙوت خاصخيلين سان ملڻ آيو ڏاڙيل نڪر وارن جي هڪ مائي ليمون جي نُوهن ٿيندي هئي، ٻڙوت سنگهه ڏاڙيل پنهنجي زبان جي اُوچار ۾ ليمون خاصخيلي کي نيمون تي سڏيو ٻڙوت ليمون جي هَشمت ڏسي چئي ڏنون ته توهان کي هڪ ته ڇا پر ٻه ٻه ٻانهون (عورتون) وهيارڻ جو اختيار آهي پوءِ نُڪر ڏاڙيل خاصخيلي جي دعوت ڪائي خالي هٿين واپس موٽي ويو ۽ وري ڪڏهن به خاصخيلين جي طرف نه آيو. ڪچهري ڪافي دير تائين هلي ، پر اسان جُي آرام جو خيال ڪندي همراه موڪلائي هليا ويا. ڪجهه دير لاءِ ته مونکي ننڊ آئي پر برساتي آگهم هئڻ ڪري گرمي پد وڌيل هو تنهن سبب ننڊ اُکڙي ويئي. مال جي چنگ جا آواز آيا پي هڪ ٽيٽيار پکيءَ اسان جي کٽن جي پاسي ۾ ڦيرا ڏئي رهي هئي شوال جي 17 تاريخ هئڻ ڪري چنڊ به رات جي پوئين پهر ۾ پنهنجي روشني سان ڌرتي کي ڌوئي رهيو هو.

هي خاصخيلين جو ڳوٺ ويرا واهه ۾ سانگاهه نئين جي ڪنڌي وٽ واقع آهي. جتي ديوي جا وڻ وڏي تعداد ۾ آهن. 1971ع ۾ هندستان پاڪستان جي جنگ شروع ٿيڻ وقت خاصخيلي ذات وارا ماڻهو ۽ ٻيون ذاتيون به هت وڏي انگ ۾ موجود هيون پر جڏهن انڊين آرمي هن طرف ڪاهي آئي ته مسلمان ذاتين وارن جي اڪثريت لڏڻ لڳي. جيڪي ڦاسي پيا سي ٽلون ڪري نڪرڻ ۾ جنبي ويا. انڊين آرمي ڏوڪيندي ٽَر ۾ اسلام ڪوٽ اُڪري منيءَ جي طرف ٻاروچ تائين رسائي ڪري چُڪي هئي. ۽ پوءِ ڏاني ڏانڊل وٽ باڊر ناهي ويهي رهي هئي. (ڏانڊلن جو ٽَر ۾ ڳوٺ ڏانونڊل پارڪر ۾ آهي، جنڊاوڙن جي هڪ ٽُڪ راجپوت آهي، اهي به ڏانڊل آهن.)

جڏهن مسئلا ڳالهين ذريعي حل ٿيا ته تقريبن ارڙهن ميهنن کانپوءِ خاصخيلي برادري جا هي فرد پنهنجن اباڻن ڳڪن تي پهتا، سيڙين وارو ڳوٺ ۽ اها سم به هنن خاصخيلي ذات جي ماڻهن جي حوالي سان سڃجي ٿي. ۽ هن ذات جي ماڻهن جي وڏي گهڻائي هت آباد آهي. هي خاصخيلي مالوند هئڻ ڪري ٿر ۾ آبي مسئلي هجڻ ڪري ڏاڏو پڙ رهندا اچن. تنهن ڪري برساتون نه پوڻ ڪري ڏڪار جي مُنهن ڪيڻ مهل هي اڪثر ڏگهڙي جي طرف لڏندا رهيا آهن ۽ ڏگهڙي جي اولهه ڏکڻ ۾ نوحاڻي برداري جي ڳوٺن جي لڳ اچي وهندا هئا، جنهن سبب هنن خاصخيلين جا نوحاڻي برداري سان ويجها واسطا ٿي پيا ۽ نوحاڻين جي معرفت ڏگهڙي جي ميرن / ٽالپرن سان تعلق ٿين، خاص طور تي مير حاجي جان محمد مرحوم سان.

ويرا واهه ۾ بي ڏينهن اسين سوير اٿياسين ته رمضان نوحاڻي آسمان تي موجود هلڪي ڪڪرن جي طرف اشارو ڪندي مونکي چوي ٿو ته هن کي چٽبو آهي تتر آڙي ، جنهن ۾ آسمان تي ڪڪر تترن جي پرن تي موجود ننڍڙن دائيرن جيان لڳن، اهي برسات اچڻ جون نشانيون آهن. اُتي اسان کي اهو به معلوم ٿيو ته جتي ٿر جي اڳين ياترا مهل ڳوٺ ڪُبڙي کان واپس ايندي ڦاٽا هئاسين اُن کي ٿر ۾ رڻ چيو وڃي ٿو جيڪو سانگاهه نئين جو حصو آهي . ۽ اُتان کان ڪجهه اڳتي ويرا واهه جي طرف جنهن ڳوٺ جي پر ۾ اسان جي ڪار پيهر ڦاٿي هئي جتي ماستر الهڏنو ڪنير جي مدد سان جيپ ۾ توچڻ ڪري ڪيڍي ويئي هئي، ان ڳوٺ جو نالو ڪارسر هو. اُتي اها به ڄاڻ پئي ته اُهو ڳوٺ ڪارسر، ڪنير ذات جي ماڻهن جو آهي، ۽ سنڌ جي مشهور گلوڪارا فوزيه سومرو ان ڳوٺ جي هئي ۽ اصل ڪنير هئي پوءِ سومرن ۾ شادي ڪئي هئس.

هي 25 آگسٽ 2013ع تي آچر جو ڏينهن هو ته اسان چاچي وسايو خاصخيلي کي ساڻ ڪري ننگر شهر جي طرف مير خان کوسو جي مائٽن سان ملڻ لاءِ روانه ٿياسين ننگر شهر پهچي اسان کي معلوم ٿيو ته مير خان کوسو جو پڙ پوٽو سهراب خان کوسو هت ننگر شهر ۾ رهي ٿو. ان سان ملجي

چاچي وسائي جي ڪوشش سان اسان جي سهراب ڪوسو سان ملاقات ٿي ۽ پوءِ سهراب اسان کي وٺي هليو گلاب خان ڪوسو وٽ گلاب ڪوسو ننگر شهر ۾ موجوده رينجرز چيڪ پوسٽ کان اوڀرندي وهندي نديءَ اُڪري پرئين ڀر ڳوٺ ۾ رهي ٿو جنهن کي بلوچ پاڙو يا محمد خان جي واڌ چوڻ.

گلاب خان ڪوسو محمد خان جو پٽ آهي، محمد خان وري وسائي ڪوسي جو پٽ هو ۽ وسايو پير بخش جو ۽ پير بخش ڪوسي جي والد جو نالو مهميد خان ڪوسو هو اهو مهميد خان ڌاڙيل مير خان ڪوسو جو سڳو سئوٽ ۽ ڌاڙن ۾ ساٿي رهيو هو. هي ڪوسن جي بليلاڻي پاڙي مان هئا. گلاب ڪوسو وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته مير خان ڪوسو سلطان خان ڪوسي جو پٽ هو ۽ بخشو خان ڪوسي جو پوٽو هو. گلاب اهو به چئي ٿو ته مير خان ڪوسي اسلام ڪوٽ وارو ڌاڙو هنيو هو. هو ٻڌائي ٿو ته مير خان بنيادي طور ڌاڙيل نه هو هو هڪ شريف ۽ سادو ماڻهو هو سندس ڳوٺ شريت جي نالي سان ضلعي پٽڻ ۾ جيڪو اڳ ضلعي بناس ڪانٺا جو حصو هو جنهن جو هيڊ ڪواٽر به بناس ڪانٺا هو.

پوءِ الڳ ضلعي طور ورهائجي ويو مير خان ڪوسو جي ڳوٺ ۾ تخت سنگهه نالي هڪ وڏي آثر وارو ٺڪر رهندو هو جيڪو گهوڙن جو شوقين هو. هي علائقو انڊيا جي صوبي گجرات ۾ آهي ان ميرخان ڪوسي کان ڪافي پيرا سندس گهوڙيءَ گهري هئي پر هر واري مير خان جواب ڏنو ٿي. جنهن تان تخت سنگهه کي مٺيان لڳي، هڪ ڏينهن ٺڪر تخت سنگهه مير خان جي گهوڙيءَ زوري جهلي بيهاري ڇڏي. شام ٽيڻ تي گهوڙيءَ گهر نه پهچي ته مير خان جي والده معلومات وٺڻ ڪانپوءِ مير خان کي چيو ته ٺڪر تخت سنگهه کان وڃي پنهنجي گهوڙيءَ وٺي آچ مير خان والده کي ڪو جواب ڏيئي نه سگهي ۽ نه ٺُڪر تخت سنگهه وٽ وڃي، جو ڪيس جهيڙي جو انديشو هو. ائين به ٽي ڏينهن گذري ويا ته ميرخان جي والده ڪاوڙ ۾ مير خان کي چيو ته تنهنجا ڪپڙا ڏي مونکي ۽ منهنجا ڪپڙا پائي تون ۽ تون گهر ۾ ٿي ويهه ۽ آئون پاڻهي ٿي وڃي ٺڪر کان گهوڙيءَ وٺي آچان. جنهن تي

مير خان کي ڪاوڙ لڳي ۽ گهران پيڙ تي نڪتو ته ٻاهر سنڌس سئوٽ مهميد خان مليس ، جنهن تي هِن مير خان کي سمجهايو ته تڪڙ نہ ڪر طريقي سان هلون ٿا. پوءِ هي ستن آٺن همراهن تي مشتمل ٽولو ٺاهي نڪر جي طرف راونہ ٿيا تخت سنگهہ نڪر جي نڪاٽي تي هنن جو حملو زوردار هو. جتي نڪر جا ڪجهہ همراه بہ مارجي ويا ڪوسن پنهنجي گهوڙيءَ سان بہ ٽي نڪر جون ٻيون بہ گهوڙيون ڪاهيون ۽ ٻيو سامان بہ ڦرين . پوءِ ان ڳوٺ ۾ موجود هڪ بينڪ بہ ڦرين ۽ ان بينڪ جي گارڊ کي بہ قتل ڪين. مطلب هن ٽولي ڏوهہ ڪري ڌاڙيلن جو روپ ورتو جن کي گجراتي زبان ۾ ٻاروَٽيا چيو ويچي ٿو (اتان اهو بہ معلوم ٿيو تہ گجراتي ٻولي ۾ ٻاروٽيا لفظ جو مقصد آهي ڌاڙيل يا مفرور وغيره) مير خان ڪوسو ۽ مهميد خان ڪوسو ان وقت ڀرپور جواني جي عمر ۾ هئا.

ڳوٺ شوَل جتي ڪوسن جي وڏي آبادي رهائش پزير هئي ان ڳوٺ جي نڪر اسلام ڪوٽ جي واڻين کان قرض ڪنيو هو نڪر جي حالت مالي طور تي ابتر هئي، واڻين نڪر تي تمام گهڻو زور ڏنو تہ قرض واپس ڪر، پر نڪر جا حال هيڻان هئا. نيٺ واڻين نڪر کي ميهڻو ڏئي چيو تہ پنهنجي زال بہ وڪڻي اسان جو قرض واپس ڪر. نڪر زال جي نالي مليل ميهڻي تي مچرجي پيو، تنهن ڪري نڪر مير خان ڪوسي جي ٽولي جي پڇا ڪئي سو نيٺ وڃي مير خان سان مليو ۽ ڪيس پيرائتي ڪٿا ڪري ٻڌايائين. هُو هڪ طرف تہ ڌاڙيل هئا ۽ ٻيو نڪر جي دانهن سان همدردي تي پئين .انڪري اسلام ڪوٽ تي ڪاهي آيا ، اچي گوپال ۽ پمنداس جي پڇا ڪيائون. (پوءِ ڦر جو اهو واقعو اسلام ڪوٽ ۾ رونما ٿيو جيڪو رائيچند رانوڙ ڪتاب "تاريخ ريگستان" ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪتاب "واقعياتي بيت" ۾ ڇاپيو آهي.)

پوءِ ڳوٺ ڪيڙ ڪاتڙ ۽ آڏيگام کي پڻ ڦريو ويو (مطلب تہ ڏوهہ ڌاڙيل جي فطرت بنجي ويندو آهي نہ تہ ٻين بيگناهہ ماڻهن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو) مير خان ڪوسي ساڍاهہ ٻارانهن سال ڦرون ڪيون هيون، مير خان

جي زوال جو سبب، گلاب ڪوسو اهو ٻڌائي ٿو ته هڪ دفعي سندس ٻن ساٿين ڪنهن عورت تي هٿ ڪنيو هو جنهن تي ميرخان ڪين ڇيو هو ته هاڻ پاڻ گهڻو وقت زنده رهي نه سگهنداسين.

مير خان تي سرڪاري انعام به رکيل هو سندس ئي ڪوسا ذات جو هڪ همراه اڳ مير خان کي هٿيار پهچائيندو هو تنهن سرڪار کي چُغلي هڻي ۽ مير خان کي گرفتار ڪرايو ٿيو ائين جو ميرخان ڪوسي وٽ گوليون گهٽ هيون جنهن سبب هُن مذڪوره همراه کي نياپو ڪيو ته اسان ڦلاٽي هنڌ آهيون تون گوليون آڻي ڏي، همراه وڃهه ڏسي وڃي سرڪار کي ٻڌايو ته مير خان ڦلاٽي هنڌ موجود آهي ۽ گوليون به گهٽ اٿس اهو مقابلو ٻاڪر جبل وٽ ٿيو هو جت مير خان جي ڪجهه ساٿين سان گڏ مهميد ڪوسو به مارجي ويو هو اُن ڏاڙيلن جي ٽولي ۾ مهميد خان ڪوسي جي زال زهريءَ لُنڊ به شامل هئي، جنهن پنهنجي رائفل ۾ رهجي ويل گولين سان پندرهن سپاهي ماري وڌا، پاڇائي جي ان عمل تي مير خان ناراض به ٿيو هو ڇاڪاڻ جو هُن جو گوليون گهٽ هجڻ ڪري بغير ڪنهن اموات جي گرفتاري پيش ڪرڻ جو پروگرام هو، پوءِ انگريزن جي سپاهين نيٺ هن ڏاڙيل ٽولي جي بچيل فردن کي گرفتار ڪيو، تنهن کان پوءِ ميرخان ڪوسو کي گجرات جيَ جيل ۾ پنهنجي پاءُ چاند خان ڪوسو سان گڏ ڦاسي آئي ۽ مير خِان جي قبر تنهن وقت پنڙ ڳوٺ ۾ "ٻاوا حاجي شاهه" جي قبرستان ۾ ٺاهي ويئي هئي.

ميرخان ڪوسو کي ڪُل ڇهه پٽ هئا پنج انڊيا ۾ رهيا ۽ هڪ سنڌ ۾ رهيو جنهن جو نالو سهراب ڪوسو هو جيڪو پڻ نالي وارو ڏاڙيل ٿي گذريو آهي مير خان ڪوسي جي ڦاسي وقت سندس پُٽ سهراب جي ڄمار ڏهن ٻارانهن سالن جي لڳ هئي.

مير خان ڪوسي جو ڏاڏو اصل لاڙ پٽ جي شهر ٽنڊوباگو جي ويجهو ڏيئي ڳوٺ جو هو پوءِ لڏي ٿر جي ٻاڊر جي طرف آيو هو مير خان جي ڏاڏي بخشو ۽ سندس اولاد کي مٽي ۾ ڪجهه آڇا وار ڇائي ڄم ڪان ئي هئا ان ڪري هو چيتوڙي ڪوسا پڻ سڏائا ٿي.

گلاب ڪوسي جي چوڻ مطابق تہ مير خان جي ڏاڏي بخشو وارن جا ڏيئي پر زمين جا ڪاتا بہ هئا. آخراسين گلاب ڪوسي ڪان موڪلائي راونا ٿياسين.

(هن دوري پر اسان جي ملاقات ٿر جي انسائيڪلوپيڊيا علي نواز ڪوسو ولد نبوت خان ڪوسو سان سندس انتهائي بيماري واري حالت پر نبگر شهر پر موجود سندس گهر جي بيٺڪ پر ٿي هئي ۽ پوءِ پاڻ تاريخ 27 آڪٽوبر 2013ع تي وفات ڪري ويا هئا.)

❊

مدد خان پٺاڻ

مدد خان پٺاڻ 1782ع ۾ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي تخت وٺي ڏيڻ لاءِ سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي.

(سنڌ بابت جامع معلومات ص 38)

مدد خان پٺاڻ عبدالنبي ڪلهوڙي جي چرچ تي سنڌ تي ڪاهي آيو هو. مدد خان پٺاڻ جو ڏهڪاءُ اهڙو وارو هو جو شاعرن بہ اُن تي شاعري ڪئي آهي.

مار مدد ڪون دور ڪرو
چوڙ وجي يهودي يزيد ميان.

(حضرت مراد فقير رح ڪنڊڙي وارو)

مدد خان پٺاڻ جو اصل نالو دلاور خان هو. سندس تعلق اسحاق زئي قبيلي سان هو. هي احمد شاهہ ابدالي جي دربار ۾ هڪ معمولي ملازم هو. احمد شاهہ ابدالي جي پٽ تيمور دلاور خان کي مدد خان جو لقب ڏيئي پنهنجو خاص مشير مقرر ڪيو هو.

عبدالنبي ڪلهوڙو تالپرن کان شڪست کائڻ سبب مدد خان پٺاڻ کي وڏي ڌن جي لالچ ڏئي تالپرن کي سيڪت ڏيڻ خاطر سنڌ تي چاڙهي آيو هو. عبدالنبي ڪلهوڙو سنڌ اچڻ ڪانپوءِ مدد خان پٺاڻ کي ڌن ۾ ڪجھ ڏيئي نہ سگهيو هو. تنهن ڪري مدد خان پٺاڻ کي سنڌ جي پرين ترين شهرن مان لُٽ ڦر جي موڪل ڏنائين.

مائونٽ اسٽوئرٽ الفنسٽن لکي ٿو تہ "مدد خان سڄي مُلڪ کي باهہ ۽ تلوار سان ويران ڪري ڇڏيو هن جي لُٽمار ايتري قدر تہ شديد ۽ بي پناهہ هئي جو هن مُهم کانپوءِ خوفناڪ ڏڪار شروع ٿي ويو. بيان ڪيو وڃي ٿو

تہ سنڌ کي هن واقعي مان جيڪو نقصان پهتو آهي، تنهن جي تلافي اڃا تائين (1890) تائين نہ ٿي سگهي آهي."

ڄُوڙڻ ۾ فتح باغ لاڙ جا بہ شهر جيڪي باغ ۾ ميون جي حوالي سان مشهور هئا. تن کي بہ مدد خان پٺاڻ ڦري ساڙي قبرن جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو مدد خان پٺاڻ نصرپور اگهاماڻو ، هنگورا ، بدين توڙي جو اڳوڻي نبي سر ڳوٺ تي بہ وڃي ڪڙڪيو هو. پوءِ آخر ڪهڙو ڪارڻ هو جو مدد خان پٺاڻ کان ڏکڙي لڳ سونارن جو ڳوٺ سونهري رهجي ويو؟!

صاف ظاهر آهي تہ سونهري 1782ع ڌاري وڏي هاڪ وارو نہ هوندو ، جيڏو ڇيو وڃي پيو يا تہ بنهہ وجود ۾ ئي 1782ع کانپوءِ آيو هوندو.

هي اهو وقت هو جو ڏکڙي اڃا وجود ۾ نہ آئي هئي نوحاڻي ذات جا ماڻهو سنجر خان نوحاڻي جي صورت ۾ ائين پيڙهي کان هت وجود رکندا پيا اچن يعني 275 سال اڳ 1740ع ۾ ڪُنب واري علائقي ۾ اچي آباد ٿيا هئا. (اهو نوحاڻين جو بيان آهي) سي مدد خان جي دور ۾ بہ ڪُنب ۾ موجود نظر اچن پيا. نوحاڻين کان اڳ ات دل ذات جي ماڻهن جوهڪ اڌ گهر هو.جيڪي نوحاڻين جي اچڻ سان خوف کائي رات پيٽ ۾ اتان لڏي ويا هليا. اڳ ڏکڙي لڳ پراڻ ڪنڌي تي آباد نظر اچن ٿي دل ذات جا ماڻهو ٿا.

ڪاڇيلو ريلوي اسٽيشن لڳ سوڍا ٻوڙ ڍنڍ،جتي راجپوت سوڍن کي سميجا سپاهين ٻوڙي ماريو هو. سميجا دراصل دل ذات جي نُک آهي.

ڪنڊو شيدي جيڪو شيدين ۾ سڀ کان اول ڏکڙي آيل ٿو ڏسجي، تنهنجو ڏکڙي اچڻ جو وقت 1848ع ڌاري ياڻنجي ٿو. (ماستر احمد علي "ڪوثر" ڦلاڻي چوي ٿو تہ "ڪنڊو شيدي" اصل ۾ ٽنڊوباگو کان ڏکڙي جي طرف آيو هو ۽ جيمس آباد جي خاصخيلين مان شادي ڪئي هئس ، ۽ موجوده جيلاني جي درگاهہ لڳ حاجي ڪالو شيدي ۽ مگڻ شيدي وارن جي موجوده گهرن واري پڊن تي رهي پيو هو ۽ روزگار سانگي سُونهري ۾ واڻين وٽ پاڻي ڀرڻ جي مزدوري ڪندو هو.)

ڪنڊو شيدي پنجين پيڙهي ۾ منهنجو نانو آهي. ڪنڊو شيدي کي لونگ شيدي نالي پٽ ٿيو لونگ شيدي کي حاجي ڪالو نالي پٽ ٿيو ۽ حاجي ڪالو شيدي کي منهنجي والده جي صورت ۾ نياڻي ٿي هئي. ان حساب سان ڪنڊو شيدي جي پنجين پيڙهي ۾ آئون اچان ٿو. 33.3 جي حساب سان هڪ پيڙهي کي ڳڻيو ويندو آهي .ان طرح ڪنڊو شيدي کي ڏگهڙي جي طرف آئي 166 سالن جي لڳ ڀڳ جو وقت ٿيو. اهو دور وڃي بيهندو 1848ع جو.

خاناڻي ٽالپر ڏگهڙي جي پڊن طرف تقريبن 85_1880ع ڌاري آيا آهن، محمد شاهہ جيلاني بہ ساڻن گڏ آيو هو مير موجوده ڏگهڙي لڳ ٽنڊوباگو روڊ تي واقع ڳوٺ ڀُوڻ تي رهي پيا هئا ۽ جيلاني سندس موجوده درگاهہ واري هنڌ تڪيو ڪيو هو. جتي سندس خدمت ڪنڊو شيدي ۽ سندس پٽ ڪندا هئا، تنهنڪري اُهي شيدي خليفا سڏيا ويندا آهن. موجوده سردار مگڻ شيدي، الهجڙيو، ٽپيدار محمد جمن ۽ محمد اشرف شيدي واپڊا وارو سندن اولاد مان آهن. ماستر احمد علي ڪوثر اهو بہ چوي ٿو تہ "ڏگهڙي ،ٽنڊوجان محمد ۽ جهڏو ۾ اهل تشيع جا علم پاڪ بہ وڏي الهجڙيي هنيا هئا" اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ محمد شاهہ جيلاني موجوده هنڌ مٽي جي ڍير تي ويٺو هوندو هو جتي ڪيس وڏو مگڻ شيدي ڍاڪون ۾ ماني آڻي ڏيندو هئس.

جيلاني، خاناڻي ٽالپر ۽ شيدين کان اڳ ڏگهڙي واري موجوده پڊن تي ڪولهين جا آثار نظر اچن ٿا، شاهد ملاح ذات جا ماڻهو بہ رهندڙ هجن ، يا ڪولهي ئي ملاحن وارو ڪم ڪندا هجن. "1901ع ۾ سنڌ ۾ رهندڙ ڪولهين جو تعداد پنيهہ هزار 126 هو جن منجهان گهڻا حيدرآباد، ٿر پارڪر ضلعن ۾ رهندا هئا. ڪولهي عظيم ۽ آڳاٽو نسل آهي جيڪي هاڻي گهڻو ڪري گجرات ۾ رهن ٿا.هنن جي پنهنجي ڏند ڪٿائن ۽ روايتن موجب اُهي سنڌي ميدن (ملاحن) جو اولاد آهن، پر منجهن راجپوت لاڳاپن جي واضح اشارن جو پتو پوي ٿو".

(سنڌ گزيٽيئر، اي ايچ ائٽيڪن _ ص 231 سال 2006ع)

ڳالهه پڻ ڪئي سين مدد خان پٺاڻ جي جيڪو 1782ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو هو. سُونهري تڏهن نظر نہ پيو اچي واضح ٿيو تہ سُونهري ٽالپرن جي دؤر (1783ع ڪانپوءِ) وجود ورتو هوندو ۽ خاناڻي ٽالپرن جي ڊگهڙي جي موجوه پڊن تي اچڻ تائين قائم رهيو آهي.اندازن 85_1880ع تائين ۾ اهو بہ تہ جن سُونهري کي ڦريو تن کي ڪاري پاڻي جي سزا آئي. ڪاري پاڻي جي سزا فقط انگريز دور ۾ ايندي هئي. مطلب سُونهري جي ڦٽڻ جو وقت انگريز دور آهي سونهري جو وقت هڪ سئو سالن کان ڪجهہ سوايو رهيو هوندو.

ٽالپرن جي ڊگهڙي واري هنڌ وٽ اچڻ مهل سُونهري جا پويان پساهہ آهن ڇاڪاڻ جو نہ ٽالپر سُونهري وڃن ٿا نہ محمد شاهہ جيلاني ان طرف رهائش اختيار ڪئي البتہ ڪنڊو شيدي اُت مزدوري ڪارڻ واٽين جو پاڻي پريندو هو اُن ڪنڊو شيدي ئي سونهري جي ڦرجڻ جو قصو جيلاني کي اچي ٻڌايو هو.

پيو جيڪو اهو چيو ويندو آهي تہ مدد خان پٺاڻ سنڌ اچڻ کان پوءِ اهو اعلان ڪيو هوتہ جيڪي سيد هجن سي پنهنجي گهرن تي اڇا جهنڊا چاڙهي ڇڏين (مقصد سي گهر تہ ڦريا ويندا) اها ڳالهہ بہ مونکي مفروضو ٿي لڳي اهو ڪئين ممڪن آهي تہ سيدن جا شهر تہ ڦريا وڃن پر سيدن جا گهر ڇڏيا وڃن!؟ حقيقتن جي ائين ٿيو بہ هوندو تہ پوءِ گهڻن ماڻهن جيڪي سيد نہ هئا تن بہ پنهنجي گهرن تي اڇا جهنڊا چاڙهي رليف ورتو هجي ۽ تن مان گهڻا اڄ تائين ان رليف جو فائدو وٺندي سيد سڏائيندا هجن، يا ممڪن آهي سيدن جي ڪردار کي ديو مالائي بڻائڻ لاءِ اهو قصو گهڙيو ويو هجي.

سرفراز واهہ جي حقيقت

اهو واهہ پنهنجو پاڻي درياءَ مان مٽياري ويجهو ڪڻي ٿو ۽ هالا، حيدرآباد، ٽنڊوالهيار ديري محبت ۽ ٽنڊي باگي تعلقي جي زمينن کي سيراب ڪري ٿو هن واهہ تي شديد ڏاکڙن ۽ ڏکيائين سان ڪم ڪيو ويو آهي 1872ع ۾ نصير واهہ شاخ ڪيسانو واهہ طرف رُخ مٽائڻ سبب لڙهيل واريءَ وسيلي ٿيندڙ رڪاوٽ جي نتيجي ۾ ڦيري مٽائڻ تي هڪ لک ارڙهن هزار پنج سئو رپين جي لاڳت سان ڪم ضروري بڻجي ويو. 1892ع ۾ اٽڪل نو هزار اٺ سئو رپين جي لاڳت سان واهہ جي مُنهن کي بوڙن ۾ لڙهي ايندڙ واريءَ سان ڀڪڻ کان بچڻ لاءِ بچاءُ بند ٺاهيو ويو ،گڏريل ٽن ورهين دوران واهہ جي مُنهن تي ڪاڄ ٿيندو رهيو،جنهن سبب واريءَ جا ڍڳ جمع ٿي ويا ۽ اهڙي طرح ريت مُنهن جي پڇاڙي کان اڳ وهڪرو رڪجي پئي ويو ،تنهنڪري هڪڙو نئون مُنهن 1905ع ۾ واهہ جي ٻارهن ميل ڏگهي پيچڙ ۾ جمڙائو واهہ جي اڏاوت سان ضروري ڪوٺيو ويو هڪڙي لوهي ڇاپ موڙ جي پيچڙ تي ٺاهي وئي آهي ،سرفراز واهہ جي ڊيگهہ ٽيهہ ميل آهي، پاڻي جو سراسري نيڪال 399 ڪيوسڪ فوٽ في سيڪنڊ آهي، پوکجندڙ سراسري ايراضي ستاويهہ هزار 344 ايڪڙ آهي ، جنهن منجهان 2626 ايڪڙ وهڪري تي آباد ٿئي ٿي ،۽ منجهانئس ڪُل ڍل ڇائيتاليهہ هزار 569 رپيا ملي ٿي، ڪاتيءَ تي ڪل خرچ اٺ هزار 772 رپيا ٿئي ٿو.

(سنڌ گزيٽئر اِي_ ايڇ ائٽيڪن، مترجم حسين بادشاهہ ص 382_381)

سرفراز واهہ جو ذڪر انگريزن جي ڪجهہ ٻين حوالن مان بہ ملي ٿو. ”مکيہ جاگيردارن سان پائيوار_ تحويلدارن جا ناتا“ هن بيان مان پتو پوندو تہ ڪجهہ سنڌن هيٺ، خان محمد يا غلام علي (ٽنڊو غلام علي جو مير)

اڪيلو جاگيردار نہ هو. مکيہ جاگيردارن سان اضافي پائيوار جاگيردارن جي ناتن بابت ڪيپٽن رٿبورن جي ڪليڪٽر ڪراچي ڏي لکيل خط نمبر 818, تاريخ 8 آڪٽوبر 1850ع مان ڪنيل هيٺين اقتباس مان پتو پوندو.

سنڌن مان معلوم ٿيندو تہ مير فتح خان جاٽاپل جاگيرن ۾ حصو هن ڪيلڪٽوريٽ جي سرفراز واهہ جاگير ۾ چار هزار ميربيگهہ جي حصي تائين محدود ڪيو ويو هو بهرحال اهو حصو هاڻي ادائيگي جي جاءِ تي منظور ٿيل جاگير هجڻ سبب ختم ٿي ويندو اهو حصو هن ايڪسيلنسي گورنر طرفان رڳو حياتي تائين بيهر جاگير طور منظور ڪرڻ جوڳو هو.

(سنڌ ۾ جاگير جي تاريخ ،سنڌيڪار،حسين بادشاهہ ،صفحو 394)

سرفراز واهہ تي جاگير جي ورهاست جو ذڪر ڪجهہ هن ريت بہ آهي "14 فيبروري 1842ع تي مير نصير خان ، خان محمد کي سرفراز واهہ مان 12593 مير بيگهہ ۽ فتح خان کي ساڳين جاگير مان 4000 مير بيگهہ ۽ فضل علي کي ساڳين جاگير مان 1407 مير بيگهہ منظور ڪري ڏني."

(ايضا ،صفحو 394)

هاڻ ڏسڻو آهي تہ ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ ۾ ڪهڙا واهہ کوٽيا ويا ؟ ان سوال جي جواب ۾ ايم ايچ پنهور صاحب ويهارو کن نالا ڏنا آهن .پر پنهور صاحب جي چونڊ موجب اهو سوال اجا بہ تحقيق طلب آهي.

شاهہ جي ڪورواهہ ،شاهہ بهاري، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ کوٽايو نصرت واهہ، نصرت خان چانڊيئي ، نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ کوٽايو مراد واهہ مراد خان ڪلهوڙي کوٽايو فيروز واهہ ڪلهوڙن جي هڪ وزير فيروز ويراڙ کوٽايو سرفراز واهہ ميان سرفراز ڪلهوڙي کوٽايو باغ واهہ ڪلهوڙن جي خاص ماڻهو باغ خان سيال کوٽايو نور واهہ ميان نور محمد ڪلهوڙي کوٽايو جيڪو بيگاري واهن مان هڪ آهي، نور واهہ نالي هڪ ٻيو واهہ نورمحمد ڪلهوڙي جي دور ۾ گهاڙ واهہ مان ڪڍيو ويو گهاڙ واهہ بابت ڪلهوڙا دعوي ڪن ٿا تہ انهن کوٽايو جڏهن تہ اهو ڪنهن وقت ۾ قدرتي واهہ هو, اولهہ نارا سنڌو جو قدرتي ڦاٽ آهي،پر ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ استعمال ٿيو ڏٽي جي ڪور ڏٽي کهاوڙ کوٽايو شاهہ جي ڪور ،

ميان نور محمد ڪلهوڙي ڪوٽايو. داد ۾ ڏمراهه واهه سنڌو جا پراڻا وهڪرا هئا، تن کي ڪلهوڙن واهن طور استعمال ڪيو گانگرو واهه هالا کان هيٺ قدرتي وهڪرو هو

جنهن کي ڪلهوڙن 1758ع ۾ پيهر واهه طور استعمال ڪيو بگهاڙ واهه 1699ع ۾ سنڌوجوقدرتي ڦاٽ هو پر 1758ع ۾ غير دائمي ٿي ويو غلام شاهه ڪلهوڙي ان کي واهه طور استعمال ڪيو، سن 1740ع تائين 22 لک ايڪڙ زمين آباد ٿيندي هئي، پر پوءِ درياهه جي ڦير ڦار سبب اها حد بدلجي وئي، اهو ان وقت ٿيو جڏهن سنڌو پنهنجو وهڪرو هالا وٽان بدلايو"
(ڪتاب سنڌوجو سفر 1989ع بدر ابڙو صفحو 356، 357 سال 1994)

مٿين احوال مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته سرفراز واهه سنڌو درياهه جو قدرتي ڦاٽ نه بلڪ ميان سرفراز ڪلهوڙي پاران هٿرادو کيڙايل زرعي واهه هو، البته ڪٿي اڳ جو ڪو ميساريل واهه جو حصو هن جي پيٽ ۾ اچي ويو هوندو پيو اهو ته سرفراز واهه ڏگهڙي شهر مان گذريو ٿي ناهي چاڪاڻ جو انگريزن جو زمين بابت رڪارڊ اهڙي ڪابه چاڻ نٿو ڏي.

ميان غلام شاهه ڪلهوڙي حيدرآباد جي قلعي تي چار ورهيه حڪومت ڪري سن 1186 هجري مطابق 1772ع ۾وفات ڪئي، سندس مقبرو حيدرآباد شهر ٻاهران ڏسڻ وٽان آهي حڪومت جون فوجي واڳون ٽالپرن جي هٿن ۾ هيون، جن ميان غلام شاهه جي پٽ ميان محمد سرفراز کي گاديءَ تي ويهاريو.

(جنت السنڌ، مولائي شيدائي صفحو 443)

ميان سرفراز ڪلهوڙي جي حڪومت جو عرصو فقط ٽي سال رهيو آهي ان دوران هُن سرفراز واهه کوٽرايو بقول فقير بشر لغاري جي ته "ميان سرفراز اهو واهه صرف چمبڙ تائين کوٽايو هو ۽ چمبڙ کان اڳتي ڏگهڙي واري هندان گذاري پراڻ تائين ان واهه کي ميرن جي صاحبي جي آخري حڪمران ميرنصير خان پهچايو هو" مطلب 1840 ع کان 1843ع جي وچ ڌاري ڇاڪاڻ جو 1843ع ۾ سنڌ ڌرتي انگريزن جي قبضي هيٺ اچي ويئي هئي.

ڇا ان مان اهو ڇتو ٿئي ٿو تہ ڏگهڙي شهر جو سبب اهو سرفراز واهہ هو؟ جيڪو هت آيو 1840ع کانپوءِ آهي، اهڙي ريت ڏگهڙي جو جنم 1840ع کان پوءِ جو ٿيندو.يعني ميرن جي صاحبي جي آخري وقت ۾، ڇاڪاڻ جو ڏگهڙي آهي تہ ڏگهي ميربحر مائي جو پٽڻ ,پٽڻ ڇو وجود ٿيندو تہ پاڻي سان ، سو واهہ هت 1840ع کانپوءِ آيو آهي .پر ائين ناهي انڪري اڳوڻي سُنهري ڳوٺ کان ڏگهڙي ايندڙ ڍوري کي پوءِ ڪيڏانهن ڪبو؟ اهو تہ ممڪن ٿي ڪونهي جو سنهري ڳوٺ جي وجود کان ئي انڪار ڪجي، جيڪو ڍوري جي ڪپ تي هو.

سرفراز واهہ جي بجاءِ ماضي ۾ هتان هڪ ڍورو درياءَ جي ابڪلاٽي جي منڊ ۾ وهندو هو. جنهن ۾ سال جا ٻارانهن مهينا پاڻي جو هجڻ ڪونہ هوندو هو.جنهن کي ڇهہ ماهي چئي سگهجي ٿو. سو ڪو تايل ڪونہ هو بلڪ قدرتي هو . شايد هاڪڙي درياءَ جي وقت جو هجي. پوءِ جي آيل زلزلن، انگريزن جو 1901ع ۾ جمڙاو واهہ کي تعمير ڪرڻ ۽ ان مان هن تر لاءِ مريد شاخ کي اڳوڻي ڍوري بجاءِ الڳ ٿاهي ڏيڻ مان ئي اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ماضي جي ڍوري (فرضي سرفراز واهہ) جي ڪا اهميت نہ رهي هئي .اهو غير دائمي بنجي ويو هو. پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ان ڍوري کي ڏگهڙي کان مٿي جي زميندارن وڏيڪ برساتن جي صورت ۾ ٻنين جي پاڻي نيڪال لاءِ ڇنڊڻ طور استعمال ڪيو ۽ پوءِ ان ڇنڊڻ کي مستقل رکڻ لاءِ زميندارن تحريڪون هلايون.

عجيب لقاءُ هو ,غير قانونيت کي بچائڻ لاءِ قانون جو ڇولو پاتو ويو .جن زميندارن کي سئو مان 33 سيڪڙو زمين آباد ڪرڻي هئي، تن سئو مان 80_70 سيڪڙو زمين آباد ڪرڻ چاهي ، ۽ ان واڌو زمين جي آبادي کي بچائڻ لاءِ واڌو برساتن جي صورت ۾ 33 سيڪڙو کان آبو آباد ڪيل ٻنين لاءِ منصوبو رٿيو ويو ۽ ڏگهڙي شهر ۾رهندڙ غريب ماڻهن جا گهر ڊهرائڻ لاءِ تحريڪون شروع ڪيون ويون. ۽ (فرضي) سرفراز واهہ جو رينگٽ وڄايو ويو.

ڏگهڙي جي ايريگشن آفيس ۾ پيل نقشن ۾ (فرضي) سرفراز واهه جو لفظ ڏگهڙي شهر کان اُتر ۾ نظر ڪونه ايندو. مطلب ماضي جي ختم ٿيل ڊوري کي پنهنجي مفادن خاطر سرفراز واهه جو نالو ڏنو ويو.

قاضي فيض الله سائند جي ڏگهڙي جي تعلقي ناظمي جي دور ۾ تعلقي ڪائونسل جي ميمبر مسمات بچان حاجي شالماڻي پنهنجي اسڪيمن تحت نيو مير جان محمد ڪالوني لاءِ نئين سيوريج نالي منظور ڪرائي، ڇاڪاڻ ته هُن چاتو ٿي ته جي ڪالوني جا پلاٽ قانوني لوازمات پورا ڪرڻ بغير وڪيا وڃن پيا. پر ان ۾ آباد ٿيندڙ ماڻهن ته پلاٽ پيسن عيوض ورتا آهن، انهن کي ڇو بنيادي سهولت کان محروم ڪجي، تڏهن وڃي نيو ميرجان محمد ڪالوني ۾ ترقياتي ڪمن جي شروعات ٿي.

پر اها ڪالوني اولهه ۾ ڏکڻ طرف کان (فرضي) سرفراز واهه ۾ شمار ڪئي پئي وڃي. 2005ع ۾ ڏگهڙي تعلقي جو ناظم مير زاهد حسين ٽالپر ٿيو تنهن پنهنجي والد جي نالي واري ان ڪالوني ۾ ڪافي ترقياتي ڪم ڪرايا.

2010_11ع ۾ سنڌ ۾ آيل زبردست برساتن کي جواز ڄاڻائي "ڏگهڙي شهر کان مٿي پاسي ويٺل زميندارن پنهنجي فصلن جي بچاءَ خاطر (فرضي) سرفراز واهه جي بحالي لاءِ احتجاج ڪرڻ شروع ڪيا ته اسان کي (فرضي) سرفراز واهه بحال ڪرائي ڏيو يا ڏگهڙي شهر کي باءِ پاس ڪري سم نالو ڪوٽرائي ڏيو" هت (فرضي) سرفراز واهه جي بحالي مان مراد هئي ڏگهڙي شهر ۾ وارڊ نمبر هڪ ۾ الهه آباد ڪالوني جي انساني آبادي کي دربدر ڪيو. باقي هنن جو ٻيو مطالبو "سم نالو" ماقول هو. ارباب غلام رحيم جي وڏ وزارت جي دور ۾ سم نالي جي پي سي وَن منظور به ڪئي ويئي هئي پر پوءِ الاهي ڇو ان تي عمل ٿي نه سگهيو هو؟.

زميندارن جي تحريڪ جو ٻن نوجوانن ممتاز رياڙ ۽ مير خان بهادر عرف ميرخان کي اڳواڻ ڪيو ويو. هنن همراهن کي زميني حقيقت جي ڪابه خبر نه هئي، پر هتي جي آڳاٽي ماڻهن کي اها پوري ريت ڄاڻ هئي ته ڏگهڙي ۽ ان جي آس پاس 1964ع ۾ زبردست ٻوڏ برسات جي صورت ۾ آئي

هئي جنهن لاءِ مهر ڪاڇيلوي لکي ٿو ته” 1964ع ۾ زبردست برساتون پيون، سڄو ميداني علائقو ان لپيٽ ۾ اچي ويو ان جو مرڪز ڏگهڙي شهر جو آس پاس هو...... فصل تباهه ٿي ويا، گهر ڪري پيا روڊ ٽٽي ويا ،ريلوي پٽڙيون اکڙي ويون، ريلون بند ٿي ويون ماڻهو هڏي مرڻ لڳا، مال پاڻي ۾ لڙهي ويو باهه ٻارڻ لاءِ جڳهه نه هئي، نه تيل مليو ٿي، ان مصيبت جي وقت ۾ ميرپورخاص جي شهرين ديڳون پچائي ٽرڪن ۾ وجهي موڪليون ،جنهن سان ماڻهن جون زندگيون بچيون“

(تاريخ ٿرپارڪر مهر ڪاڇيلوي صفحو 214، اردو)

ڏگهڙي ۾ميرپورخاص روڊ تي الشهباز ڪانٽي اڳيان ظاهر ٽيل پنج قبرون 1964ع جي ٻوڏ ۾ لڙهي آيل ماڻهن جون آهن، جيڪي سڪو پٽ نه هجڻ ڪري رستي لڳ دفنايا ويا هئا.

هاڻ ڏسجي ته 1964ع ۾ ڏگهڙي شهر جي آبادي تقريبن ڏهه هزار ڪن هئي، مطلب تڏهن نيو ميرجان محمد ڪالوني هئي نه اولڊ مير جان محمد ڪالوني هئي. ۽ نه ئي الهه آباد ڪالوني جو وجود هو. پوءِ به برسات جي پاڻي وڏي تباهي مچائي. ان مان ظاهر ٿيو ته اڳوڻي ميساريل ڊوري (فرضي) سرفراز واهه جي پيٽ ڪليل هجڻ سان به ڪو خاطر خواهه فائدو نه پهتو هو. ان ڪانپوءِ ڏگهڙي جي زميني بيهڪ شهر جي صورت ۾ وڏيڪ مٽي ٿيندي ويئي، ان وٽان وڏو پاڻي جو ريلو گذارڻ تقريبن ناممڪن بڻجي ويو هو. تڏهن به ضد ڪري تاريخ 25 جون 2012ع بروز سومر جي ڏينهن سرڪاري مشنري جي معارفت (فرضي) سرفراز واهه جي آڙ ۾ رينجرز ۽ پوليس جا اٽالا گهرائي ڏگهڙي شهر جي وارڊ نمبر هڪ ۽ الهه آباد ڪالوني جي ماڻهن جا گهر زبردستي مسمار ڪيا ويا ،پرپل ترپل ويهڙا اُجاڙي ڇڏين، حڪمرانن پنهنجي رياستي ڏاڍ ڏيکاريو، وارڊ نمبر هڪ ۾ ڍنڍڙ گهرن جا رهواسي تقريبن ايم.پي. اي مير حاجي محمد حيات ٽالپر جا ووٽرهئا. سي ان ڪاروائي کان پهرين بار بار مير صاحب وٽ وڃي چئي رهيا هئا ته خدارا اسان جا گهر بچايو، توهان پيپلز پارٽي جا ايم. پي. اي آهيو، اسان توهان

جا مستقل ووٽر آهيون. مهرباني ڪري اسان کي بي گهر ٿيڻ کان بچايو.مير صاحب کان رکو جواب ملڻ جي صورت ۾ ماڻهن احتجاج بہ ڪيا، پر حڪمرانن جي طرفان ڪا مثبت موٽ نہ ملي. مسڪين مصري مگهڻهار جو گهر ڪريو بيواهہ پناڻي خاصخيلي جيڪا شهر ۾ ماڻهن جي گهرن ۾ ٿانون ملي پيٽ گذر ڪندي آهي. ان جي گهر کي نقصان پهتو. اهڙي ريت علي رضا خاصخيلي، محمد سليمان خاصخيلي، محمد ڪمندار خاصخيلي، عمر ڪنڀار بيوهہ خديجہ ڪنڀار بيوهہ يوسف ڪنڀار سميت ڪافي ماڻهن کي مالي نقصان مان جبري گذاريو ويو هن گهر ڊاهيو آپريشن جو اصل مقصد هو ماستر محمد عرص خاصخيلي جي ماڙي (گهر) ڊاهڻ توڙي جو ان جي عيوض ۾ هنن کي مير اياز ٽالپر جو مين دروازو ۽ مير ايوب جي گهر جي اڳڻ کي ڏنل ديوار ويهہ لکن جي لاڳت سان ٺهرايل واٽر فلٽر پلانٽ ۽ ٻن موبائل ٽاورن جا گيٽ ،جاڙي شيدي جي گهر ماستر الهڏنو خاصخيلي رمضان واش جي دڪانن سميت علي رضا عرف نمري جي دڪانن جي اڳين حصن کي بہ ڊاهڻو پيو. اهڙي ئي ٿهري ڪاروائي الهہ آباد ڪالوني ۾ پڻ ڪئي ويئي.

هن گهر ڊاهيو آپريشن جو مُک ڪارڻ ماستر محمد عرس خاصخيلي جي ماڙي رهي، اهو انڪري جو 2007ع جي صوبائي اليڪشن ۾ پي، ايس 66 تي ڊاڪٽر محمد امين خاصخيلي جو ايم .پي، اي شپ لاءِ فارم ڀرڻ هو ڊاڪٽر محمد امين ،ماستر محمد عرس جو سڳو سئوٽ ۽ سالو آهي. هي طاهراڻي گهراڻو ڪجهہ عرصو مير حاجي محمد حيات ٽالپر جون پنيون سنڀاليندو رهيو هو ،پر پوءِ ڊاڪٽر امين جي پاءُ حاجي اسحاق تي فالج جو حملو ٿيڻ ۽ ان کانپوءِ ڊاڪٽر امين جي ننڍي ڀاءُ عبداللطيف خاصخيلي کي ڪاريءَ سائيءَ ٿيڻ جي ڪري هنن ميرصاحب جي ٻنيءَ سنڀالڻ ڇڏي ڏني.

هي گهراڻو ميرن جي اعتماد وارو رهيو هو هن گهراڻي اڳ ڪڏهن بہ ميرن سان ويڇو نہ رکيو. توڙي جو مير راڄ آزار فيصلا ڪن، تڏهن بہ هن

گهراڻي ميرن جو ساٿ نہ ڇڏيو. هن خاصخيلي گهراڻي ايمانداري سان پنهنجي ذميواري نڀائي، تڏهن هنن ۽ ميرن جي وچ ۾ هڪ ۽ اعتماد جو رشتو قائم ٿي پيو. ميرن ۽ هن خاصخيلين جي وچ ۾ رنجش جو سبب ڊاڪٽر محمد امين جي نوڪري (ميڊيڪل آفيسر) جو آڊر بڻيو. ٿيو ائين تہ ڊاڪٽر محمد امين هڪ دفعي ميڊيڪل آفيسر بڻيو پر پنهنجي آزادانہ طبعيت ۽ پنهنجي پرائيويٽ ڪلينڪ جي ان وقت بهتر هلڻ جي ڪري جذباتي ٿي،پنهنجي نوڪري ڇڏي ڏني، پوءِ جڏهن وقت سان گڏ هلندي جوش جهڪو ٿيو تہ هن چاهيو تہ منهنجي ميڊيڪل واري نوڪري بحال ٿئي اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهہ ڪانہ هئي جو مير ان لاءِ ڪوشش وٺن ها تہ اهو ٿي پي سگهيو ميرن دلچسپي ڪونہ ورتي، اهو مشرف دور هو مير. حاجي محمد حيات بي، اي، جي شرط جي ڪري سنڌ اسيمبلي جو ميمبر نٿي بڻجي سگهيو جنهن ڪري پنهنجي ڀائيٽي مير ذوالفقار ٽالپر کي پي پي جي ٽڪيٽ تي ايم، پي، اي بڻايو هئس. اهو 1985ع کانپوءِ ڦهريون پيرو هو اهو صحيح آهي تہ ان وقت مرڪز ۾ پي پي اقتدار ۾ ڪونہ هئي. اهو علي محمد مهر ۽ ارباب غلام رحيم جي وڏ وزارت جو دور هو. پر ڊاڪٽر امين جي ڪاوڙ جو سبب مير ذوالفقار ٽالپر پاران صحيح ڳالهہ نہ ٻڌائڻ رهيو. امين چوندو رهيو يلي منهنجي نوڪري بحال نہ ڪرايو. پر مونکي سچي ڳالهہ تہ ٻڌايو! انڪري ئي سازگار ماحول رنجيش ۾ بدلجي ويو ڏسجي تہ ڊاڪٽر امين پنهنجي نوڪري جي بحالي ٿي چاهي اهو گناهہ تہ ڪونہ هو ان وقت اهو ڪم جي هٿ وس نہ هو تہ ڳالهين ذريعي امين کي مطمئن ڪري سگهجو پئي، ٻي طرف ڊاڪٽر امين بہ جي. تڏي دماغ سان سوچي ها تہ ڪي ڪم ڪونہ بہ ٿيندا آهن تہ اڄ اهو سانحو پيش نہ اچي ها. وارڊ نمبر هڪ ۾ الهہ آباد ڪالوني جي ماڻهن جا گهر ڪونہ ڪرن ها، اهو عالم آشڪار سچ آهي تہ گهرن ڊهڻ جو سبب ميرن جي ڊاڪٽر امين خاصخيلي وارن سان رنجيش هئي 2007ع ۾ ڊاڪٽر امين مير حاجي محمد حيات ٽالپر جي سامهون صوبائي اليڪشن ۾ فارم ڀريو هو. اليڪشن ۾ بيهڻ هر ماڻهو جو

اخلاقي ۽ قانوني حق هوندو آهي پر جاگيردار سماج ۾ وڏيرا پنهنجي هارين کي ايتري اجازت ڪونه ٿا ڏين. ان ڪري ٿي ماستر عرس خاصخيلي جي ماڙي نشاني تي آئي. ڇاڪاڻ جو پيپي ويو تہ ڊاڪٽر امين کي اليڪشن ۾ بيهارڻ وارو ماستر عرس آهي. گهرن جو ڊهڻ ممتاز رياڙ ۽ خان بهادر جي تحريڪ جو نتيجو نہ بلڪ ميرن جي ڪاوڙ ۽ انتقام جو نتيجو هو ۽ پيهر گهر ڊاهيو آپريشن ۾ بچيل گهر بہ ڊاٺا ويا.

. اهو پهريون ڀيرو هو جو 2013ع جي صوبائي اليڪشن ۾ پي، ايس 66 تي مير حاجي محمد حيات ٽالپر ۽ ارباب غلام رحيم جي پٽ ارباب عنايت جي وچ ۾ ٽينڊڙ مقابلي دوران آئون اينٽي مير ووٽن ۾ شامل ٿي ويو هئس، سبب ماڻهن جا گهر ڪرڻ هو ۽ اهو بہ هڪ رڪارڊ هو تہ ميرن جي ذاتي پولنگن تان ايترا ووٽ مخالف ۾ اڳ ڪڏهن بہ ڪونہ نڪتا هئا ،جيترا اِن ڀيري نڪتا هئا. اليڪشن مير حاجي محمد حيات کٽي ،پر ماڻهن اسان تي وڏو ڀروسو ڪيو هو. اهو ڀروسو تڏهن ٽٽو جڏهن 2015ع ۾ ڊاڪٽر امين پنهنجي همت سان بحال ڪرايل ميڊيڪل آفيسر واري نوڪري ٽنڊوغلام علي کان ڏکڙيءَ بدلي ڪرائڻ لاءِ عبدالجبار خاصخيلي جي معرفت مير حاجي محمد حيات کي ايلاز ڪيا. ڊاڪٽر امين پاڻ تہ بدلي تي ڏکڙي آيو پر ماڻهن سمجهي ورتو تہ ساڳيان لاٿون ساڳيان چگهہ. جيڪڏهن 2007ع ۾ اليڪشن وارو رونشو نہ ڪجي ها تہ اڄ ماڻهن جا گهر تہ سلامت هجن ها.

ڏکڙي جا مير ڏگهي عرصي کان حاڪم راڄ رهندا اچن ٿيهن سالن کان مٿي سندن عرصو اقتدار جي دور کي ڪراس ڪري چڪو آهي . هنن ۾ جيڪا وڏي ڪمزوري آهي،سا ڪنن جو ڪچو هجڻ، هُو خوشامند کي پسند ڪن ٿا توڙي جو شوباز ڪونہ آهن ،پر ميرن واري درياءَ دلي واري نوابي بہ ڪونہ اٿن. شهڪار مالي وسيلا هجڻ باوجود تعليم سان صفا ڪانہ پئين. ڏکڙي شهر ۾ بوائز توڙي گرلس ڪاليج لاءِ بلڊنگ ميسر ناهي شهر ۾ نہ راند جو ميدان ۽ نہ سوئي گيس لاءِ ڪا سنجيده ڪوشش ورتي اٿن .انهن

ڪارٽن ھي شھر ڇڻ ننڍڙڪو ٿو لڳي. باقي سنڌن ھڪ ٻيو پهلو نرالو آھي تہ مير حاجي محمد حيات عام ماڻھو سان ملاقات لاءِ ڪو پروٽوڪول ڪونہ ٿو رکي. اھو سنڌ جو واحد ايم. پي. اي آھي جيڪو حلقي جي ماڻھن سان ملڻ لاءِ سدائين حاضر ھوندو آھي.

ھت (فرضي) سرفراز واھہ جي حقيقت ھيئن آھي تہ ھتان (ڏگهڙي مان) اڳاتي وقت ۾ ڪو ڍورو گذرندو ھو پر اُن جي اھميت ڪا وڏي ڪانہ ھئي. انڪري تاريخي طور ڪتابن ۾ ان جو ڪو ذڪر نٿو ملي ۽ 1901ع ۾ انگريز بہ ان ڍوري وارن ھنڌن تان ڇمڙاو واھہ مان مريد شاخ ڪڍي واھڻ منساب ڪونہ سمجھيو اڄ غلط فهمي جي بنياد تي ان کي سرفراز واھہ سمجھيو وڃي ٿو. ٻڌل ڳالهين تي ماڻھن بغير تصديق جي ان ميسارجي ويل ڍوري کي سرفراز واھہ سمجھي ورتو جڏھن تہ سرفراز واھہ جو گذر ڏگهڙي شھر جي بجاءِ ضلعي بدين مان رھيو ان جي ثابتي ان ڳالھہ مان بہ ملي ٿي تہ بدين ضلعي ۾ آمن آباد (سم. سورھڏي) جي ڏکڻ ۾ گذرندڙ شاخ "علي آباد" کي اڄ بہ اُت سرفراز واھہ چيو وڃي ٿو. سرفراز واھہ ڪان اڳ اتان لڪاڏنو واھہ گذرندو ھو. تصديق لاءِ بدين ضلعي جو ايريگشن رڪارڊ چيڪ ڪيو وڃي.

• ڏگهڙي مان گذرندڙ آڳاتو ڍورو وقت سان گڏ متجي ويو شھر ۾ اڄ اُن جون نظر ايندڙ وڏيون کڏون انڪري ٿيون آھن جوھت اڳي آباد ٿيندڙ نئون ماڻھن انھن کڏن مان متيءَ کڻي پنھنجا گھر اڏيا. بلڪ ڪافي وقت تائين بنھين وارا ان ۾ سرون ٺاھي وڪڻندا ھئا. تنھن ڪري انھن کڏن جي سائيز وڏي ويئي ۽ پوءِ مفروزن تحت اھو سمجھيو ويو تہ ھي سرفراز واھہ ھو جنھن جو پيٽ سوين فٽن ۾ ھو. فرض ڪريو جي ائين ھو تہ ڏگهڙي شھر جي اولھہ جي سڌ ۾ نئون دنبالو اچي ٿو ان نئون دنبالو ڪان ھيٺ ڇھہ ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ ڳوٺ چتو مادراڻي اچي ٿو جتي سرفراز واھہ جا نشان موجود آھن. پوءِ ڇا ان مان سمجھجي تہ اھو سرفراز واھہ وري 6 کان 8 ڪلوميٽر واپس اُتر ۾

چڙهائي ڪري پراڻي سونهري شهر کان تي واپس ڏکڙي آيو هوندو؟ يلا واهہ يا درياءَ ڪڏهن اُبتا وهيا آهن؟

ڏکڙي ٻڏورو ماضي جي ڪتا هو. 1901ع ۾ جمڙائو ۾ ان مان نڪرندڙ مريد شاخ جي ٻين ڀتن تان گذرڻ هِن جي غير اهمي تي تصديق جي مهر هڻي ڇڏي. باقي پاڻي جو ٻوڏ جي صورت ۾ هِن طرف ڏوڪجي اچڻ جو مقصد اهو آهي تہ جيولاجي جا ماهر (ڌرتي جو علم رکندڙ) ڄاڻن ٿا تہ سنڌ ڌرتي جو ڏکڻ ڀاڱو (ٺٽو، لاڙ) سمنڊ جي سطح کان فقط ڇهہ ميٽر مٿائون آهي، ۽ سنڌ ڌرتي جو اُتريون حصو (روهڙي، سکر) سمنڊ جي سطح کان 70 ميٽر مٿائون آهي، انڪري ٻوڏن جي صورت ۾ پاڻي هيٺين علائقن ۾ ڏوڪجي اچي ٿو. اهو حڪمرانن جو ڪم هوندو آهي تہ جيڪي ايندڙ ٻوڏ جي پاڻي کي شهرن کان باءِ پاس ڏئي مٿائي وڃن. جيئن منڇر ڍنڍ ۾ ايندڙ ٻوڏ هر واري ٻُوٽڪ شهر کي ٻوڙي ڇڏيندي هئي پر انگريزن ماڻهن جا گهر ڍاهڻ جي بجاءِ منڇر ڍنڍ کي بند ٻڌائي شهر کي محفوظ بڻائي ورتو.

اڄ ڏسو سڄو ميرپورخاص شهر پراڻ درياءَ جي اندر اچي ٿو هاڻ ڇا ٿيڻ گهرجي؟ ميرپورخاص شهر کي ٻڏجي يا پاڻي کي مناسب باءِ پاس ڏجي اهو سوال هر باضمير شخص خود کان پڇي سگهي ٿو.

محمد شاهہ جيلاني

محمد شاهہ جيلاني اُچ شريف جو پڏايو ويجي ٿو. چون ٿا تہ محمد شاهہ جيلاني جي والد بزرگ سان خانپور جي ميرن جا دُعا درمل جي حوالي سان واسطا هئا. توڙي جو ماٺهو جيلاني جي والد بزرگ جو نالو پڏائڻ کان قاصر آهن. هڪ دفعي خانپور جي ميرن جيلاني جي والد بزرگ سان هُجت ڪندي چيو هو تہ اُچ شريف خانپور کان گهڻو پري آهيءَ، مهرباني ڪري اهڙو ڪجهہ ڪريو جو اسان کي خانپور ۾ دُعا ۽ ديدار نصيب ٿئي، ۽ پنڌ کان بہ بچي پئون. جنهن تي جيلاني جي والد بزرگ جيلاني کي ننڍي ڄمار ۾ ميرن کي سونپي ڇڏيو. (اهو هڪ خيال آهي)

محمد شاهہ جيلاني 85_1880ع ۾ ميرن سان گڏ 12_10 سالن جي عمر ۾ خانپور کان ڏگهڙي جي موجوده پڊڻ جي طرف آيو آهي. جيلاني جي ڄمار ڏگهڙي اچڻ واري حساب سان ڏسنداسين تہ تاريخ پيدائش 75_1870ع ٿيندس پاڻ مير جان محمد تالپر (اول) سان گڏ ڏگهڙي آيا آهن. مير جان محمد تالپر (اول) جو والد مير غلام حيدر تالپر (اول) 1851ع ۾ گذاري ويو آهي، ان وقت مير جان محمد تالپر (اول) جي عمر تقريبن 10 سال کن رهي هوندي. ان حساب سان پيدائش 41_1840ع ٿيس مير جان محمد تالپر (اول) جڏهن 85_1880ع ۾ ڏگهڙي جي طرف لڏيا هوندا، تہ ان وقت سندس ڄمار تقريبن 45_40 سال رهي هوندن.

محمد شاهہ جيلاني جواني جي وقت ۾ وفات پاتي آهي. مطلب 28_25 سالن جي ڄمار ۾ اهو 1895_1901ع داري جو دؤر ٿيندو. جيلاني بيماري جي حالت ۾ پنهنجي عزيز وٽ ڪوٽڙي ويل هو جتي سندس وفات ٿي ويئي هئي. اُتان سندس ميت مير جان محمد تالپر (اول) ڏگهڙي ڪٺائي

آيو هو ۽ مير جان محمد ٽالپر (اول) تقريبن 91_90 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويا آهن, اهو دؤر ٿئي ٿو 31_1930ع جو. پر ڏسجي ته جيلاني جي؛ تُربت ڏگهڙي ۾ عيان آهي پر سندس ميت آٽينڊڙ مير جان محمد ٽالپر (اول) جي قبر نٿي ملي. (هڪ راءِ اها به آهي ته جيلاني ذات جا ماڻهو, عثمان شاهه مروندي (قلندر) سان گڏ سنڌ آيا هئا. جيلان ايران جو علائقو آهي. جيلاني ۽ گيلاني ساڳين ڳالهه آهي).

تاجن فقير جوڻيجو اصل لاڙ طرف جو هو جيلاني جو ڏگهڙي ۾ خليفو اڇي ٻٽيو هو سندس وفات لوس جي بيماري جي وقت (1918ع) ۾ ٿي آهي. سندس مزار به جيلاني درگاهه جي لڳ آهي.

رَوجي ڪولهي ولد ميهيو رام

رَوجي ڪولهي جي چوڻ موجب سندس ڄمار هڪ سئو سالن جي لڳ آهي. رَوجي چوي ٿو ته ڏگهڙي جي وارڊ نمبر هڪ (1) ۾ ڪوسا برادري جي موجوده گهرن وارو پَڊ اڳ اسان جي وڏن جو هو. انهن جي لڏڻ ڪانپوءِ ڪوسا ذات جا ماڻهو اُتي آباد ٿيا.

رَوجي اهو به چوي ٿو ته ورهاڱي کان اڳ اسان جا مائٽ هندستان ايندا ويندا هئا, پوءِ ياڄ پئي (1947ع ۾) ته اسان وڃي انڊيا ۾ آٺ سال رهي پياسين. جڏهن واپس اڇي جهڏي شهر ۾ رهياسين ته اسان کي اُتي خبر پئي ته اڄ منهنجي چاچي ڪيتي (موالي) جي مانيءَ هئي.

رَوجي چوي ٿو ڏگهڙي شهر جي اُتر ۾ موجوده ڪولهين جي مقام (قبرستان) کي هڪ دفعا مُڪيءَ ڏاهڻ جي ڪوشش ڪئي, ته ان تان جهيڙو ٿي پيو پوءِ مير حاجي غلام حيدر ٽالپر فيصلو ڪيو هو ۽ هو (مير) موجوده مير زاهد ٽالپر جي واڻ تان ڏيگن وارو هَر رڪائي, اُڪري سرزمين ڏسڻ آيو هو ۽ مُڪي تڏهن منهنجي والد کان پڇو هو ته توهان مقام (قبرستان) جي مالڪي جي دعوي ڪرو پيا, پڌاءِ ته توهان هِت ڪڏهن کان ويٺو آهين؟ جنهن تي منهنجي پيءُ موٽ ڏني هئي ته ڇپني جو ڪال (1899ع) مونکي

بہ ياد آهي تہ اسان هِت ويٺل هئاسين، اڳ جي مونکي خبر ناهي. پوءِ مير حاجي غلام حيدر ٽالپر فيصلو ڪولهي برادري جي حق ۾ ڏنو. ۽ مقام قائم رهيو جيڪو اڄ سودو قائم آهي.

(واضح رهي تہ ڇَپني ڪال کي ڇپنجاهه ٽسبُت سال 1956ع جي حوالي سان ياد رکيو وڃي ٿو. ٽسبُت سال 1956ع ۾ زبردست ڏُڪار پيو هو. انڪري 56هين جي نسبت ان کي هندي زبان جي انگن اکرن ۾ ڇَپني چيو وُڃي ٿو جيڪو عيسوي سال 1899ع ٿيندو) .

ڙوجي ڪولهي سان گڏ ويٺل شگن جو چوڻ هو تہ اسان کي هِت (ڏگهڙيءَ ۾) وڏو سهارو ميرن/ ٽالپرن جو رهندو اچي.

ٻي طرف پاڻ ڏسون ٿا تہ هي ڪولهي برادري جيڪا سڀ کان اڳ ڏگهڙيءَ ۾ ويٺل نظر اچي پئي، سا اڄ تائين تمام پٺ تي پيل آهي. هارپو ڪري ٿي، هاڻ ڪجهہ ماڻهو واپار پڙ ڳن ٿا. پر ڪنهن بہ سرڪاري نوڪريءَ هيل تائين سندن دَر نہ کُڙڪايو آهي. توڙي جو ڏگهڙيءَ شهر جي ايجاد جا ڪارڻ هي آهن، پر ڪنهن کي بہ انهن جي غرض ڪونهي!! هي آهي اسان جي ذميواري ۽ فرض شناسي...!

سيد فدا حسين شاهہ

ساڻين فداحسين شاهہ جي تاريخ پيدائش 1937ع آهي.

سيد فدا حسين شاهہ جا وڏا ڪوئيٽہ شهر کان سڌو ڏگهڙي جي طرف لڏيا آهن.

ڪوئيٽہ شهر ۾ ساڻين جا وڏا دڪي جي مقام تي رهندا هئا، جيڪو چمن روڊ تي واقع آهي.

فدا شاهہ جو چوڻ آهي تہ ڏگهڙي دراصل هڪ ڪولهڻ عورت هئي، جنهن جو نالو درڳڙي هو. جيڪو پوءِ بگڙي ڏگهڙي ٿيو آهي. ڏگهڙي ۾ هاڻوڪي غريب آباد اڳ ڪولهڻ جو آستان هو.

هو وڏيڪ چوي ٿو تہ برٽش گورنمنٽ جي دؤر ۾ اڳ اهو قانون هو تہ جيڪا زمين ڪو شخص 3 سال تائين آباد نہ ڪندو هو سا زمين سرڪار کي خود بہ خود واپس ٿيڻ ويندي هئي. پر پوءِ اهو قانون رئيس غلام محمد خان ٻرڳڙي ٽوڙايو هو. تڏهن فصل نار وسيلي ٿيندو هو.

فداحسين شاهہ 1954/55ع ۾ لوڪل گورنمنٽ ۾ نوڪري شروع ڪئي هئي. تڏهن نوٽيفائيڊ ڪاميٽيون هونديون هيون.

هو چوي ٿو ورهاڱي وقت (1947ع) ۾ مهاجر ڪئمپ ڊگهڙي ۾ وڏي پارڪ واري گدامن ۾ هئي. ڊگهڙي جو پرائمري اسڪول تقريبن 1947/48ع ڌاري ٽنڊوعلام علي روڊ جتي اڳوڻي مسلم بئنڪ واري هنڌ هو.

حڪومت راءِ جيواڻي ڊگهڙي ٽائون ڪميٽي جو پهريون سيڪريٽري هو. ڊگهڙي جو پهريون ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر فيروازالدين رهيوآهي .ڊگهڙي هاءِ اسڪول جو پهريون هيڊماستر لائق علي صديقي رهيوآهي.

سيد فدا شاهہ وڌيڪ چوي ٿو تہ رضا حسين شاهہ سندس عزيز هو جيڪو گريجويٽس هو. جنهن جو سياستدان نثار کهڙو بہ شاگرد رهي چڪو آهي. موسيٰ حسين شاهہفدا شاهہ جو سڳو سئوٽ هو جنهن ڊگهڙي ۾ سادات ڪانفرنس ڪرائي هئي. جنهن ۾ سائين جي ايم سيد بہ شريڪ ٿيو. هو. اڳ ۾ مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جي اوطاق لانڍي جي صورت ۾ ڪچي هوندي هئي. تڏهن ڊگهڙي ۾ ٽالپر، سيد، بلوچ، ڪپري، شيدي، خاصخيلي وغيره رهندا هئا.

اڳ رستا ڪچا هوندا هئا. ميرپورخاص ، نئون ڪوٽ روٽ تي صرف هڪ بس هلندي هئي. ڊگهڙي جي وڏي ڪاڻ اڳ ڏوبي گاٽ هوندي هئي.

هو وڌيڪ چئي ٿو تہ مير حاجي فتح خان ٽالپر جي اجرڪ هڪ واري جيپ ۾ ڦاسي پئي هئي.

سائين پنهنجي ساروڻين ۾ چئي ٿو تہ ڊگهڙي هاءِ اسڪول جو هڪ بروهي بلوچ استاد وڏو قابل ۽ پڙهائيندڙ هو. پر پوءِ موالي ٿِجي پيو هو.هو

اهو بہ چوي ٿو تہ ڏگهڙي ٽائون ڪميٽي ۾ جمعدار نياز قائم خاني ،عبدالرحيم بلوچ ۽ مير حاجي فتح خان ٽالپر ان وقت ۾ آرائين گروپ جو مخالف پينل هو.

1965/70ع جي دور ۾ حيدرآباد جي البدر هوٽل تي سنڌ جا مشهور راڳي ايندا هئا جن ۾ استاد منظور علي خان ، محمد جمن ، طاهر علي خاصيخلي ۽ موسيقار شاهنواز راڻا سميت گهڻا مشهور ڪلاڪار ايندا هئا. تنهن وقت ۾ سائين فدا حسين شاهہ بہ اُتي ويندو هو ان وقت جا سندس مشهور ڪلام هئا

- ڪنهن کي ڪير چوي.
- مَن مست ڪيو ٿو.
- نہ تون آئين نہ ننڊ آئي.

سجاد يوسف ۽ ثمينہ ڪنول بہ سيد فداحسين شاهہ جا ڪافي گيت ڳايا آهن ۽ فلم "قرب جا قيدي" لاءِ بہ فدا شاهہ هڪ گيت لکيو هو. فدا حسين شاهہ جو وڏيڪ چوڻ آهي تہ مير حاجي جان محمد ٽالپر مير زاهد ٽالپر جو والد بہ شاعر هو جنهن جي شاعري مٺو ڪيچي ڳائي هئي.

سائين وڏيڪ چئي ٿو تہ ڏگهڙي جي ميرن واري مسجد (مسجد قباء) جو اڳ مؤذن محمد قاسم شالماڻي هو.

سيد فدا حسين شاهہ پاڻ پنجابي قوم سان تعلق رکن ٿا پر سندن شاعري سنڌ جي مٽيءَ ۾ ڳوهيل آهي.

عورت

اها عورت جنهن کي ڏگهيءَ، درگڙيءِ مهاڻڻ يا ڪولهڻ چيو وڃي ٿو اُن سان منسوب هي شهر ڏگهڙيءَ آهي.

عورت جي حوالي سان سبطِ حسن پنهنجي ڪتاب "ماضي ڪي مزار" ۾ جاڻائي ٿو تہ" شروعاتي دور ۾ جڏهن انسان غارن ۾ رهندو هو ۽ شڪار تي گذر ڪندو هو تڏهن مرد پٿرن جي ڇُهنب مان ڀالا ٺاهي جانورن جو شڪار

ڪرڻ ويندا هئا تہ پويان رهجي ويل عورتون برسات پوڻ ۽ وٽن مان ٻجن ڪي ڪرندي ڏسنديون هيون،جيڪي مخصوص وقت ۾ڦُٽي نسرڻ لڳندا هئا.اها ماجرا ڏسي عورتون پوءِ ڪريل ٻج پنهنجي هٿن سان زمين ۾ هڻنديون هنيون ،جيڪي ڦُٽي نڪرندا هئا. اهڙي ريت زراعت جنم ورتو جنهن جي خالق عورت آهي".

اڄ بہ عورت مِرچ،ڦُٽي (ڪپهہ) ۽ بصر وغيره جي پوکائي (چُنگي) ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. عورت زراعت جي صورت ۾ جنس کي جنم ڏئي موجوده دنيا جي ترقي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو،سا عورت خُود اڄ تائين هڪ جنس کان اڳيان نڪري نہ سگھي آهي.

هڪبئي پٺيان ايندڙ مختلف ڌرمن جي تهذيبن عورتن کي ماضي کان سڌريل شڪل ڏيڻ جي ڪوشش تہ ڪئي پر هُن کي هڪ جنس کان مٿي آڻي نہ سگهيا ،توڙي جو يورپ ۾ 1919ع ڌاري عورت کي ڪجهہ ميتا ملي. پر برِصغير،ريتن ،رسمن،قبائلي ۽ جاگيرداري سماجن جي،ڪري عورت لاءِ نرڳ رهندو اچي پيو.

هِن مرداڻي سماج عورت کي صرف استعمال جو وَکر سمجھو، ۽ ٻارن ڄڻڻ جي مشن پڻ،هت عورت کان مجموعي طور تي اظهار جي آزادي پيار ڪرڻ جو حق کسيو ويو آهي،نہ رڳو ايترو پر اهڙي گُهر ڪرڻ کي بہ ڪبيرو گناهہ سمجهو ويجي ٿو. جڏهن تہ انساني حقن جي چارٽر ۾ اظهار جي آزادي بنيادي گهرجن ۾ شامل آهي. ۽ جيڪڏهن انسان غلام ۽سماج اٽپڙهہ هجي تہ تعليم جي اڻهوند جي ڪري دقيانوسي سوچ اجا بہ وڌي ويجي ٿي. اهڙي ماحول ۾ عورت جنس سان گڏ تماشو بہ هوندي آهي .ڪاروڪاري ۽ سڱ چٽيون جرگا ان جي نظر ايندڙشڪل آهن. ڪٿي ڪارو ڪاري ۾ مظلوم مرد بہ لوڙهي ٿو پر گهڻو آنياءَ عورت سان ٿئي ٿو.

مُجرن جا هنڌ ، ريڊ لائيٽ علائقا ،نرتڪي منڊليون ،ايستائين جو فلمي دنيا ۾ عورت جي آڌ اُگهاڙي جسم جو ڊانس ۽ ٽيپل ايڪس فلمون ،مرد جي عياش سوچ جو ڪارڻ آهي.

هي مَرداڻو سماج پنهنجي اندر ۾ ايڏو ڪٺور آهي جو والدين پنهنجيءَ معصوم نياڻي کي لاڏڪوڏ مان پنهنجو "پُٽ" ڪري سڏيندا آهن ۽ اهي ئي والدين پيار مان ڪڏهن به پنهنجي معصوم پُٽ کي "ڌيءَ" ڪري ڪونه ٿا سڏين!

هِت مَرد جيترو عورتُ جي اُگهاڙپ ڏسڻ لاءِ خواب ڏسن ٿا ، اگر اُن جو چوٿون حصو به پنهنجي اخلاق کي اُتم ۽ سهپ وارو بڻائين ته هوند هي دنيا عورتن لاءِ سڪُون جي جاءِ بڻجي پوي.

سو ڳالهه پئي ڪئي سين ڍگهڙي جي نالي جي حوالي سان عورت جي، ته اها عورت ملاح يا ڪولهڻ هئي،يا ڪولهي ملاح هئي، نالو ڪٿي سوني هوندس ،تنهن عورت جي باري ۾ ڪا خاطر خواهه ڄاڻ ملي نٿي، ته آخر هو ڪيڏانهن ويئي، سندس مائٽ ڪهڙا هئا، جي هتان لڏيا ته پوءِ ڪيڏانهن ويا؟ سندن مڙهه مقام ڪهڙو آهي. اهڙي ڪابه معلومات نٿي ملي،صرف اهو چيو وڃي ٿو ته هُو هِت ڍوري تي ٻيڙيءَ هلائيندي هئي. پر سوال اهو آهي ته هِت سال جا 12 مهينا وهندڙ ڍورو رهيو ئي ناهي.

ٻي طرف ميرن جي صاحبي ۾ سنڌ اندر 527 چورس ميل زمين ،يعني ٽيرنهن لک ٽيتاليهه هزار ٽي سو پنجويهه ايڪڙ زمين شڪار گاهن لاءِ مخصوص ڪيل هئي. پر ڍگهڙي واري هنڌ کي به ٻيلو وغيره رکيل نه هو. سبب هِت پاڻي جي اڻاٺ هئي . اهو ٻيلو ٿئي جمڙاٽو واهه جو جنهن مان مريد شاخ وهي هلي ته هِن تر ۾ به ٻارهوئي پاڻي ٿيو نه ته اڳ هِت ماڻهو ڄر تي گذران ڪندا هئا.

جڏهن ته سنڌ جي طبعي صورت حال جبلن کي ڇڏي ڪري هِن ريت آهي "مٿاهون علائقو سکر ۽ روهڙي آهي جيڪو سمنڊ کان اٽڪل 70 ميٽر اُوچو آهي ۽ هيٺاهون علائقو ٿرپارڪر/لاڙ ڇوڙ وارو هنڌ آهي، جيڪو سمنڊ کان فقط ڇهه ميٽر مٿاهون آهي. اهو ئي سبب آهي جو وڏيڪ برساتن جي صورت ۾ پاڻي هِن طرف ڌوڪجي اچي ٿو.دريائن جا هنڌ صرف زلزلن جي ڪارڻ بدليا آهن. يعني هت پاڻي جي گذر گاهن جا گس وقت سان گڏ

متبا رهيا آهن، ان ڪارڻ اڳ درياءَ هاڪڙو ڪڇ جي رڻ ۾ چوڙ ڪندو هو جيڪو پوءِ سُڪي ويو ان جي جاءِ تي شهر اڏجي ويا. اهڙي ريت ڏگهڙي واري هنڌ به ماضي جو ڪو ڏورو هو جيڪو پوءِ ختم ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي شهر اڏجي ويو ان لاءِ شهر جي طرف ايندڙ برساتي پاڻي کي ٻاءِ پاس ڪرڻ ممڪن هو پر نه ڪيو ويو.

عورت جي حوالي سان سنڌ ۾ شهرن جو آباد ٿيڻ به رواداري جو ڏس ڏئي ٿو. مطلب هِت زنگيل سماج کي ڪافي حد تائين صوفيءَ ڌوئي صاف ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. توڙي جو اڃا گهڻي محنت جي ضرورت آهي.

سوامي ڪيمنات جوگيسر

سوامي ڪيمنات لاءِ ڪامريڊ مصطفيٰ "رضا" جا ويچار هن ريت آهن.

ڪيمنات جوگيسر راجستان جي مشهور شهر جوڌپور جي ويجهو هڪ ننڍڙي ڳوٺ رتن پور ۾ 1890ع ۾ رتن جي ڪنيار جي گهر ۾ جنم ورتو. رواج مطابق پهريون اولاد هئڻ جي ڪري هنجي غريب ماتاءِ پتا ڏاڍيون خوشيون ملهايون ۽ ٻچن ٻاڻ ۽ غريبن کي ڀنڊار ڪارايو ويو سندس نالو منگهوجي رکيو ويو. ننڍڙي منگهن جي جي جنم ڪانپوءِ سال بعد هن جي ٻاءِ حاڪوڙي جنم ورتو. جڏهن منگهي جي جي چمار ۾ سال هئي تہ هن جو پتا رتن جي هن فاني جهان کي ڇڏي پرلوڪ پڌاري ويو. پتا صاحب جي پر لوڪ پڌارڻ جي ڪري هنن جو خاندان وڏي مالي مشڪلات ۾ اچي ويو ڇو تہ انهي ڳهر جو واحد ڪمائيندڙ رتن جي هو. انهي وچ ۾ برصغير جو وڏو ڏڪار وڪر ماجيت 1956 (سنبت سال) ۾ پيو جنهن ۾ بک ۽ بيماري وگهي لکين ماڻهو ۽ جانور مري ويا هئا. انهي ڏڪار ۾ مارواڙ ۽ ڪاٺياواڙ جا صوبا سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيا هئا. پراڻا ماڻهو اڄ بہ انهي خوفناڪ ۽ ڀيانڪ ڏڪار کي ڇپني جو ڪال چئي ياد ڪندا آهن .ڏڪار ڪري هنن علائقن مان لکين ماڻهو بک کان بچڻ لاءِ روزگار جي تلاش ۾ درياءِ سنڌ جي ذرتي سنڌ ۾ آيا. هندن جي چار مقدس ويدن مان هڪ ويد سنڌو جي ڪناري تي لکيو ويو آهي جتي پنج هزار سال پراڻي دنيا جي عظيم تهذيب موئن جو دڙو آهي. ننڍڙي منگهي جي ماتا پنهنجي ٻنهي ٻچن برادري ۽ ڳوٺ وارن سان گڏ سنڌ ڏي سفر شروع ڪيو ۽ مختلف جاين تان تڪليفون سهندا ۽ ڪشالا ڪيندا ڏگهڙي شهر ۾ اچي پهتا . جيڪو صحرا ۽ ٿر

اُڪرڻ کانسواءِ وسندڙ شهر هو جتي هن جي ماتا ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ڍگهيڙيا ۽ هو هڪ ضمير واري ۽ محنت ڪندڙ عورت هئي پنهنجو ۽ پنهنجي صغير ٻالڪن جو پيٽ عزت سان پالڻ ۽ گذوان ڪرڻ لاءِ شهر ۾ رهندڙ ماڻهن جي گهرن ۾ جنڊ پيهڻ شروع ڪيا . باهمت مائي ڏينهن رات ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ جنڊ پيهندي هئي تڏهن وڏي مشڪل سان هنن جو پيٽ پلندو هو انهي ڪري ننيڊڙي منگهي کي ننڍپڻ ۾ ئي ڍگهڙي پنچائت جون ڳئون چارٽيون پيون منگهو جي ڪرشن گوپال وانگر ڳئون سان پيار ڪندو هو ۽ ڳايون چارڻ ۾ خدمت ۾ شيوا سمجهندو هو انهي وچ ۾ منگهي جي ماتا محنت ۽ مشقت ڪري بيمار ٿي پئي منگهو جي پنهنجي ماتا کي موت جي ظالم چنبي کان بچائي نہ سگهيو سندس ماتا بہ پِتا وانگر پر لوڪ پڌاري وئي. هاڻي منگھو جي ۽ سندس معصوم ڀاءُ هاڪوڙو هن پاپي سنسار ۾ اڪيلا رهجي ويا. انهن ڏينهن ڍگهڙي ۾ سرفراز واهہ جي ڪناري وڏو جهنگ هو. جتي منگهو جي، جنهن جي عمر اُن وقت نوسال هئي جيڪو ڏڪار جي ڪري پنهنجي ماءُ سان گڏ ڍگهڙي آيو هو. سو ڪو بہ سهارو نہ ڏسي مايوس ٿي ۽ ماتا جي جدائي ڪري اچي جهنگ ۾ روئڻ لڳو. اُن وقت ڍگهڙي ٻاون جي مڙهي جو گادي نشين جوتنات اُتان جهنگل مان موٽيو تہ هن جي ڪنن تي معصوم منگهي جي روئڻ جو آواز پهتو تنهن تي ٻائي جو تنات پڇيو تہ ڇا جي ڪري روئڻ جو آواز اچي پيواتي موجود ڪجهہ ماڻهن ٻڌايو تہ ڇوڪرو منگهو ۽ سندسس ڀاءُ ۽ ماءُ جتي ڏڪار کان ڏتڙجي مارواڙ راجستان مان پنهنجي شهر ۾ آيا هئا ۽ هنن ٻالڪن جو پِتا اڳيئي رتنپور مارواڙ ۾ سرڳواسي ٿي ويو هو ۽ هنن ٻالڪن جي ماتا بہ اَج پرلوڪ پڌاري ويئي آهيِ جنهن ڪري هي ٻالڪ روئي رهيا آهن.

جوتنات جيڪو رحمدل ۽ درويش صفت ٻائو هو تنهن انهن ٻالڪن تي رحم آڻي ۽ منگهي جي فقيري صحبت کي پرکي پاڻ سان گڏ اچي مڙهي ۾ راهڻ لڳو. هي مڙهي جيڪا ٻاون جي مڙهي سڏبي آهي، هن جو بنياد ڍگهڙيَ شهر جي تعمير جي وقت ٻائي سجنات رکيو هو. جيڪو وڏا

ڪشالا ڪيندڙ ۽ سخي ناٿ هو. جوتناٿ منگهي جي ڪي مڙهي جون ڳئون چارڻ تي رکيو ۽ سندس نندي ڀاءُ حاڪوڙي کي بصر مل حلوائي وٽ مزوري لاءِ ڇڏيائين. مڙهي ۽ ڳاين جي شيوا ڪندي منگهوجي چوڏانهن سالن جو اچي ٿيو انهي وقت ٿر ۾ تمام گهڻو مينهن پيو ۽ ٿر سڄو سر سبز ۽ سائو ٿي ويو. سنڌ ۾ رواج آهي تہ سنڌ جا مال وند ماڻهو پنهنجو مال چارڻ لاءِ ٿر موڪليندا آهن. سو منگهي جي بہ بائي صاحب جو تناٿ جي حڪم تي ڳئون کي وٺي ٿر چارڻ ويو.ٿر جي سفر دوران منگهو جي ڪارونجهر جبل ۾ ساردرا، انچلاسر، ڳئون مکي،ڀ يم گوڙ، ارجن ڀاڙ، لکٽيار تي پوڏي سر تلاءُ، ماتا واڍو مال ڪاڍو مندر ڏوڪڙي گٽيس، جهرنا، تارا ڳڙهہ ۽ ٻيا ٿر جا جيڪي بہ تيرٿ هئا تن جون زيارتون ڪيون.

چنهن وقت منگهو جي ٿر ۾ ئي هو تہ پويان ڏگهڙي ۾ اسٽيشن جي ويجهو مڙهي جي باغ ۾ بائي جوتناٿ، چولو متيو جو تناٿ ڪانپوءِ سندس خدمت گار چيلو ڀڳوانناٿ گادي تي ويٺو. بائي جوتناٿ جي چولي متائڻ جي منگهوجي کي ڪابہ خبر نہ هئي پر هن کي دل ۾ ذهن ۾ ڏگهڙي پهچڻ جي تانگهہ ٿي، هن ائين محسوس ڪيو.

هن کي گرو جوتناٿ حڪم ڏيئي رهيو آهي تہ فورن ڏگهڙي پهچ. ۽ ودياسِڪ، اِهو حڪم ٻڌي منگهوجي يڪدم پنهنجون ڳئون وٺي ٿر جون پٽون ارونگهي اچي ڏگهڙي پهتو ۽ ڀڳوںناٿ جا چرڻ ڇُهي چيلو ٿيو. چيلي ٿيڻ ڪانپوءِ ڏينهن رات مڙهي ۾ ڀڳوانناٿ جي شيوا ڪرڻ لڳو ۽ اهڙي طرح سان وديا ۽ علم بہ محنت ڪري سکيو.انهي ڪري منگهي جي ۾ عجيب نمرتا، نياز ۽ نؤڙت پيدا ٿي ان وقت سندس عمر ارڙهن سال هئي .هن جو مڱٽو پنهنجي ماٽتن ۾ ئي ٿيل هو. جيڪي اِنهن سان گڏ جي مارواڙ ڪان ڏگهڙي ۾ آيا هئا.هنن ڪنيارن جو وڏو جٿو انهي جڳهہ تي هو جتي هاڻي صوبا هريانہ هندستان مان آيل ماشڪين جو پاڙو هو. (مڙهي لڳ اڳوڻو عباسين جو پاڙ) منگهي جي جا مائٽ ورهاڱي وقت هندستان هليا ويا ۽ ڪجهہ گهر اجا بہ جيمسن آباد شهر ۾ اُنجي پسگردائي ۾ موجود آهن جڏهن

• گرو پڳوانتات منگهيءَ جي کي چيلو ڪيو تہ ناٿن جي قانون مطابق پنهنجي مگ کي پيڙ ڪيائين ۽ سندس گرو نالو کيمنات رکيو ۽ سندس ڪنن ۾ ڳنڊيل وڏا ۽ يوگ جي تپشيا ڪرڻ لڳو ۽ پين پنٿن ۾ مهارت حاصل ڪيائين.

سندس گرو پڳوانتات جي پيالي پيئڻ کانپوءِ هُن جي گادي تي سوامي کيمنات جوگيسر ويٺو. جوڳي سِر جهان ۾ جُڳ جُڳ جيئي جو. موٺي مري ڪِين ڪِي جيڪو مرٽو اڳ مئو لکن ۾ ليي ڪون ڪو ڪروڙن ۾ ڪو محمد. سورهہ سو جيڪو رهٽي رهي راز جي. پائي! کيمنات کي گادي ويهارڻ جي رسم سڄي هندوستان مان آيل ناٿگن، ساڌوئن، ناٿن ۽ ڦڪرن رشين، مُنسن ۽ مهاراجن ۾ سڀ کان وڏي گاديسر ناٿگي ادا ڪئي هئي، ناٿگا ۽ ڦڪڙ سون هاٿين تي چڙهي آيا. ڏکڙي جي سڄي شهر ۾ جشن ملهايا ويا. ڏکڙي شهر جو منظر انهي وقت ڏياري ۽ عيد وانگر هو سڄي شهر ۾ جهنڊيون لڳايون ويون. ۽ دڪانن کي سينگاريو ويو پڳتين جوڙ يادگار محفلون ٿيون انهي وقت سنڌ ۽ هند جي وڏن مشهور پڳتن پڄن ڳايا جنهن عجب سمو پيدا ڪري ڇڏيو. جنهن وقت مڙهي ۾ سوامي کيمنات کي گادي تي ويهاريو ويو پي مڙهي ۾ هِن وقت جي صوبائي اسيمبلي جي ميمبر مير حاجي محمد حيات خان ٽالپر جو چاچو مير حاجي غلام حيدر خان ٽالپر ۽ ڏکڙي ۾ رهندڙ مالهين جو مُکي ورو مل، لهاڻن جو مُکي ڪجو مل ۽ ڏکڙي ۾ رهندڙ مسلمان بہ حاضر هئا.

کيمنات جو گيسر 1. سيجنات 2. مانتات 3. نيمنات 4. جوتنات ۽ پڳوانات پوءِ ڏکڙ ي ناٿن جي مڙهي جي گادي تي ويهڻ وارو ڇهون نات هو. جيتري شهرت ۽ مشهوري هنن ناٿن مان کيمنات کي ملي اوتري ٻئي ڪنهن بہ نات جي حصي ۾ نہ آئي انهن سيني ناٿن جون سماديون ڏکڙي مڙهي ۾ هڪ ٺي هنڌ آهن. کيمنات ايڪتا جو قائل هو هندو ۽ مسلمانن کي هڪ نظر سان ڏسندو هو. هُو سيني سان پيار ۽ محبت سان پيش ايندو هو جنهن ڪري هندو ۽ مسلمان هن جي شخصيت کان متاثر ٿيندا هئا. وڏي

سخي طبيعت جا مالڪ هئا. وٽس جيڪي ڪجهه هوندو يا ملندو هوس سُو هندو ۽ مسلمانن ٻارن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا . جڏهن سوامي ڪيمنات صاحب مڙهي کان ٻاهر نڪرندا هئا ته هِن جي پويان ننڍين وڏن ماڻهن جا ميڙ هوندا هئا ۽ ڪوبه سوالي هٿن خالي نه ويندو هو. هنن کي پيسي ۾ ڪوڙي جي به تمنا نه هوندي هئي ڪيمنات صاحب ڇهه ڇهه مهينا وڏي غفا ۾ وڃي جوڳ پچائيندا هئا ۽ مڙهي ۾ سوين ، هزارين ماڻهو ايندا هئا ۽ انهن کي پنڊار مان ڪاڏو ڪاريو ويندو هو . هنن وٽ ڪنايت ، نمرتا، اُدارتا، گُريڳتي ۽ سم درشٽي مکيه گڻ هئا . سنڌس مهما هميشه اُيار هئي ڪلجڳ ۾ صاحبي جا ڏٽي هئا ڪنهن به ڏيتي ليتي ۽ وهنوار کان پري هوندا هئا. سدائين پنهنجي غفا ۾ گيان ڌيان ۾ رُڌل رهندا هئا.ڪڏهن ڪڏهن پور پوندو هو ته ٻاهر نڪرندا هئا نه ته سدائين غفا ۾ رهندا هئا. ۽ هفتو هفتو کاڌي کان بغير گذري ويندو هو پر تمنا نه رکندو هو غفا ۾ مهينن جا مهينا بغير کاڌي پيتي جي ڪري سوامي ڪيمنات ۾ وڏي شڪتي پيدا ٿي ويئي. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن به پور پوندو هوس ته مڙهي جي ويجهوئي محمد شاهه جيلاني جي درگاهه ۾ ويندو هو . محمد شاهه جيلاني ٽالپرن سان گڏجي ڏکڙي ۾ آيو هو جيڪو مهاڻي مائي ڏکي جي نالي ڳوٺ هو جيڪو سرفراز واهه جي ڪناري تي هو. هي واهه ڪلهوڙن جي ڇوٽين بادشاهه سرفراز ڪلهوڙي کوٽايو هو. محمد شاهه جيلاني وڏو با عمل ۽ باڪمال بزرگ هو. سنڌس هزارين مريد هئا هيئنر به اهو ميلو هر سال يارهين جي ميلي جي نالي سان مشهور آهي هن جي درگاهه تي سوامي ڪيمنات صاحب فرحت ۽ خوشي محسوس ڪنداهئا .هن درگاهه کان ٻاهر تاج محمد جوڻيجو عرف تاجن فقير جي درگاهه تي به ويندو هو انهي ڪانسواءِ ڏکڙي جي مالهين جي باغن ۾ محسنُ شاه جي درگاهه ۽ محمود شاهه جي درگاهه تي به ويندو هو. سوامي ڪيمنات جو ريل گاڏي بيهارڻ جهڙي شهر ۾ بيمار سوناري کي ڇڱو ڀلو ڪرڻ ، موري ۾ رهندڙ رهواسين کي درياءَ جي ٻوڏ کان بچائڻ ڪلو مل لوهاڻي جي پاءَ جي ڳالهه محمد شاهه جيلاني جي درگاهه

جي نالي گلڻ جي ڳالهه انهي ڪانسواءِ ٻيون انيڪ ڳالهيون ڪيمنات صاحب سان منصوب آهن.

انهن ڏينهن ڏگهڙي ۾ پرائمري اسڪول ۾ ٽيئون مل ڪتري ٻارن کي پڙهائيندو هو جو ڏاڍو ذهين ۽ هوشيار استاد هو ٽيئون مل سدائين سائين جي حاضري ۾ رهندو هو ۽ شيوا ڪندو هڪ ڏينهن سائين کي چيائين ته مونکي چيلو ڪر آئون فقير ٿيندس .ڪيمنات صاحب چيس بابا فقير جي منزل دور آهي هِن ۾ وڏيون تڪليفون ۽ پريشانيون آهن هي نفس جي منزل آهي مات ڪري وڃي نوڪري ڪر ۽ پنهنجي گهر وارن کي سنڀال پر هي نه رهيو ۽ ڏينهن رات سائين کي چوندو رهيو مونکي چيلو ڪر ٿيٺ سائين به راضي ٿيو ۽ هن ٽيئون مل سڄي شهر جي پنچائت ۾ پنهنجي مائٽن دوستن، سڄڻ ۽ مترن کان بخشايو ۽ پنهنجي منگيتر کي پيڻ ڪيائين ڇهين مهيني اشتمي ڏينهن ست سنگ ۽ پڄن پاٺ ڪري هِن جا ڪن ڦاڙي جوڳي ۽ نات ٺاهيو ويو ۽ هن جي گرُو ڪيمنات صاحب هن کي ترپٽي نات جو لقب ڏيئي پنهنجو چيلو ۽ پاڻ ڪانپوءِ ٻاڻن جي مڙهي جو گادي نشين مقرر ڪيائين . ترپٽي نات کان سواءِ ڀڳت موهن لال مالهي مُکي ور مل مالهي ڀڳت گومدو ڀڳت ڪاتائو مالهي فقير جان محمد لغاري عرف گياني داس، روپي رام ڀڪوڙي وارو بسنت مهراج سندس خاص چيلن ۾ هئا. سوامي ڪيمنات جوگيسر جي پشياشڪتي جي ڌوم ۾ سنڌ کان ٻاهر هندستان جي ڪافي علائقن ۾ پکڙجي چُڪي هئي ۽ پري پري کان ماڻهو وڏا سفر طئي ڪري پنهنجي ضرورتن ۽ سوالن لاءِ ڏگهڙي ايندا هئا ٻائي ڪيمنات صاحب سان ملي هن جون دعائون ۽ آپسيُون وٺي واپس ويندا هئا ڪڏهن ڪڏهن جوگيسر صاحب ڏگهڙي کان پنج ميل پري درياءِ سنڌ کان نڪرندڙ پراڻ ندي ڏي هليا ويندا هئا جيڪا ڪلهوڙن جي دؤر ۾ خشڪ ٿي وئي هئي پراڻ جي ڪناري تي دراوڙ موهن جو دڙو هڙاپا ڪاهو جي دڙي جي تهذيبن کان پراڻي تهذيب مدفن آهي هي لکين ناٿن، جوڳين، ساڌوئن، رشين مُنس درويشن ۽ فقيرن جو آماج گاهه رهي آهي ڪيمنات صاحب پراڻ ۾ ميلن جا

ميل مشاهدا ڪندا هئا ۽ گهمندا هئا. هن جي طبيعت ڪي پراڻ جي سير سان ڏاڍي راحت ۽ خوشي محسوس ٿيندي هئي. سدائين پراڻ جي فقيرن ۽ ساڌوئن جون ڳالهيون ڪندو ۽ انهن جا قصا بيان ڪندو هو ڀائي ڪيمنات وٽ هندو مسلمان ۽ سِک جي تميز ڪونہ هئي هو انسانذات تي يقين رکندو هو اها ئي وجہ هئي جو سنّدس ڪچهري ۾ هر متي ۽ مذهب جا ماڻهو موجود هوندا هئا. ڪيمنات ناٿ جي منزل جو فقير هو انهي منزل تي پنهنجون تمنائون خواهشون ختم ڪري نفس ڪشي ڪبي آهي، نفس کي مارڻ وڏي راهہ آهي جنهن ۾ نيڪ ۽ ثابت قدم تڪليفون ۽ ايذاءَ سهندڙ ماڻهو ئي پهچي سگهي ٿو"

ڪيمنات عظيم انسانن مان هڪ هو جو ڪاميابي مان فقيري جون سڀ منزلون ماري باهہ ۾ پچي ڪندن ٿي چڪو هو. بکون ڪاٽڻ ۽ مهينن جا مهينا رياضتون ڪرڻ جي ڪري آخر ۾ ڪافي جسماني ڪمزوري اچڻ جو وقت ٿيو تہ سندس چيلي ترپٽي ناٿ کي چيائين تہ پنچائت گهرائي تہ آءٌ چولو ڇڏي سماڌي وٺندس پوءِ پنچائت گهرائي جنهن ۾ هزارين ماڻهو گڏ ٿيا گڏ ٿيل سيني ماڻهن کي دعائون ڪري موڪلائي 23 مانگهہ سنبت 1999 بمطابق عيسوي 1942ع هن دنيا مان الوپ ٿي ويو ڀڳت گومدي سائين کي ڏوپ هٽي سينگاري پيوت مکي سينگاري مڙهي ۾ تلهي تي ڏوئي جي پاسي ۾ ويهاريو ويو عاليشان ڏولي ٺهرائي وئي جيڪا تمام قيمتي ڪاٺي جي ٺهيل هئي ڏولي کي ڏگهڙي شهر جي سيني رستن ۽ گهٽين ۾ گهمايو ويو ڏولي جي سرگس ۾ هزارين ماڻهو شامل هئا جيڪي ڀائي ڪيمنات صاحب جي جئہ جا نعرا هڻي ۽ ڀڄن ڳائي رهيا هئا شهر جي گهٽين مان ڏولي تي گلن ، عطرن ۽ خوشبوءِ دار شين جون ورڪائون ڪيون ويون اُن وقت تائين فوٽو ڪيڻ وارا ڪئمرا اچي چڪا هئا ڀائي ڪيمنات صاحب جي سرگس جا فوٽو بہ ڪڍيا ويا انهي وچ ۾ سڄو شهر بند رهيو. پنج بجي شهر مان ڏولي گهمائي مڙهي ۾ وٺي آيا انهي مڙهي جي بنياد

رڪندڙ گرو سيجنات ، مانتات نيم نات جو تنات ۽ پڳوان نات جهڙن ناٿن ، جوڳين ساڌوئن ۽ ڦڪرن سان گڏ لوڻ ۽ پتاشا ڏي سمادي ڪرائي ويئي.

گوو ميگهواڙ

گوبند عرف گوو پٽ ڪارو مل ميگهواڙ جن جي تاريخ پيدائش سرٽيفيڪٽ موجب 30 نومبر 1943ع آهي. پر پيدائش جو اصل سال 1940ع ٻڌائي ٿو. گوبند جو جنم ڏگهڙي ۾ ٿيو. چوڌري محمد شريف گِل جي بنگلي واري جاءِ تي گوبند وارن جا گهر هئا. 1952ع ۾ اها زمين (جيڪو وڏو پلاٽ هو) هنن چوڌري محمد شريف گِل کي وڪڻي ڏني هئي. گوبند ميگهواڙ تقريبن 1952ع يا ان جي لڳ چوڌري شريف گِل وارن جي ڏگهڙي ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جو وقت ٻڌائي ٿو. گوبند 1952ع ۾ لوڪل باڊيز جي اليڪشن ۾ ڏگهڙي ۾ ڪامياب ٿيندڙ جا نالا ٻڌائيندي چوي ٿو ته پهرين نمبر تي عبدالرحيم بلوچ، ٻي تي نياز محمد قائمخاني (جيڪو ڊاڪٽر مشتاق جو والد هو) ٽي نمبر تي مير حاجي غلام حيدر. چوٿين تي عبدالرشيد (جيڪو آپا صالحه جو والد هو) پنجين نمبر تي ڊاڪٽر فيروزالدين ڪاميابي ماڻي هئي.

گوبند اهو به چوي ٿو ته سندس والد ڪارو مل، ميگهواڙ برادري ۽ ٻين هريجن ذات جي ڪافي ماڻهن جا فيصلا ڪندو هو. هو وڏيڪ چوي ٿو ته موجوده هندو برادري جي مساڻ وٽ پورسنگهه جو اڳ ميلو لڳندو هو جيڪو پير پٿوري جو پڙ پوٽو هو. گوبند جو وڏيڪ چوڻ آهي ته مونکي جنهن اسڪول ماڻ في جي عيوض نيڪالي ڏني ويئي هئي ، سو اسڪول ان وقت موجوده گجراتي (جمعدارن) جي پاڙي ۾ منڊيءَ جي پر ۾ هو. جتي ماستر هاٿي رام ۽ ماستر موتو مل پڙهائيندا هئا، ۽ اُتي لائق علي هيڊ ماستر هو. اسڪول جي اها جاءِ ٽائون ڪميٽي مسواڙ تي ورتي هئي.

گوبند ٻڌائي ٿو ته 1964ع جي آيل ٻوڏ ۾ ڏگهڙي شهر جي اڪثر علائقن ۾ چيلهه کان به مٿي پاڻي هو برسات شام ڇهه بجي کان شروع ٿي

هئي ۽ بي ڏينهن سج اُبرڻ تائين لاڳاتار پوندي رهي. حالت اها هئي جو گوبند جو گهراڻو بہ ٽن حصن ۾ مختلف جاين تي جان بچائڻ جا جتن ڪري رهيو هو. انوقت ۾ ڪاڌ خوراڪ ميرپورخاص مان آئي هئي. جيڪا عوام طرفان موڪليل هئي. باقي سرڪار تہ صرف ڪجهہ ماڻهن کي پنجاهہ، پنجاهہ روپين جي امداد ڪئي هئي.

گوبند اهو بہ چوي ٿو تہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڏگهڙي ۾ ميگهواڙ برادري جا ويهہ کان پاويهہ گهر هئا. هن جو چوڻ آهي تہ ڏگهڙي ۾ موجودهہ وارڊ نمبر هڪ ۾ بڪائي پاڙي جي لڳ ڪولهي براڍري جو وڏو پاڙو هو. جيڪو اڄاڻو آباد هو. هن جو وڌيڪ چوڻ هو تہ مُکي ڪجو مل جيڪو مُکي هوت چند جو والد هو ان کي ڏگهڙي ۾ مئجسٽريٽ پاور (سزا ڏيڻ) جا اختيار مليل هئا.

مُکي ڪجو مل جي اوطاق سوامي ڪيمنات جي مندر جي ويجهو (ڪامريڊ مصطفيٰ "رضا" جي والد سرور جي دڪان جي پر ۾ ۽ موتي اسحاق تائر واري جي گهر جي سامهون خالي پيل پلاٽ وٽ) هئي. سرور جي دڪان جي پويان ان سنهي گهٽي جي پر ۾ مُکي ڪجومل جو وڏو ڪپڙي جو دڪان هو. ۽ دڪان جي مٿي مُکي وارن جو گهر هو. جنهن ۾ هنن جي رهائش هئي.

گوبند جو چوڻ هو تہ گجراتي برادري (جمعدار) پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، ڏگهڙي ۾ وينل آهن. جن جا نالا پڏائيندي هو چوي ٿو تہ ڪانو ڪارو ڏايو وڏو ڏوڙيو* ڏوڙيو ڪبير وغيره هت رهندا هئا.

هن نجو وڌيڪ چوڻ هو تہ ڏگهڙي ۾ جيلاني ۽ بائي ڪيمنات جا ميلا لڳندا هئا. جن ۾ ڀڪو پهلوان، محمد هاشم شيدي ۽ بيا ملهہ وڙهندا هئا. گوو چوي ٿو تہ 1955ع کان پهرين ڏگهڙي ۾ ڪو پڪو روڊ ڪونہ هو. ٺنڊوغلام علي روڊ مهاجر مسجد کان وٺي چوڪ تائين مٽيءَ جي ڌوڙ پئي اُڏامندي هئي. تنهن وقت ۾ ڏگهڙي ميرپورخاص روٽ تي هڪ بس هلندي هئي. جيڪا بہ ڊيزل جي بجاءِ ٻيرن جي ڪوئلن تي هلائي ويندي هئي. ان

بس جا به ڊرائيور هئا. هڪ جو نالو تلسيءَ سوٿهر ۽ ٻي کي ماما زنده آباد چوندا هئا. جيڪو ميرپورخاص شهر جو هو.

گوبند ٻڌائي ٿو ته ڏگهڙي واري چوڪ جي جامع مسجد جو بنياد رات جو 8 بجي رکيو ويو هو. مسجد جو ڪم گولن جي روشني ۾ ڪيو پيو ويو.

جيڪو گوبند وارن پاڻ اچي ڏنو هو. گوبند جو چوڻ آهي ته 1954ع کان اڳ مير حاجي محمد حيات ٽالپر حاجي نانو جي هوٽل تي سڄو سڄو ڏينهن ويٺو هوندو هو رات جو گهر ويندو هو.

هو چوي ٿو ته مير غلام حيدر ٽالپر جي وفات ايڪسيڊنٽ ۾ ٿي ته ان لاءِ ڏگهڙي شهر سوڳ ۾ ٻه ڏينهن بندر رهيو ۽ 1963ع ۾ عبدالرحيم بلوچ جي وفات به ايڪسيڊنٽ ۾ ٿي ته ان لاءِ سوڳ ۾ ڏگهڙي شهر ٽي ڏينهن بند رهيو.هن جو وڏيڪ چوڻ هو ته ڏگهڙي ۾ ڊاڪٽر فيروزالدين جي رٽائير ٿيڻ کان پوءِ هڪ بنگالي ڊاڪٽر ، ميڊيڪل آفيسر ٿي آيو هو ۽ انکانپوءِ ڊاڪٽر نوازعلي بلوچ ميڊيڪل آفيسر ٿي آيو هو.

گوبند عرف گوو ٻڌائي ٿو ته ٽنڊو جان محمد روڊ تي موجوده ورڪ شاپنگ سينٽر جي جاءِ تي سيٺ بصر مل واڌيي جي رائيس مل ۽ فلور مل هئي.هو چوي ٿو ته جهامن داس ۽ ڪجو مل ڏگهڙي ۾ پرائمري جا استاد هئا. ماڪي مبارڪ جي اڳوڻي پرچون جي دڪان وٽ ، جتي هاڻ عبدالرشيد جو ڪپڙي جو دڪان آهي ان جي پر ۾ سکن جو گرد وارو هو ۽ اُت موجود سوناري جو دڪان، ان گرُد واري جو گيٽ هو.

شيو مندر جيڪو وڏي گوشت مارڪيٽ ۽ ٽيليفون ايڪسچينج واري روڊ جي پر ۾ واقع آهي، ان جي سار سنڀال مهراج وسنت ڪندو هو. ان کانپوءِ اهو شيو مندر سندن اولاد جي نگراني ۾ آيو.

مرزا جي ماڙي جي سامهون به راما پير جو مندر هو. گوبند ٻڌائي ٿو ته محمد شاه جيلاني تي جيڪا عورت عاشق ٿي هئي سا به ذات جي مهاڻي هئي.

گوبند پنهنجي وڏڙن کان اهو ٻه ٻڌو هو تہ ٻائو ڪيمنات ۽ تاجن فقير اڪثر پاڻ ۾ ڪچهريون ڪندا هئا. ۽ هڪ ڏينهن ڪيمنات مال چاري واپس آيو تہ خبر پيس تہ تاجن فقير وفات ڪري ويو آهي. گوبند چواٽي تہ اڳ ڏگهڙي ۾ واٽر سپلاءِ ڪونہ هئي، تڏهن شهر جي گهرن ۾ پکال ذريعي پاڻي پهچايو ويندو هو. اهو ڪم اڳو ڪوسو مهرالدين ، ۽ مينهگو وغيره ڪندا هئا.

ڏگهڙي ۾ پهريون پنسار جو دڪان پيسو مل واٽيي کوليو هو. ۽ ڏگهڙي ۾ آڳاٽي هوٽل هڪ واٽيي جي هئي. جنهن ۾ چانهہ جو ڪوپ آنو ۽ پوءِ ٻہ آنا ملندو هو.

گوبند چوي ٿو تہ منو چاڪي "سومرو" جو والد حاجي موسو جنهن جو ڏگهڙي ۾ تيل جو گهاڻون هو سي ڏگهڙي ۾ آڳاٽا آيل آهن. گوبند ميگهواڙ عرف گوو جيڪو ڊسپينسر ۽ صحافي پرتاب ميگهواڙ جو والد آهي سو سندس مائٽن جو هَت اچڻ جو عرصو ٻڌائيندي چوي ٿو تہ منهنجو ڏاڏو مُورو جڏهن ڏگهڙي آيو هو تڏهن منهنجي والد ڪارو مل ميگهواڙ جي عمر انوقت هڪ سال جي هئي هو ڳوٺ سونهري ۾ اچي رهيا هئا. ۽ پوءِ لڏي ڏگهڙي آيا . هن جو چوڻ آهي تہ سندس والد ڪارو مل ميگهواڙ 1970ع ۾ چولو مٽيو تہ ان وقت سندن عمر تقريبن نوي سال هئي. (ان حساب سان هي فيملي 1880ع ڌاري ڳوٺ سونهري ۾ آئي هئي.)

گوبند جو اهو ٻہ چوڻ هو تہ سندس والد ڪارو مل ميگهواڙ سوامي ٻائي ڪيمنات سان گڏ مال پڻ چاريندو هو.

(مستري (رازي) نارائڻ ڏوهٽ ميگهواڙ جو چوڻ آهي تہ اسان جا وڏا ٻہ آڳاٽي وقت ۾ ڏگهڙي آيل برادرين ۾ شمار ٿين ٿا.)

ميگهواڙ برادري گوردن عرف گوريلو بابو غريب STP، ۽ منگل درزي، ٻہ ڏگهڙيءَ ۾ رهن ٿا.

ڪامريڊ محمد سومار شالماڻي

محمد سومار شالماڻي جي تاريخ پيدائش شناختي ڪارڊ ۾ 1929ع جو سال ڄاڻايل آهي.پر پاڻ پنهنجي پيدائش 1921/22ع ٻڌائين ٿا. هن جو چوڻ آهي تہ سندس ڏاڏو ڀهرين آراڙي پرڳڻي ڪان سامارو ۽ اتان ٽنڊوڄان محمد ۽ ٽنڊوڄان محمد کان ڏگهڙي لڏي آيو هو. ڪامريڊ سومار جي پيدائش ڏگهڙي ۾ ٿي آهي.

ڪامريڊ چوي ٿو تہ ڏگهڙي ۾ا ڳڀ مير حاجي غلام حيدر مُکي هوت چند، سيٺ پيسو مل، دريانو مل، ۽ پرتار سنگهہ زميندار هئا. عبدالرحيم ولد مزار خان بلوچ مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جو ساٿي هو. ڪامريڊ سومار اهو بہ چوي ٿو تہ مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جي ٻي شادي ڳوٺ محبت ديري جي عليباڻي ٽالپرن مان ٿي هئي. جنهن ۾ ڪامريڊ سومار بہ ڄاڃي ٿي ويو هو.

سومار شالماڻي ڪي حضوري نائيڪ نوڪري وٺي ڏني هئي. هو چوي ٿو تہ ماڻڪ ڪنڀار جي والد جو نالو ڪارو ڪنڀار هو ۽ ڪنڀارن ڪان سندن پلاٽ چوڌري شريف ورتو هو (اهو هنڌ مهاجر مسجد لڳ چوڌري جاويد ۽ امجد وارن جون جايون وارو هو. چوڌري شريف جو وڏو پٽ چوڌري حاجي محمد اسلم ڳِل پوءِ ڏگهڙي جي اليڪشني سياست ۾ هڪ ڪردار ٿي اڀريو هو.)

سومار اهو بہ چوي ٿو تہ اڳ ڏگهڙي ۾ بس جو روٽ ميرواهہ روڊ ڪان اڄي موجوده وقت ۾ توفيق پيٽرول پمپ لڳ شهيد هوش محمد شيدي روڊ ڪان ٿيندو جيلاني جي پڙ ڪان اوڀر طرف ٽن هٽي ٽيليفون ايڪسچينج / مال جي يڊ ڪان ٿيندو محمدي چوڪ ڏانهن ويندو هو. تڏهن رستو ڪچو هوندو هو ان روٽ تي صرف هڪ بس هلندي هئي. سا بس ڪجهہ وقت لاءِ ڪوٽلن تي بہ هلندي هئي.

ڏگهڙي ۾ گُردوارن جي حوالي سان ڪامريڊ جو چوڻ هو تہ هڪ گُردوارو ٽيليفون ايڪسچينج جي آفيس وٽ هو ۽ هڪ محمدي چوڪ واري جامع مسجد جي اولهہ ۾ رشيد ڪپڙي واري جي دڪان جي لڳ هو.

ڪامريڊ سومار جڏهن پوسٽ آفيس جو ملازم هو تڏهن ڏيپچند نالي پوسٽ ماسٽر هوندهو هو محمد ابراهيم لغاري پوسٽ ڪلارڪ هو تڏهن ڪامريڊ سومار جي پگهار 49 روپيہ ماهوار هئي. هو چوي ٿو تہ پوسٽ آفيس ساڳين جاءِ تي آهي البتہ عمارت نئي ٺهيل اٿس.

ڪامريڊ جي يادگيري موجب ٽيليفون ايڪسچينج لڳ اڳ پيمي جو کوهہ هوندو هوجنهن مان ماڻهو پاڻي پريندا هئا .۽ کوهہ لڳ ڌرم شالا هئي.وارڊ نمبر 3 جي موجوده مهر ڪالوني انور الحق مهر جي زمين هئي، سو مهر ديهہ 90 جي ڳوٺ جو نمبردار هو ۽ هڪ هٽ ڪان ٺونٺو هوندو هو.

سيد موسيٰ شاهہ ۽ نظير شاهہ _ نظير شاهہ ڪالوني محمدي چوڪ وٽ اڳوڻي الائيڊ بئنڪ ۽ بلوچ هوٽل جتي هينئر راجا جي شاپ آهن اتان کان وٺي ايريگيشن آفيس ٽنڊو جان محمد روڊ تائين انهن سيدن جي زمين هوندي هئي.

ڪامريڊ سومار چوي ٿو تہ ڏاڏو محمد قاسم شالماڻي ڏگهڙي ۾ ميرڻ واري مسجد قباءَ جو موذن هوندو هو، تڏهن مسجد ڪچي هوندي هئي. ان مسجد لاءِ زمين مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جي پيڻ ڏني هئي. ڪامريڊ اهو بہ چوي ٿو تہ ڏگهڙي واريءَ غوثيہ (مهاجر) مسجد 1947ع کانپوءِ ٺهي آهي جيڪا ٽنڊو غلام علي روڊ تي واقع آهي. اها مسجد محمد هاشم ڪتي ٺهرائي هئي. هاشم ڪتيءَ درزڪو ڪم ڪندو هو ۽ سندس دڪان شاهي بازار ۾ هو. (هڪ راءِ اها بہ آهي تہ ان مسجد جيءَ بنياد محمد بچل خاصخيلي جهڏي واريءَ وڌي هئي. اها زمين بہ سندس هئي.)

ڪامريڊ سومار وڌيڪ چوي ٿو تہ جيوڻ جوڻيجو درويش طبعيت ماڻهو هو گهوڙو هوندو هئس جنهن تي سوامي ٻائي ڪيمنات کي شهر گهمائيندو

هو. هڪ دفعي جيوڻ درويش کي مهاجرن سڄي رات نم جي وڻ سان ٻڌي چاڙهيو هو. سياري جو سخت سي هو جنهن سبب درويش وفات ڪري ويو هو.

ڏگهڙي ۾ ميرپورخاص روڊ تي ميرواهه بس اڏي وٽ حافظ ابراهيم آرائين دڪان ٺهرايا هئا، جنهن کان ڊاڪٽرفيروزالدين ورتا هئا ۽ ان کان مبارڪ نوحاڻي ورتا هئا.جيڪا هاڻ مبارڪ مارڪيٽ سڏجي ٿي.

(ڊاڪٽر فيروزالدين ڊاڪٽر عبدالحميد جو والد تنهن لاءِ مشهور آهي ته مريض کي بخار جي حالت ۾ هڪ سوئي (انجيڪشن) هڻندو هو جنهن سان بخار ته لهي ويندو هو پر مريض جي ٻانهن ڏي جي شڪل ۾ تيزي تي وڃندي هئي سا سڃاڻپ سڄي دنيا ۾ ڏگهڙي جي ماڻهو جي بڻجي ويئي.)

سومار اهو به چوي ٿو ته ڏگهڙي ۾ پهرين ٽرڪ چاچي اسماعيل آندي هئي ۽ پهريون ٽريڪٽر حاجي شريف ڪنگوري واري آندو هو.

ڏگهڙي ۾ سيٺ دريانو مل جو ڪپڙي جو دڪان هوندو هو.جنهن کي باهه لڳي ويئي هئي جنهن ۾ درياني مل جي والده سڙي ويئي هئي.

ڪامريڊ سومار اهو به ٻڌائي ٿو ته ڏگهڙي جي موجوده محمدي چوڪ وٽ اڳ واٽر وهئي ايندو هو. جنهن ۾ ماڻهو ڪپڙا ڌوئيندا هئا.

حاجي عمرالدين آرائين ڦٽين جو واپاري هو.پاڻ گڏهه ۽ گهوڙي تي واپار ڪندو هو.

محمدي چوڪ وٽ ڪچن رستن هيٺ ڪري ڏڳي ڳاڏين جي ڦيٿن جا چيلا نهي ويا هئا . موجوده ٿاڻي (پوليس اسٽيشن) وٽ اڳ ماڻهو پاڻي پريندا هئا. ڏڪ وٽ اڳ سرڪاري مسافر خانو هوندو هو برهماڻين ۽ ڊاڪٽر مدد قائم خاني جي گهرن وٽ اڳ تپيدارن جون جايون هونديون هيون.

ڏگهڙي ۾ مير احسان علي ٽالپر ۽ ان جا پٽ لقمان ٽالپر ۽ غلام محمد ٽالپر جيڪي وڏا زميندار هوندا هئا.

(اهي ٽالپر گهوڙا پاري کان ڏگهڙي لڏي آيا هئا)

ٻاٿو ڪيمنات چاڪڙي جُتي پائيندو هو ۽ سائين محمد شاهه جيلاني جي درگاهه تي روزاني حاضري ڀريندو هو.جتي پنهنجي جُتي درگاهه کان

ڪافي پري لاهيندو هو. چوڪ واري جامع مسجد مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جي وفات جي صورت ۾ مير حاجي فتح خان جي اڳواڻي ۾ ٺهي راس ٿي ،تنهن وقت ۾ ميرن سان گڏ شيدي ۽ مڪراني هئا.

ڪامريڊ محمد سومار شالماڻي سان هي ڳالهه ٻولهه 30 ڊسمبر 2012ع تي سنڌ هائوس تي ٿي هئي. جتي چندي رام اقبال جت، رمضان قمبراڻي ۽ سليم قمبراڻي پڻ موجود هئا.۽ ڪامريڊ سومار 13 اپريل 2015ع بروز سومر شام ساڍي پنج وڳي وفات ڪري ويا آهن. هي درمحمد شالماڻي جا والد هئا.

شيدي، سنڌ، ممبيءَ ۽ ڏکڙيءَ ۾

..........راجا ڏاهر جي هن بهادري ۽ باربار حملن کان شجاع حبشي (شيدي) ميدان جنگ مان نڪري ڀڄو ۽ محمد بن قاسم جي خيمي ۾ وڃي هُن کي هِن خطرناڪ صورت حال کان آگاهه ڪيو. محمد بن قاسم ايترو گهبرائجي ويو جو جلدي ۾ پنهنجي غلام کي چوڻ لڳو ته "مونکي پاڻي کارا" شجاع حبشي پوءِ همت ٻڌي ميدان جنگ ۾ ويو پر ڏاهر هڪ تير نشانو ناهي پنهنجي پوري طاقت سان شجاع تي هلايو جيڪو شجاع جي ڪنڌ ۾ لڳو..............راجا ڏاهر جو اهو حملو ايترو زوردار هو جو اسلامي فوج ڇڙوڇڙ ٿي ويئي ۽ انهن جون صفون ڏار هٽي ويون.شڪست جو امڪان ظاهر ٿيڻ لڳو. اها صورت حال جاري هئي ته راجا ڏاهر جي هاٿي تي هڪ باهه جو گولو اچي لڳو جنهن سان هاٿي جي کَل سڙڻ لڳي، سڙڻ کان گهبرائيجي هو آبتي پير ڀڄڻ لڳو ويجهي ڍنڍ ۾ وڃي گهڙيو راجا ڏاهر جلدي ۾ هاٿي کان الڳ ٿي پنڌ جنگ ۾ شامل ٿيو.سج لهڻ وارو هوته هڪ عرب هن جي سِر تي زوردار تلوار هنئي ، تلوار متي کان ڪنڌ تائين لهي ويئي . ٿرپارڪر (سنڌ) جي سرزمين پنهنجي مُحب وطن راجا کان محروم ٿي ويئي.

(تاريخ ٿرپارڪر_مهر ڪاڇيلوي_ص_ 53_ اردو).

تلوار جي وار تي اعتراض پنهنجي جاءِ تي ڇو ڄُو جنگ ۾ سِر تي لوهي هيلمنٽ هوندو هو.پر شجاع حبشي جي صورت ۾ شهيد مهاراجا ڏاهر جو دور 712ع ۾ شيدي فرد سنڌ ايندي نظر اچي پيو.بن قاسم سان گڏ ڪوڙ سارا ماڻهو سنڌ آيا هئا.جيڪي پوءِ هتي مستقل رهي پيا هئا. ڪوي امڪان آهن تہ شجاع حبشي سان گڏ پيا بہ شيدي سنڌ آيا هوندا ۽ پوءِ هتي رهي سنڌ جا ٿي ويا هوندا. جرنيل شالمين شيدي مراد ياب ڪلهوڙي جو خريد ڪيل غلام هو ۽ شهيد هوش محمد شيدي ٽالپرن جو ملازم هو. ۽ وفا سندن نصب العين هئي.

نائو مل پنهنجي ڪتاب "يادگيريون" ۾ لکي ٿو تہ "پنجن ڏينهن ڪانپوءِ خبر ملي تہ فوج شڪارپور ڪان ڪابل ڏانهن رواني ٿي ويئي .مان ڪرنل پاٽنجر سان ڪراچي موٽي آيس. هي اپريل جو مهينو هو. ڪراچي ۾ خبر پئي تہ منهنجي ياءُ اُتي انگريزن جي فوج جي چڱي خدمت ڪئي هئي. اها ڳالهہ ٻڌي ڪرنل پاٽنجر, بمبيءَ (ممبيءَ) وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو ۽ مونکي ساڻ هلڻ لاءِ صلاح ڪيائين.مون ٻڌايو مانس تہ جن ڏينهن ۾ بمبيءَ شيدين جي ماتحت هوندي هئي ان وقت کان وٺي اسان جي بمبيءَ ۾ ڪوٺيءَ آهي, پر اسان مان ڪوبہ اُتي ڪونہ ويو آهي" ساڳين ڪتاب جي ساڳين صفحي جي حاشيہ ۾ ڄاڻايل آهي تہ "شيدي يعني آفريڪا جا ڪارا ماڻهو .بمبيءَ بندر جي ذڪڻ _اولهہ ۾ هندستان جي ڪناري جي پرسان جنجيرا جو مشهور ٻيٽ ۽ قلعو آهي, جتي شيدين جي حڪومت آهي"(هي 1915ع جو ذڪر آهي).

روايت آهي تہ شيدي گجرات جي بادشاهن ۽ هندستان جي شهنشاهہ جي بحري ٻيڙي جا امير البحر هوندا هئا. هنن (شيدين) ڪيترا دفعا بمبيءَ جي ساري جزيري تي قبضو ڪيو هو.انگريزن بمبيءَ ورتي, تنهن ڪانپوءِ بہ شيدين بہ دفعا بمبيءَ جي ٻيٽ تي قبضو ڪيو هو. سواءِ برٽش ڪاسل (قلعي) جي.

(يادگيري سيٺ نائو مل، مترجم محمد حنيف صديقي _ص_ 128_ سال 1978ع).

ڏگهڙي ۾ وري شيدي، ڪنڊو شيدي جي صورت ۾ جيلاني ۽ ٽالپرن کان اڳ نظر اچن ٿا. ڪنڊو شيدي ٽنڊي باگي کان موجوده ڏگهڙي جي پڊڻ جي طرف،آيو هو تڏهن جيلاني اچا هت ڪونہ آيو هو. ڪنڊو شيدي کان اڳ ڪولهي هِت آباد نظر اچن ٿا.

ٿي سگهي ٿو ڪجهہ ماڻهو ملاح ذات جا بہ هجن.

(شيدين جو ذڪر ذات پرستي جو حوالي سان نہ بلڪ سنڌ ٽوڙي ڏگهڙي ۾ گهٽو اڳ هجڻ سان ڪيو اٿم.)

گهنشام داس ڪرم چند ميهشوري

سندس تاريخ پيدائش 1944_01_26 هنڌ چيلهار شهر ٿر آهي. هو چوي ٿو تہ ڏگهڙي ۾ 1940ع ڌاري ڪانجي مل لڏي آيو هو. جيڪو پوءِ 1947ع ۾ ورهاڱي وقت هتان لڏي ويو هليو. اُن جو ڏگهڙي شاهي بازار ۾ ڪپڙي جو دڪان هو.

سيٺ موتي رام جهامنداس جن 1946ع ڌاري پهرين پيڙين ۽ پوءِ ڪپڙي جو دڪان رکيو.

ڪرم چند 1947ع ۾ ڏگهڙي لڏي آيو هو. مُرلي ڌر، ڏنگرو مل، ڏُلجا رام، لڪمڻ داس موتي رام جا مائيٽ هئا. جن مان ڪَجو مل، لڪمڻ داس، ميٺو مل، ڀهياري مل، ڏُلجا رام ۽ مياٺو مل جو اولاد ڏگهڙي ۾ موجود آهي.

1950_51ع ۾ خوشحالداس (وڪيل تاراچند جو ڏاڏو هو) جيڪو پنهنجي پٽن سميت ڏگهڙي لڏي آيو هو. هي ڏگهڙي ۾ نبار گيهہ جو واپار پڻ ڪندا هئا.

ماستر جهامنداس ٽيڪمداس ۽ جيو راج پاڙ ۾ پاءِ هئا. ڏگهڙي ۾ هريش ۽ ارجن وارن کي جهامنداس ڪم وٺي ڏنو هو. ليکراج ۽ پيلاج اسٽور واري کي بہ جهامنداس لڳرايو هو.

چوني لال، رتن، هاٿي ۽ ڇبيلو جو والد بہ 1950ع ڌاري ڏگهڙي آيو هو. جن جو چوڌري محمد شريف ديال ڳڙہ واري سان ڪاروبار گڏ هو.

گهنشام داس چوي ٿو تہ ڪجو مل مُکيءَ هوت چند مُکيءَ ۽ ڏيونداس لوهاڻا هئا.

روپ چند ٽپيدار ۽ سيٺ گوردن وارا 60_1958ع ۾ ڏگهڙي آيا آهن. هو چوي ٿو تہ چوڌري شريف گِل وارا ڏگهڙي اچڻ وقت ڪرائي تي سونارن واريءَ ماڙي مٿي رهندا هئا. ۽ 1952ع ۾ پنهنجو گهر ٺهرايو هئن. هن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ ڏگهڙي جي ميرن ٽالپرن وٽ ان وقت ڪُل 36 سئو ايڪڙ زمين هئي.

گهنشام داس وڌيڪ چوي ٿو تہ جڏهن مير حاجي غلام حيدر ٽالپر، مير الهبچايو ٽالپر ۽ مير ملڪ محمد ٽالپر جو ريل گاڏي سان ايڪسيڊنٽ ٿيو ۽ هو ان ۾ وفات ڪري ويا تہ ان وقت انهن جي وارثن کي گورنمنٽ طرفان 3،3 لک روپيہ ڏنا ويا هئا. جيٺو مل جو پٽ گهنشو مل وڏو سيٺ هو زمين بہ هئس جيڪا ميرپور خاص روڊ تي باندي شاخ وٽ هئي ، جيڪا هاڻ سيد محمد شاهہ ۽ مير فتح خان وارن وٽ آهي. صوفي رام وارا ڏگهڙي سيپ ڪان پهرين اچڻ وارن مان آهن. اهي ٽنڊو جان محمد لڳ ڳوٺ مير خدا آباد ٽالپر ڪان لڏي ڏگهڙي آيا هئا. تولا رام ۽ رام جو والد چاچي ان جو پاءُ جهامن داس بہ اڳ ڏگهڙي آيا هئا. چانگن ۽ مُکين جي وِچ ۾ مطلوب مهر سپروائيزر روينيو ۽ ٽپيدار غلام حيدر لغاري فڏو ڪرايو هو.

ڏگهڙي مان 1970ع ۾ مير خدابخش ٽالپر ٽنڊوجان محمد وارو MPA چونڊيو ويو هو.

تارا چند تارا مهيشوري (ايڊوڪيٽ)

تاراچند تارا جو چوڻ آهي تہ خوشحالداس منهنجو ڏاڏو هو. جيڪو ڏگهڙي ۾ نبار گيهہ جو ڪاروبار ڪندو هو. ان ئي واٽين جي حوالي سان ٽر مان ٽيهہ چاليهہ ماڻهو گهرائي ڏگهڙي ۾ آباد ڪرايا هئا.

تارا چند جو اهو ٻہ چوڻ آهي تہ جهيمل ڏناڻي جيڪو وائس چانسلرَ سڪرنڊ ايگريڪلچر يونيورسٽي ۾ آهي ، ان جي پرائمري تعليم ڏگهڙي جي آهي.1952ع ۾ جهامنداس ڏگهڙي ۾ ماستري ڪندو هو ۽ 1956ع ۾ افضل نمبردار ڪان دڪان ورتون هئس جيڪو محمدي چوڪ لڳ ٽنڊوباگو روڊ تي واقع آهي، ان ۾ پرچون جو سامان رکيون هئائين.

هاٿي رام جو والد چوني لال هيراڻي روينيو ڪلارڪ هو. تارا چند اهو بہ چئي ٿو تہ وڪيلن جي حوالي سان ڏگهڙي تعلقي ۾ بارڪائونسل ميرپورخاص جي ميمبرن جو تعداد هن وقت تائين 25 عدد آهي.

تارا چند وڪيل تہ آهي پر هن ڪڏهن بہ وڪالت جي پريڪٽس نہ ڪئي آهي. پاڻ ڏگهڙي ۾ ميڊيڪل اسٽور جو ڪم ڪندا آهن سندن حوالي ڏگهڙي جا بہ ميڊيڪل اسٽور آهن. جن مان هڪ جو نالو بہ تارا چند آهي، ۽ هاڻ گهڻو پاڻ ڪراچي رهي ٿو.

حاجي محمد ابراهيم ولد مزار مڪراني بلوچ (جدگال)

حاجي محمد ابراهيم جدگال جي تاريخ پيدائش 1934ع آهي سندس تعليم فقط چار ڪلاس رهي آهي. محمد ابراهيم چوي ٿو تہ سندس وڏو ڀاءُ عبدالرحيم بلوچ مونکان بہ سال وڏو هو. ڪيس وڏيڪ چوڻ هو تہ سندن جنم جو هنڌ ايران جو شهر دشتياري رهيو آهي. سندس ڀاءُ عبدالرحيم بلوچ کي قرآن جي تعليم هئي سندن وڏن جي سنڌ اچڻ مهل پهرين ڪراچي پوءِ ٽنڊو آدم اتان جهڏي شهر ۽ پوءِ جهڏي شهر کان تقريبن 1938ع ڌاري ڏگهڙي ۾ لڏ پلاڻ ڪري اچي آباد ٿيا.

هن جو چوڻ هو تہ ڏگهڙي ۾ ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ سندس ڀاءُ عبدالرحيم بلوچ بنا مقابلي کٽيو هو.

بچل چانگ ۽ مُکي جي زمين واري مسئلي ۾ عبدالرحيم بلوچ چانگن کي سندن حق ڏيارڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ونڊي رهيو هو.

هو وڏيڪ چوي ٿو تہ سندن والد مزار بلوچ ڪپڙي جو واپار ڪندو هو ۽ ڪپڙو ڳوٺن ۾ کڻي وڃي وڪڻندو هو. سندس والد مزار بلوچ ڊگهڙي ۾ 1956ع ۾ وفات ڪئي. هو چوي ٿو تہ سندس پيءُ عبدالرحيم بلوچ ڊگهڙي جي محمدي چوڪ لڳ واقع جامع مسجد جي تعميري جي شروعات ڪرائي هئي. حاجي ابراهيم چوي ٿو تہ هڪ اليڪشن ٿي هئي جنهن ۾ خاڪو مهر بہ اميدوار طور ميدان ۾ هو. تڏهن اسان جي دڪان کي باهہ لڳي ويئي هئي. هو چوي ٿو تہ جڏهن منهنجو پيءُ عبدالرحيم بلوچ ٽنڊوالهيار ۾ ايڪسيڊنٽ ۾ وفات ڪري ويو هو تہ تڏهن ڊگهڙي جو شهر سوڳ ۾ پاڻ مرادو ٽي ڏينهن بند رهيو هو. ۽ ان کان اڳ مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جي ايڪسيڊنٽ ۾ وفات وقت ڊگهڙي شهر هڪ ڏينهن لاءِ سوڳ ۾ بند رهيو هو. ان عبدالرحيم بلوچ کي محمد عمر ۽ غلام رسول نالي بہ پٽ هئا.

هو اهو بہ چئي ٿو تہ ڊگهڙي ۾ ڊاڪٽر طفيل جي ڪلنڪ واري جاءِ وٽ اڳ مُلن جو جلسو ٿيو هو جنهن ۾ مرزا ئي ڪاهي آيا هئا جن کي مڪرانين ڀڄائي ڪڍيو هو.

حاجي محمد ابراهيم بلوچ، ڪامريڊ عبدالحميد بلوچ، عبدالمجيد بلوچ ، واحد بخش بلوچ ، عبدالغفاربلوچ، ۽ عبدالجبار بلوچ جو والد ۽ نويد بلوچ جو ڏاڏو آهي.

بلوچ (مڪراني) برادري

محمد اقبال ولد رستم جت

تاريخ پيدائش: 1962_04_08.

سندس چوڻ آهي تہ ڏگهڙي ۾ مڪراني بلوچن مان سڀ کان پهرين شمس الدين ولد غلام شاهہ ۽ نيڪ بخت شهداپور کان لڏي 1934ع ڌاري ڪاٽن فيڪٽري جي سلسلي ۾ ڏگهڙي آيا هئا ، جيڪي اصل ايران جي علائقي دشتياري جا هئا، جتي اڪثريت سنڌي ماڻهن جي آباد آهي،۽ وري ڪي ماڻهو ايران کان سڌو ڏگهڙي آيا هت اچي مزدوري ڪيائون.

عبدالرحيم ولد مزار جهڏي مان ڏگهڙي آيو پڙهيل ماڻهو هو گهر ۾ سنڌي ڳالهائيندا هئا، ٻولي جي حوالي سان پاڻ هتي جي ماڻهن ۾ جلدي ضم ٿي ويا، عبدالرحيم جو والد ڪپڙي جو واپار ڪندو هو.

مڪراني بلوچن ۾ مختلف ذاتيون آهن،جن ۾ جت ،مير،هوت شهزادا درزاده ،جدگال،رند، رئيساڻي گرگيج وغيره ،اقبال جو وڏيڪ چوڻ آهي تہ 1970ع جي اليڪشن ۾ خان بهادر وساڻ بمقابلہ نوابزاده مير علي بخش ٽالپر جيڪو مير منور ٽالپر جو والد هو،سي ايم،اين،اي جي سيٽ تي آمهون سامهون هئا، ڏگهڙي جي ٽالپرن مير علي بخش جي حمايت ڪئي هئي. مڪرانين تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ مڪرانين جو مُرشد عبدالخالق اُڏيري لال وارو وساڻ جي حمايت ۾ڏگهڙي ۾ مڪرانين وٽ آيو ۽ ٺيڪيدار داد محمد وٽ اچي رهيو هو ۽ سڄي برادري کي گڏ ڪري چيائين تہ وساڻ کي ووٽ ڏيو مڪرانين جي چڱن مڙسن ان وقت بهانو ڪيو تہ اسين ميرن (ٽالپرن) جي ٻني (زمين) تي رهون ٿا، ميرن جا اسان تي ٿورا آهن، اسين ميرن کان الڳ

ووٽ ڪرڻ مناسب نٿا سمجهون، جنهن تي مرشد چيو تہ آئون توهان کي زمين جتي هينئر موجوده انور آباد آهي وٺي ٿو ڏيان جيڪا هڪ بلاڪ جي صورت ۾ هوندي ،هينئر توهين ست ايڪڙن تي ويٺا آهيو 9 ايڪڙ ايراضي وڌي ويندئو ۽ سا توهان جي ذاتي بہ ٿي پوندي توهان رڳو اليڪشن ۾ وساڻ جي حمايت جو اعلان ڪريو ان وقت سڄي راڄ مان صرف ٻن همراهن مرشد جي ڳالهہ جي حمايت ڪئي باقي پوري برادري ميرن سان گڏ بيهڻ جو چيو،جنهن سبب مرشد جو سڄو خاندان اڄ ڏينهن تائين ڏگهڙي جي مڪرانين کان ناراض آهي.

اقبال جو ويچار پنهنجي جاءِ تي پر ڏٺو وڃي تہ هن ويساهہ رکندڙ برادري سان وقت جي حاڪمن ڪونہ ملهايو آهي.

ٻي طرف اقبال اهو بہ چوي ٿو تہ بلوچ معنيٰ بروچ آهي،بلوچستان جي رهندڙن کي بہ بلوچ چيو ويندو آهي،جئين سنڌ جي رهندڙن کي سنڌي چيو ويندو آهي، ۽ بروچ هجڻ سٺي يا ڪا خراب ڳالهہ نہ آهي ،هتي نفسياتي بيماري نظر اچي ٿي، سماٽ کي بروچ ۽ بروچ کي وري عرب ٿيڻ جو شوق هوندو آهي، اڪثر بروچ پنهنجو تعلق حضرت امير حمزي سان وڃي ڳنڍيندا آهن، جيڪو محمد صلعم جو چاچو هو پر تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ڪين نرينا اولاد ئي نہ هئي.

اقبال چوي ٿو تہ جئين تہ اسين جت آهيون ۽ جت سنڌي آهي ، اسان جا وڏا سنڌ کان ٿي لڏي ايران ويا هوندا ۽ اُتي جي بلوچستان جي ڪري بلوچ سڏجن ٿا، اهڙي طرح گهٽا ئي بلوچ جيڪي نسلن بروچ ڪونہ آهن علائقي جي ڪري بلوچ سڏجن ٿا،جئين جدگال يعني ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ ٻيو تہ ڪا بہ ذات سٺي يا خراب نہ ٿيندي آهي، اهو ماڻهو جو پنهنجو گڻ هوندو آهي،جيڪو هُن کي بهتر يا بيڪار ٻڌائي ٿو جئين چيو ويندو آهي تہ :

"ذات تي ڪا ذات ناهي"

اسان جيڪي جت آهيون ، سنڌ مان ئي لڏيا هئاسين ۽ وري موٽي سنڌ آيا آهيون ،سنڌ اسان جو وطن آهي، جتن جون پيڙهيون مالوند رهنديون اچن ته ڪٽ حالتن جي حساب سان ان ڪِرت کان هٽيل نظر اچن ٿا. سندن ڪئين ٽکون يا پاڙا آهن.

ڏگهڙي جي بلوچن ۾ وري عبدالرب بلوچ جڏهن ماستر ٿيو ته هن کي پڙهائڻ لاءِ ڪلاس نه ڏنو ويو ۽ هن تي ٽوڪون ۽ فڪرا ڪسيا ويا. چيو ويو مڪرانين جو اُچار صحيح ڪونهي سوهي ڪئين پڙهائيندو؟ .پر ماستر عبدالرب بلوچ ان سيني رائن کي رد ڪندي ڏگهڙي جو پلوڙ محنتي استاد ثابت ٿيو. مڪرانين ڏگهڙي ۾ فٽبال راند جي حوالي سان به سٺي سڃاڻپ رکي هئي.

مڪراني ڏگهڙي جي وارڊ نمبر 9 ۾رهن ٿا ،جتان مرحوم محمد عمر بلوچ ڪائونسلر چونڊيو هو. ڏگهڙي ۾ ڪامريڊ عبدالحميد بلوچ پيپلز پارٽي جو تعلقي صدر رهيو. سندس قتل ٿيو هو. ٽئين ٿهي ۾ ڪامريڊ عبدالحميد بلوچ جو پٽ نويد بلوچ ، ۽ زبير بلوچ وغيره بلدياتي سياست کي اڳتي وڌائيندا .جڏهن ته مولوي عبدالرحمن بلوچ ۽ اقبال جت به ان سياست ۾ خصو وئي چڪا آهن هن قبيلي ۾ هاڻ تعليم جو روجحان وڌي پيو پار يونيورسٽين تائين رسائي حاصل ڪن پيا.ان عمل ۾گهڻو ڪردار اقبال جت جو ڳڻي سگهجي ٿو.

ڏگهڙي جي مين چوڪ ۾ بلوچ هوٽل به هئي، اها عمر بلوچ وارن جي هئي. هي درحقيقت جدگال آهن پر بلوچستان ۾ رهڻ ڪري بلوچ سڏجن ٿا.

ڏگهڙي ۾ مستانو بلوچ سائيڪلن وارو عبدالغني بلوچ سائيڪلن وارو حسين سينما ٽڪيٽ چيڪر، استاد خدابخش عرف خُدي بلوچ، يونس بلوچ، ڪامريڊ عبدالمجيد، استاد حيدر بلوچ ،موسيٰ ڪارمڪينڪ، سليم بلوچ، مرحوم خير محمد سڪي مڇي وارو مولا بخش مياندا‌د، ٺيڪدار محمد يوسف، بيگ محمد، ڪامريڊ مصطفيٰ بلوچ، قاري

" عبداللطيف رند، مولوي سعيد محمد عبدالرشيد (خليفو) بلوچن ۾ پهريون ماستر فيض محمد ۽ عبدالرحيم منشي، عورتن ۾ سابق ڪائونسلر ساهتي بلوچ وغيره پنهنجي سڃاڻپ رکن ٿا.

بلوچن ۾ مهمان نوازي جي حوالي سان ٺيڪيدار داد محمد بلوچ جي اوطاق مشهور رهي هئي. اڄ جي دور ۾ مولوي عبدالغفور بلوچ تن روايتن جو پاسدار ٿيندي اوطاق هلائي ٿو.

مامون شفيع محمد ولد حاجي موسو سومرو

هن جي تاريخ پيدائش تقريبن 1935ع آهي.

شفيع محمد سومرو جو چوڻ آهي تہ سندس والد حاجي موسو ڦوهہ جواني ۾ حيدرآباد کان ڏگهڙي آيو هو. پنهنجن ناناڻن وٽ جيڪي اڳ ئي ڏگهڙي ۾ رهندا هئا.ڏگهڙي ۾ حاجي موسو گهاڻي ۾ تيل پيڙڻ جو ڪم ڪندو هو.

تاجن فقير لاءِ مامي شفيع محمد جو چوڻ آهي تہ ذات جو جوڻيجو هو. پڊو قمبراڻي لڳ قائم شاهہ جو ميلو لڳي ٿو اُن تر جو هو.مامون شفيع محمد جو اهو بہ چوڻ هو تہ منهنجي سانير ۾ هتي پهرين هوٽل بديءَ نالي واڻيي جي هئي، پوءِ جهمُون نالي متياري جي واڻيي هوٽل کولي سا هوٽل موجوده وقت ۾ ٽائرپنچر واري اسحاق موٽي جي گهر وٽ هئي يعني کيمناٿ سوامي جي مندر اڳيان ، سا هوٽل پوءِ پٽيل لونگ، شيدي بہ هلائي. تڏهن ڏگهڙي ۾ ٻہ مٺائي جا دڪان هئا هڪ کيمون واڻيي جو ۽ ٻيو کنڊُو شهر لڳ هالا جي واڻيي جو دڪان هو.پنساري جو دڪان صرف پيسو واڻيي جو هو. جنهن اسان جي دڪان تي قبضي جي ڪوشش ڪئي هئي جنهن ۾ منهنجي مائٽن جي مدد مير حاجي غلام حيدر ڪئي هئي تنهنڪري پيسو ناڪام ٿيو هو.

ڪپڙي جا صرف ٽي دڪان هئا هڪ پرسو جو پيو درياني جو ۽ ٽيو هڪ ٻئي همراهَ جو. ڏگهڙي ۾ اڪثر تانگا ٻهڻ ذات جي ماڻهن جا هلندا هئا پر ڄڙيئي لوهار ۽ خوشي جو هڪ هڪ تانگو هو.

ڏگهڙي ۾ اوٺن جي ڪوڙي اسمعيل شاهه جي هئي سندس اُتي هوٽل پڻ هو ۽ پاڻ اصل ننگر ٺٽي جا هئا.

مامي شفيح جو اهو به چوڻ آهي ته هڪ ديوان جي چوريءَ تي هئي ته هو مدد لاءِ مير حاجي غلام حيدر وٽ آيو هو. مير صاحب هن جي مدد لاءِ ڪپري موري جي غلامون چانگ تي چٺيءَ لکي ڏني هئي ، پر ان ديوان ڪپري موري وڃڻ بجاءِ اها چٺي وڃي ڪليڪٽر کي ڏني هئي ۽ مير تي ڪيس داخل ڪرايو هو.

شفيح محمد سومرو اهو به چئي ٿو ته ڏگهڙي ۾ دايا مير خاجي غلام حيدر وٽي آيو ۽ سائينْ ڏني دايي جي والد محمد دايو کي حيدرآباد مان لڏائي ڏگهڙي وٺي آيو هو. جنهن جي اولاد ۾ لڪاڏنو گل محمد ، خميسو ۽ ماستر محمد امين دايو آهن. مامون شفيح محمد ٻڌائي ٿو ته واحدڏنو فقير جيڪو ذات جو لاکو هو. اصل دبهڙي جو هو جيڪو ڏگهڙي آچي محمد شاهه جيلاني جو مجاور بڻيو. پوءِ ٻچلي خاصخيلي ، ٻولي فقير ۽ پائي خان ڏوري جي طرف پنهنجي پيٽن جا رشتا ڪيائين ، اهڙي ريت ٻولو فقير جي پٽ واحدڏنو فقير تي پنهنجي مامي جو نالو پيل آهي ۽ روشن فقير اصل بڪيرا شريف جو هو تنهن جي شادي ٻولو فقير جي نياڻي سان ٿي ته ڏگهڙي ۾ ٽي رهي پيو.

مامون شفيع اهو به چئي ٿو ته ڏگهڙي ۾ موجوده ميرن واري مدرسي وٽ مير حاجي غلام حيدر جي اوطاق هئي راج وارن جي اسرار تي مير صاحب اها اوطاق مدرسي لاءِ وقف ڪئي ۽ پاڻ ٻي هنڌ اوطاق ٺهرائي . تنهن وقت ان مدرسي کي وڏڻ ويجهڻ ۾ ٽن ماڻهن گهڻي ڪوشش ورتي هڪ مولوي محمد ابراهيم چنئوري وارو ٻيو مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگوري وارو ۽ ٽيو مولوي محمد دين آرائين ڏگهڙي وارو. مامي شفيع جي چوڻ موجب ڳلو

خاصخيلي وارا ڏگهڙي ۾ خاصخيلي ذات ۾ آڳاٽا آيل آهن. (تاريخ 02 آڪٽوبر 2014ع تي هي ڪچهري شام جي ويل سنڌ هاؤس تي اقبال جت ۽ مون مامي شفيع سان ڪئي تنهن وقت خميسو دايو ولد محمد رحيم پڻ موجود هو.)

خاصخيلي برادري

اُميد علي خاصخيلي، سائين محمد بخش خاصخيلي ۽ مشتاق عرف استاد پوڙهو سرائي جن جو چوڻ هو تہ اسان جي پڙ ڏاڏي خميسي خاصخيلي جو وڏو ڪلُو خاصخيلي جيڪو مالوند ماڻهو هو سندس سئي هاڪ هئي، انگريز جڏهن هت زمين پي ورهائي ڏني ان وقت بہ هُن هِت انگريز کان زمين نہ ورتي هئي، کيس پنهنجي مال تي ناز هو. هو قد بُت ۾ تہ هڪ ڇونڙو ۽ هلڪڙو مڙس هو پر پنهنجي ڳالهہ وارو ماڻهوهو. ڏگهڙي ۾ ڏاڙهون خاصخيلي ۽ عمر خيلفو خاصخيلي وارن جو قبيلو پڻ آباد آهي. ڏاڙهون جو باغ مصري شاهہ درگاهہ جي پر ۾ هو جيڪو گهٽيون مشهور رهيو هو.

طاهر اٽي خاصخيلي جن جو وڏو عبدالعليم خاصخيلي ميرپور بٺوري مان لڏي ڏگهڙي آيو هو. ڊاڪٽر محمد امين خاصخيلي اُن جي اولاد مان آهي قائم خاصخيلي جيڪي ڏُپ سڙيا پڻ سڏيا ويا، تن جو هاڻ ڏگهڙي جي وارڊ 13 ۾ قائم پاڙو موجود آهي.

مالهي

مُکي گنڀش ولد مُکي پيرو مل

جنهن جي تاريخ پيدائش 1940ع آهي. ۽ هي مُکي ورو مل جو پوٽو آهي.

هن جو چوڻ آهي تہ سندن ڏاڏو مُکي ورو مل ڏگهڙي آيل شروعاتي مالهين ۾ شمار ٿئي ٿو. مُکي ورو مل کي چار پٽ هئا، هڪ ڪشنو مل، ٻيو پيرو مل، ٽيو پرمانند، چوٿون ليلا رام.

هي انگريز دور ۾ لُوس جي بيماري (1918ع) ڪانپوءِ ڏگهڙي آيا، بلڪ آندا ويا آهن.سندن ڏگهڙي اچڻ جو وقت 1922ع کان 1925ع تائين ڪٿيو ويو آهي.

شروعات ۾ مالهين جا صرف ٻه پاڙا مُکي ۽ قيصر ٽي ڏگهڙيءَ آيا هئا، ٻيا مالهي پوءِ ڏگهڙي آيا آهن..مالهي جيسلمير کان آيا آهن،انگريزن هنن کي هِت پاڄيون ۽ باغ پوکڻ لاءِ آندو هو هي باغن جوکم خوب ڄاڻيندا هئا .جئين شيخ اياز چيو آهي:

"عشق اسان وٽ آيو آرائين جيان جهول ڀري"

(آرائين/ مالهين جون ڏنڏو ساڳيو هو ان ڪري آرائين کي مالهي بہ چون.بلڪ اها ٿيوري آهي تہ سنڌو ماٿري تي وينل جملي آرائين سنڌي آهن ۽ لوهاٽو واٽيو،پنجابيٗ آهي.)

مُکي ورو مل ۽ سندس پٽن کي انگريزن طرفان ڏگهڙي جي ديهہ 178 لگ ڏگهڙي شهر ۾ 22 ايڪڙ زمين ڏني ويئي ،جتي هنَ پهرين پاڄين ۽ پوءِ باغ جي پوکي پڻ ڪئي. ٻين مالهين کي بہ ان ديهہ ۾ زمين ڏني ويئي هئي. پوءِ اُتي مالهين جا باغ مشهور ٿيا.جن ۾ زيتون ،فاروا، انب، ٻير ،توت وغيره جا باغ هوندا هئا. مالهي ننڍا ننڍا باغ 4,3 ايڪڙن تي رکندا هئا باقي زمين ۾ پاڄيون پوکيندا هئا.

تنهن وقت ۾ مالهين جون عورتون گهرن ۾ ٻيڙي ٻاڌارن جو ڪم ڪنديون هنيون ،مطلب هي زالين ،مڙسين محنت ڪندڙ هئا. پوءِ مالهين ۾تعليم بہ وڌي هنن پنهنجا ڏنڌا تبديل ڪيا هنيئر هنن جو ڏگهڙي ۾ ڳاٿيتو 150 گهرن کان مٿي آهي .راجا رام مالهي ناظمي نظام ۾ بہ دفعا ڪائونسلر رهي چڪو آهي .راڻو مالهي صحافت ۾ جاءِ ناهي چڪو آهي .
مُکي چوٿ رام ۽ سندس ڀاءُ ميوارام وارا سوامي ڪيمنات جي مڙهي (مندر) جا سنڀاليندڙ آهن. هُنن جو والد مُکي جيسارام سابق ڪائونسلر رهيو آهي.

(ڏگهڙي ۾ واحد ڪيبل نيٽ ورڪ راجا مالهي جو آهي)

(مالهين جي هن معلومات حاصل ڪرڻ ۾ جگديش عرف جگو مالهي اسان جي مدد ڪئي).

مستري رامچند ڪيتو لوهار راجپوت (ڪاريو)

رامچند جي جنم جو سال 1970ع آهي. هي ڏگهڙي ۾ ڪار گاڏين جو مستري آهي. هتي هنن جي سجاڳپ ڪاريا طور ٿئي ٿي. ۽ ڏگهڙي ۾ هن ڪارين جي ڪٽنب جا ويهه ڪن گهر ٿيندا.

رامچند چوي ٿو ته اسين اصل چيتوڙ ڳڙهه راجستان جا آهيون اُتي اسان جي وڏن جي مُغلن سان جنگ لڳي ۽ جنگ ۾ آخر اسان جي وڏن جي شڪست ٿي. پوءِ چيتُوڙ ڳڙهه جي قلعي مان ٽڙيا ويا ۽ خانه بدوشي جي زندگي اختيار ڪئي ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ سان واعدو وچن ڪيئن ته جيستائين چيتوڙ ڳڙهه جو قلعو آزاد نه ڪرائينداسين، اوستائين سڌي کٽ نه رکنداسين ۽ نه ئي گهر ٺاهينداسين.

چيتوڙ ڳڙهه مان نيٺ ته مغل به ويا پر اسان سيوٽيا لوهار واپس اُتي پهچي نه سگهياسين.

رامچند چئي ٿو ته اسان جا وڏا مختلف هندن کان ٿيندا جهڏي شهر آيا پوءِ لڏي ڏگهڙي ۾ اچي آباد ٿيا هئا. اسان جو پڙ ڏاڏو واگو 38/1937ع ۾ هت ڏگهڙي آيو هو.

اسان جي پڙ ڏاڏي واگي کي هڪ پٽ روپو نالي سان هئو. روپي کي وري ٽي پٽ ٿيا هئا، مانو لونگ ۽ ڪرمڻ انهن مان مانو کي وري ٽي پٽ ٿيا ڪيتو پنهون/ وڪيل ۽ راوتو.

ٻي طرف امولڪ کي ٻه ٽي پٽ هئا جن ۾ هوتو، ماميو ۽ نارائڻ. هن قبيلي جي ماڻهن ۾ تعليم گهٽ رهي. ڏگهڙي ۾ ڪهاڙيون. ڏاٽا، ڪوڏر ۽ ڪماڻيون ٺپڻ وارو ڪم ڪيون. جنهن سبب کين ڪاريو سڏيو ويو. ڪارين کي لوهار به چون استاد وڪيل جنهن جو نالو پنهون هو سو ڏگهڙي جي آڳاٽي ڊرائيورن ۾ پنهنجو نالو رکي ٿو. هن ڪارمڪينڪ شاپ پڻ رکي، جنهن مان سندن قبيلي جي ڪافي ڇوڪرن اهو هنر سکي ورتو آهي ۽ سي اڄ به اهو ڪم ڪن ٿا.

جڏهن ته رام چند عرف رامون در محمد شالماڻي جو ڪلاس ميٽ ۽ تيرٿ روپي جو پٽ منهنجو ڪلاس ميٽ ٿي رهيو آهي.

محمد اسلم پٽ غلام محمد سينهڙو

تاريخ پيدائش 1952ع آهي ۽ محمد مسلم سينهڙو نالي ننڍو ڀاءُ اٿس. سندن رهائش وڏي عرصي کان ڏگهڙي شهر ۾ آهي، پر سندن اصل ڳوٺ غلام محمد سينهڙو جيڪو ڳوٺ فقير غلام علي لغاري جي ڀر ۾ واقع آهي سو اٿن.

سندس والد غلام محمد سينهڙو جي پيءُ يعني سندس ڏاڏي جو نالو وارث سينهڙو هو. غلام محمد سينهڙو جي وفات 1976ع ۾ تقريبن 65 سالن جي ڄمار ۾ ٿي هئي.

غلام محمد ڏگهڙي ۾ ڊيزل (تيل) جو ڊيپو هلائيندو هو جيڪو برماشيل جي ڪمپني جو هو. ۽ اهو ڊيپو محمد اسلم سينهڙو جي موجوده اوطاق يعني ميرواهہ روڊ تي ڪوچن جي اسٽاپ لڳ هو. غلام محمد سينهڙي 1950ع ڌاري اهو تيل جو ڊيپو کوليو هو جيڪو 1974ع ۾ بند ٿي ويو هو. اسلم سينهڙي جي چواڻي تہ سندس والد غلام محمد شڪار جو شوقين ۽ سٺو نشاني باز هو. ۽ هو پهلوان قسم جو شخص هو پڇريون بہ ڪٽندو هو. قرآنِ شريف پڙهيل هو. غلام محمد جي ياري جي حوالي سان سندس پٽ اسلم سينهڙو چئي ٿو تہ چيڙ چانگ، پسيو مالهي، عبدالرحيم بلوچ، عباس علي شاهہ، صمد ڪاڇيلوءِ رمداڻن سان سندس سُٺي دوستي هوندي هئي. اسلم سينهڙو اهو بہ چئي ٿو تہ اسان جي 275 ايڪڙ زمين آهي. منهنجي والد غلام محمد اسان جي ڳوٺ ۾ سڀ کان اڳ گامون فون ۽ ريڊيو آندو هو، جڏهن ٽيلي فون آيو تہ اهو بہ لڳرائين.

اسلم جي چوڻ موجب اڳ هت ٽنڊي باڳي جون بہ بسون هنيون جيڪي پيٽرول تي هلنديون هنيون. ڏگهڙي ۾ پهرين جيپ ڊاڪٽر فيروز الدين آندي هئي. اسلم اهو بہ چوي ٿو تہ اسان جي وڏن جو اصل ڳوٺ قيصر سينهڙو هو. جتان لڏي ڏگهڙي جي ڀرَ ۾ اچي ڳوٺ ٻڌي ويٺا. جيڪو ڳوٺ منهنجي ولد جي نالي پويان غلام محمد سينهڙو سڏجي ٿو.

محمد صالح سينهڙو ولد حاجي عبدالله

هن جي تاريخ پيدائش 1944ع آهي

تعليم فائنل پاس رهيس، هوشياري جي ڪري اسڪلرشپ ملندي هئس. سندس هٿن سان لکيل اڻ ڇپيل ڪهاڻين وغيره جي ڪتابن جو تعداد ست ڪن آهي. هو چوي ٿو تہ تنڊوالهيار لڳ ڳوٺ ميون وڻنيون جتي سينهڙن جو راڄ هو. هندستان پاڪستان ٺهڻ وقت ڀاڄ پئي تہ اسان ڏگهڙي جي طرف لڏي آيا هئاسين. هو چوي ٿو تہ اُت سينهڙا گهوڙن تي چڙي مستيون ڪندا هئا ۽ ماڻهن کي تنگ ڪندا هئا. ۽ ڳوٺ ميون وڻنيون ۾ وڏو مڪتب هو.

هو چوي ٿو تہ ڏگهڙي لڳ هن ڳوٺ کي آباد ڪرڻ ۾ جن سينهڙي ذات جي ماڻهن جو هٿ رهيو تن ۾ هوندو ولد خير محمد ، جاڙو. نندو ۽ ولي محمد سينهڙو ڳڻيا وڃن ٿا. تڏهن هي صرف سينهڙن جو ڳوٺ سڏبو هو پوءِ ڦري ٿيو غلام محمد سينهڙو ڳوٺ.

هو چوي ٿو تہ 1947ع کان اڳ غلام محمد سينهڙو هت ڳوٺ ۾ رهندو هو پوءِ لڏي ڏگهڙي شهر ويو ۽ اتي تيل جو ڊيپو قائم ڪيائين.

غلام محمد سينهڙو رنگ جو ڪارو هو ۽ نيڻ نڪ سنا هئس. جيستائين ڳوٺ ۾ هو تہ وڏو مهمان نواز هو. ڏگهڙي شهر ۾ ويو تہ ماڻهن کي پاڻي جو گلاس بہ ڪونہ ڏيندو هو.

هو چوي ٿو تہ سنجر سينهڙي 1959ع ڌاري ہنيو وڪيون هنيون. سنجر سينهڙو هڪ عورت تي عاشق هو ان ڪري تباهي ڪيائين. محمد صالح چوي ٿو تہ بلوچستان جي اڪبر بگٽي، شير باز مزاري ۽ ٻين سان هن جي سٺي واقفيت رهي هئي. هو اهو بہ چوي ٿو تہ هاڻوڪي MNA مير منور

ٽالپر جي والد مير علي بخش ٽالپر جي 1978ع ۾ مير جي لانڊيءَ ۾ ورسي ملهائي پئي وئي جنهن ۾ رسول بخش پليجي تقرير ڪندي پٽائي جا بيت پڙهيا هئا جن ۾ هن کان ڪجهه غلطيون ٿيون هيون ، جنهن تي هن پليجي صاحب جي اصلاح ڪئي هئي.

ڏگهڙيءَ جي قائمخاني برادري

ڊاڪٽر صغير احمد قائمخاني جي بقول ته "جنرل بشير احمد قائمخاني جڏهن ميجر هو تڏهن ان جو والد سيڪريٽري هو جن ڏگهڙي ۾ سرڪاري ماتحت ۾ قائمخانين کي آباد ڪيو. مقصد 1947ع ڌاري.

جن قائمخانين وٽ ڪليم جي سند نه هئي انهن کي سرڪار هڪ بلاڪ بني ۽ ڏيڻ جو جوڙو قرض طور ڏنو هو.

قائمخانين جو هت زميندار ٿيڻ جو سبب به اهو ئي آهي سندن ماضي ڪيس هرهاري يا وچين ، هيٺين طبقي جو پڌائي ٿو. ممڪن آهي ته انهن مان ڪي ورهاڱي وقت اها ڪرت ئي نه ڄاڻندا هجن .پوءِ هن پيشي ۾ ضم ٿي ويا هجن. سنڌ ۾ قائمخاني برادري جو گهڻو تعلق ننڍن وڏن شهرن سان رهيو انڪري سندن نسل تعليم سان سلهاڙ جي ويو ڪتاب "تاريخ راجپوت قائمخاني" ۾ ڏگهڙي جي قائمخانين جا نالا جمعدارنياز محمد ڪائونسلر کان وٺي ڪيپٽن خورشيد احمد قائمخاني تائين 88 ڄاڻايل آهن ڪتاب جو ليکڪ تاج محمد خان قائمخاني خود به ڏگهڙي جو آهي. هن ڪتاب ۾ صفحي 198 کان وٺي صفحي 200 تائين ڏگهڙي جي قائمخانين جو ذڪر ٿيل آهي. ڪتاب ۾راجپوتانه رياست جو نقشو پڻ ڏنل آهي.

مرحوم رسالدار محمد عثمان قائمخاني سندس پٽ سيٺ شوڪت علي قائمخاني ۽ انجو پٽ حاجي صفدر علي خان قائمخاني پلوڙ شخص آهي.

ڪيپٽن رٽائرڊ ڊاڪٽر حاجي مدد علي قائمخاني جنهنجو مهراڻ ميڊيڪل سينٽر آهي ان تي سندس پٽ ڊاڪٽر ساجد علي خان قائمخاني

مقرر آهي .رٽائرڊ جمعدار مرحوم نياز محمد خان قائمخاني ڪائونسلر جو پٽ ڊاڪٽر مشتاق احمد خان قائمخاني ڏگهڙي ۾ ڪنهن وقت ۾ قائمخانين جو اڳواڻ سمجهيو ويندو هو .ڊاڪٽر نعيم احمد خان قائمخانيءَ ايڊوڪيٽ وسيم احمد قائمخاني سندس فرزند آهن .ڊاڪٽر مشتاق احمد ان جو ننڍو ڀاءُ مقصود قائمخاني ڏگهڙي ڪائونسل جو وائيس چيئرمين ۽ ڪائونسلر بہ رهيو آهي. مرحوم سيٺ يونس قائمخاني جيڪو زميندار سڏيو هو سندس ننڍو ڀاءُ سيٺ محمد ايوب عرف بابو جي نالي سان سڏجي ٿو .جاگيردار شبير احمد قائمخاني ۽ سندس ڀاءُ محمد لائق قائمخاني جن وٽ مون ڪجھ وقت لاءِ ڊرائيوري جي نوڪري بہ ڪئي هئي. ريٽائرڊ هيڊ ماسٽر سائين اميد علي خان قائمخاني جيڪو هن وقت تائين علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي جو سينٽر پڻ هلائي رهيو آهي .ان کان علاوه حاجي محمد الياس خان ڪائونسلر، عبدالجبار قائمخاني ڪائونسلر، ماما نظام خان قائمخاني ٽرانسپورٽر سيٺ علي حسن عرف بجلي، زميندار آلہ دين خان، محمد اقبال واپڊا وارو سيٺ طيب قائمخاني ڊاڪٽر صغير احمد قائمخاني جو اولد احمد علي عرف خان صاحب. زميندار نبي بخش عرف نبيو. پروفيسر عباس علي خان، سيٺ مقصود خان ۽ عبدالعزيز عرف جيجو قائمخاني. ٺاڪر امام علي خان جو فرزند عبدالغفار عرف گيسو قائمخاني، عبيدالله عبدالحڪيم قائمخاني، طاهر علي ڪالي خان قائمخاني، ماستر غلام نبي قائمخاني، آلہ دين ايڊووڪيٽ، ماستر نثار احمد قائمخاني، ماستر منظور قائمخاني، ظفر الماس وغيره پڻ رهن ٿا.

ڏگهڙي ۾ ميرواهہ روڊ تي شيل ڪمپني جو پيٽرول پمپ آهي جيڪو سيٺ حاجي توفيق احمد خان قائمخاني جو آهي جيڪو ريٽائرڊ رسالدار حاجي محمد الياس خان قائمخاني ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) واري جو فرزند آهي. شفيق احمد قائمخاني جهڙي وارو جنهن ڏگهڙيءَ ۾ پهرين هنڊا موٽرسائيڪلن جي حوالي سان فرنچائيز ”مڪ موٽر“ جي نالي سان قائم ڪئي.

حڪيم شريف حسين ولد محمد حسين جٽ

سندس تاريخ پيدائش 1930ع آهي ۽ ڳوٺ ديهہ 164 "B" آئس. سندس وڏا 1901ع ۾ هتي (ڏگهڙي لڳ) آيا. ڳوٺ ديهہ 164 "B" سندس وڏن ٻڌو هو. هو چوي ٿو تہ منهنجا وڏا اصل ۾ وڏي ڳوٺ ديهہ 164 "A" ۾ اچي آباد ٿيا هئا پوءِ اتان لڏي 1940ع ڌاري ڳوٺ 164 "B" ٻڌي ويٺا جنهن کي نئڏي 64 پڻ چيو وڃي ٿو.

نئڏي 64 جيئن تہ آڳاٽي سونهري جي ويجهو هئي ۽ سندس چوڻ موجب ڳوٺ سونهري وٽان اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. هو چئي ٿو سونهري ڪنهن وقت ۾ سٺو شهر هو هت سونارا رهندا هئا. جيڪو پوءِ ڦٽيءَ ويو.

حڪيم شريف جو چوڻ هو تہ آچار فقير ماڇي ۽ مير جان محمد ٽالپر سونهري جو ڏڙو کوٽرايو هو. هن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ اڳ ۾ ڏگهڙي مان هڪ بس هلندي هئي جيڪا ڊيزل تي هئي سخت سردي پوڻ جي صورت ۾ ان بس جو ڊيزل باهہ ٻاري گرم ڪيو ويندو هو. هو چوي ٿو تہ تاجن فقير جوڻيجو هو جيڪو محمد شاهہ جيلاني جو خليفو هو. سندس اهو بہ چوڻ آهي تہ سوامي ڪيمناٿ جو مرشد نيم ناٿ بہ ميرن جي وقت ۾ ڏگهڙي آيو هو.

چوڌري شريف مرحوم جي جاءِ ماڻڪ ڪنيار جي هئي. ماڻڪ اها جاءِ ڪپائي ست گڏهہ لاسي ورتا هئا. هو وڌيڪ چوي ٿو تہ تنهن وقت ۾ هڪ واڻيي جو هوٽل هو، نادر پنجابي جو هوٽل جيڪو موجوده جامع مسجد واري جاءِ تي هو گل محمد پٺاڻ پڻ هوٽل کوليو هو. مير حاجي غلام حيدر ٽالپر سخي شخص هو. راڄن جا فيصلا ڪندو هو ۽ ووٽن ۾ ڪنهن جي مدد لاءِ ماڻهن کي چنيون پڻ ڏيندو هو. هڪ سيد عورت جو ذڪر ڪندي شريف جٽ چوي ٿو تہ سيد وڏل شاهہ ان مائي جي ٻنيءَ (زمين) تي قبضو ٿي ڪيو ان عورت جي مدد خاطر مير غلام حيدر ٽالپر ڊي، سي، وٽ ڪيس داخل ڪيو هو ۽ ساڻس گڏ پنجابي شاهہ رٽائيرڊ مختيارڪار بہ هو. انهن جي مدد سان سيد عورت ڪيس کٽيو. وڏل شاهہ جا ڪاتا ڪوڙا نڪتا. ۽ سيد

عورت مير غلام حيدر ۽ پنجابي مختيار ڪار کي ڏهہ ، ڏهہ بلاڪ زمين انعام ۾ ڏني . هنن ڪاتا ڪوڙ ڪرايا. مير حاجي فتح خاںٰ جي وقت ۾ شاب غوث ڪاتو ڏسي ٻنيءَ تي قبضو ڪرايو. تڪرار وڌيو تہ فيصلو مير محمدحسن ٽنڊوغلام علي واري وٽ ويو ساڳين بي بي عورت فيصلي ۾ قرآن کڻي چيو تہ مون مير غلام حيدر وارن کي ٻنيءَ نہ ڏني هئي . اها ٻنيءَ واپس تي.

اهو سمورو ڪم صوفن شاهہ وارن ڪيو هو اها ٻنيءَ (وزير نوحاڻي جي ڳوٺ واري) جيڪا صوفن شاهہ وڪئي ۽ مير حاجي محمد حيات ٽالپر پيسن تي هن کان ورتي .۽ پنجابي شاهہ رٽائيرڊ مختيار ڪار واري ٻنيءَ سيدن کان پيسن تي سيٺ عبدالعزيز برڪت علي ورتي . حڪيم شريف جو اهو بہ چوڻ آهي تہ پيسُو نالي پساري وڏو سيٺ هو مُکي هوت چند ۽ پرڪار سنگهہ وارا وڏا زميندار هئا ، پرڪارسنگ پڙهيل پڻ هو.

عبدالرحيم بلوچ جو ڊگهڙي شهر ۾ سٺو اثر هو. عام ماڻهن جي مدد ڪندو هو. شهر جا ماڻهو هن کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. هندستان پاڪستان ٺهڻ وقت ماڻهن جي مدد گورنمنٽ ڪئي قائمخاني تنهن دؤر ۾ ڊگهڙي آيا تن مان عثمان خان ۽ نياز محمد خان جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، عثمان خان فوج ۾ رسالدار هو ۽ نياز محمد خان جمعدار هو.

جٽ برادري ۾ حاجي سردار محمد، الهہ لوڪ سندس پائيٽو هو حاجي فقير محمد ديال ڳڙ وارو اهي سٺو نالو رکندا هئا.

مهر محمد علي آرائين وڏي نالي وارو ماڻهو هو. سرڪار سان ويجهڙائي هوندي هئس. حافظ علي محمد صوفيا آباد وارو بہ پنهنجي سچائپ رکندو هو.

پنجابين جو ڳوٺ پيرڻ بہ 1901ع ۾ آباد ٿيو آهي. هڪ واري عطاالله بخاري ڊگهڙي آيو هو موجوده ڊاڪٽر طفيل واري ڪلنڪ جي جاءِ تي وڏو ميدان هو اُتي جلسو ٿيو هو ۽ ان جلسي ۾ جهيڙو ٿيو هو.

حڪيم شريف جو اهو بہ چوڻ آهي تہ حاجي موسو چاڪي (سومرو) جي جاءِ تي پيسُو واٽيي قبضو ڪرايو هو پر مير حاجي غلام حيدر اهو قبضو رات پيٽ ۾ ڇڏرائي ورتو هو. هو وڏيڪ چوي ٿو تہ مُکي هوت چند ۾ مُکي ڏيون جو رويو بهتر هو.

چوڌري خالد محمود گِل

چوڌري خالد محمود، حاجي محمد شريف گِل جو پُٽ، چوڌري اسماعيل جو پوٽو ۽ چوڌري علاؤالدين جو پڙ پوٽو آهي، خالد محمود گِل جي تاريخ پيدائش 14 جون 1956ع آهي. هو چوي ٿو تہ سندن ڏاڏو چوڌري محمد اسماعيل گِل 1886ع ۾ انڊيا جي آمبرسر جي علائقي کان لڏي ڏگهڙي جي طرف آيو هو. ۽ ديهہ 164_A ۾ اچي ڳوٺ ٻڌي ويٺو هو ان وقت انگريز سرڪار هن کي 2 بلاڪ زمين (ٻني) ڏني هئي.

چوڌري خالد اهو بہ چئي ٿو تہ اسان جي والد حاجي محمد شريف گِل جي مير حاجي غلام حيدر ٽالپرسان پارٽنرشپ هئي. اسان جو والد تقريبن 1952_53ع ۾ ديهہ 164_A کان لڏي ڏگهڙي آيو هو هت پهرين ڪرائي جي جاءِ تي رهندو هو پوءِ پنهنجي جاءِ ٺهرايائين.

هو ٻڌائي ٿو تہ منهنجي والد حاجي محمد شريف گِل کي ڏهن پُٽن جو اولاد هو سڀ کان وڏو پٽ حاجي محمد اسلم هو ۽ ٻيو نمبر چوڌري محمد افضل هو. منهنجو ڀاءُ چوڌري امجد بہ حاجي هو. هو ڪبڏي راند ۾ سنڌ سطح جو رانديگر سليڪٽ ٿيل هو اهو 1980_81ع جو دؤر هوندو.

خالد محمود اهو بہ چئي ٿو تہ منهنجو والد چوڌري حاجي محمد شريف گِل هڪ دفع ايوب دؤر ۾ يونين ڪائونسل ڀِرڻ جو پنجن سالن لاءِ چيئرمين بہ رهي چڪو آهي .(1954ع جي لوڪل بورڊ اليڪشن ۾ ڏگهڙي اندر چوڌري حاجي محمد شريف گِل کٽيو هو، ۽ خاڪو مهر هارايو هو) حاجي محمد شريف جو وڏو پٽ حاجي محمد اسلم . جنرل مشرف جي شروعاتي دور ۾ يونين ڪائونسل ڀِرڻ جو ناظم رهي چڪو آهي ،حاجي اسلم جي

تعليم B,A , LLB رهي هئي. هي پير پاڳاري سان ويجهو رهيو، انڪري فنڪشل مسلم ليگ جي سياست ڪيائين.

(چوڌري حاجي محمد اسلم گِل ، ڏگهڙي جو پراڻو سياستدان چيو ويندو هو هُن ڏگهڙي ۾ ايم. پي. اي جي ٽينڊڙ اليڪشن ۾ ڪافي دفع حصو ورتو پر ڪامياب ٿي نہ سگهيو هو)

چوڌري ڊاڪٽر اسحاق جو پٽ چوڌري نويد ۽ ڏگهڙي ۾ ڪاٽن فيڪٽري جي مينيجر عبدالرشيد رياڙ جا پٽ چوڌري وقار عرف وڪي، چوڌري ماستر وجهات عرف پپن، چوڌري ڊاڪٽر نثاراحمد ۽ چوڌري فيصل آهن. هي چوڌري حاجي محمد اسلم گِل ۽ چوڌري خالد محمود گِل جا پاٽيجا آهن ۽ چوڌري عبدالرؤف عرف روفي پائيٽيو اٿس.

چوڌري وجهات عرف پپن جي ڀاءُ چوڌري ڊاڪٽر نثار احمد جي شادي پنجاب جي شهر فيصل آباد جي چوڌري محمد الياس بنديشي جي نياڻيءَ سان ٿيل آهي. فيصل آباد جي هڪ تڪ تي چوڌري الياس اڳ ايم. اين. اي. ٿيندو رهيو هو. پر مشرف دور ۾ B.A جي شرط سبب چوڌري الياس پنهنجي نائي چوڌري ڊاڪٽرنثار احمد کي فيصل آباد مان ايم. اين. اي بڻايو. تڏهن کان هو اتان کان ايم. اين. اي بڻبو اچي. ڏگهڙي جو هي پهريون شخص آهي جيڪو ايم. اين. اي بڻيو آهي اها الڳ ڳالهہ آهي تہ هو هاڻ رهي بہ فيصل آباد جي طرف ٿو.

سيٺ محمد اڪرم آرائين

محمد اڪرم سيٺ عبدالعزيز جو پُٽ ۽ برڪت علي آرائين جو پوٽو آهي، سندس پڙ ڏاڏو اڪبر علي آرائين هو. هن جي تاريخ پيدائش 1960ع آهي، اصل ڳوٺ ديهہ 149 تعلقو ڏگهڙي اٿس.

1901ع ۾ سيٺ محمد اڪرم آرائين جو ڏاڏو برڪت علي انڊيا جي طرف جلندر کان هن پاسي لڏي آيو هو ان وقت انگريز سرڪار هُن کي هڪ بلاڪ بني ۽ سندس ڀاءُ کي بہ هڪ بلاڪ بني ڏني هئي.

سيٺ اڪرم آرائين وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته منهنجي والد عبدالعزيز آرائين شروع شروع ۾ سرن جو ٻنو ڪوليو هو پوءِ بسون وٺي ٽرانسپورٽر ٿيو تقريبن 1958ع ۾ اسان جو ڏگهڙي جي مين چوڪ ۾ پرچون جو دُڪان هو.

ان ڪانپوءِ بابا ڏگهڙي ۾ ٽنڊوغلام علي روڊ تي 11 نومبر 1966ع تي پهريون پيٽرول پئمپ قائم ڪيو هو جيڪو ESSO ڪمپني جو هو هاڻ PSO ڪمپني جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ڏگهڙي ۾ آڳاٽي بئنڪ "سنڌ مرڪل ٽائيل" هئي، جيڪا سيٺ عمرالدين آرائين جي جاءِ ۾ قائم هئي. تنهن ڪانپوءِ 65_1964ع ۾ ڏگهڙي اندر نيشنل بئنڪ قائم ٿي آهي ڏگهڙي جي ٽائون ڪميٽي جي عمارت اندر اڳ ڊسپينري هوندي هئي، جتي ڊاڪٽر نواز علي بلوچ وهندو هو (ڏگهڙي جو پهريون MBBS ڊاڪٽر ۽ ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر نواز علي لغاري (بلوچ) هو جيڪو ماسٽر ذوالفقار لغاري جو والد آهي. باقي فيروز الدين ۽ آصم بنگالي جي والد وٽ جيڪي ڏگريون هئيون ان ڪي LFMF چيو ويندو هو). سيٺ اڪرم جو اهو به خيال آهي ته ڏگهڙي ۾ اڳ "دي عمرڪوٽ ٽارنسپورٽ" ۽ ڪالي خان جون بسون هلنديون هئيون.ڏگهڙي جي ڪيپري سينما ڊاڪٽر فيروزالدين نهرائي هئي، جنهن جو اڳ نالو ڏگهڙي ٽاڪيز هو. پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي ڏگهڙي ڪي واٽر سپلاءِ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ڏگهڙي ۾ واٽر سپلاءِ 1974ع ۾ ٺهيو آهي، ان جو ٺيڪو ٽنڊوڄام جي هڪ ميمڻ (ٺيڪيدار حاجي وريل ميمڻ جيڪو ايڊووڪيٽ حبيب الرحمن ميمڻ جو چاچو آهي) ڪنيو هو. ان اها سينما ورتي هئي ، ۽ ان جو نالو ڏگهڙي ٽاڪيز مان بدلائي حيدرآباد جي ڪيپري سينما کان متاثر ٿي، ڪيپري سينما رکيو (تڏهن ميجسٽيڪ سينما کي ميس ٽاڪيز سڏيو ويندو هو . اها سينما ڪيپري سينما کان اڳ، هڪ ميمڻ نهرائي هئي، پوءِ ان کان رحمت الله آرائين ورتي هئي. شايد 56_1955ع ۾) سيٺ اڪرم اهو به چئي ٿو ته ڏگهڙي ۾ مين چوڪ تي قائم جامع مسجد واري هنڌ اڳ گهوڙن جو اسطبل هوندو هو. هُو اهو به چئي ٿو ته ڏگهڙي ۾ توفيق پيٽرول پئمپ 1982ع ۾، سني پيٽرول پئمپ 1993ع ۾ ۽

معظم پيٽرول پمپ تقريبن 2005ع ۾ قائم ٿيا آهن. سيٺ اڪرم جو والد عبدالعزيز آرائين دنبالو يونين ڪائونسل ۾ ويهه سال چيئرمين پڻ رهيو آهي. سيٺ اڪرم آرائين اهو به چئي ٿو ته انڊيا کان لڏي سنڌ ايندڙ جٽ ذات جي ماڻهن هٿ به پنهنجي ڳوٺن تي اڳوڻا نالا برقرار رکيا آهن ,مسئلن , مندرا, نانگاهه ۽ دوبرچي وغيره آرائين ذات جي ماڻهن اهو عمل ڪونه ڪيو آهي.

ڏاؤ پڳت "جمعدار" گجراتي

ڏاؤ پڳت ولد ڏُڙيو جمعدار گُجراتي سندس تاريخ پيدائش 1960_01_03 آهي.

هي چوي ٿو ته ڪُبرو ولد موتي اهو پهريون ماڻهون هو جنهن کي ڏگهڙي ۾ صفائي خاطر مير جان محمد ٽالپر "اول" راجو خاناڻي مان وٺي آيو هو.

جيئن ته ڪُبرو جي ان وقت ڄمار ڏهن سالن جي لڳ ڀڳ هئي ۽ هي راجو خاناڻي ۾ پنهنجي والده ۽ ٻين مائيٽن سان گڏ رهندو هو. هن جي والده لُوس جي بيماري (انفلوئنزا) جي وقت (يعني1918ع) ۾ انڊيا کان مائيٽن سان گڏ راجو خاناڻي جي طرف لڏي آئي هئي.

جتان مير جان محمد ٽالپر "اول" ڪُبري کي ڏگهڙي وٺي آيو هو. ان وقت ڪُبري جي ڄمار ڏهه سال هئي. ٿيو هنيئن هو ته مير جان محمد ٽالپر "اول" ڪنهن ڪم سانگي گهوڙي تي چڙهي ڏگهڙي کان راجو خاناڻي ويو هئو. اُتي ڏٺئين ته ڪجهه ماڻهو هڪ مئل جانور کي گهيليو شهر کان ٻاهر اُڇلڻ پئي ويا , جنهن تي پڇائين اهي ماڻهو ڪير آهن . جنهن تي مير جان محمد ٽالپر کي ٻڌايو ويو ته اهي گجراتي آهن ۽ شهر مان گند ڪچرو صاف ڪري شهر جي ٻاهر ڦٽو ڪندا آهن. جيڪا ڳالهه مير جان محمد کي وڻي هن به گجراتين کان ڏگهڙي جي صفائي لاءِ ماڻهو گهريو . جنهن بعد گجراتين پاڻ ۾ مشورو ڪري ڪُبري جي ٻانهن مير جان محمد ٽالپر "اول" جي حوالي ڪئي. پوءِ ڪُبري ڏگهڙي ۾ صفائي جو ڪم اچي ڪيو. ۽

سندس رهائش به ميرن جي اوطاق تي هئي جڏهن ڪُبرو جوان ٿيو ته ان جي شادي به حيدرآباد جي گجراتي برادري مان ڪرائي وئي هئي ان ۾ هن جي مڪمل مدد به مير جان محمد ٽالپر "اول" ڪئي هئي. ڏاڏو پڳت وڏيڪ چوي ٿو ته منهنجي ڏاڏي ڪُبري جي گهر واري يعني منهنجي ڏاڏيءَ جا پاءُ به پوءِ حيدرآباد کان لڏي ڊگهڙي اچي رهيا هئا.

ڏاڏي پڳت جو اهو به چوڻ آهي ته منهنجي والد ڏوڙيي جي وفات سن 1989ع ۾ ٿي آهي. ڏاڏو پڳت اهو به چئي ٿو ته محمد شاهه جيلاني جي ميلن ۾ اڳ ملهه ٿيندي هئي ۽ مير جان محمد ٽالپر "اول" پنهنجي پيرسني جي وقت ۾ به ميلي دوران ملهه جي ملاکڙي ۾ اچي ويهندو هو. هو اڪثر اڪين جي پنيڙين کي هٿن سان ڇڪي پوي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ڪامريڊ مصطفيٰ "رضا"

محمد سرور پناڻ جي گهر ۾ اکيون کوليندڙ سندس فرزند ڪامريڊ مصطفيٰ "رضا" اڳتي هلي ڊگهڙي جي ڪيتر ۾ عَلم جي روشني خاطر ڏيئي جي لاٽ ٻٽيو.

ڪامريڊ پاڻ پنهنجي زندگي جا پويان ڏينهن سيد روشن علي شاهه سونهري واري جي جاءِ ،جيڪا ڊگهڙي جي وارڊ نمبر 4 جي قُلو پاڙي ۾ واقع آهي، ۾ گذاريا ، اها جاءِ اڳ حاجي ڪالو شيدي جي هئي.

ڏلو ويجي ته اڳ هتان جا ماڻهو ميرن جي مسجد قباءَ ۾ گڏ نمازون پڙهندا هئا ۽ امام حسين جي ياد ۾ محروم الحرام جي ڏهن ڏينهن جو ڏهاڙو امام بارگاهه ۾ گڏجي ملهائيندا هئا. جن ۾ نمايا طور تي ڊگهڙي جي اڳوڻي تعلقه ناظم مير زاهد حسين ٽالپر جو والد مير حاجي جان محمد ٽالپر جو نالو ڳڻائي سگهجي ٿو. ۽ خاص تيوارن جي ڏينهن ۾ سوامي ڪيمنائن جي مڙهي ۾ به ماڻهو بغير فرق جي گڏ ٿيندا هئا ،جن مان MPA مير حاجي محمد حيات ٽالپر جي وڏي چاچي مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جو نالو ڪٽي سگهجي ٿو. ۽ پوءِ مُلن جي دڙڪن سبب هِن گيڙو ويس سماج جي بهارن کي جڻ نظر لڳي ويئي.

ڪامريڊ مصطفيٰ پنهنجي آخري وقت ۾ رهڻ لاءِ اهڙي هنڌ جي چونڊ ڪري ايڪتا جا رنگ رچڻ تي چاهيا.

ڪامريڊ جي پهرين گرفتاري 1971ع ۾ تي هئي جڏهن بنگال بنگلاديش بڻيو هو. ۽ واڳ ڌڻين جي خُون ريزي خلاف ڏگهڙي شهر جي چوڪ تي اڪيلي سر احتجاج ڪيائين ۽ گرفتار ٿيوهو. جڏهن مير علي محمد ٽالپر حيدرآباد وارو پاڪستان جو دفاع جو وزير بڻيو هو.تڏهن ڪامريڊ مصطفيٰ سان ڏگهڙي ملڻ آيو هو.تڏهن ملاقات دوران ڪامريڊ مصطفيٰ هُن کي چيو هو ته "جي اڄ منهنجي ٽنگ ٽٽل نه هجي ها ته آئون توهان سان ملاقات نه ڪريان ها ۽ هتان هليو وڃان ها" .

(گهڻا ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي ڪُرسين وارن جُون جُتيون چٽڻ لاءِ هر وقت تاڙ ۾ هوندا آهن ,پر هي ڪامريڊ هَٺيلو انسان هو چاپلوسي کان ڪرهت ڪندو هو) .

ڪامريڊ مصطفيٰ سان ملڻ لاءِ ڏگهڙي اچڻ وارن ۾ گهڻن ايم.پي.اي ۽ ايم.اين.اي جا نالا اچن ٿا .جن ۾ سيد خادم علي شاهه ,سيد قربان علي شاهه نواب زاده مير علي بخش ماڻڪائي ٽالپر (مير منور ٽالپر جو والد) بشير لغاري (بدين) ۽ بدين جا هاليپوٽا اچي وڃن ٿا . سيد عنايت شاهه به ساڻس ملڻ ڏگهڙي ايندو هو.

ادبي رهاڻن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ, ڊاڪٽر غلام علي الانا ,تاج جويو ڪامريڊ مير محمد ٽالپر, مهر ڪاڇيلوي ۽ فقير بشير لغاري جن سان ميل ملاپ رهندو هئن.۽ هو ساڻس ملڻ لاءِ ڏگهڙي به ايندا رهندا هئا.

بلوچستان جا اديب به ڪامريڊ مصطفيٰ سان ملڻ لاءِ ڏگهڙي آيا هئا, جن ۾ شهيد صبا دشتياري, رحيم بخش آزاد, ڪامريڊ عبدالواحد, صابر ناگمان, فريد بلوچ ۽ حميد بلوچ ڪٽنڊا وارو شامل هئا. ڪامريڊ جي ويجهن دوستن ۾ مرحوم مير حاجي نياز محمد ٽالپر, ماما خالد لغاري پانڊي شاخ وارو (ڪامريڊ, خالد لغاري جي بنيءَ واري اوطاق ته به ڪافي وقت رهيو) وڪيل دوست محمد ڪولاچي ,ڪامريڊ شمشاد راڻا, ماستر احمد

علي "ڪوثر"، ڊاڪٽر صغير احمد قائمخاني، وڪيل محمد ايوبؒ قائم خاني، ڪامريڊ محمد سومار شالماڻي ۽ ٻيا پڻ رهيا آهن.

ڪامريڊ مصطفيٰ 1983ع ۾ ايم. آر ڊي جي تحريڪ شروع ٿيڻ کان ٿورو اڳ جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ جيڪا پوءِ MRD جي تحريڪ ۾ اچي ويئي هئي،تنهن ۾ ڏکڙي ۾ گرفتار ٿيو هو 1986ع ۾ ان تحريڪ دوران وري گرفتاري جي صورت ۾ ڪيس ڏکڙي ٿاڻي جي لاڪپ مان عوام جي هڪ وڏي هجوم ٿاڻي جون در ۽ دريون ٽوڙي ٻاهر آندو هو.

ڪامريڊ عبرت اخبار جي هفتيوار ميگزين ۾ ڪالم به لکندو هو ،ڏکڙي جي سوامي ڪيمنان تي پڻ هڪ ٻڪ لسٽ (ڪتابچو) لکيو هنيائين.

* سنڌي لکڻين جي حوالي سان ماستر قربان جسڪاڻي ساڻس گڏ هوندو هو،جيڪو سندس سڄو دوست به رهيو هئس.

ڏکڙي ۾ سياسي نسر گرمين سان واڳيل ماڻهو،جن ۾ ڪاٻي ٽوڙي ساڃي ڌُر وارا ۽ قوم پرست ماڻهو ڪچهرين لاءِ ڪامريڊ مصطفيٰ وٽ ايندا رهندا هئا. ۽ سندس پرپور احترام به ڪندا هئا . ميرپورخاص وارو ڪامريڊ محبوب جيڪو هن جو دوست هو ۽ ملڻ لاءِ ڏکڙي ايندو رهندو هو.

در حقيقت ڪامريڊ مصطفيٰ ماڻوزتينگ سوچ واري سياست جو حمائتي هو ،جڏهن ماما خالد لغاري جي ٻنيءَ واري اوطاق تي رهندو هو ته اتي خالد لغاري نمازين لاءِ مسجد جوڙائي هئي، جنهن تي ڪامريڊ هُن کي چيو هو ته تنهنجا گهڻا هاري نان مسلم آهن ،انهن لاءِ مندر به جوڙا ،جئين هو به پنهنجي عبادت ڪري سگهن. جنهن تي مندر جي تعمير پڻ ٿي هئي هُن کي سناتن ڌرم تي دسترس هئي .

ڪامريڊ مصطفيٰ "رضا" پراڻ دزياهه جي ڪلچر طرف سجاڻ ڏرين جو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ سن 2000ع ۾ پنهنجي ساٿين جو قافلو ساٽڪري پراڻ درياهه جي ياترا شروع ڪئي هئائين، (ان سفر ۾ ماستر طاهر خاصخيلي ۽ نثار عرف ڪاري قمبراڻي گڏ هئس.) جيڪا ان وقت ٻين اخبارن سان گڏ روزانه آفتاب اخبار ۾ به تفصيل سان شايع ٿي هئي. ڏکڙي

جا هُون تہ سمورا صحافي. ڪامريڊ مصطفيٰ جو احترام ڪندا هئا پر اصغرعلي اصغر، اشفاق احمد اشفي ۽ عبرت اخبار ڏگهڙي جو نمائندو قاضي محمد يوسف جنهن جو تعلق ٽنڊوجان محمد سان هو سي سنڌس گهڻو ويجهو هئا.

ڪامريڊ مصطفيٰ ٽائون ڪمٽين جي ليبر يونين ۾ ضلعي جي نمائندگي پڻ ڪئي هئي.۽ صوبائي اليڪشن ۾ پڻ طبي آزمائي ڪئي هئن ،وڏيري سماج جي ڪري سنڌس رزلٽ منفي رهيو هو ،ڪامريڊ مصطفيٰ معراج محمد خان کي گهڻو ويجهو رهيا ۽ ساڻس گڏ سياست بہ ڪيائون.

ڪامريڊ کي آخري وقت ۾ ڪينسر جي موذي بيماري لاحق ٿي پئي هئي جنهن سبب 8 ڊسمبر 2008ع تي وفات ڪيائون.سندن پنجي ورسي جي نسبت سان سيد روشن علي شاهہ جي جاءِ تي ورسي جو اهتمام ٿيو هو جيڪو ماستر برڪت راهي ۽ ڪامريڊ مصطفيٰ جي وڏي فرزند شهباز جن ڪيو هو.هي تقريب 25 آڪٽوبر 2013ع تي رات جو ٿي هئي. جنهن جي صدرات ڪامريڊ شمشاد راڻا جن ڪئي هئي جنهن ۾ شاعري جي حوالي سان سيد منظور شاهہ لڪياري ماحول کي رنگين ڇڏيو هو.زاهد ڪنيار بہ شاعري ڇئي هئي. ٻين شاعرن ۾ وڪيل ايوب قائمخاني، ماستر شهاب الدين غوري ،طاهر علي طاهر، نمر ناز محمد قاسم ڪلوئي، اختر آرائين ۽ برڪت راهي پڻ شامل هئا.

شاعري کان اڳ تقريري پروگرام ٿيو هو ، جنهن ۾ ڪامريڊ مجيد بلوچ ۽ صحافي ڊاڪٽر پرتاب راءِ تقريرون ڪيون هنيون. پروگرام جي آخر ۾ صدراتي تقرير ڪامريڊ شمشاد راڻا ڪئي هئي. پروگرام ۾ ايازحسين شلماڻي، محمد امين قمبراڻي، صحافي نصير قريشي، محمد علي، احسان جروار، سيد روشن شاهہ، اقبال جت سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي هئي.

- ڪامريڊ جو نالو مصطفيٰ پناڻ هو ۽ "رضا" تخلص هئس.

ڪامريڊ راڻا شمشاد احمد

ڪامريڊ جي پيدائش 1950ع ۾ هنڊ جهڏو شهر آهي.

ڪامريڊ شمشاد معراج محمد خان کان متاثر ٿي سندس پارٽي ”قومي محاذ آزادي“ ۾ 1974ع ۾ شموليت ڪري سياست شروع ڪئي هئي.پوءِ 25 سال قومي محاذ آزادي سان سلهاڙيل رهيا هئا. ۽ 1998ع ۾ عمران خان جي پي ، ٽي، آئي ۾ شامل ٿي ويا . ڏگهڙي جي ٽنڊوباگو روڊ تي علي حسن قائمخان جي ٽرڪ اڏي لڳ عمران خان جو جلسو به ڪرايو هُن.

ڪامريڊ شمشاد ايم.آر ڊي مومنٽ ۾ جيل ياترائون به ڪيون 23 مارچ 1981ع ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ سڏ ڏنو ويو ته هِن ڪامريڊ مصطفيٰ رضا سان گڏجي جدوجهدو جي شروعات ڪئي ۽ ڏگهڙي چوڪ تي پنهي ڄڻن جلسو ڪيو ماڻهو گڏ ٿي ويا جن ۾ مير عبدالحق ٽالپر به هو جيڪو لوڪل گورنمنٽ جو ملازم هو ۽ سندس هٿ ۾ ناڪي (چُنگي) جي وصولي واري بندي به هئي .ايتري ۾ پوليس اچي ويئي ماڻهو ڇڙوڇڙ ٿي ويا ،ڪامريڊ مصطفيٰ رضا ۽ ڪامريڊ شمشاد گرفتار ٿيا، انهن سان گڏ پوليس تڙ تڪڙ ۾ مير عبدالحق کي به گرفتار ڪيو هو. تنهين کي پهرين ميرپورخاص ۾ لاڪپ ڪيو ويو. ڪجهه وقت لاءِ ڪين انوسٽيگيشن لاءِ حيدرآباد موڪليو ويو. سندن خلاف ميرپورخاص جي مارشلا ڪورٽ ۾ڪيس هليو.پهرين ڪوشش اها ورتي ويئي ته هنن کي الذوالفقار جو ميمبر ۽ را جو ايجنٽ ڄاڻائيجي ،پر پوءِ ڪين فوجي ڪورٽ ۾ چار مهينا سخت پورهئي سان سزا ڏئي حيدرآباد جي نارا جيل موڪليو ويو.

ڪامريڊ شمشاد 1983ع ۾ به ايم ،آر ڊي مومنٽ ۾ گرفتاري پيش ڪئي هئي.اهو آگسٽ جو مهينو هو.ڏگهڙي چوڪ ۾ ڪامريڊ شمشاد سان

گڏ 27 ماڻهن گرفتار ڏني هئي، پر تن مان 21.ڄڻا معافي نامان لکي آزاد ٿي ويا هئا باقي ڪامريڊ سان گڏ ڪُل ڇهه ڄڻن جيل قبولي جنهن ۾ شمشاد سان گڏ مصطفيٰ رضا ۽ صديق نوحاڻي به هو. ڪامريڊ شمشاد 1986ع ۾ به ان سلسلي ۾ جيلَ ويو هو.تڏهن ساڻس گڏ سيد روشن شاهه، گل حسن شاهه، دوست محمد ڪولاچي ۽ عمر بلوچ به گرفتار ٿيا هئا. انهن کي هڪ مهيني لاءِ حيدرآباد سينٽر جيل ۾ رکيو ويو هو. (ڪامريڊ ايسرو ميگهواڙ به MRD دوران جيل ويو هو.)

ڪامريڊ شمشاد جا وڏا اصل جالندر جا هئا، ورهاڱي وقت لڏي ڪراچي آيا جتي ڪامريڊ جا ماماڻا اڳ ئي رهندا هئا. ڪراچي کان جهڏو ، اُتان فضل ڀنيرو ۽ آخر ۾ 56_1955 ڌاري ڏگهڙي اچي رهي پيا.

ڪامريڊ جي تعليم گريجوئيٽس آهي، پاڻ ڏگهڙي ۾ ٽي.وي ، فرج وغيره جي دڪان رکن ٿا.

لال محمد غوري

”لال محمد ولد ٽنون غوري جي پيدائش ڀارت جي ڳوٺ لانبيا، پوسٽ جيتارڻ،تاڻو ڪالو آنندپور،ضلعو پالي صوبي راجستان ۾ 1893ع ڌاري ٿي هئي.

لال محمد غوري 53_1952ع ڌاري ڏگهڙي آيو آهي ، هي رازڪي (مستري) جو ڪم ڪندو هو هن جي تعليم ميٽرڪ هندستان جي آهي، هن کي ٻن پٽن جو اولاد ٿيو هو هڪ ولي محمد ، ٻيو احمد غوري ڇٽي وارو .لال محمد جي ڏگهڙي ۾ رهائش وارڊ نمبر 7 جي نظير شاهه ڪالوني جي گهر نمبر 89_D ريلوي لائين لڳ آهي. هو چوي ٿو منهنجي ڏگهڙي اچڻ وقت جيڪي ماڻهو نالي وارا هئا انهن ۾ مير حاجي غلام حيدر ٽالپر ، رسالدار محمد عثمان خان خائمخاني ،جمعدار نياز محمد خان قائمخاني جا نالا اچن ٿا.لال محمد اهو به چئي ٿو ،ان وقت اسان جي هن گهر جي لڳ

ريلوي پٽڙي جي اوير پاسي وڏو ميدان هوندو هو. اُنڪري رات جو اتان اڪثر چوَر ايندا هئا، جنهن سبب آئون سڄي رات لٺ کڻي جاڳندو هئس.

لال محمد غوري کي گيتا ۽ رامائڻ جا پاٺ ياد آهن. انڪري ڪيس هٽ مهاراج گورو به چوندا آهن. ۽ هن جي سيوا به ڪندا رهندا آهن. ۽ هِن جيءَ گرو انڊيا ۾ هڪ عورت هئي، جنهن جو نالو مهاراج چاند ڪنور بائي هو. لال محمد ، مارواڙي ، هندي ۽ ڪجهه سنسڪرت ٻوليون ڄاڻي ٿو. هن جي ڄمار هن وقت 122 سال ٿئي ٿي. ان حساب سان هو هينئر ڍگهڙي ۾ سڀ کان وڏي عمر جو شخص آهي. هُن جو ذهن سالم ۽ صحت مناسب اٿس. هن جي چوڻ موجب لُوس جي بيماري وقت 1918ع ۾ هو 25 سالن جو هو. مطلب 1893ع ۾ پيدا ٿيو آهي

روشنا ڪپري

روشنا ڪپري جي شناختي ڪارڊ ۾ تاريخ پيدائش 1954ع ڄاڻايل آهي، پر پاڻ چوي ٿي تہ سندس پيدائش جو اصل سال 1945ع آهي.

روشنا جي ماءُ جو نالو سونيءَ ڪپري هو. سونيءَ جي پهرين شادي تاج محمد پرڳڙي سان ٿي هئي.

روشنا چوي ٿي تہ منهنجو والد تاج محمد پرڳڙي ڏنگو شخص هو منهنجي والده سونيءَ کي پنهنجي ماڻٽن سان بہ ملڻ ڪونہ ڏيندو هو. تنهن وقت منهنجي والده جي سوَنهن جي هِن تر ۾ وڏي هاڪ هئي. نيٺ مير خدا بخش لانبٽ ڪڏاري واري جي فيصلي تحت منهنجي والده کي طلاق ملي ۽ اهو طئي ٿيو تہ تن دوستن مير حاجي غلام حيدر نور محمد شاهہ لڪياري ۽ وڏيري جمعون رمداڻ مان هڪ جمعون رمداڻ جي چونڊ ڪري ان وٽ منهنجي والده (سوني) کي سامر طور رهايو ويو جتان پوءِ سندس پاءُ جاڙو ڪپري پنهنجي ڳوٺ قاسم ڪپري جيڪو دونهاؤ شريف لڳ آهي اٺ وٺي ويو. ان وقت مير حاجي غلام حيدر ٽالپر بہ منهنجي والده سوني سان شادي ڪرڻ لاءِ جتن ڪري رهيو هو. ۽ هڪ ميڙ وٺي مير حاجي غلام حيدر

ٽالپر جاڙي ڪپري وٽ ڳوٺ ويو هو. پر جاڙي ڪپري سگ ڏيڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو هو. پوءِ هُن سونيءَ ڪپري جي سگ لاءِ سيد صالح محمد شاھ کي چيو، ڇاڪاڻ جو جاڙو ڪپري سيد صالح محمد شاھ جو مُريد هو. پوءِ الھ بخش ڪلوئي ڪمندار ماهپاري واري جي ڏيءَ جو سگ بدلي ۾ جاڙي ڪپري کي ڏنو ويو ۽ پهرين نڪاح بہ جاڙي ڪپري جو پڙهايو ويو ۽ پوءِ مير غلام حيدر جو سوني ڪپري سان نڪاح ٿيو. اهو تقريبن 48-1947ع جو قصو آهي.

مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جي وفات (1953) کانپوءِ بہ سوني ڪپري چار سال ميرن جي ديري ۾ رهي، پوءِ مير حاجي احمد خان ٽالپر منهنجي ماءُ سوني ڪپري کي چيو مائي ويھ تہ هي تنهنجو گهر آهي. (مطلب ديرو ڇڏي ٻاهر نہ وڃ) پر سوني ديري ۾ ويهڻ کان جواب ڏنو. (جڏهن تہ مير حاجي احمد خان ٽالپرُ خود 1954 ۾ وفات ڪري ويو هو.) انڪري قصو سمجھ ۾ نہ آيو.

پوءِ ميرن ڪاوڙ ۾ چيو تہ مائي سوني تنهنجو ميرحاجي غلام حيدر سان نڪاح ئي ڪونہ هو. آخر ڳالھ وڃي فيصلي تي پهتي. مير فتح خان جهڏي واري جي اڳيان حاجي محمد علي حافظ عطا محمد ٽالپر جي والد گواهي ڏني تہ مير حاجي غلام حيدر ۽ سونيءَ ڪپري جو نڪاح مُون پڙهايو هو. ان ڳالھ جو ڳواھ مير منور ٽالپر جو ڏاڏو مير الهداد بہ هو. پر قصو ڪورٽ تائين پهتو. جتي ميرن جو وڪيل ڪيلا رام واٽيون ۽ منهنجي والده سونيءَ جو وڪيل هيرا نند واٽيون هو. فيصلو امڙ سونيءَ جي حق ۾ آيو. ڪورٽ ميرن کان سونيءَ ڪپري کي چار بلاڪ ٻنيءَ ڏگهڙي شهر ۾ هڪ ماڙي (جاءِ) ۽ ٽي ڍڳيون ڏياريون. چار بلاڪ ٻنيءَ هئي تن مان ٻہ بلاڪ ٻني ڏگهڙي شهر لڳ ٽنڊو جان محمد روڊ تي جتي هنيئر بہ نمرو ڪپري ڳوٺ واقع آهي ۽ ٻہ بلاڪ ٻنيءَ ڏگهڙي لڳ ميرپورخاص روڊ ويجهو ڏني ويئي. روشنا ڪپري وڌيڪ چوي ٿي تہ منهنجي بہ شادي ٿي هئي پر مونکي ڪوبہ اولاد نہ ٿيو هو. هن چيو منهنجيءَ نياڻيءَ آمنہ منهنجي گود ورتل

آهي . (هي انٽرويو مون 26 فيبروري 2013ع تي اقبال سان گڏ روشنا ڪپري جي گهر ويجي ورتو هو. جنهن کان پوءِ جلد ئي روشنا ڪپري وفات ڪري وئيي)

وسايو ڪپري

وسايو ڪپري ڊرائيور امين ڪپري جو والد ۽ تعلقہ ڪائونسل ڏگهڙي جي آفيس ۾ پٽيوالو آهي . وسايو ڪپري چوي ٿو تہ اسان اصل ڳوٺ بالاچ ڪپري جا آهيون جيڪو چاند ماڙي لڳ ڪوٽ غلام محمد روڊ تي ديهہ 177 ۾ آهي.جتان منهنجا مائٽ 1940ع ڌاري لڏي موجوده هنڌ ڏگهڙي شهر ۾ قائم پاڙي لڳ اچي ويٺا هئا. هو چوي ٿو تہ اسان جا مائٽ مالوند هئا. ڏگهڙي ۾ جڏهن مير حاجي جان محمد ٽالپر کي مير غلام حيدر (ٽيون) جي روپ ۾ پهرين پُٽ جو اولاد ٿيو هو تہ اسان جي مائٽن مير حاجي جان محمد ٽالپر کي ٻہ ٻلاڪ ٻنيءَ مٺائي ۾ ڏني هئي. وسايو اهو بہ چوي ٿو تہ هڪ واري ڏگهڙي ۾ اقبال نالي ڪاسائي ڏڍيءَ ڳني هئي جنهن جو ڪيس مير حاجي غلام حيدر ٽالپر (ٻيو) تي ٿيو هو.

وسايو ڪپري جي تاريخ پيدائش1963ع آهي.

لڪياري سيد

راجا دلوراءِ سنڌ جي سيوهڻ واري حصي تي حڪومت ڪندو هو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ وڏو ظالم قسم جو شخص هو. سندس ڀاءُ چڻو امراڻي ان جي ظلمن کان تنگ ٿي بغداد ويو جتي عباسي خليفي معتصم باالله کي پنهنجي ڀاءُ جي دانهن ڏنائين .عباسي خليفي "سرمن راءِ" جي فوجي ڇانوڻي مان تُرڪ سپاهي ۽ "سيد علي " نالي هڪ سپہ سالار ڏيئي سنڌ روانو ڪيو.

سيد علي ۽ دلوراءِ جي وچ ۾ ڪاچنگ ڪانہ لڳي،بلڪ دلوراءِ ،سيد علي جي هٿ تي بيعت ڪري، مسلمان ٿي ،پنهنجي نياڻي جو سڱ سيد

علي کي ڏنو. اها ڳالهہ 220 هجري مطابق 835ع کانپوءِ جي آهي .مطلب اجا سيوهڻ ، سيوستان آهي، ان جو نالو تہ سيد محمد عثمان بن شاهہ ابراهيم ڪبيرالدين عراق جي صوبي "مروند" جي رهندڙ "معروف قلندر" بعد ۾ اچي تبديل ڪيو هو. جيڪو قافلي جي صورت ۾ مڪران ديبل بندر ، مارواڙ کان اجمير ، دهلي ،ڪرنال، پاڪ پتڻ ۽ اُچ شريف کان ٿي سيوستان ۾ رهي پيو. جنهن هن کي سيوهڻ جي نالي ۾ تبديل ڪيو 21 شعبان 673 هجري مطابق 1275ع ۾ سندس وفات ٿي هئي. هن جي مزار سيوهڻ ۾ زيارين جي وڏي آمدگاهہ بڻيل آهي.

لڪياري سيدن جو ڏاڏو بغداد جو سيد هو ۽ سندن نانو سنڌي آهي.

تحفتہ الڪرام ۾ جيڪو اچي ٿو تہ "سيد علي متيارين ۾ رهيو" چيو وڃي ٿو تہ ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ وزن ڪونهي .مرزا قليچ بيگ چاڻائي ٿو تہ "سيد علي ترڪستان يا عربستان کان لڏي اچي "لڪي" ۾ ويٺو هو. سندس اولاد لڪياري سڏجي ٿي.

لڪياري ساداتن مان راشدي پاڙو نڪتو ، جنهن مان ڪنگري جا پاڳارا ۽ جهنڊي وارن پيرن جن گاديون وجود ۾ آهيون.

سيد علي لاءِ بي راءِ اها آهي تہ "سيد علي 641 هجري مطابق 1243ع ۾ سنڌ آيو ۽ لڪي ۾ رهائش اختيار ڪئين " واضع رهي تہ ان حساب سان راجا دلوراءِ جي وقت سان مشابهت ڪانہ رهندي.

سيد علي کي چار پٽ ٿيا هئا 1. سيد رڪن هن جي اولاد سنڌ جي مختلف هنڌن تي رهي ٿي. 2 . سيد حسن ،هن جي اولاد چنگا سڏجي ٿو. 3.سيد احمد، جيڪو آمري واري سيدن جو وڏو هو. 4. سيد عباس ،جيڪو ٺٽي وارن سيدن جو وڏو آهي.

سيد موليڏنو شاهہ لڪي کان عمرڪوٽ جي طرف زام جاڳو لڳ ميرن/ ٽالپرن واري خانپور/کن ۾ لڏي آيو هو. جنهن سبب لڪياري سيدن جو سلسلو هن تر ۾ وڌيو.

سيد موليڏنو شاهه کي ٻه پٽ ٿيا هئا، هڪ سيد ميئين شاهه ۽ ٻيو سيدنور شاهه. سيد ميئين شاهه کي جڙيل شاهه ۽ عبدالرسول شاهه نالي ٻه پُٽ ٿيا هئا ۽ سيد نورشاهه کي وري چار پٽ ٿيا هئا ،جن ۾ سيد هاشم شاهه، قطب علي شاهه ، اميد علي شاهه ۽ سيد صالح محمد شاهه عرف راضي شاهه، نئون ڪوٽ جي ڀير وارو.

چون ٿا ته ان سيد راضي شاهه پنهنجي مريدن مان ڪلوئي ذات وارن مريدن کي پٽيو هو. تن ڪلوئي مريدن مان ڪي انڊيا جي طرف رهن ٿا، تن جي خبر ڪونهي ،پر ڏگهڙي لڳ ڳوٺ مهاپاري وارا سندس ڪلوئي ذات جا مُريد شُڪيا ستابا آهن.

سيد موليڏنو شاهه جي پٽ سيد نورشاهه جي پوٽي ۽ هاشم شاهه جي پٽ سيد قربان شاهه ڏگهڙي لڳ پراڻ ڪنڌي تي دونهائو جي پٽن ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي.

دونهائون لاءِ هڪ روايت آهي ته "جڏهن پراڻ وهندي هئي ، تڏهن ڪنڌي تي گهاٽا وڻ هوندا هئا ،تڏهن اُتي هڪ پترڻ هوندو هو ،جنهن لاءِ ملاح هميشه دونهن ڏکائي رکندا هئا جئين هن طرف ايندڙ مسافر وٽن جي گهاٽي هجڻ ڪري پلجي نه پون .انڪري ان جو نالو دونهن وارو هنڌ پيو ۽ پوءِ دونهائون بڻجي پيو" پوءِ ان جي طرف خانپور/ڪن ڪان لڪياري سيد لڏي اچي ويٺا ته اهو دنهائون، دونهائو شريف سڏجڻ لڳو انهن ئي سيدن جو اولاد آهي سيد منظور حسين شاهه لڪياري ، جيڪو هاڻ ٽنڊوجان محمد شهر ۾ رهئي ٿو.

ڏگهڙي ۾ وري ميرن واري مدرسي جي گهٽي ۾ مير احمد خان ٽالپر جي اوطاق / بنگلي جي پويان سيدن جو علم آويزان آهي، جنهن کي سيدن جو پڙ چون. اتي سيدن جا گهر آهن .جيڪو سيدن جو پاڙو سڏجي . هي لڪياري سيد سڏائين ٿا .

سيد ڪبيرشاهه عرف پوڙهو شاهه ولد سيد پيرو شاهه، سندس تاريخ پيدائش 1952ع آهي هن جو چوڻ آهي ته اسين لڪياري سيد آهيون .سيد

پوڙهو شاهه جو والد سيد پيرو شاهه ,جنهن جو تعلق پڊو قمبراڻي سان هو تنهن ڏگهڙي ۾ سيد مگڻ شاهه جي پيڻ سان شادي ڪئي هئي. تقريبن 1950ع ڌاري.

پوءِ 1962ع ڌاري سيد پيرو شاهه پڊو قمبراڻي ڪان لڏي ڏگهڙي ۾ پنهنجي سهري وٽ اچي رهي پيو.. اهڙي ريت سيد الهڏنو شاهه جيڪو تر جي مٺي طرف جو هو تنهن به سيد مگڻ شاهه جي ٻي پيڻ سان شادي ڪئي هئي. ان جي ڏگهڙي پوليس ۾ نوڪري هئي سو به شادي ڪان پوءِ هِت رهي پيو هو.

سيد پوڙهو شاهه وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته وڌل شاهه وڏو دونهائو شريف وارو, تنهن ڏگهڙي ۾ تابوت ٻلي فقير کي ڏنو هو سيج الهڏني شاهه کي ڏني هئي ۽ ذوالجناح پيرل شاهه کي ڏني هئي.

هو چوي ٿو ته ان ڪان اڳ ڏگهڙي جي جيلاني پڙ ۾ صرف هڪ عَلم لڱل هوندو هو. جتي شيدي، خاصخيلي ,ٽالپر ۽ ٻيا امام جو ماتم ڪندا هئا.

سيد پوڙهو شاهه اهو به چوي ٿو ته ڏگهڙي جو جڙيل شاهه قبرستان سائين جڙيل شاهه لڪياري جي نالي سان آهي. جيڪو مگڻ شاهه وارن جو وڏو هو ۽ مگڻ شاهه تي ٿي گذريا آهن جڙيل شاهه لڪياري، قبرستان کي بخاري سمجهڻ غلط فهمي آهي.

(هڪ روايت آهي ته ڏگهڙي ۾ ڪوسه ذات جا ماڻهو جيڪي پاڻ کي زنگاڻي ڪوسه سڏائين ٿا, سي اڳ سيدن جي پاڙي وٽ ويٺل هئا ۽ 21-1920ع ڌاري اتان لڏي ڏگهڙي جي وارڊ نمبر هڪ ,واري موجوده هنڌ تي ويا آهن مطلب سيد ان ڪانپوءِ ڪوسن جي اڳوڻن پٽن تي آيا هوندا. ان حساب سان جڙيل شاهه قبرستان سيد جڙيل شاهه ڪان به اڳ قائم نظر ايندو)

جڙيل شاهه قبرستان وٽ محمود شاهه جي درگاهه آهي. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته بچل خاصخيلي جهڏي واري جڏهن اُتي ٻنيءَ پي کيڙائي ته زمين

مان انساني هڏا نڪري پيا هئا.جنهن کي هن قبر جو روپ ڏئي وري اُتي دفن ڪرائي ڇڏيو . پوِ اها محمود شاهہ جي درگاهہ سڏجڻ لڳي. ڏگهڙي واري مهاجر مسجد بہ ان بچل خاصخيلي جي زمين تي جڙيل آهي. ۽ ڏگهڙي جي بازار اڳ هئين هئي موجوده جمعدارن (گجراتين) جي پاڙي کان وٺي مهاجر مسجد جي اڳيان گذري، منشي قائمخاني جي گهر کان تي، سوامي ڪيمناٿ جي مڙهي تائين هئي.

سائين عبدالواحد آريسر

سنڌ جو مشهور معروف سياستدان ، اديب عبدالواحد آريسر صاحب . جڏهن جمعيت طلبہ اسلام ڇڏي هئي، اهو وقت 1969ع جو هو پاڻ جمعيت طلبہ السلام پاران سنڌ جا جنرل سيڪريٽري هئا، ۽ ان دور ۾ جمعيت طلبہ السلام جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري جاويد ابراهيم پراچہ هو سو بہ جمعيت جي اجلاس ۾ سنڌ آيل هو اهو اجلاس ڏگهڙي شهر جي جامعہ عربيہ اشاعت القران مدرسي ۾ ٿيو هو جنهن ۾ اختلافن سبب عبدالواحد آريسر جميعت طلبہ السلام کي هميشہ لاءِ الوداع ڪيو هو. اختلافن جو ڪارڻ ون يونٽ وارا فساد هئا.

تنهن کانپوءِ عبدالواحد آريسر سائين جي ايم سيد کان متاثر ٿي جئي سنڌ ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي ۽ مولوين واري سياست کي ڏگهڙي ۾ هميشہ لاءِ خداحافظ چئِس. عبدالواحد آريسر جئي سنڌ جي سياست کي نوان رنگ ڏنا. هو انتهائي سادگي پسند ۽ غزب جو مقرر هو لکڻين بہ ڪمال هئس، ڪئين ڪتابن جو مصنف ٿي رهيو .مون سڏائين هُن کي پنهنجو سياسي امام سمجهو.

آريسر صاحب ڏگهڙي جي ميرن واري مدرسي ۾ ڪجهہ وقت لاءِ پڙهيو ۽ ڪجهہ وقت لاءِ نوحاڻين جي ڪنگورو ڳوٺ ۾ مولوي عبدالحي نوحاڻي وٽ بہ پڙهيو هو (نوحاڻين وارو اهو ڳوٺ ڪنگورو اڳ اُت ڪنگاڻي واڻين جي رهڻ جي ڪري ڪنگورو سڏجڻ لڳو هو ڪنگورو شاخ تي نالو بہ ان

ڳوٺ جي ڪري پيو آهي هاڻ ان شاخ تي ڪنگورو موري بہ آهي . رئيس ڪرم خان لغاري چوي ٿو تہ ڪنگورو نالي ملاح هو جنهن تان اهي نالا پيا آهن.پرمونکي واٽين واري روايت صحيح لڳي ٿي) سو آريسر صاحب گهڻو وقت پيبنڊي شريف ۾ پڙهيو آهي.آريسر جا ڏگهڙي ۾ وڏيرو ٻلو رمداڻ ۽ وڏيرو محمد هاشم رمداڻ ذاتي دوست رهيا ها. ڏگهڙي جي ماسٽر محمد ابراهيم قمبراڻي کي پاڻ مذاق مان پنهنجو خليفو سڏيندو هو. عبدالواحد آريسر جي تاريخ پيدائش 11 آڪٽوبر 1949ع آهي ۽ سندس وفات 3 مئي 2015ع بروز آچر آهي.

هن کي جڏهن مدفون ڪيو پئي ويو، تڏهن چانڊوڪي رات پنهنجي روشني هن الست انسان جي جنازي تي هاري رهي هئي. جڻ تنهن وقت پاڻ هميشہ جيان مُرڪي رهيو هو موکي جي مُند جو پيپاڪ،رندن کان موڪلائي سدائين لاءِ پنهنجي ڌرتي ماتا جي ڪک ۾ آرامي ٿي رهيو هو.هُن وڏو پنڌ ڪيو هو ڏونگر ڏوريا هئين ،رڻ ڪڇا هئين، ڪئين پيرا ٿرم جون ياترائون ڪري، گهاٽا سنين،پر ڪنهن بہ ناٽي جي چُسڪي نہ ورتئين. هو ضمير جو قيدي هو، ۽ پنهنجو عشق سلامت رکيائين.

هُن چاهيو ٿي منهنجي ڌرتي جي گهوٽن جا موڙ سلامت هجن. ڪا بہ سُهڻي بڏي نہ مري: هڪ سنڌ هجي آزاد ، ٻيا اُن ۾ ساقين جا دور سلامت هجن.منهنجي دعوي آهي تہ سائين جي ايم سيد جي ٻولي کي عوامي رنگ اُنڙآباد جي عبدالواحد آريسر ڏنو،۽ سائين جي ايم سيد جي جدوجهد کي عوامي ڍنگ، رتي ديري جي مهندار بشير احمد قريشي ڏنو هو. ٻنهين ۾ ڪمال جي سادگي هئي،۽ ان سادگي جو ڇا تہ جمال هو ٻنهين جو مصور سائين جي ايم سيد هو ۽ ٻئي موهن جي دڙي جون مورتيون هنيون ڇا تہ رهاڻ هو ڇا تہ رقس هو سندن دؤر سنڌ جي آزاد راڄائن جو پونئر جنم هو.

*

حيدر بخش جتوئي

حيدر بخش جتوئي 7 آڪٽوبر 1901ع تي ڳوٺ "بکي ديري" تعلقي ڏوڪري ۾فقير الهداد خان جتوئي جي گهر ڄائو هو. 1923ع ۾ مئٽرڪ جي امتحان ۾ بمبيءَ يونيورسٽي طرفان لاڙڪاڻي سينٽر سنڌ ۾ پهريون نمبر کنيائين 1927ع ۾ ڊي .جي .سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي، اي ,آنرس ڪيائين.

1927ع ۾ ئي ملازمت جي چونڊ ۾ پهريون نمبر آيو ۽ روينيو کاتي ۾هيڊ منشيءَ سان ملازمت شروع ڪيائين.۽ رتي ديري ، قمبر ۽ جوهي ۾ هيڊ منشيءَ ٿي رهيو. 1931ع ڌاري مختيار ڪار ٿيو ۽ پاڻ ان دوران ڏوڪري بدين، جيمس آباد ، ڏگهڙي ۽ گهوٽڪي ۾رهيو.1936ع ۾ قادرپور شهر تعلقو گهوٽڪي ٻوڏ جي زد ۾ اچي ويو پاڻ رات ڏينهن هڪ ڪري بند ٻڌائي شهر کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

(ڏگهڙي وارو لقاءُ ڪونه هو جتي شهر کي ٻوڙيو به ويو ۽ ماڻهن جا گهر پٽ ڪري نالو به وڃان ٿاهيو ويو)

حيدر بخش جتوئي 44_1943ع ۾ حرن خلاف قائم اسپيشل مليٽري ڪورٽ ۾ جج مقرر ٿيو هو. ان عرصي ۾ ڪنهن به هڪ حُر کي سزا نه ڏني ويئي. سندس قانوني مهارت ڏسي انگريز جج به حيران رهجي ويا. پاڻ 1945ع ۾ ملازمت تان استعيفيٰ ڏيئي "سنڌ هاري ڪميٽي" ۾ شامل ٿيو.هُن جي وفات 21 مئي 1970ع ۾ ٿي آهي.

(ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ــ مرتب سڪندر ملاح ,ص 18_17, سال 2001ع)

چيو وڃي ٿو ته حيدر بخش جتوئي (اندازن 35_1934ع) ۾ جڏهن ڏگهڙي ۾ مختيارڪار هو ، تڏهن جهڏي طرف جي هڪ لغاري همراه ,مڱڻهار فقيرن جي هڪ ٻانهن (عورت) زوري پاڻ وٽ ويهاريو ڇڏي هئي. "اُن عورت جو نالو سنڌ جي مشهور گلوڪار مائي ڀاڳي ٻڌايو وڃي ٿو. (مائي

ياڳي جي پيدائش 1920ع آهي). تڏهن مگڻهار فقير پنهنجي دانهن کڻي ڏگهڙي جي مختيار ڪار حيدربخش جتوئي وٽ پهتا هئا. فيصلو رکيو ويو، فيصلي ۾ حيدر بخش جتوئي لغاري همراهَ کي فقط ايترو چيو " توکي مگڻهار فقيرن جي عورت وٺي تي تہ پلي ويهار ،پر فقيرن کي لغاري ذات جي هڪ عورت بدلي ۾ ڏيڻي پوندي" بس ان ڳالهہ لغاري همراهَ کي منجهائي ڇڏيو ۽ هُن مگڻهار فقيرن کي سندن عورت واپس ڪئي.

حيدر بخش جتوئي ڏگهڙي ۾ پنهنجي مختيارڪاري دوران ،ڏگهڙي لڳ ڳوٺ فقير غلام علي لغاري ۾ قرآن مجيد پڙهي پورو ڪيو هو. ۽ اخبارون بہ تڏهن اُن ڳوٺ ۾ پڙهندو هو.حيدر بخش جتوئي 1945ع ڪانپوءِ "سنڌ هاري ڪميٽي " جي سلسلي ۾ ڏگهڙي ۾ ڳوٺ علي محمد پني ۾ پڻ آيو هو. هن کي باباءِ سنڌ بہ چيو ويندو آهي، حيدرآباد شهر جو حيدر چوڪ سندس نالي سان منسوب آهي.

ميرن واري قباءَ مسجد

هي مسجد ڏگهڙي جي پهرين مسجد ليکي ويندي، منهنجو نانو حاجي ڪالو شيدي چوندو هو تہ "آئون اجا سورانهن، سترنهن سالن جو مس هئس ، تڏهن ميرن واري ڪچي مسجد جي تعمير ٿي رهي هئي. ان وقت مونکي ٻوڪاني ٻڌل هوندي هئي ۽ مون بہ ان مسجد جي تعمير ۾ مٽي کڻي ڪم ڪيو هو"ممڪن آهي مسجد جو صفا ڪچو نشان ان کان بہ اڳ جو هجي. " پر باقدي ڪچي تعمير منهنجي ناني جي چوڻ موجب ٿي اٿس منهنجي ناني جي پيدائش شناختي ڪارڊ ۾ 1905ع آهي .۽ مسجد جي تعمير وقت سندس ڄمار 17,16 سال هئس. ان حساب سان مسجد جي تعمير جو وقت 1921_22ع بيهندو.

قباءَ مسجد جي ٻي تعمير 1372هجري مطابق 1953ع ۾ ٿي آهي جيڪا ميرحاجي غلام حيدر ٽالپر جي پيڙهه ڪرائي هئي. موجوده وقت ۾ مسجد جا ٽي وڏا قباءَ تڏهن جا آهن.ان ڪم جي سنڀال بہ مير حاجي غلام

حيدر ڪندو هو پر هو ايڪسيڊنٽ ۾ وفات ڪري ويو تہ مسجد جو ڪم مڪمل مير حاجي فتح خان ڪرايو هو.

مسجد جي صرف ويرانڊي جي تعمير ٻيهر 2015ع ۾ ٿي آهي. جنهن لاءِ جسماني جفاءَ ڪشي مير عبدالحق ٽالپر جام ڪئي آهي.

هن مسجد جي اڳ مرمت محمد سلطان مستري (رازو) ۽ ان جو پُٽ محمد خاصخيلي ڪندا هئا.

ڏگهڙيءَ شوگر مل

ڏگهڙيءَ شوگر مل 97_1996ع ۾ ڪمند جي ڪرشينگ شروع ڪئي آهي هن جي ڪيپيسٽي 4 ٽن آهي، هن مل ۾ محمد اڪرم آرائين جنرل مئنيجر آهي ۽ مرتضيٰ ڪمبوهہ ڪين مئنيجر آهي. ٻئي ڏگهڙي شهر جا رهواسي آهن. هي مل يونين ڪائونسل پيرڻ ۾ نوحاڻين جي ڳوٺ ڪُنب ويجهو ٽنڊوغلام علي روڊ وٽ واقع آهي. هن مل جو شروعاتي ڪم محمد سليمان عابد ڪرايو هو جيڪو شفيع محمد آرائين جو ناني آهي.

رحمت الله آرائين

بيلدار رحمت الله جو والد حاڪم آرائين هو هن جو ڳوٺ حاڪم آباد (ديهہ 178) آهي. ڏگهڙي کان ڳوٺ 170_A ويندڙ رستي تي اڳ ٽالهي جا وڻ هوندا هئا، جيڪي رحمت الله پوکيا هئا ، هي ڊاڪٽر شائستہ آرائين جو ڏاڏو هو رحمت الله آرائين جي پيدائش 1911ع ۾ ۽ وفات 1981ع اٿس.

عبدالواحد آرائين.

عبدالواحد ولد خوشي محمد آرائين تعليم سنڌي فائنل هئس. سنڌي ، بلوچي ۽ اردو زبانن تي ابور هئس، پنجابي مادري زبان هئس .صبح سوير ننڍ مان اٿي ، احمد ملاح جو ڪتاب يعني قرآن مجيد جو سنڌي ترجمون

جيڪو شاعرانه انداز ۾ تيل آهي، پڙهندو هو. هُن جي پيدائش 1934ع ملير ڪراچي ۾ ٿي هئي. ۽ وفات 2006ع ۾ ڏگهڙي ۾ ٿي.

شنڪر جمعدار

ڏگهڙي جو شنڪر جمعدار (گجراتي) ريلوي کاتي جو ملازم آهي. ڪرڪيٽ سان جنون جي حد تائين محبت ڪري ٿو، پاڻ ڏماڪا اليون کان سواءِ ٻين ٽيمن ۾ به راند ڪيڏي چڪو آهي. هن جي خاص ڳالهه انگلش ۾ ڪميٽري ڪرڻ رهيو آهي. هو مڪمل اڻپڙهه آهي، پر انگلش جا رتيل لفظ روانگي سان ڳالهائي وڃي ٿو هن جي ٻولڻ ۾ اڪثر ورجاءُ هوندو آهي پر اوچار صحيح وڻي ٿو.

مٺو جمعدار

هي به گجراتي برادري جو فرد آهي جيڪو اڪثر سنيمائن جا سائن بورڊ لکندو هو هن کي به تعليم هڪ درجو هئي، پر شوق ۾ هي بورڊ لکڻ سکي ويو هو. جيڪو ڪجهه لکي ڏيو هو سو هو فلمي پوسٽرن جي هيٺيان لکي ويندو هو اها ئي هن جي سڃاڻپ بنجي ويئي.

ظفر احمد

ظفر احمد عرف ايڊي هي ڏگهڙي جي سماجي شخصيت طور سڃاڻپ رکي ٿو. ڏگهڙي جو ايڊي سينٽر به ڪافي وقت سنڀاليندو هو ڏگهڙي ۾ سوئي گئس آڻڻ لاءِ بک هڙتالون پڻ ڪيائين.

مصري مگهڻار

مصري مگهڻار ڏگهڙي جو اهو شخص آهي، جنهن سنڌ جي تقريبن هم عصر سيني گلوڪارن سان گڏ پکواز وڄائي آهي، هي هينئر پرويز

بجاراڻي جيڪو ڏگھڙي جي زرعي بئنڪ ۾ آفيسر آهي ۽ اصل جيڪب آباد جي طرف جو آهي ان سان دوستانه محفلن ۾ پڪواز وڄائي ٿو. پرويز جي نالي ڇيو وڃي ٿو ته هُن جو گلو شاندار آهي. ۽ هو انعام جي ملندڙ رقم مان ربيو به نٿو کڻي سڀ پيسا پڪوازي وغيره کڻندا آهن.

ڏگھڙيءَ ۾ ڪاٽن فيڪٽري

هي فيڪٽري 1932ع ۾ ٺهي ۽ 1978ع ۾ بند ٿي ويئي. هي فيڪٽري پھرين بشراج ڪمپني جي هئي. ۽ پيو مالڪ فخردين جي هو. هن فيڪٽريءَ ۾ ٽن شفٽن ۾ 500 کان وڌيڪ مزدور ڪم ڪندا هئا. هن جو نالو ڏگھڙيءَ جيننگ فيڪٽري هو. پھريون ڪاٽن سليڪٽر لال محمد ولد شمس الدين جت هئس.

اسحاق "ڪارو" مڱڻھار

هن پنهنجي دؤر ۾ گلوڪاري ۾ سٺي شهرت ماڻي، هن کي مرحوم مير حاجي جان محمد ٽالپر پاڻيندو هو. توڙي جو مير جان محمد ٽالپر جي شاعري مٿو ڪجي به ڳائي آهي.پر ڪاري مڱڻھار کي ڏگھڙي جي ويجھو انب موري تي رهڻ ڪري مير جان محمد ٽالپر سان وڌيڪ ويجھڙائي هوندي هئي.

عجيب سڃاڻپ

ڏگھڙي ۾ ڪافي ماڻهو اهڙا ملندا جن جي هڪ يا ٻه ٻانهون انگريزي حروف ڊي جيان آهن. ان لاءِ چيو وڃي ٿو ته ڊاڪٽر فروزالدين جي وقت ۾ ڪنهن ٻار کي جي بخار ايندو هو ته ان ٻار کي ڊاڪٽر فروزالدين کان انجيڪشن هڻائي ويندي هئي. ان سان ٻار جو بخار ته لهي ويندو هو پر اُن ٻار جي ٻانهن/ ٻانهون هميشه لاءِ ڪرڪيٽ، ٽيڙيون ٿي وينديون هيون. پوءِ اها

ڏگهڙيءَ ان جي آس پاس جي ماڻهن جي بين الاقوامي سڃاڻپ بڻجي ويئي. ان ڀانهن وارو همراه دنيا ۾ ڪٿ بہ نظر اچي تہ پڪ ڄاڻو اهو ڏگهڙي جي تر جو آهي.

ڏگهڙي تعلقہ هاسپيٽل جي عمارت 3 مارچ 1963ع ۾ تعمير ٿي آهي ان جو افتتاح بہ هيلٿ منسٽر (اولهہ پاڪستان) جي عبدالقادر سنجراڻي ڪيو هو.

ڏگهڙيءَ ۾ بجلي

مهر ڪاڇيلوي لکي ٿو تہ 1933ع ۾ ضلعي ٿرپارڪر ۾ صرف ميرپورخاص شهر ۾ بجلي جي سپلائي جو انتظام هو جيڪو ننڍي پيماني تي هڪ پرائيوٽ ڪمپني سپلائي ڪندي هئي 1957ع ۾ حڪومت مقامي پاور هاؤس جو انتظام پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو جنهن سبب 1962ع ۾ حيدرآباد ٿرمل اسٽيشن سان ملائي ميرپورخاص کي بجلي ڏني وئي ۽ 1963ع ۾ ڏگهڙي، ٽنڊوڄان محمد ۽ جهڏو کي بجلي ڏني ويئي.
(تاريخ ٿرپارڪر،مهر ڪاڇيلوي_صفحو 339_اردو)

ڏگهڙي ۾ واپڊا گريڊ جو ڪم 1958ع ۾ شروع ٿيو 1962ع ۾ بجلي سپلاءِ ڪئي ويئي . اها 33 هزار KV هئي. شهر جي وڌندڙ آبادي خاطر ڪپٽ کي ذهن ۾ رکندي، پيهر 1979ع ۾ واپڊا گريڊ کي نئي 66 هزار KV جي لائين ۾ تبديل ڪيو ويو. مسئلو اچا وڌڻ ڪري وري 20 مارچ 2015ع ۾ نئون افتتاح ٿيو آهي . جنهن سان هڪ لک 32 هزار KV جي لائين ۾گريڊ کي تبديل ڪيو پيو وڃي. هي پروجيڪٽ هڪ سال جو آهي ان کان پوءِ شهرين ۽ آس پاس جي ماڻهن کي وڌيڪ بجلي سپلائي ٿي سگهندي.

ڏگهڙي ۾ بجلي کان اڳ روشني خاطر فانوس يا گولن کان ڪم ورتو ويندو هو.

ڏگهڙيءَ ۾ ريلوي نظام

ڏگهڙي ريلوي جي پٽڙي تہ 1909ع ۾ وڇائيجي چڪي هئي، پر موجوده ريلوي اسٽيشن جي عمارت 1938ع ۾ ٺهي هئي.

ڏگهڙي پوسٽ آفيس 1897ع ۾ قائم ٿي آهي ۽ ڪم بہ تڏهن شروع ڪيس.

ڏگهڙي مختيار ڪار آفيس 1908ع ۾ تعمير ٿي آهي.

ڏگهڙيءَ ۾ لائبريريون

ڏگهڙيءَ جي تر ۾ پهرين لائبريري ڳوٺ فقير غلام علي لغاري ۾ فقير بشير لغاري جي آهي ،جنهن جو افتتاح 1960ع ۾ پير سائين پاڳاري علي مرادن شاهہ راشدي جن ڪيو هو. ڏگهڙي شهر ۾ لائبريري 66_1965ع ڌاري موجوده بواءِ هائير اسڪول ڏگهڙي ۾ کُلي هئي.

1962ع ۾ هاءِ اسڪول قائم ٿيو 1964ع ۾ ڪلاس هليا، ۽ پوءِ لائبريري قائم ٿي. ڏگهڙي ۾ شاهہ عنايت جي نالي سان لائبريري سول اسپتال لڳ 92_1991ع ۾ پرديپ ڪالاٽي کولي هئي. 1997ع ۾ شهيد هوش محمد شيدي روڊ، نيو مير جان محمد ڪالوني ۾ سائين جي ايم سيد جي نالي سان لائبريري قائم ٿي هئي، جنهن جو افتتاح سائين عبدالواحد آريسر ڪيو هو. اهي ٻئي لائبريريون مالي خساري سبب بند ٿي ويون هنيون.

ڏگهڙي ۾ "الخدمت پبلڪ لائبريري" بہ آهي جنهن جو انچارج محمد اشرف قائمخاني آهي.

جولاءِ 2015ع ۾ ڊي ايس. پي آفيس ڏگهڙي لڳ موجود پريس ڪلب جي صحافين جي جستجو سان "مير حاجي فتح خان ٽالپر" جي نالي سان لائبريري جو افتتاح ، ايم ، پي ، اي مير حاجي محمد حيات ٽالپر ڪيو آهي.

ڏگهڙيءَ جا شاعر

ٻيا ٻيون شاعر جڙيل شاهه بخاري کي سمجهو وڃي ٿو مير حاجي جان محمد ٽالپر به شاعر هوئيون پر سيد فداحسين شاهه حاجي طاهر اطهر انصاري، برڪت راهي، سليم نيازظهير اقبال ، ايوب قائمخاني،ماستر شهاب الدين غوري وغيره اچن ٿا.

ڏگهڙيءَ شهر ۾ قتل

ڏگهڙي شهر وجود 1880ع ڌاري ورتو آهي ۽ 2015ع تائين مطلب 135 سالن جي ڄمار ۾ هن شهر اندر انسان جي قتل ٿيڻ جو ڳاٽيتو 40 جي انگ کي ڪراس ڪري چڪو آهي اوسطن ٽن سالن کان ڪجهه سرس ڏينهن ۾ هڪ انسان قتل ٿيو آهي. اهو قتل عام ۽ ڪربلا ٻڌائي ٿو ته هن ننڍڙي شهر جي ماڻهن ۾ سهپ تمام گهٽ آهي .الاهي ڪڏهن هِت رواداري جو سج اڀرندو.ڪڏهن چيٽن جي مُنڍ ايندي ۽ ماڻهو سُڪون جي بانسري وڄائيندا.

ان الميي جا وارث پاڻ سڀ آهيون. ڇاڪاڻ جو هِت تعليم جي سخت ضرورت آهي تعليم به اها جيڪا بغير متڀيد جي هجي ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪير به نٿو وٺي.!!

ڏگهڙيءَ ۽ ان جي پسگردائي ۾ رهندڙ ٻيون ذاتيون

قريشي، اُنڙ لُنڊ، چوهاڻ، بروهي، سمان ، ڪليري،حاجاڻا، خيبر،ڪير منگي، ڪورائي، مگسي، مياڻان، ملاح، ٻبر، گورايا،بجاڻا، راهيمان، موسي پوٽا، ڪاڪي پوٽا، لباري، پيپل، عباسي، سانڌ، ماڇي، لوڌا، برهماڻي، بنجاره. پنچارا، ڪوڪر، ڪٽي، هيسباڻي، شيخ، ڌاهري، ڪمبوهه، درس، منيڻ، اوڏ، گراڻا، راوڙا، گورچاڻي،ڪلهوڙا، جت، انصاري ۽ پناڻ وغيره اچن ٿا.

پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ

پنجابيءَ ڳالهائيندڙن جي اڪثريت هن ترڪ جمڙاؤ واهه جي تعمير وقت 1901ع ڌاري آئي آهي ۽ اردو ڳالهائيندڙ 1947ع جي سانحي سبب سنڌ آيا آهن . ۽ تن مان ڊگهڙي ۾ به آباد ٿيا آهن. پنهنجي ڌرين جو تعلق پارت مان لڏي ايندڙ سان آهي. پنهين ڌرين کي سنڌ ڌرتي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن ۽ اميد ته وقت سان گڏ هي برادريون به پنهنجي ڌرتي ماتا جي خمير ۾ ملي هڪ ٿي وينديون ۽ اهو عمل شروع به ٿي چڪو آهي.

ڊگهڙيءَ جي ٽائون ڪميٽي

ڊگهڙي ۾ ڊسمبر 1947ع ۾ نوٽيفائيڊ ايريا ڪميٽي ٺهي هئي، جنهن جو پهريون چيئرمين مير حاجي غلام حيدر ٽالپر ٿيو هو ۽ 1958ع ۾ ٽائون ڪميٽي وجود ۾ آئي آهي.

❋

محمد صادق اوٺو

محمد صادق اوٺو جنهن کي وڏو صادق به چون، جيڪو ميرواهه گورچاڻي کان ڏڳهڙي لڏي آيو هو، سندس ذات اوٺو هئي ،اوٺو جت ذات جو پاڙو آهي، ۽ جت سنڌ ۾ رهندڙ آڳاٽي ذاتن مان هڪ آهن.

محمد صادق جي شادي ڏڳهڙي ۾ وڏي الهڏني شيدي جي ڀيڻ سان ٿي هئي، ان ڪارڻ ٿي پوءِ هو ڏڳهڙي ۾ پنهنجي سهريجن وٽ رهي پيو هو. اِن محمد صادق کي پنج پُٽ هئا 1. مصري 2. قادربخش 3. محمد عرس 4. سومرو 5. جمعون. انهن مان مصري کي هڪ پُٽ ٿيو هو جنهن جو نالو ماستر محمد بچل هو اهو محمد بچل ، حاجي مصري ، گل حسن ، ماستر محمد جمن، فدا حسين، محمد امين، ۽ محمد اسلم وارن جو والد هو.

صادق جي ٻي پُٽ قادربخش کي هڪ پُٽ ٿيو، جنهن جو نالو محمد هو جنهن کي اولاد ۾ خدابخش ۽ علي مراد جي نالن سان ٻه پُٽ هئا.

صادق جي ٽي پٽ محمد عرس کي وري ٽي پٽ ٿيا خدابخش ، نبي بخش ۽ محمد رمضان صادق جي چوٿين پٽ سُومرو کي هڪ پٽ ٿيو ان جو نالو به صادق رکين جيڪو سومرو عرف طارق، قيصر ۽ زبير وارن جو والد هو.

صادق اوٺو جو پنجون پٽ جمعون بي اولاد رهيو مٿي ڄاڻايل صادق جو اولاد ڏاڏاڻي پيڙهي ۾ اوٺو (جت) آهي. هي پاڻ کي اوٺو سڏائيندا به آهن.پر سندن سرٽيفيڪٽن ۾ ذات جي خاني ۾ قمبراڻي(شيدي) لکيل اٿن. مطلب سندن ڏاڏاڻي ذات مٿي ناناڻي ذات ۾ گم ٿي ويئي آهي. هي ڇڏو پاڻو

صادقاڻي ۾ سڏائيندا آهن .سندن وڏو ڏاڏو محمد صادق اوٺو دفن ۾ ميرواهه گورچاڻي جي قبرستان يوسف شاهه ۾ ٿيل آهي.

همال گاڏو

ڊگهڙي ۾ همال مزدورن وٽ استعمال ٿيندڙ گاڏي جي ايجاد علاؤالدين ولد عبدالله عباسي ڪئي آهي . هي 1947ع ۾ انڊيا جي صوبي راجستان کان پنجاب جي شهر اوڪاڙو ويو هو ۽ 1960ع ۾ اوڪاڙو کان ڊگهڙي لڏي آيو. ان وقت ٿي ڊگهڙي ۾ مزدورن لاءِ ڪاٺي جو گاڏو ٺاهيائين ،جنهن جي ماپ ويڪر ۾ساڍا ٽي فُٽ ۽ ڊيگهه ۾ ست فُٽ هئي، هُن جا ڦيٿا (ٽائير) چوڏانهن انچن جا ۽ انهن جي ٿولهه اڍائي انچ هئي . هي منفرد گاڏو ڊگهڙي شهر جي ايجاد آهي. جنهن کي علاؤالدين عباسي ٺاهيو هو. علاؤالدين کي ٻن پٽن جو اولاد هو هڪ بشير احمد ۽ ٻيو شمشير مُوي ميڪر.

علاؤالدين عباسي 1977ع ۾ وفات ڪري ويو ان وقت هن جي عمر 80 سال هئي. ڊگهڙيءَ ۾ علي بُڪ شاپ وارا سندس اولاد آهن.

ڊگهڙيءَ ۾ رانديون

حالات مان اندازو ٿئي ٿو ته ڊگهڙي جي پهرين راند مَلهه رهي آهيَ سچي سنڌ جيان ڊگهڙي ۾ به جيلانين جي يارهين جو عرس ملهايو ويندو آهي. تنهن سبب محمد شاهه جيلاني جي درگاهه جي پڊر ۾ ملهه راند ٿيندي هئي .شروعات ۾ گجراتي برادري جو وڏو ڪُبرو به ميرجان محمد ٽالپر(اول) جي سامهون اُتي ملهه راند رهيو هو .تنهن کانپوءِ ڪريم داد جروار محمد هاشم شيدي ۽ يڪو پهلوان خاصخيلي وارن جا نالا ٻُڌجن ٿا. اها راند ڊگهڙي ۾ جيلاني جي وفات 1905ع کانپوءِ شروع ٿي هئي.

ڊگهڙي ۾ فٽبال راند جي شروعات تقريبن 1960_61ع ۾ ٿي آهي،آڳاٽي ڪلاڙين ۾ وسيم راهمون ڪيچي جو چاچو الهه ورايو ڪيچي،

ماستر محمد يوسف قائمخاني، محمد قاسم مڪراني سائيڪلن وارو، مستانو مڪراني سائيڪلن وارو مختيار آرائين، محمد علي ڪمبوه (ڏوبي) عبدالله مڪراني، وارن جا نالا اچي وڃن ٿا. پوئين ڪلاڙين ۾ استاد خدابخش عرف هودي مڪراني جو نالو مشهور رهيو.

هت والي بال راند موجوده گورنمنٽ گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول واري هنڌ کيڏي ويندي هئي، اڳ اُتي وٽنري اسپتال بہ هئي . اهو 66ـ 1965ع جو زمانو هو ان جا رانديگر. چوڌري حاجي مجمد اسلم گِل، بابو محمد حنيف آرائين، ماستر محمد يوسف قائمخاني، ماسترر نعيم قائمخاني ۽ هوتو مالهي وارا هئا.

ڏگهڙي ۾ ڪوڏي ڪوڏي راند 70ـ1969ع ڌاري شروع ٿي آهي جنهن جا رانديگر هئا. جاويد عرف جاودي قائمخاني، قمڻ گجر، يوسف ڪاسائي، چوڌري امجد گِل، چوڌري جاويد گِل، انبو شيدي، مطصفيٰ شيدي، رسول بخش دايو گيلو ميگهواڙ، جمعون شيدي، حاجي شالماڻي ، مگڻ (خان) شيدي استاد عمر ڪوسو وغيره ، هن راند جوميچون آگيڏنو دايو ۽ مامون شفيح سومرو رڪرائيندا هئا. ميرواهہ روڊ لڳ اولڊ مير جان محمد ڪالوني جي وارڊ نمبر3 ۾ موجوده حاجي لڪانو شيدي جي دڪان پويان هن راند جو گرائونڊ هوندو هو . 1977ع ڏگهڙي ۾ هن راند هلندي هڪ همراهہ کي اتفاقن سان ڌڪ لڳلي پيو هو. جنهن ۾ هو گذاري ويو هو.

ڏگهڙي ۾ گهڻي شهرت ڪرڪيٽ کي ملي، هن راند جي شروعات هت 78ـ1977ع کان ٿي آهي آڳاٽي ٽيمن ۾ اسٽار اليون ، واپڊااليون ، مالهي اليون جا نالا اچي وڃن ٿا ۽ پين ۾ KK اليون ،شيرواني (پراچا) اليون ، جيلاني اليون ، ڪوسہ اليون، جناح اليون، سنڌ اليون ، ڌماڪا اليون ، صحافي اليون ،خان اليون، واپڊا اليون وغيره ، اچي وڃن ٽيون.

رانديگرن ۾ ماستر عطيق جو پٽ مختيار خانزادو ، نظير آپريٽر ، هدايت الله قائمخاني ، علي شير (وڏو) قائمخاني ، چيتن چوهاڻ ، پگڙو مل، ڪرشن گاوري، ادريس فوٽوگرافر، آتمارام ، شهزاد عرف بنٽي، عمران ،

سهيل للو ذمي ، استاد غلام علي قمبراڻي، سردار طاهر قائمخاني، ماستر دستگير آرائين ، عادل واڇ ميڪر، علي حسن (بجلي) قائمخاني ، رياض عرف راجو حاجي صفدر قائمخاني ، صفدر انجنيئر آرائين، ماستر اسماعيل سمون (ڪڇي) مُلان آصف ، وقار، صديق ڪبو، ماستر ابراهيم عرف ابهرو قمبراڻي وغيره هئا. استاد حنيف اختر عرف پولو ۽ استاد عمر ڪوسي ڪي ڪرڪيٽ جو انتهائي شوقين چيو ويندو هو. مٿين ٽيمن مان تقريبن ٽيمون بند ٿي ويون آهن سواءِ ڪوسہ ڪرڪيٽ ڪلب جي سبب هو ڏگهڙي ۾ ڪو بہ سرڪاري راند جو ميدان نہ هجڻ. ڏگهڙي ۾ هاڻ ٽيپ بال جو روجان وڌي ويو آهي. نائيٽ ٽورنامنٽ بہ وڙلي ٿيندا آهن.

ڏگهڙي ۾ ڪرڪيٽ راند ڪڏهن واپڊا واري گرائونڊ ۾ ڪڏهن سول اسپتال لڳہ گورنمنٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول جي لڳ، ميمڻ ٽائون ۾، نيو ميرجان محمد ڪالوني ۾ ،مطلب جتي جتي بہ اجا ڪالونيون قائم ڪونہ ٿيون هينئون اتي راند ڪيڏي ويندي هئي. هاڻ ٽيپ بال جي ڪرڪيٽ معظم پيٽرول پئمپ لڳ مير زاهد حسين ٽالپر جي بني ۽ مير حاجي حيات ٽالپر جي بنگلي پويان ڪيڏي ويندي آهي پر ڏگهڙي ۾ ڪو مستقل گرائونڊ رانديگرن ڪي ميسر ناهي (منشيات جي عام جا م واهپي ڪلاڙين ڪي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي گٽڪو مين پڙي، ٺري وغيره تي پابندي نہ هجڻ ڪري رانديگرن جي صحت موڪلائي ويئي آهي، لڳي ٿو نوجوان نسل جي صحيتابي ۽ راند جو مستقبل ديواني جو خواب بنجي رهجي ويندو)

ڏگهڙي ۾ ونجهوٽيءَ ڪريم بورڊ ۽ بيڊ منٽن جون راندون بہ ٿينديون رهيون آهن. چُوپڙ ۽ پتي راند عام ٿيندي هئي، اتيءَ ذڪر راند جو بہ وڏو شوق هو اڄڪلهہ ڏٻو بہ ڪيڏي وڃي ٿي. ٻارن ڪي ڪمپيوٽر راندن جو گهڻو اشتياق آهي.

هي ساروڻيون اسان سان استاد عمر ڪوسي ۽ ماستر نصرالله عرف سُولو پهلوان ونڊيون آهن. جيڪي خود ڪرڪيٽ ۽ ڪٻڏي جا رانديگر رهيا

آهن.استاد عمر ڪوسو ۽ ڪوسو ڪلب جو آنر آهي ۽ اڄا تائين ڪوسو ڪرڪيٽ ٽيم هلائي پيو ڪيس ڄس هُجيس.

ڏگهڙيءَ جي ٽرانسپورٽ

پهرين پبلڪ لاءِ بس ڏگهڙي ۾ 1944ع ڌاري آئي هئي. جنهن جو مالڪ پريم چند واڌيوڻ ميرپورخاص وارو هو.بس جو ڊرائيور گڻيش يا گنش نالي ميگهواڙ هو. 1947ع جي ورهاڱي سبب بس جي مالڪ پريم چند پنهنجي بس پهاڙ خان مهر مارواڙي کي وڪڻي پاڻ هندستان لڏي ويو. انهن مارواڙي مهرن جون پوءِ ميرپورخاص ۾ ڪالي خان جي نالي سان بسون هليون . ميرپورخاص جو ڪالي خان پمپ به سندن حوالي سان سڃاڻپ رکي ٿو.

پروفيسر الله بچايو مهر ڏگهڙي وارو جيڪو هاڻ ميرپورخاص ۾ رهي ٿو. سي پڻ مارواڙي مهر آهن. ۽ گهر ۾ مارواڙي ٻولي به ڳالهائيندا آهن.

مٿي ڄاڻايل بس عالمي جنگ جي ڪري تيل جي اڻاٺ هجڻ سبب ڪجھ وقت لاءِ ڪوئلي جي آسٽيم تي هلائي وئي هئي. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ ان بس تي ڊرائيور تلسي داس سوٿهڙ ٿيو هو جيڪو ميرواهه گورچاڻي جو هو ۽ ان سان گڏ بس تي ٻيو ڊرائيور پڻ ميرپور خاص جو هو سندس نالو ته الهائي ڇا هو پر اڪثر ميرپور خاص مان پان سوپاريون آڻي هٽ ڪپائيندو هو جنهن سبب سڀ هن کي چاچا زنده باد جي نالي سان سڏيندا هئا.ڪيبينن جو گهڻو سامان تقريبن چاچو زنده باد ميرپور خاص مان آڻي ڏگهڙي اچي ڪپائيندو هو.

ڏگهڙي جي حوالي سان بس جو پهريون مالڪ چاچا حاجي اسماعيل آرائين بڻيو هو جنهن 1956ع ۾ ڏگهڙي ۾ بس آندي هئي.

ڏگهڙي ۾ سڀ کان اول ٽرڪ به حاجي اسماعيل آندي هئي. اها ٽرڪ ڊاج ڪمپني جي هئي ۽ ڊيزل بجائي پيٽرول تي هلندي هئي. اهو 1956ع

جو زمانو هو ۽ ان ٽرڪ جو نمبر هو TR_980 هلائيندڙ ڊرائيور ڄو نالو بندو هو. چاچا حاجي اسماعيل جو پٽ لياقت علي اڄ تائين گڏبز ٽرانسپورٽ هلائيندو اچي. ٻي ٽرڪ جعفر خان قائمخاني محمد علي ڳوٺ واري آندي هئي.

ڏگهڙيءَ ۾ صحافت جي شروعات

فقير بشير لغاري جن جو چوڻ آهي ته "ڏگهڙي جي صحافين ۾ پهريون نالو شاهه بيگ لغاري جو اچي ٿو جيڪو ان وقت اخبارون وڪڻندڙ (ايجنٽ) پڻ هو اهو تقريبن 1950_51 جو دؤر هو. شاهه بيگ لغاري واري زماني ۾ ڏگهڙي ۾ چار پنج ڪاپيون جنگ اخبار جون اينديون هيون انکانپوءِ نور احمد خاصخيلي جو نالو اچي ٿو جيڪو پڻ اخبارون کپائيندو هو نور احمد خاصخيلي جي وقت ۾ ڏگهڙي ايندڙ اخبارن ۾ اضافو ٿي چڪو هو جن ۾ ڪاروان، مهراڻ ۽ پوءِ عبرت جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا."

هاڻ ته ڏگهڙي ۾ وڏو تعداد اخبارن جو اچي ٿو ٽي _وي چينلن سميت صحافين جو تعداد به وڏي ويل آهي ۽ ، به پريس ڪلب آهن. جن ۾ محمدجسن قائمخاني، قاضي محمد يوسف، مشتاق احمد نياز اشفاق احمد اشفي، امان الله مهر، نصير فوٽو گرافر، تاراچند تارا، افتخار راڻا، اصغر علي اصغر ڊاڪٽر سرفراز روپ چند، مير محمد ٽالپر ،دليپ ڪمار سيد پاون شاهه احسان جروار ، ڊاڪٽر پرتاب ، ساجد سونارو ، اسلم شاهه ،انورنوحاڻي ، ارباب نوحاڻي ، مختيار چيليو ،جمال شاهه اشوڪ ، طالب آرائين، جاويد چٽي وارو توفيق سردار، الطاف جروار وغيره جن جا نالا اچي وڃن ٿا . انهن مان ڪجهه ته صحافت ڇڏي به چڪا. آهن ۽ ڪي وري ڏگهڙي شهر ئي ڇڏي چڪا آهن پر پوءِ به نوان ماڻهو ايندا رهن ٿا ۽ سلسلو اڳيان هلندو رهي ٿو.

ڏگهڙيءَ ۾ ڳاڙهي بازار وارن جو به هڪ گهر هو

ڪرشن عرف ڪانيو ولد پيسو مل جنهن جي ڄمڻ جو سال 1950ع آهي . سو چوي ٿو تہ مُنو واڻيون ٽنڊي غلام علي واري ڏگهڙي جي موجوده ميمڻ ٽائون واري ٻنيءَ ڪليم ۾ ورتي هئي.

اها ٻنيءَ مُولي مالهي وٽ مقاطي ۾ بہ هئي ، انڪانپوءِ پيسو مل جيڪو ڪرشن جو والد هو تنهن مقاطي تي سا ٻنيءَ ورتي هئي.

اها ٻنيءَ مُنو واڻيي ٽنڊو غلام علي واري ڪان پوءِ حاجي غلام حسين ولد محمد قاسم هَڏ خريد ڪري ورتي.

ڪرشن وارن جي مقاطي جي دؤر ۾ اُن ٻنيءَ تي هڪ گهر ڪا ڪُوڙي زال ٻاولو جو بہ هو. هو فقير سڏائيندا هئا. ڪاڪوڙي کي هڪ ڌيءَ بہ هئي . جنهن جو نالو برسات هو. برسات نيڻين نقشي خوبصورت هئي هو مُوڊ ۾ هوندي هئي تہ جهونگارندي بہ هئي سندس گلو زبردست هوندو هو.

اهي فقير ڳاڙهي بازار واريءَ ڪِرت بہ ڪندا هئا. ڪرشن چواڻي تہ فقيرن جو اهو گهر 1948ع کان 1985ع تائين اِت رهيو پوءِ ميمڻ ٽائون مان لڏي هليا ويا اتي هڪ ٻي عورت بہ هئي. جنهن جو نالو موتي جانَ هو، جنهن کي بہ هڪ ڌيءَ هئي . اُن جو نالو نظيران هو. نظيران سان ڪراچي جو هڪ شهمير نالي مڪراني اچي لڳو هو جيڪو پوءِ هُن کي ايران وٺي ويو هو . نظيران ڪجهہ سال شهمير مڪراني وٽ رهي هڪ واري واپس ڏگهڙي آئي هئي. تڏهن هو صرف بلوچي ڳالهائيندي هئي ڪجهہ وقت ڏگهڙي ۾ رهي گهُمي ڦري نظيران واپس شهمير وٽ موٽي ويئي.

سپ رنگ سانول

تاريخي آڏارن مان پروڙپوي ٿي تہ شهر ڏگهڙي جو وجود 1880_85ع ڌاري پوندي نظر اچي ٿو.

هي شهر جتي محمد شاهہ جيلاني جي آستان جي حوالي سان سڃاڻپ رکي ٿو اُتي سوامي ٻائي کيمناٿ جي مناسبت سان پڻ شناسائي رکي ٿو. ڪو وقت هي شهر همرچي جي رنگن ۾ رچيل هو، پر اڄ نہ ماڻهين جا اُهي کيت آهن نہ ڪنيارن جُون آويون، ها اهي آويون جن لاءِ پٽائي چيو آهي.

نهائينءَ کان نينهُن سِکُ منهنجا سُپرين!
سَڙي سارو ڏينهن، ٻَهَر ٻاڦ نہ نڪري.

جمعي جي رات ايندي ئي زائرين جيلاني جي درگاهہ تي پتڱن جيان مڙندا هئا اندر ۾ اُميدن جي ڳنڍ ٻڌي بغير ڪنهن ذات پات جي فرق سان ايندا هئا. ۽ مَندر جي ميلي مهل سوامي واري پڊر تي مير حاجي غلام حيدر ٽالپر کان وٺي مير حاجي محمد حيات ٽالپر تائين پٽلي هٽي ويٺل نظر ايندا هئا هاڻ اهو عمل تيزي سان گهٽجي رهيو آهي.

بس 2003ع ۾ لاهوت وڃڻ ٿيو تہ فجر مهل محبت فقير جي درگاهہ تي پهتاسين .درگاهہ جي اڱڻ تي هڪ راڳي مَڌر آواز ۾گيت آلاپي رهيو هو جنهن جا ٻول هئا.

تيڏا ديدار ڪيتا، ميڏي سپ نمازان ادا ٿي ڳيان!

درگاهہ جي ڏَر وٽ ويٺل هڪ ماه جيبن ناري اُهي ٻول پنهنجي نوٽ بُڪ تي، اُتاري رهئي هئي، اڄ جڏهن جيلاني جي درگاهہ ۽ سوامي جي مڙهي

ڏاهن ڏسان ٿو تہ هنگلاج ۾ لاهوت جا رنگ تصور تي تري اچن ٿا.۾ ڀٽائي کيڏو نہ پنڌ ڪيو هو ان چاهہ جي هيڄ ۾ جيڪو لا حاصل هو ڇاڪاڻ جو عشق ڇڻبو ئي لاحاصلات کي آهي! خود مرشد لطيف چوائي،

ڏوريان،ڏوريان، مَ لهان! شال مَ ملان هوتَ!

مَن اندر جا لوچ ، مَتان مِلڻ سان مائي ٿئي.

مونکي ڪنهن چيو ڊگھڙي ۾ ميرن واريءَ مسجد جي اولهہ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ٽلهيءَ هئي جتي ڀاڻ ڇلو ڪڍيو هئن ، پرمون ڇيو نہ ! انڪري جو ڀٽائي جڏهن هي فاني جهان ڇڏيو هو تڏهن سرفراز ڪلهوڙو اڃا سنڌ جي تخت تي نہ ويٺو هو نہ ڊگھڙي ڪو وجود ورتو هو ها ڀُراڻ جون ڪنڌيون سندس ميزبان بڻيون هيون ، اها ڀُراڻ جنهن لڳ فقير بشير لغاري ٿو رهي، جن جي اکين ۾ مون عَلم جو اشتاق ڏٺو آهي هو مونکي مهراڻي جو مور ٿو لڳي ، جيئن اياز چيو آهي تہ :

رُڃ مان آيان رَڙ آچي ٿي ، مَنان سمجهي مَٺا مُور سارا.

سيد فدا حسين شاهہ جي چوائي تہ اسان جا وڏا سڏو ڪوئيٽہ کان ڊگھڙي لڏي آيا هئا . سيد فدا حسين شاهہ اهلِ تشيعہ جي عَلم سان گڏ سنڌي جو پلوڙ شاعر بہ آهي ، توڙي جو سندس نسبت پنجابين سان آهي پاڻ چوي ٿو تہ جڏهن سائين جي ايم سيد منهنجي وڏن وٽ ڊگھڙي آيو هو تڏهن موجوده نظير شاهہ ڪالوني ۾ سائين وارن جي اڱيان جيڪو چوڪرو رات جي وقت ڪُلهي تي گولو ڪٽي پئي هليو سو آئون هئس ،صرف اهو اعزاز کيڏو نہ اَملهہ آهي.

چون ٿا ڊگھڙي ۾ ٻولو فقير رات جو آخري ريل گاڏي گذري وڃڻ کانپوءِ سمهندو هو انڪري جو متان ڪو مسافر بيگاهہ ويل ۾ اچي ۽ بکيو نہ سمهي رهي. اڄ ڊگھڙي ۾ سيٺ تہ گهڻا آهن پر ڪٿي بہ سنت نيڻو رام اسلام ڪوٽ واري جي آشرم جيان ننگر هلندي نظر نٿو اچي.

مونکي شهيد مالڪ نوحاڻي جي بيباڪي سان اُنس رهيو آهي توڙي جو سندس عَلم محمد رمضان نوحاڻي جي پيٽ ۾ تمام گهڻو ڪورو رهيو

هو پر ٻنهين جي محنت نوحاڻي قبيلي لاءِ ڊگھڙي شهر ۾ منفي سوچ جي ٻرندڙ مچ کي ڪافي ماٺو ڪيو آهي ۽ اها تات ڳر موڙي اُٿي آهي ته هڪ ڏينهن هي برادري سموري سنڌ ۾ صرف لطيف شناسائي جي روپ ۾ ڄاتي ويندي.

اقبال جت جي ڪيڏي نه وزن دار تشريح آهي ته "ڊگھڙي ۾ سنڌ هاؤس تي ويهي ڏسبو ته جيلاني درگاهه جي اڱڻ ۾ اهل تشيح جو علم آويزا نظر ايندو ۽ پير ۾ سندن عبادت گاهه آهي، لڳ ڏيو بندين جي مسجد ۽ ڳجهه وکن تي سوامي ٻائي ڪيمناٿ جو مندر ۽ هي قومي تحريڪ جو سنڌ هائوس." اقبال چئي اهو چوندو هجي ته ڪيڏو نه گيڙو ويس غزل آهي.

سائين عبدالواحد آريسر هڪ ڏينهن ڊگھڙي ۾ ڪچهري دوران شعر:

"سرخ گلابان دي موسم وچ قلان دي رنگ ڪالي"

جي تشريح ڪري سڀني محفل کي حيران ڪري ڇڏيو هو. آريسر صاحب چواڻي ته اعجاز منگي ٻه ان تشريح تي اچرج ۾ وئجي ويو هو. سائين آريسر پاڻ پنهنجي شروع واري دؤر ۾ ڊگھڙي جي ميرن واري مدرسي ۾ پڻ ڪجهه وقت لاءِ پڙهيا هئا ۽ پاڻ وڏا اهلِ علم هئا.

شهيد بشير خان قريشي سان گڏ ڊگھڙي ۾ مهاجر مسجد ڪان شيدي پاڙي ايندي اسانکي اُماس رات جي وچين پهر ۾ شهيد سنڌ چيو هو ته "ماڻهو ٻه سمجهندا هوندا ته پاڻ جئي سنڌ وارا ٻه ڪي جن آهيون جو لوڪ ستو پيو آهي ۽ پاڻ گهٽين ۾ جيئي سنڌ جا نعرا هڻنداوتون ۽ تنهن مهل مونکي آئين لڳو چڻ حليم باغي چئي رهيو هجي " چانڊوڪي ۾ چوڙا چڪ نه هڻندا هوندا؟" هُوءَ ٻه سستي جو پنڌ ته ڪرڻو ئي انهن کي آهي جن جي اندر ۾ اُڪير هجي اياز چيو آهي.

درياهه اندر جا دهشتَ آ، ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،
ٿون مان رڳو هن سنڌو تي ، ڪا لهر اُڀاري ويندا سين.

۽ پوءِ شهيد سنڌ بشير خان قريشي جي اها جاڪوڙ جي لهر پوري دنيا 23 مارچ تي ڪراچي ۾ انساني سمنڊ جي ڇولين جي روپ ۾ ڏٺي هئي.

۽ پاڻ اُن ميڙ ۾ حافظ نظاماڻي جي لفظن ۾ چئي ويو

ڪو آ رحمان جي پاسي!
ڪو آ ڀڳون جي پاس!
آئون سجدو انهيءَ کي ڏيان ،
جيڪو آ انسان جي پاسي!

۽ سندس شهادت پاڻ کي اهو درس به ڏنو ته ايازچواڻي

"سي ڪانئر ٻي ڪنهن ڳُرم منجهان، جي پريت ڪري پڇتائن ٿا"

هو يگانو ۽ اَڻٽڪ مهندار هو. تڏهن ته آريسر صاحب هُن لاءِ چيو هو "چا ته شخص هو" آهڙن عظيم شخصيتن جي آماج گاهه بڻيل منهنجي شهر ڏگهڙي ۾ جڏهن مذهبي اُلاهه ٻرندي ڏسان ته منهنجو اندر ئي ڇڄو وڃي تازو هيل سال (2014ع ۾) حضرت علي جي ولادت واري ڏينهن کان ڪجهه ڏينهن اڳ ڏگهڙي جي محمدي چوڪ تي سپاهه صحابه ۽ شيعن جُون ٽريون مذهبي نفرت سان ليس ٿي آمهون سامهون ٿئين ٿيون ته انتظاميه ته پريشان ٿئي ٿي پر اهل دل به پريشان ٿين ٿا. سال 2014ع ۾ ذري تان انساني رت جي هي انتهاءَ پسند راند ٿيندي ٿيندي ٽري ويئي، پر جي مستقبل ۾ ڪي مناسب حل نه ڳولهيا ويا ته ڪو قهر ٿي ويندو.

هي اها سنڌ آهي جنهن لاءِ سرويچ سجاولي منظر ڪشي ڪندي چيو هو

جنت الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جُون.

مهرباني ڪري ان سرڳ ۾ ڪو نرڳ نه وجهو پاڻ کي ته سُتيءَ ئي مليل آهي هر ٻرڪ ۾ ساجن کي پرکڻ جي ڇوجو سڀ رنگ ساڻول آهي، تڏهن ته اياز چيو هو

تنهنجي ڪوثر توکي پهتي، مون کي ڏينم ڇَڏي،
ڪعبي ۾ پيي ياد آچي ٿي مون کي ڪينجهر جي،

متان وري ڪنهن پوري پيل جي مَڙهه کي لحد مان ڪڍي روڊن تي گهيليون ڇاڪاڻ جو ايوب کوسي جو ڪو نظم ضمير بڻجي پوءِ سڄي حياتي ڏنگنيدو رهندو.

الهہ بخش خان ولد سبوج خان نوحاڻي

چاچي الهہ بخش خان نوحاڻي جي پيدائش 1947ع ۾ ٿي.

سندن ڳوٺ مريد خان نوحاڻي ديهہ 161_A تعلقو ڏگهڙي آهي. هي پاڻ ۾ چار ڀاءُ هئا مدد خان، محمد علي، الهہ بخش ۽ محمد قبول. سندن پاڙو نوحاڻي قبيلي ۾ سنجراڻي سڏجي ٿو.

چاچي الهہ بخش نوحاڻي کي ٽي پٽ ٿيا هئا ، جن ۾ شهيد عبدالمالڪ نوحاڻي ، محمود ۽ خان نوحاڻي پنهنجي پٽ شهيد عبدالمالڪ نوحاڻي جي زندگي تي روشني وجهندي چاچا الهہ بخش چوي ٿو تہ شهيد مالڪ جي تعليم فقط ٻہ ڪلاس هئي. هو انهن سالن جي ڄمار ۾ اسڪول ويو هو. ڪجهہ وقت لاءِ شهيد مالڪ مال ٻہ چاريو هو . پوءِ روزگار خاطر پاڻ ڪراچي ويو هو، جتي شفيق ملز ۾ ڪم ڪرڻ لڳو هو ۽ افضل نالي همراه سان گهر ۾ گڏ رهائش اختيار ڪئي هئس. پوءِ ان جي چوڙين جي دڪان تي ڪم پڻ ڪيس. ڪراچي ۾ تقريبن ڇهہ سال رهيو هو.

چاچو الهہ بخش اهو بہ چئي ٿو تہ شهيد عبدالمالڪ مون سان گڏ شهيد فاضل راهو جي جلسن ۾ هلندو هو . اسماعيل راهو بہ هن کي ڀائيندو هو. شهيد عبدالمالڪ جي شادي 1997_98 ۾ ٿي هئي. کيس چار پٽ ذيشان ، صعبان. فرحان، عرفان ۽ ٻہ نياڻين جو اولاد ٿيو هئس.

شهيد مالڪ نوحاڻي ڪوچن (پبلڪ ٽرانسپورٽ) جي آڏي تہ ڪم ڪيو ۽ پوءِ ڪنڊيڪٽري جو ڪم پڻ ڪيئن.

چاچو الهه بخش ٽڏو شوڪارو پرندي چوي ٿو تہ شهيد عبدالمالڪ نوحاڻي ڏک ڏيڻ وارو ڪم ڪڏهن بہ نہ ڪندو هو. شهيد مالڪ جتي سنڌ ۽ عام ماڻهن لاءِ جدوجهد ڪندو هو اُتي هن پنهنجي ڳوٺ ۾ بجلي ۽ پڪو رستو منظور ڪرائي عمل ڪرائين ۽ ڳوٺ ۾ اسڪول جي پڪي بلڊنگ لاءِ ڀرپور ڪوشش ورتائين.

چاچي الهه بخش نوحاڻي جو اهو بہ چوڻ هو تہ ڏاڏي جي وقت ۾ سندن گھراڻي جي زمين جي وڏي ايراضي هئي. ڪنهن وقت ۾ ڪُنب (لال ڇتو قبرستان) جي چئوطرف هنن جي زمين جي ايراضي هئي ۽ هاڻ بہ 25 ايڪڙ زمين اٿن.

چاچا الهه بخش خان نوحاڻي جو فرزند، شهيد عبدالمالڪ نوحاڻي ڏگھڙي جي سياسي ڪيتر ۾ هڪ نرالو ڪردار ٿي اُڀريو هو. مسڪين ماروڙن سان رهڻ ۽ انهن جي اهنجن جي اپٽار ڪرڻ، هُن جي ضمير ۾ شامل هو. توڙي جو سندس تعلق ترقي پسند پارٽي سان هو، پر ڏگھڙي ۾ هو سيني سنڌ پرست پارٽين جو نمايا ڪردار هو، ۽ آئون هُن کي ڏگھڙي جو نئيڙو شهيد بشير خان قريشي چوندو آهيان.

اهو ڀھرين آڪٽوبر جو اياڳو ڏينهن هو جڏهن جمهوريت جي دعويدار پيپلز پارٽي سنڌ دشمني وارو ٻٽو مقامي نظام سنڌ اسيمبلي جي قرادادا جي معرفت سنڌ مٿان ٿافي ماڻهن جا روح ئي روهڙي ڇڏيا هئا. جنهن تي سنڌ ۾ تحريڪ اُٿي، جنهن ۾ سنڌ جا چار ڳڀرو جوان شهيد ٿيا هئا. اُن ۾ ڏگھڙي جي ٽنڊوغلام علي روڊ تي ڊاڪٽر انور کتري جي ڪلنڪ اڳيان عبدالمالڪ نوحاڻي 03 آڪٽوبر 2012ع تي شهادت جو پيمانو پنهنجي لبن سان لاٿو هو. ان جدوجهد دوران ڏگھڙي لڳ رهندڙ هڪ ٻي نوجوان نالي شهادت جروار بہ ميرپورخاص ۾ شهادت ماڻي هئي. جنهن جو تعلق عوامي تحريڪ سان هو. شل سنڌ جون ماٺورون سدا اهڙا پٽ ڄڻينديون رهن جيڪي ساهہ ڏئي ويسا ڏين ٿا.

ماڻهن جي نفرت کي ڏسندي جمهوريت جي ٺيڪيدارن 21 فيبروري 2013ع تي سنڌ اسيمبلي مان ٺي اهو بل واپس ورتو ۽ نفرت جا ڪارا داغ پنهنجي جسم تي سجايا.

نوحاڻي قبيلو

هي قبيلو نوحاڻي بلوچ قبيلي سان تعلق رکي ٿو پنهنجي پاڻ کي رند قبيلي منجهان هجڻ جو سڏائي ٿو. بلوچ قبائل پنهنجو پاڻ کي شام ملڪ جي علائقي "حلب" جو سڏائن ٿا, مختلف تاريخي ڪتابن ۾ ذڪر اچي ٿو تہ . جڏهن واقع ڪربلا کان پوءِ اهلبيت کي شام قيدي ڪري آندو ويو تہ مسلمانن ۾ تمام گهڻي ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي, جئين تہ شام تي يزيد ۽ پوءِ سندس خاندان بنواميہ جي حڪومت هئي, ۽ سندن رويو اهلبيت سان نامناسب رهيو ۽ اهلبيت تي سختيون ڪيون ويون, ۽ جنهن جي نتيجي ۾ مختلف وقتن تي اهلبيت هجرتون ڪيون, جيئن تہ بلوچ قبائل اهلبيت جا حمايتي هئا, ۽ طرفدار بہ هئا, ان ڪري بلوچن جي شام ملڪ جي علائقي "حلب" کان لڏپلاڻ جو سلسلو جاري ٿيو, ۽ بلوچ اهلبيت سان گڏ ۽ پوءِ ڌار ڌار وقتن تي هجرتون ڪندا پهرين بغداد پوءِ فارس, بندرعباس ۽ بعد ۾ مڪران تائين پهتا . جڏهن تہ ڪجهہ بلوچ قبائل ۽ ڪُرد قبائل ان واقعي کان اڳ ۾ مٿيئن علائقن ۾ موجود هئا, جن جو ڍنڍو مال مويشي چارڻ ۽ بادشاهن جي فوجي دستن ۾ شامل ٿيڻ هيو ڪافي وقت انهن علائقن ۾رهيا ,جڏهن سندن تعداد وڌي ويو تہ ذريعہ معاش جي قلت محسوس ٿيڻ لڳي , ان ڪري ڪجهہ بلوچ قبيلن سوچيو تہ ذريعہ معاش جي لاءِ وڏيڪ علائقن ۽ چراگاهون تلاش ڪجن ان ڪري 44 قبيلا مير جلال خان رند جي سرڪردگيءَ ۾ مڪران کان هجرت ڪري موجود بلوچستان جي علائقن ۾ اچي پهتا ,مقامي لنگهہ تان سندن جهڙپون ٿيون, پر آخر فتحياب ٿيا, ۽ فتح ڪيل علائقا پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيائون ۽ اُتي هر هڪ قبيلو پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان زندگي گذارڻ لڳو. فتح ڪيل علائقن کي ڪجهہ هن طرح

ورهايو ويو. مثال طور رند قبيلو شورڻ ۾ آباد ٿيو لاشاري قبيلو گنڌواهہ ۾ کوسا ڪيچ ۾ جتوئي قبيلو سٽي ۾ ۽ اهڙي طرح نوحاڻي قبيلو وري نليءَ ڳاج جي علائقن ۾ آباد ٿي ويو. بلوچ قبيلا مير جلال خان، مير شهداد خان ۽ مير شهڪ خان رند جي دور تائين پرسڪون ۽ صلح سانت سان پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ رهيا، پر جڏهن مير چاڪر خان رند کي بلوچ قبيلن جو سردار چونڊڻ ۽ پڳ ٻڌائڻ جو وقت آيو تہ لاشاري قبيلي ۽ ڪجهہ ٻين بلوچ قبيلن ان تي اعتراف واريا.

پر اڪثريتي راءِ سان چاڪر خان رند کي بلوچ قبائل جو سردار چونڊيو ويو. لاشاري قبيلي ۽ سندس طرفدار قبيلن ان فيصلي کي دل سان قبول نہ ڪيو اڳتي هلي مير چاڪر خان رند ۽ لاشاري قبيلي جي سردار مير گهرام خان لاشاري جي وچ ۾ دلدار مائي گوهر جتڻ جي معمولي مسئلي تان ٻنهي قبيلن رند ۽ رند لاشاري جي وچ ۾ ڳالهہ جنگ ۽ جدل تائين پهچي وئي پهرين جهڙپون ۽ پوءِ باقائده جنگيون شروع ٿي ويون. بلوچ قبائل ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا، ڪجهہ رندن جا طرفدار تہ وري ڪي لاشارين جا طرفدار بيهي رهيا. جيڪي قبيلا اٽڪريا ٿي ويهي رهيا تن ۾ هي نليءَ ۽ ڳاج تي سڪونت اختيار ڪيل قبيلو نوحاڻي بہ شامل هيو ان وقت نوحاڻي قبيلي جي سردار عمرخان نوحاڻي جيڪو مير چاڪر خان رند جو پاٽيجو پڻ هيو تنهن اٽڪريو ٿي پهرين ٻنهي قبيلن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن رند ۽ لاشاري هوڏ تان نہ لٿا تہ پاڻ اٽڪريو ٿي رهڻ کي ترجيح ڏني رند ۽ لاشاري ڪيتري وقت تائين وڙهندا ۽ تباهہ ٿيندا رهيا.جڏهن تہ لاشارين جو پاسو ڪمزور ٿيڻ لڳو. تہ اُن وقت مير گهرام لاشاري جنگي چال کيڏندي سئو گهوڙي سميت سردار مير عمر خان نوحاڻي وٽ سام پوڻ لاءِ نلي اچي ويو سردار عمر خان کيس انڪار ڪري واپس روايو ٿيو وات تي کيس سردار ميرعمر خان نوحاڻي جو فرزند ڪلو خان نوحاڻي ملي ويو جنهن کائنس حال احوال ورتا ۽ مايوسي جو سبب پڇيو جنهن تي گهرام لاشاري کيس سردار مير عمر خان وٽ سام تي وڃڻ ۽ نوحاڻي سردار جي

انڪار بابت ٻڌايو جنهن تي نوجوان مير ڪلي خان جو رت جوش کاڌو ۽ سام جهلڻ جي پڪ ڏياري واپس پنهنجي ڳوٺ نليءَ وٺي آيو سردار مير عمر خان تمام گھڻو ناراض ٿيو پر ڪلو خان ضد تان نہ لٿو. جنهن تي قبيلي جي ڪن پاڙن سندس حمايت ڪئي، جڏهن نوحاڻي قبيلي طرفان لاشاري جو ساٿ ڏيڻ جي خبر مير چاڪر خان رند کي پئي تہ تپي ڳاڙهو ٿي ويو ،سردار مير عمر خان نوحاڻي ڏانهن معيارون بہ موڪليائين ۽ وڏو لشڪر گڏ ڪرڻ لڳو تہ جيئن نوحاڻين ۽ لاشارين کي عبرتناڪ سزا ڏئي سگھجي ، ان دوران ساڃاهہ وند رند بلوچ ۽ خاص ڪري بلوچي شاعر ۽ بهادر بيورغ رند مير چاڪر خان رند کي ان جهيڙي ۽ نلي تي ڪاهہ ڪرڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ کيس چيو تہ سردار عمر خان نوحاڻي جي رڳن ۾ رند رت ڊوڙي رهيو آهي ، هيءُ پنهنجو ئي رت وهائڻ جي مترادف آهي، اُن ڪري نليءَ تي حملہ آور ٿيو هوڏانهن نوحاڻي ۽ لاشاري جو گڏيل لشڪر بہ جنگ لاءِ تيار بيٺو هو بلوچي تاريخ جي هيءَ تباهہ ڪن جنگ شروع ٿي وئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ميدان لاشن سان ڀرجي ويو.

سردار مير چاڪر خان رند بهادر ۽ تلوار جا ڌڻي سڏائيندڙ جوڌا جوان جهڙوڪ بجاراڻي رند جو وڏو پيرو شاهہ بيورغ رند (شاعر) مير هان رند ۽ ريجارڻ رند تلوارن جو کاڄ بڻجي ويا ۽ خود مير چاڪر خان رند زخمي ٿي گھوڙي تان ڪري پيو جنهن تي مير گهرام خان لاشاري جي لشڪر کيس مارڻ لاءِ جُلهہ ڪئي، پر نوحاڻين کيس بچائي ورتو. ۽ هڪ نوحاڻي جوڌي جوان کيس پنهنجو گهوڙو ڏنو ۽ زخمي چاڪر کي کڻي گهوڙي تي ويهاري اهو چئي جنگ جي ميدان تان صحيح سلامت ٻاهر ڪڍيو تہ "مير چاڪر همت هجنين تہ وري اچجان" جنهن تي لاشاري ناراض پڻ ٿيا تہ ڇو دشمن زندهہ ڇڏيو ويو. شڪست خورده مير چاڪر خان پنهنجو سڀ ڪجهہ نليءَ جي ميدان ۾ تباهہ ڪرائي ويو هيو تنهن ۾ اها همت نہ هئي تہ وري ڪو رندي لشڪر گڏ ڪري وڙهي سگهي، اُن ڪري هرات جي بادشاهہ شاهہ حسين وٽ دربار ۾ وڃي رسيو ۽ اُن کان مدد طلب ڪيائين. پهرين تہ کيس

شاهه حسين بايقراهه جواب ڏنو پر گهڻي منٿ سماجت ۽ لالچ ڏيئي کيس راضي ڪيو افغاني ،بادشاهه کيس زنون بيگ ارغون جو لشڪر ڏئي روانو ڪيو هاڻ چاڪر ڏارين کي پنهنجي ڌرتيءَ ماءُ کي لتاڙڻ ۽ پائرن کي تباهه ڪرائڻ لاءِ نليءَ ۽ گاج جي علائقن تي ڪاهه ڪرائي آيو نوحاڻي قبيلي توڙي لاشارين زنون بيگ ارغون کي منهن ڏيڻ لاءِ تلتيءَ ۾ اچي دولهه ڏرياءَ خان جي پناهه حاصل ڪيو گڏيل لشڪر سبيءَ وٽ رنديٰ ۽ ارغوني فوجن سان ٽڪر کاڌو زنون بيگ ارغون جو پٽ سلطان مارجي ويو ۽ لشڪر پسائي اختيار ڪئي، ۽ زنون بيگ ارغون وڏي تياري ڪرڻ لاءِ هرات هليو ويو هر وقت ڦيرو کاڌو زنون بيگ ارغون سُتت ئي محمد خان شيبانيءَ سان جهيڙيندي 1507ع ۾ مارجي ويو ظهيرالدين بابر ڪابل فتح ڪيو ۽ ارغونن کي هرات خالي ڪرڻ جو الٽيميٽم ڏنو ارغونن ڪجهه سال مهلت ورتي ۽ رندن سان رابطو ڪري موجوده بلوچستان ۾ داخل ٿيا، ٻي طرف ڄام ننڌو سمون جي وفات تي چڪي هئي ، ۽ ڄام فيروز تخت نشين ٿيندي ئي دولهه دريا خان کي ناراض ڪري وڌو ۽ اهو تلتيءَ ۾ پنهنجي جاگير ۾ اچي رهيو جڏهن ارغونن جون فوجون زنون بيگ ارغون جي پٽ شاهه بيگ ارغون جي قيادت ۾ سنڌ جي سرحدن ۾ پهتو ته ڄام فيروز دولهه دريا خان وٽ راضي ڪرڻ لاءِ پهچي ويو آخر دولهه دريا خان دشمن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. ان سنڌي لشڪر سان گڏ نوحاڻي ۽ لاشاري قبيلو به شامل ٿي ويو ڇو ته دولهه دريا خان جي قيادت ۾ ارغوني بلوچستان جي سرزمين هنن پنهي لاءِ تنگ ٿي چڪي هئي رندي ۽ ارغوني لشڪر سندن جاني دشمن هيو. لشڪر سان جنگ ۾ دولهه دريا خان شهيد ٿي ويو ۽ سنڌي لشڪر شڪست کاڌي ۽ ڄام فيروز ڀاڄ کائي وڃي ڪڇ ۾ پهتو. نوحاڻي ۽ لاشاري قبيلي جو به هتي ڪو به جيئدان نه رهيو ، ان ڪري اهي به وڃي ڪاٺياواڙ پهتا. لاشارين ۽ نوحاڻين گڏجي هڪ راڄواڙو (علائقو) فتح ڪيو ۽ اُتي پنهنجي زندگي گذر سفر ڪرڻ لڳا. هيڏانهن سنڌ تي مڪمل قبضي بعد ارغونن (ڪم ڪاغذ ڦاٽو) جي مصداق چاڪر رند کي بلوچستان جي علائقن مان

ڊوڙائي ڪڍيو ڪمزور مير چاڪر رند مهاڏو اٽڪائي نہ سگهيو ۽ وڃي ملتان جي سلطان حسين لانگاهہ وٽ پهتو جنهن ڪيس باقي زندگي گذارڻ لاءِ ساهيوال ۾ زمين جو ڪجهہ ٽڪرو ڏنو جنهن ۾ زندگي جا آخري ڏهاڙا گذاريائين اُتي ئي فوت ٿي ويو سنڌ تي وري شاهہ بيگ ارغون جو فرزند حسن بيگ ارغون حڪومت ڪرڻ لڳو. ان عرصي دوران نوحاڻي ۽ لاشاري قبيلو مڪمل طرح ڪانياواڙ ۾ ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو پر غريب حال لاشاري نوحاڻين سان گڏجي سنڌ ملڪ جو رُخ ڪيائون ۽ سنڌ جي سرحدن ۾ داخل ٿي جائزو وٺڻ لڳا. ۽ حالتون معلوم ڪرڻ لڳا ۽ ٿر جو ريگستان پار ڪري اچي ريگستان جي سرحدي علائقي موجود شهر ڏگهڙي جي ويجهو 8 ڪلو ميٽر اولهہ طرف پراڻي ڍوري ڪُنب جي ڪنڌي تي آباد ٿيا. جتي اڳ ۾ دل ذات جا فرد رهندا هئا. سنڌ جون حالتون پرسڪون ڏسي هتي ئي رهڻ جو فيصلو ڪيائون ۽ گڏوگڏ اهو بہ ذهن نشين ڪيائون تہ اگر خدانہ خواستہ ارغونن يا رندن يا مغلن ڪاهيو تہ هڪ رات جي مسافريءَ ڪانپوءِ ريگستان ۾ پناهہ وٺي سگهجي ٿو اُن ڪري ڍوري ڪنب تي رهائش اختيار ڪيائون ۽ ان ڪري ڪنب وارا نوحاڻي جي نالي سان سڏجڻ لڳا. جيئن تہ هي قبيلو ويڙهاڪ فطرت جو مالڪ هيو ان ڪري جيئن ئي مغل ڪمزور ٿيا ۽ ڪلهوڙن زور ورتو تہ هي قبيلو ڪلهوڙن جي فوج ۾ شامل ٿي ويو ۽ وڏيڪ ذريعہ معاش جي تلاش ۾ ڪنب کي ڇڏي هيڏانهن هوڏانهن پکڙڻ ۽ آباد ٿيڻ لڳو. هڪ ڳوٺ مان ڪئي ڳوٺ جنم وٺڻ لڳا. جهڙوڪ : ڳوٺ ڪنگورو جنهن ۾ سردار قبائلہ نوحاڻي ، رهي ٿو ڳوٺ ڪنڊ لڳ 32 ميل موريءِ ڳوٺ مائين لڳ ديهہ 170. ڳوٺ ڪرچ لڳ ڪڙيو گهنور ضلع بدين ، وغيره ۾ آباد ٿيا. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ڪلهوڙن ديره جات کان بلوچن جو ٽالپر قبيلو گهرايو ۽ فوجي عهدن تي معمور ڪيو اُن ڪري بلوچستان مان تمام گهڻا بلوچ قبيلا اچي سنڌ ۾ رسيا ۽ ڪلهوڙن جي فوج ۾ ڀرتي ٿي ويا ۽ اهڙي طرح هيءُ نوحاڻي قبيلو بہ ٽالپرن جي ڪمن ۾ اچي ويو جڏهن ڪلهوڙن ۽ ميرن ٽالپرن جي وچ ۾ اڻبڻت شروع ٿي ۽ ڳالهہ وڃي مرڻ مارڻ

ٽائين پهتي تہ مير بهرام خان ٽالپر سندس هڪ فرزند ڪلهوڙن کان خطرو محسوس ڪندي حج تي روانو ڪيو تہ مير بجار ٽالپر اعتماد وارو ساٿي حاجي شهڪ نوحاڻي کي گڏ ساٿ ۾ ورتو ۽ ٻئي ڄڻا حج بيت الله روانہ ٿيا. پويان وري ميان سرفراز ڪلهوڙي مير بهرام ۽ سندس پيو پٽ صوبدار ٻري دربار ۾ مارائي ڇڏيا ، ٽالپرن ٻين بلوچن جي مدد سان سرفراز ڪلهوڙي جي حويلي تي حملو ڪيو ميان سرفراز حيدرآباد نڪري ويو بلوچ مير بجار خان ٽالپر جو انتظار ڪرڻ لڳا. آخر مير بجار خان ٽالپر ۽ حاجي شهڪ نوحاڻي بہ حج بيت الله تان موٽي آيا ، ٽالپرن بلوچ قبيلا گڏ ڪيا ۽ ڪلهوڙن سان لانياري ضلع سانگهڙ وٽ جنگ ڪئي، نوحاڻي قبيلي ڀرپور ان جنگ ۾ حصو ورتو ڪلهوڙن شڪت کاڌي، هاڻي مير بجار خان ٽالپر سمبل طور ڪلهوڙن کي گادي تي ويهاري باقي حڪومت جو ڪاروهنوار هٿ ۾ ڪٽي حڪومت ڪرڻ لڳو ان دوران نوحاڻين هٿان ڪجھہ جمالي قبيلي جا ماڻهو مارجي ويا، جمالي وڃي مير بجار خان ٽالپر جي مامي جهان خان پرڳڙي وٽ دانهين ٿيا ۽ جهان خان ان جهيڙي ۾ ٽپي پيو مير بجار خان ٽالپر کيس روڪيو پر نہ مڙيو ۽ هلان ڪري حاجي شهڪ نوحاڻي جا بہ ڀائيٽا جيڪي فتح باغ (ماٿلي) جي ويجهو رهندا هئا، تن کي قتل ڪري ڇڏيو، نوحاڻين جهان خان جي ان اُرهہ زورائي جي دانهن مير بجار خان کي ڏني مير بجار خان کي گهرايو ۽ تنبيهہ ڪئي ۽ نوحاڻين سان فيصلو ڪرڻ جو چيو تہ جهان خان ڪاوڙجي پيو ۽ مير بجار خان جيڪو سندس ڀاڻيجو هيو تنهن سان جهڙپون ڏيندو دربار مان اٿي روانو ٿي ويو مير بجار خان ناراض ٿي پيو ۽ حاجي شهڪ نوحاڻي جي فرزند رامڻ خان نوحاڻي کي اهو چئي لاچاري ظاهر ڪئي تہ توهان چاٺو تہ جهان خان چاڻي،پوءِ رامڻ خان گوٺ ڪُنب (تعلقو ڏگهڙي، ديهہ 161 يوسي پڀڙ ضلع ميرپورخاص) هليو آيو جتي مختلف ڳوٺن جا نوحاڻي سڏيا ويا ۽ نوحاڻي قبيلي جي جنگي سردار حسيب خان نوحاڻي مير بجار خان ٽالپر جي مامي جهان خان پرڳڙي سان جنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آخر هن قبيلي جو لشڪر تيار ٿيو ۽

ٽنڊو جهان خان تي ڪاهي ويو ۽ گمسان جي جنگ لڳي، ڪيترائي جوڌا جوان مارجي ويا آخر جهان خان پرڳڙي ۽ پٽي طرف رامڻ خان نوحاڻي به مارجي ويا ٽنڊو جهان خان کي باهه ڏئي ساڙيو ويو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين ٿُتل صورت ۾ ان جنگ جو نشان آهي، شهيد ٿيل نوحاڻين کي ڳوٺ ڪنب لڳ نوحاڻين جي قبرستان اولياءَ لال ڇتو ۾ دفن ڪيو ويو. مير بجار خان جي ناني ۽ جهانيان جي ماءُ بجار خان وٽ روڄ راڙو ڪيو آخر بجار خان ٽالپر پنهنجو فوجون موڪلي نوحاڻي قبيلي جا ڇهه عدد نالي وارا فرد گرفتار ڪرائي ماريا، جن ۾ مير بجار جو حج بيت الله وڃڻ وقت ساٿ ڏيندڙ حاجي شهڪ نوحاڻي ۽ نوحاڻين جو جنگي سردار حسيب خان ۽ سندس ياٽر جعفر خان توڙي هوت خان پڻ ٻڌي شهيد ڪرايا، نوحاڻين ميرن جو لشڪر ڇڏي ۽ اچي پنهنجن پنهنجن ماڳن تي رهيا، ڪجهه ڏينهن بعد مير بجار ٽالپر عمرڪوٽ جي قبضه خور جوڌپور راجه جي موڪليل ياٽي سپاهين ڪن جي ڳالهه ٻڌائڻ ٻهاني مير بجار کي زخمي ڪري وڌو. بجار آخري وقت اچڻ تي سندس پٽ عبدالله خان ٽالپور کي سڏيو ۽ چيو جوڌپور جي راجا کان عمرڪوٽ نه وٺي سگهيس ، ۽ نوحاڻي ٻڌي مارايم اهو سور وٺي تو وڃان ، ۽ عبدالله کي چيائين ته نوحاڻي جيئن به راضي ٿين تيئن ڪجان ۽ عمرڪوٽ ضرور فتح ڪجان ۽ پوءِ عبدالله ٽالپر قرآن شريف نوحاڻين وٽ ميڙ ڪٺي آيو ۽ نوحاڻين خون بخش ڪيا، ۽ وري ٽالپرن جي فوج ۾ شامل ٿي ويا، عمرڪوٽ تي مير عبدالله خان ٽالپر نوحاڻين کي ساڻ ڪري فوجون وٺي عمرڪوٽ ويو راجه جا سپاهي ڪوٽ خالي ڪري ڀڄي ويا، اهڙي طرح نوحاڻي وري ميرن ٽالپرن جي سپاهه جو حصو بڻجي ويا، جڏهن ٽالپرن مير فتح علي خان جي اڳواڻي ۾ هالاڻيءَ وٽ جنگ ڪئي ته به نوحاڻي قبيلو ميرن ٽالپرن جي ڪمان ۾ جنگ ۾ جوهر ڏيکاريا، هي قبيلو ٽالپرن جي شاخ ماڻڪاڻي سان گڏ رهيو، جڏهن مير ٿاري خان ماڻڪاڻي ۽ مير محمد خان جي وچ ۾ ول واري جنگ لڳي ته هي قبيلو مير ٿاري خان ٽالپر جي ڪمان ۾ شهداداڻي ٽالپرن جي خلاف وڙهيو جڏهن مياڻيءَ جي

جنگ لڳي تہ هن قبيلي جا ڪيترائي فرد شهيد ٿيا جهڙوڪ شاهڻ خان سندس ڀائر غلام حسين ، براهم ـ بجار ۽ مرزا خان ، امير بخش ، غلام حيدر وغيره وغيره ، جڏهن وري مير شير محمد ماڻڪاڻي جنگ جو تبل وڄايو تہ وري 300 نوحاڻين هن جنگ ۾ شامل ٿي شهيد ٿي ويا جهڙوڪ : علڻ خان، ٻلوخان ، بلوش خان ، وغيره وغيره ، اڄ بہ ڏٻي جي ميدان تي شهيد هوش محمد شيديءَ سان گڏ بہ جرنيل نوحاڻين جون تربتون ساکي آهن تہ آخر ۾ هوش محمد شيديءَ گڏ نوحاڻي قبيلي جا فرد ٿي بهادريءَ جا جوهر ڏيکاري رهيا هئا، هن قبيلي نوحاڻي ماضيءَ جيان ڌرتيءَ سان وري بہ ويساهہ گهاتي نہ ڪئي، ۽ ساهہ ڏيئي ويساهہ قائم رکيو تالپرن جنگ هارائڻ کان بعد انگريزن کان رعايتون حاصل ڪيون ۽ انهن جي پيروي ڪندي ڪجهہ ٻين بلوچ قبيلن پڻ رعايتون ورتيون ۽ مراعاتون حاصل ڪري امير ۽ نواب ٿي ويا پر هي قبيلو ڪڏهن بہ انگريزن جو ڪنهن بہ وقت ساٿاري نہ رهيو اُن ڪري انگريزن سڄي دور ۾ تڪليفن ۾ رهيو جڏهن انگريزن جي خلاف حُر تحريڪ شروع ٿيُ تہ هيءَ قبيلو وري حُرن جي طرفدار ٿي ويو ۽ کين پناهون ڏيڻ لڳو ڪيترائي ناميارا حُر فقير هتي اچي پناهہ وٺندا هئا، جهڙوڪ مهڪاڻي فقير مريد مهڪاڻي وغيره جن جي ڪري انگريز سرڪار ڏمر جي حُرن کي پناهہ ڏيڻ جي عيوض نوحاڻين جي سردار حاجي شاهہ محمد نوحاڻي ۽ سندس ڀائرن کي قيد ڪري گم ڪري ڇڏيو جيڪي ڪيترن ئي عرصي دوران گم هئا آخر ۾ ملتاني پير مخدوم مُريد حسين قريشي جي زور ڀرڻ تي کين ظاهر ڪري ڪورٽن حوالي ڪري ڪيس داخل ڪري جلين ۾ واڙيو ويو ان کان علاوه حُر فقيرن دائم ڪوري ،ڏنو ڪوري وغيره کي پڻ هن قبيلي ڪنب تي پناهہ ڏني،

جيئن تہ اڳ ۾ ئي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ هيءَ قبيلو ماڻڪاڻي ميرن سان گڏ رهيو ، انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ هن قبيلي جا فرد ماڻڪاڻي ميرن وٽ نوڪري ڪرڻ لڳا، ماڻڪاڻي ميرن کين زمينن جي سنڀال لاءِ ذاتي دوستن ۾ کين رکيو، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ زرعي سڌارا آيا ،

جاگيردارن جون جاگيرون تني ويون ۽ ميرن جون به جاگيرون ختم ٿيون، نوحاڻين هڪ ايڪڙ به نه ورتو ۽ ٽالپرن وٽ وڃي ڪانئن پڇاءَ ڪئي ته زمينون ڪنجن پيون، اسان لاءِ ڇا حڪم آهي ته ٽالپرن کين به اجازت ڏني ته توهان به جيڪڏهن زمينون کڻڻ چاهيو ته وڃي کڻو ڇو ته اهي زمينون هاڻ اسان جون ناهن رهيون. پوءِ هن قبيلي زمينون کڻڻ شروع ڪيون ۽ موجوده وقت تعلقه ڏگهڙي ۾ هن قبيلي وٽ 10000 هزار ايڪڙ زمين ۽ 14 واٽر ڪورس پنهنجا آهن. جنهن تي آبادي ڪري پنهنجو پيٽ گذر ڪن ٿا.

سچي سنڌي قوم وانگين هن قبيلي ۾ به تعليم جي کوٽ آهي، سندس اڪثريت اڻ پڙهيل هجڻ ڪري سدائين ٻين جي هٿان استعمال ٿيندا رهيا آهن ، جنهن جو مثال ماضيءَ قريب ۾ پرائي چرچ تي عبدالمالڪ نوحاني کي شهيد ڪيو ويو. هاڻي هن قبيلي جا باشعور فرد مختلف سياسي توڙي سماجي تنظيمن ۽ پارٽين ۾ پڻ حصو وٺي رهيا آهن ۽ ان ڪري هاڻي سندن لاڙو تعليم ڏانهن پڻ ٿيندو پيو وڃي ، ڪجهه عرصو اڳ هي قبيلو مالداري هجڻ ڪري چراگاهن ڏانهن لڏپلاڻ به ڪندو هو پر پاڪستان ٺهڻ بعد زرعي اصلاحات جي نتيجي ۾ زمينون ملڻ ڪري هڪ هنڌ آباد ٿيندو پيو وڃي ۽ ان ڪري سندن ڳوٺن ۾ اسڪول کُلن پيا ۽ تعليم وٺي رهيا آهن.

وزيراعظم محمد خان جوڻيجو جي دور ۾ قبيلي جي سردار دودو خان نوحاڻي ڪافي ڪوششون وٺي ڳوٺ ڪنگورو ۾ هاءِ اسڪول کولرايو ۽ انهيءَ انقلابي قدم جي ڪري پڻ ڪيترائي ٻار ان مان پڙهي پنهنجي مستقبل سڌاري ۽ سنواري رهيا آهن. ان بعد ڳوٺ ڪُنبُ ۾ پڻ تازو مڊل اسڪول قائم ٿيو آهي ، ان کان علاوه سيني ڳوٺن ۾ تقريبن پرائمري اسڪول قائم آهن جن ۾ ٻار تعليم جي زيور سان آراسته ٿي رهيا آهن.

هن قبيلي جي فردن ۾ صلاحيتن جي ڪابه کوٽ نه آهي، جهالت وارين روايتن جو هجڻ سندن ترقي ۾ رڪاوٽ جو باعث بڻجي رهيو آهي، جنهن سان به وفا ڪندا آهن ، آخري حد تائين هليا ويندا آهن . ان ۾ نفعي

نقصان جو ڪو نہ سوچين جيل کي پيو گهر ڪري چوندا آهن ، هن قبيلي جو فرد اگر هڪ دفعي جيل ياترا نہ ڪري تہ ان کي مڙس ڪري نہ مڃيندا آهن، پلاند ڪرڻ سندس روايتن ۾ شامل آهي، اگر ڪنهن پلاند نہ ڪيو تہ عورتون ان کي گهر ۾ تعنا ۽ مٺا ڏينديون آهن، ۽ سندس ٽڪر پاٽي ايستائين حرام ڪري ڇڏينديون آهن، جيستائين پلاند نہ ڪندو آهي، ان ڪري ڪافي جهيڙا جهڳڙا ان سبب ڪري بہ ٿيا آهن ،نوحاڻي قبيلي جا فرد پنهنجن رستن ۽ رسمن جا رکوالا ۽ امين آهن، هيٺارن جو شوق تمام گهڻو اٿن سندن سڃاڻپ جو هٿيار ڪهاڙي اٿن اُن ڪري هتي جا ڪهاڙين ناهڻ وارا ڪاريا (لوهار) بہ ان ڪم کي سٺو ڄاڻن اُن ڪري هن علائقي جون ڪهاڙيون پوري سنڌ ۾ مشهور آهن، خاص ڪري ٽنڊو غلام علي جا ڪاريا ان ڪم جا ماهر ليکيا وڃن ٿا، پر هاڻي وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ڪهاڙي جي جاءِ پيا آٽوميٽڪ هٿيار والاريندا پيا وڃن لباس ۾ ۽ شڪل شبيهہ سندن اڪثر ڪري پهراڻ ڏاڙهي ۽ پٽڪو سڃاڻپ هئي، گهر ۾ عورتون ڪجهہ وقت اڳ ۾ گگهو استعمال ڪنديون هيون ، پر هاڻي پهراڻ، پٽڪي ۽ ڏاڙهي وانگي اهو بہ گهٽجندو پيو وڃي.

هن قبيلي ۾ ڪيترائي شاعر ۽ سگهڙ بہ پيدا ٿيا آهن، مثال طور شاهو فقير مرزو نوحاڻي ، سردار حاجي شاهہ محمد خان نوحاڻي ، اُستاد سڄاول نوحاڻي ، مولوي سردار الدين نوحاڻي، گبر خان ، ميرهان خان نوحاڻي ، مٺو نوحاڻي ، رامڻ خان نوحاڻي ، علي محمد نوحاڻي ، خليفو محمود نوحاڻي، فقير ڏٺي بخش نوحاڻي وغيره وغيره.

هن قبيلي ۾ تمام گهڻي لطيف شناسي بہ آهي ، هن قبيلي جا مرد توڙي عورتون لطيف جا پارکو ۽ حافظ آهن، سندن ڪچهريون جو موضوع اڪثر ڪري لطيف سرڪار هوندو آهي ، لطيف جي بيت ڪانسواءِ ڪچهري اڌوري سمجهن ،نوحاڻي قبيلي جا ڪيترائي فرد لطيف دسترس رکن ، مثال طور فقير ڏٺي بخش ڳوٺ ڪنب لطيف جو عاشق ۽ حافظ هيو خيلفو محمود نوحاڻي ۽ اُستاد سڄاول جا راڳائي ٿي گذريا آهن،حاجي حسيب

خان نوحاڻي ۽ سردار دودو خان نوحاڻي پڻ لطيف جا پارکو ۽ سندس شاعريءَ سان عشق رکندڙ هئا. موجوده وقت ۾ ماستر نواز علي نوحاڻي ، علي محمد نوحاڻي ،نواب خان نوحاڻي ، اسماعيل نوحاڻي وغيره لطيف جا پارکو ۽ حافظ آهن.

نوحاڻي قبيلي جي فردن کي گائڪ بہ اهو وڻي جيڪو لطيف کي ڳائي ، ان ڪري زياده تر سندن ڪچهريون توڙي ڪاڄن ۾ سواءِ ڪڇي برادرن يعني اُستاد مٺو ڪڇي ، عمثان ڪڇي ڪانسواءِ ٻيو نہ گهرائيندا هئا. سندن ڪاڄن ۾ اگر ڪنهن فنڪار لطيف جو بيت ڪچو پڙهيو تہ جڻ اُن جي شامت اچي وئي، پوءِ اُن جا سازئيندا بند ۽ مٿس جُٽ ٽيندي شروع گائڪيءَ جي سُرن مان بہ سٺو ڄاڻن ، سنگيت جي ڪلاسيڪي توڙي نيم ڪلاسيڪي گائيڪي مان بہ ڄاڻن ۽ سمجهن ،مذهب سان سندن لڳاءُ فطري آهي، هن قبيلي ۾ ڪيترائي مولوي ۽ عالم سڳورا پيدا ٿيا آهن. نالي وارو عالم ۽ بزرگ مولوي عبدالحي نوحاڻي آف ڪنگورو پنهنجي دور جو تمام وڏو جيد عالم هيو جنهن جون دين لاءِ تمام گهڻيون خدمتون هيون.پاڻ انگريزن خلاف اٿندڙ تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتائين ، جهڙوڪ ، تحريڪ خلافت ۾ حصو ورتائين ان بعد پاڻ جميعت علماءِ هندجي پليٽ فارم تان تمام گهڻو سرگرم رهيو، جڏهن مڪي ۽ مديني تي شاھ سعود حاڪم ٿي آيو ، جنهن تي هندستان جي مسلمانن ۾ تشويش پيدا ٿي ۽ انڊوپاڪ مان علمائن جو هڪ وفد تيار ڪري شاھ سعود سان ڳالهين لاءِ موڪليو ويو ، جنهن ۾ مولوي عبدالحي نوحاڻي بہ ميمبر طور شريڪ هيو جميعت علماءِ هند جي طرفان تعلق ڏگهڙي جا عهديدار پڻ رهيا، ان کان علاوه پاڻ ڪيترن ئي مدرسن جو بنياد پڻ رکيائون ، جهڙوڪ 1900ع ۾ مير غلام حيدر جي مدد سان ڏگهڙي ۾ مولوي عبدالحي نوحاڻي ۽ سندس ساٿي عالم مولوي عبدالواحد خاصخيلي مدرسي جو بنياد وڌو جيڪو اڄ بہ "ميرن جو مدرسو" نالي قائم آهي ۽ ڪيترائي سوين شاگرد ديني علم سان منور ٿي رهيا آهن.

ان کان علاوه ڪنگورو ۾ سندس ڳوٺ هڪ وڏي مدرسي جو بنياد رکيائين، جنهن مان پڻ هزارين شاگرد فارغ تحيصل ٿيا.

جيئي سنڌ محاذ جو باني عبدالواحيد آريسَر به مولوي عبدالحيءَ جي مدرسي جو شاگرد رهي چڪو آهي، سڄي سنڌ ۾ هن مدرسي جا شاگرد پکڙيل آهن. ان کان علاوه پرپاسي جي ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ سندس مدرسي مان فارغ ٿيل عالم پڙهائڻ جو ڪم سر انجام ڏنو سنجر چانگ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مولوي صاحب جي شاگردن ننڍا وڏا مدرسا قائم ڪيا ۽ دين جي تعليم ڏني، ڏگهڙيءَ جي ويجهو عبدالرشيد ابڙينگ جي ڳوٺ ۾ پڻ مولوي صاحب جي مدرسي جي شاگرد عالمن درس تدريسي جو ڪم ڪيو.

اڄ به مولوي صاحب جي ان ٻاريل لاٽ کي سندس پوٽو عالم مولوي خان محمد نوحاڻي صاحب جاري ۽ ساري رکيو پيو اچي، پاڻ تمام وڏو عالم ۽ طبيعتن حليم، سپاجهو، ملڻ ساز ۽ گهڻ سونهون انسان آهي.

قبيلي نوحاڻي جا فرد ڪڪڙن توڙي ڪتن جا تمام وڏا شوقين آهن سندن ڪڪڙ توڙي ڪتا پوري سنڌ ۾ اڄ به مشهور آهن، وٽن ڪڪڙن توڙي ڪتن جا ڀلا نسل آهن، وڏن وڏن مقابلن ۾ پوري سنڌ ۾ سندن ڪڪڙ توڙي ڪتا مقابلن ۾ حصو وٺندا آهن.

ان کان علاوه ڀلن گهوڙن جا به شوقين ڪجهه وقت اڳي هر فرد وٽ ڀلو گهوڙو ضرور هوندو هو اڄ به رئيس حاجي غلام الله خان نوحاڻي آف ڪنب وٽ 5 عدد گهوڙا هڪ ئي وقت موجود آهن، جن مان 2 گهوڙا اڄ به سنڌ ۾ ٻهرين جوڙ ۾ ڀڄن ٿا، ان کان علاوه هن قبيلي جا فرد، مينهن ڍڳين، ٻڪرين، توڙي رڍن جا ڌڻ ڌارين ٿا، ۽ تمام وڏا ڀاڳيا آهن وٽن ڀلي نسل جا پاڏا، ڍڳا، گهوڙا وغيره آهن.

هن قبيلي جا ماڻهو تمام گهڻو مهمان نواز پڻ آهن، هر ڳوٺ ۾ جيترا گهر اتيريون ئي اوطاقون هونديون اٿن، سندن اوطاق تي هر وقت مهمان پيا ايندا ويندا آئي جو آئت سندن ريت آهي.

دنيا جي ريتن رسمن کان باغين کي پناهه ڏيڻ کي فخر سمجهن شادين مرادين توڙي غم جي وقت سندن گيت توڙي اوسارا اڄ انهن بلوچي روايتن جا امين ڏسبا.

اڄ هن قبيلي ۾ ڪجهه لکيل پڙهيل شخصيتن جي ڪري پراڻو طريقو ختم ٿيڻ ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ تعليم ڏي رجحان وڌي رهيو آهي. جيڪو سٺو سنوڻ لڳي ٿو.

(هي قلمي نسخو محمد رمضان نوحاڻي کان مليو.)

جهان خان پرڳڙي

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ٽنڊوڄام وارو لکي ٿو ته "سنڌ جو پهريون حڪمران مير فتح علي ٽالپر هو جنهن کي حاڪم بنائڻ ۾ ٽن ماڻهن جو اهم هٿ هو، هڪڙو رئيس قيصر خان نظاماڻي ٻيو اميد علي خان جمالي ٽيون جهان خان پرڳڙي.

مير فتح علي کي سنڌ جو حاڪم ٿيڻ ڪانپوءِ اها ڳڻتي ٿي پئي ڪٿي ائين نه ٿئي مونکان هي تخت ڦري وٺن، انڪري هُن انهن کي مارائڻ جو سوچيو جنهن ڊپ کان قيصر خان نظاماڻي جيسلمير ڏي ڀڄي ويو، اميد علي خان کي سندس خاندان سوڌو مير مارائي ڇڏيو سندن قبا نواب شاهه کان ٻن ميلن تي واقع آهن.

جهان خان پرڳڙي کي مارائڻ لاءِ ڏگهڙي طرف ويٺل نوحاڻين کي چيو ويو، نوحاڻين رات جو پرڳڙين جي ڳوٺ تي ڪاهه ڪئي. اتفاق سان جهان خان ڳوٺ ۾ ڪونه هو پر نوحاڻين جي خوف کان پرڳڙي ڀنا ڪونه جيڪو ٿي گهران نڪتو تنهن چيو ٿي آئون آهيان جهان خان اهڙي ريت صبوح تائين 80 کن پرڳڙي شهيد ٿي ويا، صبوح جو جهان خان ڳوٺ پهچي نوحاڻين کي چيو آئون آهيان جهان خان، هنن بي گناهن کي ڇو ماريو اٿئو، نوحاڻين ڏڪ هڻين جهان خان کي ٻه شهيد ڪيو گل شاهه قبرستان ويجهو

شيخ پرڪيو روڊ تي سيني شهيدن جون قبرون موجود آهن (ڪتاب موچارا مُنهن، ڪارامُنهن، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ص 134_135_2000ع).

پرڳڙين جو اهو قبرستان شهيدن جو قبرستان سڏجي ٿو .جيڪو حيدرآباد کان پنج، ڇهه ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ٽنڊو غلام حيدر جي ڏاکڻي ڇيڙي تي موجوده گل شاهه جي درگاهه جي اوپر ۾ شيخ پرڪيو روڊ تي واقع آهي. ٽنڊوغلام حيدر به دراصل غلام حيدر پرڳڙي جي نالي سان منسوب آهي. پرڳڙين جو اهو قبرستان هاڻ ابتر حالت آهي. جيڪو هڪ مٽيءَ جي دڙي تي ڳڻتي جوڳي صورت ۾ موجود آهي.چوطرف سِرن واري ٻنو معافيا مٽيءَ کٽي رهي آهي. ان قبرستان ۾ جوڙيل قبرن جا مٿيان حصا گهڻي ڀاڱي پنهنجي قبرن واري هنڌ کان هيٺ ڪري پيا آهن. پر تنهن هوندي به انهن حصن تي درج ٿيل تاريخون اڃا آرام سان پڙهي سگهجن ٿيون: ۽ جهان خان پرڳڙي جا وارث هاڻ اُتي ڪونه ٿا رهن لڏي دوڙ نواب شاهه جي طرف ويل آهن.

قبرستان ۾ هون ته قبرن جو ڳاڻيٽو مختصر وڃي رهيو آهي، پر تن ۾ به اڪثريت هڪڙي تاريخ واري قبرن جي ملي ٿي. سا تاريخ آهي 11 محرم 1212 هجري (بمطابق جولاءِ 1797ع) تحرير نالا هن ريت آهن. شهيد جهان خان پرڳڙي، شهيد حسن پرڳڙي، شهيد رستم خان پرڳڙي شهيد عبدالله پرڳڙي، شهيد حمزو پرڳڙي، شهيد محمد خان پرڳڙي ۽ شهيد غلام محمد پرڳڙي اچي وڃن ٿا. ممڪن آهي شهيدن جون ڪجهه قبرون ٻيون به هجن ۽ ڪجهه قبرون شهيد لفظ کان بغير به آهن. بيشڪ سي نوحاڻي ڍگهڙي جي ڪنب جي طرف جا هئا، پر تن نوحاڻين جي پوئيرن جو چوڻ آهي ته تنهن وقت مرندڙ پرڳڙين جو تعداد سورانهن، سترانهن مَس هو. ۽ تي نوحاڻي ٻرانِ جهڙي ۾ مارجي ويا هئا. هو وڏيڪ چون ٿا ته اهو قصو سينو به سينو اسان وٽ دهرائبو اچي ٿو. جنهن تحت اهو واقعو مير بجار جي وقت جو آهي، ۽ جهان خان پرڳڙي مير بجار جو مامون هو. اُن جهان خان پرڳڙي جمالين ۽ نوحاڻين جي جهيڙي جي وچ ۾ پئي جمالين جي طرف وٺي

نوحاڻين جا ٽي همراهه ماريا هئا. جنهن پلاند ۾ نوحاڻين جهان خان پرڳڙي ۽ سنڌن درجن کن همرائن کي ماريو هو.۽ نوحاڻين جي اڳواڻي ڪندڙ رامڻ نوحاڻي جيڪو حاجي شهڪ خان نوحاڻي جو پٽ هو سو به ان جهيڙي ۾ مارجي ويو هو جنهن جي قبر به ڏگهڙي لڳ نوحاڻين جي ڪُنب قبرستان ۾ موجود آهي .نوحاڻي وڏيڪ ٻڌائين ٿا ته پوءِ ميربجار نوحاڻين جا ڇهه کن همراهه مامي جهان خان پرڳڙي جي پلاند ۾ ٻڌي مارايا. بعد ۾ ميربجار جي پٽ مير عبدالله پنهنجي والد مير بجار جي وصيت موجب نوحاڻين کي پرچايو هو.

هاڻ ڏسون ته مير بجار 1194 هجري مطابق 1781ع ۾ جوڌپوري (ڪوڳڙي) هٿان مارجي ويو آهي (ڏسو ڪتاب_ ٽالپرن جي تاريخ پهرين ڇڙياري) پيو ته مير بجار جي والد مير بهرام ٽالپر جون به شاديون هيون. هڪ مري ذات مان ٻي نظاماڻي ذات مان ڪيس مري ديري مان مير بجار ۽ مير صوبدار نالي به پٽ ٿيا هئا.جڏهن ته نظاماڻي ديري مان هڪ پٽ محمود نالي هئس (ڪتاب اِيضن) مقصد جهان خان پرڳڙي مير بجار جو مامون نه هو.

دراصل جيڪا شيءِ مونجهارو پيدا ڪري پئي سا اها ته مير بجار جي دؤر ۾ ميرن وٽ سپه سلاري ته آهي پر ڪا دربار نه آهي ۽ نه ئي تڏهن مير سنڌ جا تخت ڌڻي آهن . ۽ مير بجار 1781ع ۾ مارجي ويو آهي. ۽ جهان خان پرڳڙي جي قبر تي وفات جي تاريخ 11 محرم 1212 هجري جولاءِ 1797ع آهي. پل ڪٿي اسان ڇئون ته ميرن فرحت جي وقت ۾ پرڳڙين جون قبرون ٻڌايون هونديون.

۽ اُهي مير شعيه هئا ان ڪري محرم ۾ قبرون ٻڌايون هوندن. پر تاريخون ڇو تبديل ڪن هئا؟ ۽ شعيه 11 محرم نه بلڪ پهرين تاريخ کان 9 محرم تائين نئي سر ساليانه ڪچيون قبرون ٻڌائيندا آهن ۽ روز عشوره (10 محرم) ڪانپوءِ اهو ڪم نه ڪندا آهن.

جنهن جو مطلب نوحاڻين ۽ پرڳڙين جو جهيڙو اصل ٽيو ٽي جولاءِ 1797ع ۾ آهي. جيڪو مير فتح علي جو دؤر آهي. ۽ نڪوئي مير فتح علي جا ماماڻا پرڳڙي آهن.

اهو قصو آهي تہ ڏگهڙي جي نوحاڻين سان واڳيل، پر ڪٿي ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جو بيان پڙي ٽيندو وچي پيو تہ ڪٿي وري نوحاڻين جوڻ ساروٽيون حال حقيقت کان پري بيٺل نظر اچن ٿيون.

ماسترخير محمد ولد محمد مريد چانڊيو
قومي عوامي تحريڪ

هن جي تاريخ پيدائش 1960-6-10 آهي

ڏگھڙي لڳ ٽنڊو غلام علي جي روڊ طرف نوحاڻين جي اولهہ ۾ چانڊيا ذات جا ماڻهو آباد آهن جنهن لاءِ ماسترخير محمد چانڊيو جو چوڻ آهي تہ مٺو چانڊيو ڳوٺ جيڪو هاڻ جهان خان چانڊيو ڳوٺ سڏجي ٿو سو اسان جي ذات جي ماڻهن جو آڳاٽو ڳوٺ آهي. هتي آباد چانڊيا اڪثر بدين جي شهر ڪوسڪي جي ديهہ انگڙيوال کان آيا آهن. ۽ سندن اچڻ جو وقت تقريبن انگريز دؤر آهي.

چانڊين ۾ حاجي نور حسن چانڊيو جو بہ وڏو ڳوٺ آهي. حاجي نورحسن پيپلز پارٽي سان تعلق رکي ٿو، پاڻ ڏگھو عرصو ضلعي مير پورخاص ۾ پ پ پ جي طرفان ڊسٽرڪ صدر پڻ رهيا آهن ۽ ڏگھڙي شهر ۾ ڪامريڊ شمشاد راڻا جي شاپ تي حاجي نورحسن چانڊيو جو ميل ميلاپ ۽ ڪچهريون ڪندي وڏو وقت گذريو آهي. ماستر منظور چانڊيو جيڪو پ. ٽ. الف جو مرڪزي عهديدار آهي. سو بہ هڪ منفرد شخصيت آهي ۽ ماستر مرتضيٰ چانڊيو سندس ننڍي قد وارا بہ ياٺر ۽ ماستر ايوب چانڊيو حاجي نور حسن جا تمام ويجها عزيز آهن. هتان جا چانڊيا سنڌ جي اُتر وانگر گرم مزاج جا نہ آهن. سادگي پسند ۽ ڏاڍا صابرين ۽ سُلجهل آهن. توڙي جو سندن گھڻائي پ پ پ سان سياسي طور وابستگي رکي ٿي پوءِ بہ اندر ۾ قوم پرست آهن.

دنبالو

پٽيالا لفظ جي معنيٰ آهي دنبالو جنهن جو انگريزي هم معنيٰ لفظ ٽيندو (a fter Behind) وغيره جنهن جو مطلب آهي تہ هن شهر جي ماڳ جي پهرين انتخاب تي نہ پر پٺيءَ تي شهر جي اڏاوت ڪئي وئي.

(سنڌ جو مهراڻ، راوڻي / عطا محمد ڀنڀرو_ ص 157_ سال 1995ع)

ڏگهڙي شهر جي اولهہ ۾ ٽنڊو غلام علي روڊ تي دنبالو نالي سان ٻہ وسطيون موجود آهن. هڪ پراڻو دنبالو ۽ ٻيو نئون دنبالو.هڪ جمڙاؤ واهہ تي ۽ ٻيو نصير واهہ تي موزين جي شڪل ۾ موجود آهن. نئون دنبالو تہ هاڻ هڪ شهر ٽيندو وڃي.جتي زوار بوزدار رهي ٿو.

ڳوٺ صوفن شاهہ

آسي سالن کان وڏي چمار رڪنڊڙ يار محمد ولد عبدالرشيد چيليو ويٺل ڳوٺ صوفن شاهہ لڳ ڏگهڙي. يارمحمد سان اسان جي ڪچهري تاريخ 30 نومبر 2012ع تي ڳوٺ صوفن شاهہ ۾ ٿي.

يار محمد چيليي جو چوڻ هو تہ اسين ڏگهڙي ۾ تقريبن پاڪستان جي ٺهڻ کان ڪجهہ سال اڳ ۾ آيا هئاسين.

يارمحمد چوي ٿو تہ موجوده وقت ۾ جتي هينئر مير حاجي محمد حيات ٽالپر جي اوطاق وارو بنگلو آهي اُتي اسان جي آڳاٽي رهائش هئي. مير روڊ جي ٻي طرف جتي مير زاهد حسين ٽالپر جي گاڏين جا تنبيلا آهن. ان طرف ويٺل هئا. پوءِ اتان لڏي اسين هت ڳوٺ صوفن شاهہ ۾ آياسين.

صوفن شاهہ ڳوٺ جو اصل نالو نواز علي شاهہ آهي. سيد نواز علي شاهہ . سيد مريد شاهہ جو فرزند هو. ڏگهڙي جي مريد شاخ تي سيد مريد شاهہ جو نالو رکيل آهي.

نواز علي شاهہ وٽ زمين جي حوالي سان 5,6 واٽرن جي ايراضي هئي.

سيد صوفن شاهه نواز علي شاهه جو سَئُوٽ هو صوفن شاهه وارا اصل هندستان جا وينل هئا. سيد نواز علي شاهه رپارس (باڙمير) هندستان مان سيد صوفن شاهه جي ساليءَ سان شادي ڪئي هئي.

صوفن شاهه جڏهن هندستان کان لڏي ڳوٺ نواز علي شاهه مائي ۾ آيو ته هتِ هارپو ڪرڻ لڳو هو. يارمحمد چيليبي چواڻي ته مون هن کي ٻه ڏڳا ، هڪ 17 روپين ۾، ۽ ٻيو 24 روپين ۾ وٺرائي ڏنا هئا.

سيد نواز علي شاهه کي هڪ نياڻي جو اولاد هو سيد نواز علي شاهه جي وفات کان پوءِ هن جي گهر ۾ ڪو مرد نه بچو هو. نواز علي شاهه جي گهر واري (جيڪا اصل باڙميري جي هئي) کي 17 بلاڪ ، زمين مان حصو مليو هو جيڪو به هن جي مائٽن وڪڻي ڇڏيو هو پوءِ نواز علي شاهه جي گهرواري به گذاري ويئي . باقي وڃي نواز علي شاهه جي نياڻي بي بي امام زادي بچي، سموري ملڪيت ان جي حوالي ٿي. ان دوران هندستان کان لڏي آيل بي بي امام زادي جي ماسيءَ جو گهر وارو سيد صوفن شاهه هت هارپو ڪرڻ لڳو هو. سيد نواز علي شاهه جي گهر ۾ جڏهن ته ڪو مرد زنده نه بچو هو ته سيد وڏل شاهه (مير پور خاص وارو) انهي زمين جي مالڪي جي دعوا ڪيس ذريعي داخل ڪئي، ڪيس هليو، بي بي امام زاديءَ سان گڏ سندس ماسيءَ جو گهر وارو سيد صوفن شاهه مددگار ٿي بيٺو ۽ انهي جو ساٿ مير حاجي غلام حيدر ٽالپر پڻ ڏنو ، سامهون ڌر سيد وڏل شاهه جي صورت ۾ هئي.

هڪ ڏينهن مير حاجي غلام حيدر ٽالپر سيد صوفن شاهه کي اچي مبارڪون ڏنيون ته پاڻ ڪيس کٽي وياسين.

(ڪامريڊ ميرمحمد ٽالپر ٽنڊي ڄام وارو پنهنجي بهترين تصنيف " موچارا منهن، ڪارا منهن" ۾ لکي ٿو ته "بي بي صاحب پنهنجي مائيٽن جي خوف کان اچي مير حاجي غلام حيدر ٽالپر جي ديري ۾ پناهه ورتي هئي. بي بي صاحب جيترو وقت ديري ۾ هئي، مير صاحب ديري ۾ نه ويندا هئا . اوطاق تي رهندا هئا.)

ان وقت هڪ اندازي موجب سيد نواز علي شاهہ جي زمين چار هزار ايڪڙن جي قريب هئي.

ان دوران سيد صوفن شاهہ جو پيٽيو سيد علي شاهہ بہ هندستان مان لڏي هت آيو هو اهو موالي ۽ عياش قسم جوشخص هو جنهن هت اچي ڪافي ماڻهن کي نشي ۽عياشي جي عادتن سان لڳايو.

سيد صوفن شاهہ کي ٽي پٽ گل شاهہ ، جڙيل شاهہ ۽ شير شاهہ جي نالن سان هئا ۽ هڪ نياڻي جو اولاد پڻ هئس.

صوفن شاهہ پنهنجي نياڻي جو سڱ پنهنجي بيٽيوئي موالي سيد علي شاهہ جي پٽ علي اڪبر شاهہ کي ڏنو هو.

سيد صوفن شاهہ جي نياڻي سيد علي اڪبر شاهہ جي گهر واري بي بي وڏيل ، اڃا حال حيات آهي.

صوفن شاهہ جي سيدن کان نشي ۽ عياشي سموري ملڪيت پڳڙن مٿ تي وڪڻائي ڇڏي. اهڙي ريت هي ڳوٺ سيد نواز علي شاهہ عرف ڳوٺ صوفن شاهہ سيدن جو عبرت ڪداهہ بنجي ويو هاڻ تہ تعلقي ڏگهڙي ۾ صرف سندن يونين ڪائونسل صوفن شاهہ جي نالي سان آهي.

يارمحمد چيليو وڏيڪ چئي ٿو تہ چيليا ذات سمن جي نک آهي. اصل ٺٽي جا هئا، هڪ سمي همراهہ پنهنجي نياڻي جي شادي ۾ ڏيج ۾ سون جي چُلهہ ڏني، جنهن تان اهو پاڙو چُلهيا سڏيوويو اجان بہ ٺٽي جي طرف چيلهيا ذات جا ماڻهون وينا آهن. اهي ئي ڏگهڙي ايندي ٿي پيا چيليا.

رٽائيرڊ سب انسپيڪٽر محمد حسن دل يار محمد چيليئي جي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چوي ٿو تہ چيليا تہ اصل ٺٽي جا هئا پر اسان جو آڳاٽو ڳوٺ ڪنگورو شاخ جي موري کان ميرن جي لانڍي ويندڙ روڊ تي لڳ ڏبڪي جي نالي موجود آهي. اسان جو ڏاڏو محمد اسماعيل ، گهرو تڪرار تان ڪاوڙجي لڏي پراڻ جي ڪپ تي ڳوٺ دونهائي واري پاسي فقيرن جي ڪڏ وٽ وينوجتي اجان بہ اسان جي وڏن جي ڏٺل گهرن جا نشان موجود آهن.

محمد حسن جو وڏيڪ چوڻ هو تہ اسان جا مائٽ 1901ع کان اڳ پراڻ تي فقيرن جي ڪڏ واري ڳوٺ مان لڏي اچي هت هن ڳوٺ نواز علي شاهہ مائي (صوفن شاهہ) ۾ ويٺا. هت چيلين سان سڱاوتيون ڪيائون، تڏهن هت چيليا اڪثريت ۾ هئا دل ذات جا ماڻهو ٿورا هئا انڪري دل بہ چيلين سان ملي چيليا سڏجڻ لڳا. محمد حسن جو ڏاڏو اسماعيل، جنهن کي عبدالواحد نالي پٽ هو عبدالواحد جي اولاد آهي، خاجي اشرف، اسماعيل، محمد حسن ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار دل.

محمد حسن چوي ٿو تہ متارو ۽ سندس پٽ ماسٽر منظور ذات جا چيليا آهن، ۽ اسان جو گهراڻون ۽ سپاهي عبدالغفار تو ڙي سندس پاءُ مختيار سڀ ذات جا دل آهيون.

(هن ڪچهري ۾ عبداللطيف خاصخيلي مون سان گڏ هو.)

حفيظ رحمٰن ولد افضل آرائين نمبردار

هي 15 جنوري 2013ع جو ڏينهن هو اقبال ۽ آئون ڳوٺ ديهہ A_170 ۾ پهتا هئاسين. جتي اسان جي ملاقات حفيظ الرحمٰن آرائين سان رٿيل پروگرام تحت ٿي هئي.

حفيظ اسان کي گهر جي اڱڻ ۾ لڳل ڪرسين تي اچي ويهاريو توڙي جو منهنجي هُن سان پهرين ملاقات هئي، پر هو مونکي ملندي شرط هڪ ملڻهار ۽ خوش طبعيت شخص لڳو.

حفيظ پڇڻ تي ٻڌايو تہ اسان جو هي ڳوٺ ديهہ A_170 منهنجي ڏاڏي حاجي خير محمد آرائين 1901ع ۾ هت اچي ٻڌو هو. اسان جو ڏاڏو پهرين جلندر ۾ رهندو هو پوءِ لڏي فيصل آباد آيو ۽ پوءِ اتان کان لڏي هن موجوده هنڌ يعني ڊگهڙي شهر جي اولهہ ڏکڻ ۾ ڳوٺ ٻڌي اچي ويٺو. ان ڏينهن کان ئي هن ڳوٺ جو نالو حاجي خير محمد آرائين ۽ ڳوٺ جي پوسٽ آفيس جي اسٽمپ تي پڻ اهو نالو درج آهي. پر اڪثر سڏجي A_170 ٿو.

اسان جي ڏاڏي جو ڏگهڙي لڳ هن ڳوٺ ۾ اچڻ ۽ رهڻ جو مقصد ايگريڪلچر هو.سرڪار هُن کي هت گهرائي 16 ايڪڙ زمين مفت ڏني ۽ بي زمين پڻ آسان قسطن ۾ ڏني هئي.

حاجي خير محمد آرائين کي ٽن پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد ٿيو هو وڏو پٽ حافظ محمد افضل آرائين ، ٻيو حافظ عبدالحق ، ٽيو عبدالخالق آرائين جيڪو پڻ اسڪول جو هيڊ ماسٽر ٿيو هو.

افضل آرائين شروعاتي چار ڪلاسن جي تعليم حاصل ڪئي پوءِ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ويو. افضل آرائين نمبردار ، جو جنم 28 ڊسمبر 1906ع ۾ ٿيو هو ۽ وفات 1973ع ۾ ڪيائين ميٽرڪ کان پوءِ جيئن ئي ياراهين ڪلاس ۾ آيو ته سندس والد حاجي خير محمد وفات ڪري ويوجنهن سبب گهر جو سڄو وزن افضل جي ڪُلهن تي اچي ويو. انڪري هو پنهنجي تعليم اڌ ۾ ڇڏي ڳوٺ موٽي آيو. گهر جي ذميواري سان گڏ ڳوٺ جي ذميواري به سنڀاليائين. ڳوٺ ۾ پهرين مڊل اسڪول کولرايائين پوءِ اُن کي اپ گريڊ ڪرائي هاءِ اسڪول جو درجو ڏيارائين ، جيڪو اڄ تائين پڻ موجود آهي. افضل آرائين هڪ سماجي شخصيت هو. ماڻهن جي ڪمن سانگي سڄو سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر رهندو هو.اهو ئي سبب آهي جو افضل آرائين ڏگهڙي شهر کان به اڳ پنهنجي ڳوٺ ۾ هاءِ اسڪول کولرايو ، اهو اسڪول ان وقت پوري ضلعي ٿرپارڪر ۾ چوٿين نمبر تي هو اسڪول جي افتاح جو وقت 1952ع ڏاري آهي. تنهن وقت اسڪول لاءِ سرڪاري بلڊنگ نه هئي ، جنهن سبب افضل آرائين ان اسڪول لاءِ پنهنجي گهر جا ڪمرا مهيا ڪيا هئا. ان اسڪول ۾ تنهن وقت ۾ 250 شاگرد تعليم پرائيندا هئا. هاسٽل لاءِ ڳوٺ ۾ موجود اوطاقون ميسر ڪيون ويون هيون ، جتي شاگردن کي راهيو ويندو هو.

حفيظ آرائين چوي ٿو ته افضل نمبردار ڏگهڙي شهر ۾ پڻ زمين ورتي هئي، جيڪا ڏگهڙي جي محمدي چوڪ کان ٽيندي موجوده بلوچ پاڙي جي لڳ تائين هئي. درحقيقت اها بني ايگريڪلچر لاءِ ورتي هئي پر پوءِ شهر

جوحصو تي ويئي. حفيظ اهو به چوي ٿو ته ڏگهڙي شهر ۾ ٽنڊوباگو روڊ تي وڏي پارڪ لڳ موجوده قبرستان جي زمين افضل آرائين عام ماڻهن لاءِ ڊونيٽ ڪئي هئي. ڏگهڙي شهر ۾ جانورن جي اسپتال لاءِ زمين پڻ افضل آرائين ڏني هئي. جنهن تي پوءِ عمارت تعمير ٿي.

افضل آرائين آخري وقت تائين ضلعي ڪائونسل جو ميمبر رهيو. ضلعي ۾ ٽي_بي ايسوسئشن جو پڻ ميمبر ٿي رهيو هو پر گهڻو عرصو مارڪيٽ ڪميٽي جو ميمبر ٿي رهيو هو. سنڌس سماجي خدمتن جي ڪري ڳوٺ جا ماڻهو سدائين هُن سان گڏ هوندا هئا. پاڻ وڏين برساتن يا ڏڪئي وقت ۾ دل کولي ماڻهن جي مدد ڪندا هئا.

ڳوٺ ديهه A_170 (خيرمحمد آرائين) ۾ اڳ گهٽيون 40 فٽ رستا 60 فٽ ۽ مين روڊ 80 فٽ جا هئا.سڄو ڳوٺ رٿابندي تحت جڙيل هو. اڳ ڳوٺ ۾ ڪڇين ۽ ميگهواڙن جا پنج، ست گهر هوندا هئا، پوءِ انهن جي آبادي وڌي آهي. اهي ماڻهو مزدوري سانگي هت آيا هئا.

ڳوٺ ۾ افضل نمبردار وٽ اڪثر سرڪاري عملدار ايندا هئا. سياستدان ايوب کهڙو ۽ حسين شهيد سهروردي سان نمبردار جو گهرو تعلق رهيو هو. افضل نمبردار گهوڙي تي سواري ڪندا هئا حفيظ اهو به چوي ٿو ته 1960ع ڌاري نمبردار موٽرڪار ورتي هئي، پر جيئن ته ڏگهڙي کان ڳوٺ تائين رستو ڪچو ۽ خراب هجڻ ڪري ڪار ڪي اڪثر ڏگهڙي شهر ۾ بيهاريو ويندو هو.

ڪار کي وڙلي ڳوٺ آڻون پوندو هو ته دمبالو کان جمڙاؤ واهه جي پٽڙي وٽي آندو ويندو هو.

ڏگهڙي کان ديهه 170 واي رستي تي چوڌري حاجي رحمت الله ديهه 178 واري تالهي جا ڪافي وڻ لڳايا هئا.

افضل آرائين کي پڻ ٽن پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد هو. جن ۾ پهريون ڊاڪٽر خليل الرحمان. جيڪو آئي اسپيشلسٽ هو ٻيو حبيب الرحمان جيڪو پرائمري اسڪول ۾ هيڊ ماسٽر هو ۽ ٽيو حفيظ الرحمان ، جيڪو پڻ

B,E انجنيئر رهيو ۽ ست اٺ سال واپڊا ۾ پرائيويٽ نوڪري به ڪيائين پوءِ سڄي هندستان جو سير پڻ ڪري آيو هو.

حفيظ وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته سندن پڙ ڏاڏو خليل احمد آرائين برٽس ريلوي ۾ وٽرنري ڪمپاؤڊر ٿي رهيو. جنهن دوران هُن يوگنڊا ۾ نوڪري ڪئي هئي . حفيظ چوي ٿو ته جلندر ۾ پيپل زمين سندس ڏاڏو مسجد ۽ مدرسي کي گفٽ ڪري آيو هو. هو اهو به چوي ٿو ته ڊگهڙي شهر ۾ قبرستان لڳ ويٺل بروهي ذات جي ماڻهن کي هن پلاٽ مُفت ۾ ڏنا هئا.

حفيظ آرائين اسان کي ڪچهري ۾ اُباريل بيضا ۽ چانهه پياري ۽ ماني لاءِ تمام گهڻو زور ڀريو پر اسان حفيظ ۽ اران سندس والد محمد افضل آرائين جي معلومات ڏيڻ تي ٿورا مڃيا ۽ ماني کان معذرت ڪري موڪلايو.

ڳوٺ ڪنڊو پنهور

هن ڳوٺ جي پولنگ اليڪشن جي حوالي سان ڊگهڙي شهر ۾ هڪ پرچار رکي ٿي.

غلام نبي ولد خير محمد پنهور ٻڌائي ٿو ته اسان جو ڳوٺ 1901ع کان پوءِ جو آهي ۽ هو وڏيڪ صرف ايترو ٿو چئي ته منهنجو ڏاڏو مهر پنهور هو ۽ ان جي والد جو نالو ملهار هو.

ڳوٺ فقير اسماعيل جوڻيجو

ڊگهڙي کان ٽنڊو باگو روڊ تي ويندي ڪجهه ٿي ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي مريد شاخ تي موري اچي ٿي جنهن کي جوڻيجن جي موري چيو وڃي ٿو. موري پهچندڙ رستي جي هڪ طرف فقير اسماعيل جوڻيجو جو ڳوٺ ته ٻي طرف خير محمد جوڻيجو جو ڳوٺ واقع آهي.

عبدالڪريم ولد مراد علي جوڻيجو ، جنهن جي تاريخ پيدائش 1952ع آهي. جنهن جو چوڻ هو ته هن ڳوٺ جا اڪثر وڏا بدين ضلعي جي

شهر ترائي جا رهندڙ هئا.جتان ڏگهڙي لڳ ڳوٺ صوفن شاهه ۾ اچي وينا ۽ پوءِ اُتان لڏي هي ڳوٺ فقير اسماعيل جوڻيجو ٻڌائون.

فقير قائم جوڻيجو وارا 1945ع ڌاري جهڏي کان لڏي آيا آهن فقير اسماعيل صوفن شاهه ۾ سيدن جي حويلي جي چوڪي (چوڪيداري) ڪندو هو جتي هڪ چور نالي حسين چيليو فقير جي سيني ۾ ڪهاڙي واهي ڪڍي هئي جيڪا ڳن تائين فقير جي ڇاتي ۾ لهي ويئي هئي.

فقيرمالوند جو شوق رکندو هو. اوطاق به زبردست هلايائين ، پوءِ فقير 150ايڪڙ زمين جو زميندار به بنجي ويو هو. ان ڳوٺ ۾ 70 سالہ ابراهيم شيدي ۽ نمر ماڇي وارا پڻ رهندا هئا.

محمد جوڻيجو جو چوڻ هو ته سندس والد خير محمد جوڻيجو اصل ڳوٺ پنهل جو راڄ لڳ سانگهڙ ۾ رهندو هو جتان لڏي ڳوٺ صوفن شاهه ۾ آيو ۽ پوءِ فقير اسماعيل جوڻيجو جي ڳوٺ جي اُير ۾ پنهنجي نالي سان ڳوٺ ٻڌائين .

محمد ولد خير محمد جوڻيجو جي تاريخ پيدائش 1972ع آهي.هوطبيعتن انتهائي سپاجهو ۽ صاف گو پڻ آهي ۽ محنت ڪشش اهڙو جو پنهنجي ٻني ۾ پاڻ هارپو ڪرڻ سان گڏ موٽرسائيڪل تي هڪ ڏينهن ۾ ڏگهڙي کان ننگر پارڪر تائين به تي موٽي اچي ٿو.

اهڙي طرح هت ٽنڊو غلام علي روڊ لڳ وڏيري غلام نبي جوڻيجي جو ڳوٺ به آهي. غلام نبي جي پٽ جو نالو عبدالجبار جوڻيجو آهي.

ڏگهڙيءَ لڳ ڪارو دڙو

ڪارو دڙو کي "چچ نامي" ۾ ڪارمتي يعني ڪاري مٽيءَ لکيو ويو آهي، لکيل آهي ته (جاهين بن برسايدراوت ديبل جي قلعي مان نڪري (1) اوپرندي مهراڻ جي ويجهو پهتو.جنهن کي ڪارمتي چوندا هئا.) ڪارمتي جو علائقو موجوده ڏگهڙي شهر ۽ صوفي آباد جي ڏکڻ ۾ ٽي ميلن تي آهي .جتي اڃا تائين هن جا کنڊرات موجود آهن. ۽ هت هڪ ڳوٺ کي

بہ ڪارو دوڙ جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو. اهو ڪارو دڙو اڳ ڪبڙ شاهہ جي نالي سان سڏبو هو.

1. اوپرندو مهراڻ = هاڪڙو واهندو پراڻ .ساڳيون هڪ ٿي آهي، جيڪو ڏکڙي لڳ ڳوٺ راڻو رمداڻ جي پر ڏيئي دونهاؤ شريف وٽي رهيو آهي.

ڪارياڻو

جون جي 5 تاريخ 2015ع هئي جڏهن اسان اقبال جت ۽ محمد جوڻيجو سان گڏجي ڏکڙي جي ڏکڻ طرف ٽنڊوباگو روڊ تي .ڪارياڻو جي تاريخ جا ورق اٿلائڻ لاءِ اُسهون ٿا . اسانجي پهرين منزل اڪبر پرڱڙي جي اوطاق هئي.هي اوطاق خلوص جي رنگن ۾ ائين رچيل هئي جيئن ٽڪراڻي رلي . هن تر ۾ هِن اوطاق کي سنڌ هائوس بہ چيو ويندو آهي . اڪبر پرڱڙي شهيد شاهہ عنايت جي درگاهہ جو پانڌيڙو ۽ سائين جي ايم سيد جو پيروڪار آهي. هن تي مساوات جي ميگهہ ملهار جو رنگ چڙهيل آهي اتي ٿي اسانجو ماستر صوفي الهبچايو جروار سان پروگرام رٽيل هو.صوفي جي گلي ۾ هميشہ گيڙو ويس لٽو ائين پيو لٽڪندو آهي جيئن الفت پري مورت جا چڳ هجن ۽ هوا سان پيا ڪيڏارون ڪن .

مطلب هي فرد بي غرض پيار جي .گلشن جا اُهي ڦل آهن جن جي سرهاڻ پري کان محسوس ٿي سگهبي .اسانجي پهچڻ شرط ڪلي ڪيڪاريو ويو اڪبر جا بزرگ بہ اوطاق تي آيل مهمانن سان ڪمال جي قربت سان ملن ٿا. ايتري ۾ صوفي الهبچايو بہ سانوڻ مينهن جيان اچي وٺو ڏيٺ ويٺ ڪانپوءِ اسان اڳيان لاءِ صوفي جي اڳواڻي ۾ ڪاهيون ٿا .اسانجي منزل سرمست لغاري جا پڊ آهن.

سرمست لغاري جو ڳوٺ ڏکڙي شهر کان 19 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾آهي جيئن مراد فقير جي درگاهہ اُڪري ٿورو اڳتي ويجبو تہ پراڻو پڪو روڊ اولهہ ۾ ڏيئي شهر طرف مڙي وڃي ٿو ۽ نئون پڪو روڊ سڌو ڏکڻ وڃي هلبو تہ اتي ئي

اوير ۾ قبرستان آهي ۽ ان روڊ جي اولهه ۾ پڙا اچن ٿا. جيڪي هاٿي پٽ پوندا وڃن ٿا جن لاءِ چيو ويو تہ اهو اڳوڻو ڳوٺ ڪارياٽو آهي. ان پڙن جي پيڪ ۾ ڪنيارن جو ڳوٺ موجود آهي ،جنهن کي احمد ڪنيار ڳوٺ چون . اُن ڳوٺ جو شفيح محمد ڪنيار سلجهيل ۽ صوفي منش انسان آهي والد جو نالو دائود ڪنيار اٿس جنم جي تاريخ 10 اپريل 1968ع اٿس هو ٻڌائي ٿو تہ اسانجو اصل ڳوٺ ماتلي لڳ جهيجا رهيو هو وڏا اتان لڏي هت آيا هئا.

هو ٻڌائي ٿو تہ ڪارياٽو جيڪو قتل دڙي جي صورت ۾ موجود آهي ان جي نالي سان هن علائقي کي تپو ڪارياٽو ديهہ ڪارياٽو ۽ يونين ڪائونسل ڏاڏاهہ سڏيو وڃي ٿو شفيح محمد ڪنيار وڌيڪ چوي ٿو تہ هت سرمست لغاري جي وڏيءَ جاگير هئي. هو سيد راضي شاهہ لڪياري جو مريد هو ۽ ظالم قسم جو شخص هوندو هو.سندس جاگير جي سنڀال الهہ رکيو خاصخيلي ڪندو هو - هڪ واري سرمست لغاري پنهنجي مرشد راضي شاهہ جي دعوت ڪئي راضي شاهہ نئون ڪوٽ ڪان هن طرف اچي رهيو هو تہ رستي ۾ لنڊن جو ڳوٺ پيو ٿي اتي لنڊن راضي شاهہ کي ايلاز ڪري رات ترسائي ورتو.پويان سرمست لغاري مرشد جو انتظام ڪندو رهيو ،سرمست لغاري وڏو جاگيردار هئڻ سان گڏ مغرور قسم جو ماڻهو هو ،سائين جي نہ پهچڻ تي هن کي مٺان لڳي. صبح جو جڏهن راضي شاهہ پهتو تہ سرمست لغاري مرشد جو آڌرڀاءُ ڪرڻ جي بجاءِ پري کان ڏسندي چيائين تہ "هلو لنڊڙين جا يار" ان روايت لاءِ شفيح ڪنيار معمور يوسفاڻي جو ڪتاب "مهراڻي جو مور" پڙ ڏيکاري ٿو جنهن ۾ اها روايت رقم ٿيل آهي ،ان جملي سان راضي شاهہ کي ڪاوڙ لڳي ۽ اوطاق جي در تان ئي واپس موٽيو.جنهن سبب اهو چيو وڃي ٿو تہ راضي شاهہ جي پاراتي سان ئي سرمست لغاري جو زوال شروع ٿيو ۽ پوءِ سرمست لغاري وفات ڪري ويو ،چون ٿا تہ هُن جي موت بہ ٻئي هنڌ تي هئي دفن بہ هت ڪونهي سرمست لغاري جي پٽ جي قبر هت موجود آهي.

شفيح محمد جو وڏيڪ چوڻ آهي تہ هن تر ۾ جروارن کي سرمست لغاري جي جاگير واري زمين جي هارپي لاءِ الهہ رکيو خاصخيلي جاتي شهر کان هت آندو هو.الهرکيو خاصخيلي سرمست لغاري جي جاگير سنڀاليندڙ هو.شفيح محمد دعويٰ ڪري ٿو تہ سر مست لغاري جي وفات کانپوءِ جروار الهرکئي خاصخيلي کي ڪٽي ڪري زمين تي قابض ٿي ويهي رهيا.

شفيح محمد اهو بہ چوي ٿو تہ جڏهن راضي شاهہ سرمست لغاري کان ناراض ٿي واپس پئي ويو تہ رستي ۾ان جي گهوڙي جي واڳ ڪرم خان جروار اچي جهلي هئي سائين کي پاڻ وٽ رهاياڻين ۽ پنهنجي گهوڙيءَ بہ ڏني هئائين، هو اهو بہ چوي ٿو تہ ڪارياڻو ۾ اڳ لغاري دلواڻي، واڻيا ڪنيار ۽ سک رهندا هئا. (پوءِ ان ۾جروار ,ڀرڳڙي ٽالپر ۽ ڪولهي وغيره بہ اچي رهيا) شفيح ڪنيار هت موجود خاڪي پير لاءِ ٻڌائي ٿو تہ هت اڳ هڪ همراهہ رهندو هو جنهن کان ڪير اچي پڇندو هو تہ تون ڪير آهين تہ موٽ ۾ هو صرف اهو چوندو هو تہ آئون خاڪي آهيان يعني انسان يا بندو(واضح رهي تہ خاڪي پير جي حوالي سان ٻي درگاهہ جهڏو شهر جي لڳ بہ آهي).

ڪارياڻو ڳوٺ جي ايراضي لاءِ شفيح محمد جو چوڻ آهي تہ هي ڳوٺ 64 کان 80 ايڪڙن تي مشتمل رهيو هو.

(پاڻ جڏهن سيد راضي شاهہ پاران سرمست لغاري کي ڏنل پاراتي جو وقت ڪٿينداسين تہ هيئين نظر ايندو، راضي شاهہ جي پيدائش 1754ع ۽ وفات 1844ع آهي پاڻ جملي 90 سال ڄمار ماڻين .ڪارياڻي جي پٽن تي اچڻ وقت سندن ڄمار 45 سالن کان 50 سالن تائين رهي هوندن,اهو دور 1799ع کان 1804ع جو ٿئي ٿو. يعني ٽالپرن جي صاحبي جو دور .راضي شاهہ پنهنجي چوٿين شادي 60 سالن جي ڄمار ۾ڪئي آهي، مطلب نئون ڪوٽ ۾ ميرن جي قلعي جي تعمير وقت 1814ع ۾ سندن اُهي سهريجا کا مڙيا سيد هئا.)

شفيع محمد ڪنيار کان موڪلائي اسان اجان به ڏکڻ ۾ ڏاڏاهه ڳوٺ جي پٽن تي پهچون ٿا گرمي ۾ شدت ۽ زمين ڪلراٺيل آهي سج چڙهڻ نيزي پاند اچي ويو هجي، ڏاڏاهه جي پٽ ڪانپوءِ اسان ڳوٺ غلام نبي جروار ۾ اچون ٿا جتي ماستر غلام نبي جروار سان رهاڻ ڪرڻي هئي ، سائين غلام نبي جروار جي تاريخ پيدائش 04 جولائي 1939ع آهي هو چوي ٿو ته ڪارياٽو راضي شاهه جي پاراتي سان ڦٽو هو ڪارياٽي ڳوٺ جي هنڌ اڳ وڏو دڙو هو هاڻ گهٽجي ننڍڙو ٿي پيو آهي . سرڪاري انگن اکرن ۾ اهو ڳوٺ 72 ايڪڙن ۾ درج ٿيل آهي هي ڳوٺ اصل ۾ ڪلهوڙا دور کان به اڳ جو چيو وڃي ٿو.

هتي جيڪا علي آباد شاخ آهي سو اڳوڻو سرفراز واهه هو،جنهن سان هن پٽ کي پاڻي ملندو هو (ڪتاب سنڌ جي جاگيرن ۾ اچي ٿو ته سرفراز واهه وڃي ٽنڊي باگي تعلقي جون زمينون آباد ڪندو هو) "اهو رڪارڊ به انگريزن جو مرتب ٿيل آهي " موجوده وقت ۾علي آباد شاخ ۾ لکي موري وٽان نڪري پئي، سرفراز واهه کان به اڳ هتان لڪاڏنو واهه گذرندو هو . جنهن جا پڌا اولهه ۾ دلواڻي ڳوٺ ۽ غلام شاهه ڳوٺ وٽ ڏسي سگهجن ٿا هن جي ٺيل ٽيڊي موري وٽان پراڻ ۾ هئي سرفراز ڪلهوڙي جي وقت ۾ جڏهن سرفراز واهه ٺهيو ته ان کي به لڪاڏنو واهه جي پٽن تان گذاريو ويو ظاهر آهي تنهن وقت ۾ اڳوڻو لڪاڏنو واهه ختم ٿي ويل هوندو.لڪاڏني واهه جي دڙ ۾ ان اندر پيڙيون هلنديون هيون پوءِ سرفراز واهه آيو ۽ سرفراز واهه ڪانپوءِ انگريزن انهيءَ هنڌان علي آباد شاخ گذاري.

(ان مان اها ڳالهه به ظاهر ٿي ته سرفراز واهه جو وجود ڏگهڙي شهر ۾هو ٿي ڪونه اهو اولهه ۾به لکي موري کان ٿيندو ڪارياٽو، ڏاڏاهه جا پٽ ۽ ٽيڊي موري کان وڃي پراڻ ۾ ڇوڙ ڪندو هو) جروارن جي حوالي سان ماستر غلام نبي جروار ٻڌائي ٿو ته الهرکيو خاصخيلي سرمست لغاري جي وفات ڪانپوءِ به سندس جاگير سنڀاليندو رهيو هن جي جروارن مان شادي ٿيل هئي. پوءِ الهه رکيو گذاري ويو ان ڪانپوءِ انجي گهر واري به گذاري ويئي

جنهنڪري سرمست لغاري جي جاگير سبب جروارن ۾ دلواٽين وچ ۾ ڦڏو ٿي پيو ڪيس ٽنڊو محمد خان جي ڪورٽ ۾ هليو .جروارن جو وڪيل ڏيول رام هو ڪيس جروارن کٽيو اهو دور حمل خان جروار ۽ لشڪري خان جروار جو هو (ڪورٽن جي حوالي سان ڏسجي ٿو ته اهو وقت انگريز دور جو آهي، هڪ اندازو آهي ته جروار 1850-1855ع کانپوءِ هت زميندار ٿيا آهن . لشڪري خان جروار حاجي محمد يوسف جروار جو ڏاڏو هو ان حاجي محمد يوسف جروار جو نئيي هوندي نالو امن هو جنهن سبب سندس ڳوٺ امن آباد ٻڌيو ۽ انڪري موجوده سمر سورهڏي واري اسٽاپ کي امن آباد چيو وڃي ٿو امن آباد ڳوٺ ۾ انٽر ميڊيٽ ڪاليج ۽ به مڊل اسڪول هڪ بوائز ۽ ٻيو گرلس آهي.

سائين غلام نبي جروار چوي ٿو ته جروار ذات جا ماڻهو انڊيا جي احمد آباد علائقي کان هن طرف آيا آهن ۽ ٻيا بلوچستان کان به هن طرف آيل آهن ميرپورخاص جي جرواري شاخ جروار عورت جي نالي سان سڏجي ٿي ان عورت جو گهر وارو ذات جو لاشاري هو .عورت پنهنجي مائٽن ۾ وڃڻ لاءِ اسرار ڪيو جنهن تي سندس مڙس منع ڪئي پر عورت وڏيڪ ضد ڪيو جنهنڪري سندس مڙس انکي قتل ڪيو ۽ دفن به جرواري شاخ واري هنڌ ڪيو .بعد ۾ اتان شاخ نڪتي ته ان عورت جي قبر جي ڪري ان شاخ کي نالو ئي جرواري ڏنو ويو سائين غلام نبي وڏيڪ چوي ٿو ته ڊاڪٽر غلام الله جروار جو والد بلوچ خان جروار، جيڪو جروارن ۾ پهريون ماستر هو، .هن جروارن جي تعليم کي ڪافي اڳتي وڌايو محمد رمضان جروار به هن جو هٿ ونڊايو. دوست علي جروار به ماستر هو فوڊ انسپيڪٽر احسان جروار جو والد سوائي خان جروار .جروارن جي ڪافي معاشي سهائتا ڪئي هئي گهڻن ئي نوجوانن کي روزگار ڏياريو هئائين، سوائي خان جروار پهرين ڪلرڪ هو پوءِ سپروائيزر ٿيو ۽ آخر ۾ ڊاريڪٽر جي پوسٽ تي وڃي پهتو هو .عبدالله خان بجر خان جروار جو پٽ هو (عبدالله کي گانڌي انڪري چيو ويو ته انکي داناءُ سمجهيو ويندو هو. ان ڪري هن کي چيو ويو ته هو اهڙو

هوشيار آهي جهڙو گانڌيءَ ڊاڪٽر محمد ايوب جو والد هيبت خان جروار سوائي خان جروار جو پاءُ هو جيڪو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو هو مامون محمد بخش جروار فلسفي سان دلچسپي رکي ٿو لال خان جروار ڪان صحافي احسان جروار تائين بلوچو ۽ عبدالحفيظ ڪان عبيدالله جروار تائين ۽ ماستر محمد علي جروار ڪان ماستر ممتاز جروار تائين هنن ۾ هڪ وڏو سڄاڻ طبقو آهي. نصرالله جروار جو والد تپيدار سليمان جروار سندس ڀاءُ شفيح محمد جروار جاني خان جروار ڪان وٺي عبدالقادر جروار تائين جي ماڻهن پنهنجي سٺي پوزيشن ٺاهي آهي. ڊاڪٽر غلام الله جروارن جو پهريون ڊاڪٽر بڻيو ۽ ان جي نياڻي ڊاڪٽر فرزانه جروار پهرين ليڊي ڊاڪٽرياڻي بڻي آهي.

ماستر غلام نبي وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته نارجو پوٺو ماڻڪ واهه جي ٽيل وٽ پٺاڻ واٽر ڪان ٽر تائين نارجو پوٺو هو اهو ڏاڏاهه جي پراڻن پڊن ڪان سڏائي ۾ 7_6 ميلن جي پند تي آهي، روڊ رستي وڃبو ته اهو پنڌ ڊبل ٿي ويندو هت بکو چانڊيو ديهه نه بلڪ ڳوٺ آهي ۽ ديهه ڊگ ۾ آهي ديهه ڪاري ڪپرلو به آهي .ديهه ڪيرول به آهي موجوده ادوڙي ٽيل ، آرائين ٽيل وارو علائقو اڳ سامين جو سرو سڏبو هو.غلام نبي جروار اهو به چوي ٿو ته ڳوٺ سورهڏي مير حاجي متاري وارن جو آهي .حاجي متاري ڪي به پٽ هئا هڪ مير محمد ٽالپر ۽ ٻيو مير حاجي جان محمد ٽالپر، هن تر ۾ پهريون اسڪول به ڳوٺ سورهڏي ۾ کليو هو (سورهڏي هاڻ مير عبدالحسن ، مير غلام شاهه، مير يار محمد ، ڊاڪٽر عبدالله ۽ مير اشفاق ٽالپر وغيره جي نالن سان سڃاڻپ رکي ٿي. هي مير علودي خانپور / ڪن واري جي اولاد ۽ خاناڻي ٽالپر آهن. انهن جا وڏا 1880ع ڪانپوءِ هن طرف آيا آهن.)

ماستر غلام نبي چوي ٿو ته ڏاڏاهه جو پڊ امير شاهه ڏاڏاهي جي نالي سان آهي ڪنهن وقت ۾ بڪيرا شريف ۾ قائم الدين شاهه(قلندر) رهندو هو هنجي پنهنجي پيڙ سان اڻبڻت هئي ۽ سندس پيڙ وٽ هڪ نوڪر هوندو هو امير شاهه جنهن کي اميرو به چيو ويندو هو.

هڪ دفعي اميري کي سندس مالڪيائي چيو ڪو پاڻي جو بلوڪر هاڻ تہ اڄ ٿا مرون. ڇاڪاڻ تہ ڳوٺ جي کوھہ تان قائم الدين شاهہ پنهنجي پيڻ لاءِ پاڻي وجڻ نہ ڏيندو هو. اميرو جيجان جي حڪم تي تلوار کڻي تيار ٿي کوھہ تي پاڻي ڀرڻ ويو رات جو وقت هو هن جئين پاڻي لاءِ کوھہ تي پونئري هلائي تہ آواز ٿيو جيڪو وڃي قائم الدين جي ڪنن تي پهتو هن پنهنجي ماڻهن کي هڪل ڪئي تہ وڃي ڏسو تہ اميرو کوھہ تان پاڻي ڀريندو هوندو سرزمين تي واقعي ائين هو پر اميرو تلوار ڏيکاري پاڻي ڀري هليو ويو. قائم الدين کي سندن همراهن اچي ٻڌايو تہ اميرو اسان کان زوري پاڻي ڀري ويو آهي جنهن تي هو ڪاوڙيو پوءِ ڪافي وقت اميرو قائم الدين جي منهن تي ڪونہ چڙهيو هڪ ڏينهن بڪيرا شريف جي گهٽين ۾ اتفاق سان هي ٻئي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون اچي ويا اميرو ڀيو ڪو گس نہ ڏسي وڃي قائم الدين جي پيرن تي ڪريو قائم الدين منهن تان جُهنڊ هٽائي ڏسي تہ اميرو پيرن تي پيل نظر آيس. هو اميري تي ڪاوڙ پر اميري چيس تہ مون ڏوھہ واقعي ڪيو آهي پر آئون تنهنجي ٻچن لاءِ پاڻي کڻي ويو هئس. ان ڳالهہ قائم الدين شاهہ جي اندر ۾ رحم آندو ۽ هن اميري جي پٺي ٺپري دعا ڏني .پوءِ اميرو نصير واهہ جي کوٽائي وقت ڪاٽي جو انچارج ٿيو جنهن سبب هن کي هر واٽر تي ٻني ملي سندس جاگير وڃي سلور موري لڳ دنگ ڪيو اهو ئي ڪارڻ هو جو اهو اميرو پوءِ سيد امير شاهہ جاگيردار جي نالي سان سڏجڻ لڳو ۽ اولاد جي ڪري ڏاڏو بہ سڏيو ويو ۽ پوءِ سندس ڳوٺ کي ڏاڏي جو ڳوٺ چيو ويو جنهن مان ڦري ٿيو ڏاڏاھہ .سندس جاگير سندس اولاد کپائي ڇڏي سندس ڳوٺ جو پڊ هاڻي ماضي جو نشان وڃي بچيو آهي. (شاعر مرتضيٰ شاهہ ڏاڏاهيءَ ۽ پناهہ شاهہ ڏاڏاهي بہ هن ڳوٺ جا آهن موجوده ڳوٺ ڏاڏاھہ ان کان ڪجهہ فاصلي تي ميمڻ جو آهي جيڪو پوءِ جو آهي.)

صوفي ماستر الهبچايو جروار بجر خان جروار جو پٽ آهي، هنن جو وڏو هسو فقير هو انڪري هي هسواڻي فقير سڏجن ٿا هنن مان اڳ هن تر ۾

مرادِ فقير آيو هو مراد فقير جو انڊيا ۾ ڳوٺ گودا هو جيڪو پوسٽ ميڻادر تعلقو ڏيودر ۾ ضلعو بناس ڪانٺا ۾ آهي هو اتي جو هو مراد فقير اڳ اڪثر انڊيا ڪان هن تر ۾ ايندو رهندو هو سيد راضي شاهه سان ويجهڙائي هوندي هئس پوءِ مراد فقير جڏهن انڊيا ۾ وفات ڪري ويو ته هنجي وصيت موجب هن جي ميت تابوت ۾ وجهي سنڌس ڏاچي (اُٺڻي) تي رکي ويئي ڪانڌي ساڻ ٿيا هاڻ جتي ڏاچي ويهي اتي مراد فقير کي دفن ڪيو ويندو .جڏهن جنازو تر ۾ پالوا ڳوٺ واري هنڌ پهتو ته ڪانڌي ٿڪجي پيا ۽ انهن تل ڪري ڏاچي کي اتي ويهاريو ۽ جيئن ميت وارو تابوت کولين ته خالي نظر آيو پوءِ توبهه تاب ڪري وري تابوت ڏاچي تي رکي اڳتي پنڌ شروع ڪين تان جو ڏاچي ڪارياڻي جي پٽ ۾ سرفراز واهه جي ڪنڌي لڳ اچي ويٺي اتي کيس دفن ڪيو ويو اڄ سنڌس قبو اتي موجود آهي جتي ساليانو ميلو لڳندو آهي.

مراد فقير جي ميت وقت راضي شاهه آخري دفعا ڪارياڻي جي طرف آيو هو ان کان اڳ هو سرمست لغاري کي پاراتا ڏيئي چڪو هو. راضي شاهه جي ڄمار ان وقت 50 سالن جي لڳ ڀڳ هئي. ان حساب سان مراد فقير جي وفات جو وقت تقريبن 1804ع ڌاري ٿيندو. جمڙاو واهه اڃا نه ٺهيو هو علي آباد شاخ به ڪونه نڪتي هئي تنهن وقت سرفراز واهه هتان جي ٻنين کي سرياب ڪري رهيو هو. صوفي ماستر الهبچايو جروار جا مائٽ پوءِ تقريبن 1947_48ع ڌاري انڊيا ڪان هن تر ۾ آيا ۽ ڳوٺ حاجي عبدالهادي پرڳڙي ۾ رهائش اختيار ڪين صوفي الهبچايو جروار مراد فقير کي پنجين پيڙهي ۾ آهي. صوفي الله الهبچائي جي نياڻي شاهه عبداللطيف جي رسالي جي حافظ آهي.

هاڻي سوال اهو آهي ته اهو علائقو ڪارياڻو ڪيئن ٿيو؟ هن جي ايراضي تعلقي ڊگهڙي تعلقي ماتلي ۽ تعلقي ٽنڊي باگي جي حدن ۾ اچي ٿي.

(712ع) ۾ محمد بن قاسم جو لشڪر نار جي پوٺي ۾ لٿو هو انجي مقابلي ۾ راجا ڏاهر جي فوج "ڪجي جت" وٽ ديهه بڪر چانڊيو ۾ لٿي هئي جنهن ماڳ کي عرب عالمن ڪجو جت بدران قاجي جات لکيو آهي ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ ڇهه ست ميلن جو مفاصلو هو پوءِ راسل جي صلاح سان عرب لشڪر نارائي مان نڪري اتر طرف ڏاڏاهه واري پٽ ۾ وڃي لٿو ۽ سندن مرڪز ڪاري ڪبرلي وارو پٽ هو جنهن بابت ماموئي فقيرن جو هڪ آڳوٽو بيت مليو آهي:

جهيڙو لڳندو ڇهه پهر ڪاٻرلي ڪاري

سک وسندي سنڌڙي مر مڇي ماري

(ڪاٺوڪمايومر_معموريوسفاڻي ص 44 سال 2005ع)

هڪ ته ماموئي فقيرن جو مٿيون بيت جيڪو پشينگوئي جيان لڳي ٿو سو اصل ۾ جنگ ڪانپوءِ جي منظرڪشي جي صورت ۾ چيل آهي ڇو جو شهيد مهاراجا ڏاهر جي شهادت جو وقت 10 رمضان 93 هجري مطابق 21 جون 712ع آهي ۽ ماموئي فقير ڄام نظام "ننڊو" سمون جي دور 1490ع جا آهن ۽ ٻيو ته راجا ڏاهر پوري سنڌ جو بادشاهه هو گرمين جي مُند ۾ لاڙ پٽ جي هن علائقي ۾ اچي وقت گذاريندو هو، ڇاڪاڻ جو هاڪڙو درياهه جنهن ۾ 2000 ق.م کان پاڻي گهٽجڻ شروع ٿيو هو پر مڪمل سڪو 1226ع ۾ آهي 712ع ۾ سٺي انداز ۾ وهي پيو تنهنڪري هت نارن جي صورت ۾ هاڪڙي جي ديلتا نظر اچي پئي هت پاڻي هو انڪري ساوڪ به جام هوندس.

هن علائقي لاءِ مهر ڪاڇيلوي پنهنجي ڪتاب "تاريخ ٿرپارڪر" جي صفحي 249 تي لکي ٿو ته (ڇچ نامي ۾ لکيل آهي ته جاهين بن برسايد راوت ديبل جي قلعي مان نڪري ايرندي مهراڻ جي ويجهو پهتو جنهنڪي ڪارمتي چوندا هئا، ڪارمتي جو مطلب "ڪاري مٽي" آهي اهو علائقو موجود ڏگهڙي ۽ صوفي آباد جي ڏکڻ ۾ 3 ميلن جي پنڌ تي آهي) مهراڻ

هاڪڙو درياءَ ئي آهي ان کي اُپرندو وهڪرو هو، پوءِ انهيءَ کي اپرندو مهراڻ به سڏيو ويو آهي.

هاڻ اهو جيولاجيڪل علم رکندڙ ماهر ئي ٻڌائي سگهندا ته عربن کي هت اچڻ وقت ڪاري مٽي جو نظر آئي ،سمنڊ جي گهميل هوائن جو اثر هو،هاڪڙي جي ڊيلٽا جي ڪري هو يا ٻيو ڪجهه.

بهرحال ان تان ئي هن علائقي تي ڪارياڻو جونالو پيو ڪارياڻو معنيٰ ڪارائجي ويل ، ڏونهاتيل وغيره باقي اهو چوڻ ته ڪاريه ذات جا ماڻهو هت رهندا هئا انڪري ڪارياڻو ٿو سڏجي اهو صحيح ناهي ،ڪاريه انڊيا جي چترڳڙهه علائقي جا راجپوت آهن ۽ 712ع ۾ اجا چترڳڙهه ۾ ئي ويٺا آهن جتان پوءِ شڪست کائي نڪتا هئا ڪاريه سنڌ ۾ ڪٿي به ايتري تعداد ۾ راڄ ٻڌي ويٺا ئي ناهن جو انهن سان منسوب ٿي ڪوَ علائقو ئي ڪارياڻو سڏجي پيو هتي هاڻ جروار ذات جي ماڻهن جا تعداد ۾ 90 کان مٿي ننڍا وڏا ڳوٺ آهن . انڪري به هي هاڻ جروارن جو ڪارياڻو سڏجي ٿو.شهيد شهادت جروار جو تعلق به ڪارياڻي جي پٽن سان آهي.

سومارشيخ لکي ٿو ته " هتي ڄاڻڻ گهرجي ته درياءَ سانگرا نصرپور کان هيٺ هلي ٻن شاخن ۾ ورهائجي وهندو هو. هڪ شاخ بدين ضلعي جي پراڻي شهر "جوڻ" کان لنگهي روپا ماڙي وچان مٽي وچي ڪوري نار ۾ ڇوڙ ڪندي هئي ،جنهن جو نالو آهي "درياءَ ريڻ " ٻي شاخ موجوده ميرپورخاص ضلعي مان ٿي تر جي پٽن ويجهو سومرن جي شهر ٻنگار وٽ دريا هاڪڙي سان گڏبي هئي".

(محمد سومار شيخ جو ڪتاب "بدين" ۾ محمد هاشم سومرو جو مضمون صفحي 51 سال 1982ع) ان مان خبر پوي ٿي ته نصرپور کان نڪري "جوڻ" لڳ ٻن حصن ۾ ٿي هڪ وهڪرو ،ميرپورخاص ضلعي جي پٽنَ مان لنگهي ٻنگار وٽ هاڪڙو ۾ ڇوڙ ڪندو هو اهو وهڪرو اڳ هاڪڙي درياءَ جو حصو هو جيڪو برهمڻ آباد واري پٽن مان ٿي سڏيرڻ ۽ راوڙ وٽان گذرندو هو سو وهڪرو هيٺئر به ڏگهڙي شهر جي اولهه ۾ پوندو.

(جمڙاو وارو هنڌ بہ ٿي سگهي ٿو). 1226ع کانپوءِ هاڪڙي جي سڪي وڃڻ ڪري اهو وهڪرو پوءِ سنڌو درياءَ ذريعي وهڻ لڳو هو ۽ جُوڻ کان بدين شهر ويندڙ وهڪري کي ريڻ چيو ويندو هو.

اهڙي طرح ڏکڙي جي اوپر مان گذرندڙ پراڻ کي ايرندو مهراڻ چيو ويندو هو عمرڪوٽ وارو حصو بہ نئون ڪوٽ کانپوءِ هن سان ملي ويندو هو . پهرين هي هاڪڙي درياءَ جا مختلف حصا هئا جيڪي ڪٿ الڳ تہ ڪٿ گڏجي وهندا هئا.

ان حوالي سان ٿي سمجهہ ۾ ايندو تہ ڏکڙي وٽان گذرندڙ پراڻ بہ ڪارياڻي جي اوپر ۾ آهي جنهن کي عربن ايرندو مهراڻ سڏيو هو. سڄي قصي کي سمجهڻ لاءِ سنڌ جا نقشا 100ع سال کان 750ع سالن تائين ۽ 1500ع کان 1700ع سالن وارا ڏسي سگهجن ٿا. جيڪي ايم.ايڇ پنهور صاحب جي ڪتابن ۾ آيل آهن.

۽ پيو ڪي بہ وستيون ڪنهن جي پٽ پاراتن سان ختم ڪونہ ٿينديون آهن اڳواڻ فردن جا رويا ، سماجي حالتون ۽ فطري بدلائو بستين جي ويراني يا آبادي جا مُک سبب ٿيندا آهن.

بقول سائين جي ايم سيد جي تہ "جيڪڏهن ڪو ملڪ ڪنهن جي دعا سان نهندو تہ بي ڪنهن جي بدعا سان ڦٽي بہ ويندو .انڪري اهڙي دعوي جو ڪوبہ وجود ڪونہ هوندو آهي."

۽ ناهي جروار هن تر تي قابض ٿيا آهن. بلڪ حالتن جي حساب سان ايڊجسٽ ٿي ويا آهن.

ڪارياڻي جا پير ڳڙي / لغاري

نصير واهہ تي ٿي لکي مور ٽپي جيئن ذڪڻ ۾ هيٺ لهبو تہ ٽوري ٿي وکن تي ساڄي هٿ تي هڪ پيو پڪو رستو نڪري ٿو جيڪو سڌو ڳوٺ عبدالهادي پيرڳڙي ۾ دنگ ڪري ٿو. ان ڳوٺ جي اوطاق تي مولوي محمد رفيق پيرڳڙي ۽ پين دوستن سان رهاڻ ٿي.

مولوي محمد رفيق ولد عبدالحق پرڳڙي جي پيدائش پهرين جنوري 1967ع اٿس. هو ٻڌائي ٿو ته هي ڳوٺ عبدالهادي پرڳڙي اصل ڳوٺ عبدالحق پرڳڙي آهي، جيڪو هتان ٿورو پرتي هو، هي پڻ اسان جي وڏي مبارڪ پرڳڙي جا آهن. باقي ڳوٺ عبدالهادي پرڳڙي 1977ع ۾ قائم ٿيو آهي. ۽ منهنجي وڏي ياءُ جي نالي سان آهي، جيڪو موجوده عبدالحق عرف حاجن پرڳڙي جو والد آهي. عبدالحق اصل ۾ اسان جي والد جو نالو آهي جنهن کي ٽي پٽ هئا ، هڪ عبدالهادي ، ٻيوعبدالباقي، ۽ ٽيو مولوي محمد رفيق ۽ اسان جي چاچي عبدالقادر پرڳڙي کي محمد رمضان ، ڪامريڊ محمد دين ، محمد نواز سيمت ستن پٽن جو اولاد هو.

مولوي رفيق چوي ٿو ته ڪلهوڙن جي دؤر ۾ اسان پرڳڙين کي ديهه ڪوڙي ۾ ڇهه هزار ايڪڙ زمين ملي هئي پوءِ ديهه ڪوڙي ۾ صاحب خان لغاري جي نالي سان ڳوٺ ٻڌو ويو ،جيڪو نقشن ۾ 64 ايڪڙن جي صورت ۾ موجود آهي، مولوي چوي ٿو ته لغاري خاندان پرڳڙي خاندان جي پاڻ ۾ رشتيداري هئي ۽ اهي لغاري صوفي صادق فقير جا پوئلڳ هئا ، ۽ ميرن جي دؤر ۾ صادق فقير ڪنهن لغاري همراهه جي دانهن کڻي ميرن وٽ حيدرآباد ويا هئا،. ميرن سياسي ڊپلوميسي جي ڪري صوفي صادق جي فرياد جو ڪو تدارڪ نه ڪيو. ان ڪري صوفي صاحب ڪاوڙ ۾ اچي ميرن ۽ لغارين کي پٽيو. ان ڪانپوءِ ٽنڊوغلام حيدر کان لڏي ديهه ڪوڙي ۾ ويٺل ڳوٺ صاحب خان لغاري جي رهواسين ،لغاري بجاءِ پرڳڙي سڏايو (مطلب اهي پرڳڙي ميرن جي دؤر جي آخر ۾ لغارين مان پرڳڙي ٿيا آهن)

ڪامريڊ محمد دين ولد عبدالقادر پرڳڙي جنهن جي تاريخ پيدائش جو سال 1953ع آهي. ڪامريڊ جو چوڻ آهي ته ماتلي کان تلهار ويندڙ رستي لڳ قائم ڳوٺ غلام حيدر جيڪو هاڻ هڪ تعلقو به آهي ،تنهن جو پورو نالو غلام حيدر لغاري آهي، اهو غلام حيدر لغاري اسان جو وڏو هو جنهن جي نالي اهو ڳوٺ ٻڌو هو. بلوچستان کان لڏي اچي اسان جي وڏن اهو

ڳوٺ ٻڌو هو پوءِ اتان لڏي ديهه کوڙي ۾ ڳوٺ صاحب خان ٻڌي ويٺا، آخر ۾ هي ڳوٺ عبدالحق پرڳڙي اچي ٻڌائون.

ڪامريڊ وڏيڪ چوي ٿو ته ضلعي بدين جي هن تر ۾ موجوده ڳوٺ حاجي ڏتل پرڳڙي کان وٺي ، پيا ننڍا وڏا پرڳڙين جا ڳوٺ ديهه کوڙي واري ڳوٺ صاحب خان لغاري جو تسلسل آهن. ۽ رئيس محمد هاشم ۽ سندس پٽ مشهور سياستدان رئيس خيرمحمد پرڳڙي وارا اصل هتان جا هئا 1912ع ڌاري لڏي جميس آباد ويا آهن. هو اهو به چوي ٿو ته اسان جي وڏي مبارڪ پرڳڙي جي خانپور / کن واري ميرمبارڪ ٽالپر سان دوستي هئي ، اڳ هت ڪو پرڳڙي وفات ڪري ويندو هو ته ان جي ميت کي خانپور جي طرف نيو ويندو هو. 1912ع کانپوءِ پرڳڙي ذات جي ماڻهن جا جنازا هِت مائي پاڳل درس فقير جي قبرستان ۾ دفنائجڻ شروع ٿيا آهن. اهو قبرستان سرفراز واهه جي لڳ آهي.

ڪامريڊ محمددين جو وڏيڪ چوڻ آهي ته سندن لغارين مان پرڳڙي بڻجڻ واري ڪٿا، ساڳين صوفي صادق فقير واري روايت سان منسلق آهي. ڪامريڊ چوي ٿو ته تنهن وقت ۾ لغارين جو تعداد ميرن جي فوج ۾ جهجو هوندو هو. انگريزن جي سنڌ تي ڪاهه لاءِ آمد هئي . ميرن تنهن مجبوري سبب صادق فقير جي دانهن جو تدارڪ نه ڪيو. جنهن تي صادق فقير ميرن کي پاراتو ڏنو ۽ انگريزن کي سنڌ پيلڻ جي دعوت ڏنائين .ڪامريڊ اهو به چوي ٿو ته اسان جي وڏن خوف مان ذات بدلائي ،۽ پرڳڙي ٿيا آهن. انهن کي اهو مشورو به صادق فقير ڏنو هو ته "توهان جا ناناڻان پرڳڙي آهن ,توهان ذات بدلائي پرڳڙي بنجي وڃو".

(ڳالهه سمجهه کان چڙهيو پئي وڃي ڏسجي ته "صوفي صادق فقير ميرن وٽ لغارين جي خلاف دانهن کڻي ويو هو ته لغاري هڪ عورت (ڍولي فقير جي گهر واري) زبردستي ڀڄاريو ويٺا آهن سا واپس ڪرايو" اهو ڍلو فقير هِن لغارين جو ماڻهو هو ته پوءِ لغارين مان پرڳڙي ٿيڻ لاءِ ڪهڙي

مجبوري هئي؟ ميرن وٽ فوج ۾ اڪثريت بہ لغارين جي هئي ، پوءِ ڊپلوميسي ڇا جي؟)

هڪ بيو واقعو ڪتابن ۾ مليو تہ "پيارو مگڻهار سائين صادق فقير جن وٽ آهر ، هاٽوڪي صوفي فقير ۾ حيدرآباد وارن ميرن تي دانهن کڻي حاضر ٿيو.......(پياري مگڻهار جي زال کي ميرن زبردستي ڪوٽ ۾ ويهاريو هو) فقير صاحب پياري مگڻهار جي داد رسائي لاءِ حيدرآباد جي ميرن ڏانهن پنڌ پيا پر ميرن فقير صاحب کي ٻانهن ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

ميرن جي ڏاڍ، جبر ۽ سلطني خمار جي زوال لاءِ پاڻ انگريز سر چارلس نيئپرکي ميرن جي حڪومت جي خاتمي لاءِ دعوت ڏيندي هي بيت ڏئي ميرن جي ظلم،جبر جو خاتمو آندو.

حيدرآباد ۾ هُل ٿيو رت وهي ٿي ريل،
پورا اچي پيل ساري سنڌ صديق چئي.

ميرن جي معافي وٺڻ تي پوءِ فقير هيٺيون بيت ڏنو.

ٽيلهو ٽالپرن جو هميشہ هوندو
اولون ٿي انگريز وڃان ويندو
هرڪو ائين چوندو تہ پورن پڄڻ لائيو

(آهيان اڱ آزل جي_مرتب صوفي بيدل ستاري_صفحو59)

ڇا اهو پيارو مگڻهار ڪوڙي جي پرڳڙي / لغارين جو ماڻهو هو؟ اهڙا بہ واقعا صوفي صادق فقير ۽ ميرن جي حوالي سان بيان ڪيا پيا وڃن.

هت ٻي ڳالهہ اها تہ بيشڪ انگريز وڃان اولون ٿي ويو پر ان کي پورا هڪ سئو سال لڳا، ۽ ٽيلهو ٽالپرن جو وري سنڌ جي اقتدار جي مسند تي ڪڏهن بہ ڪو نہ وينو.

اقبال جت جي لفظن ۾ هڪ ٻي راءِ بہ آهي تہ "ٿن همرائن تي تاريخي طور سنڌ ڌرتي جو ڏوهاري هجڻ ڪري ايف. آئي.آر اچڻ گهرجي ,هڪ چنيسر ,جنهن سنڌ لٽڻ لاءِ خلجين کي آندو ٻيو عبدالنبي ڪلهوڙو جنهن اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ مدد خان پٺاڻ کي آندو. ٽيو چاڪر خان رند جنهن

پنهنجي لالچ خاطر ارغونن کي سنڌ تي چاڙهي آندو". پوءِ جن انگريزن کي سنڌ ڀيلڻ جي دعوت ڏني سي بري ڪيئن ٿيا؟

ديهه کُوڙي جو لفظ "کوڙي" بڻائي ٿو ته اهو علائقو اڳ جت ذات جي ماڻهن جو هو ڇاڪاڻ جو جتين گهوڙن لاءِ اسطبل، مينهن لاءِ واڙا هوندا آهن تيئن اُٺن لاءِ کوڙي هوندي آهي.

ڳوٺ عبدالهادي پرڳڙي لڳ اڪبر پرڳڙي به رهي ٿو جيڪو همايون جو پُٽ ۽ عبدالقادر جو پوٽو آهي. هي هُونهار ۽ حَس مُک نوجوان آهي.

وڏيرو محمد هاشم ولد جمعو خان رمداڻ

هِن انٽرويو وٺڻ وقت وڏيري محمد هاشم جي عُمر تقريبن 83 سال جي لڳ هئي، پوءِ پاڻ گُردن جي تڪليف سبب سگهو ئي وفات ڪري ويا.

وڏيري محمد هاشم جو چوڻ هو ته سندن ڳوٺ 1890ع ڌاري آباد ٿيو هو ۽ صوفن شاهه يونين ڪائونسل ۾ منهنجو والد وڏيرو جمعو به چيئرمين ٿيو هو. وڏيري جي چوڻ موجب مير حاجي جان محمد ٽالپر ۽ سندس سئوٽ مير حاجي محمد حيات ٽالپر جن هڪ دفعو لوڪل اليڪشن ۾ هڪبئي جي آمهون سامهون بيٺا هئا. تنهن اليڪشن ۾ منهنجو والد جمعو خان رمداڻ، مير حاجي حيات ٽالپر جي مدد ڪئي هئي. جنهن تي مير حاجي جان محمد منهنجي والد کي چيو ٽالپر جي هو "وڏيرا، اِن عمل تي هڪ ڏينهن توکي پڇتاءُ ٿيندو."

هو چوي ٿو ته خاڪو مهر جي ڪنهن وقت ۾ هاڪ هئي، ابڙينگ به زميندا هئا، پر سندن ڪو گهڻو آثررُسوخ ڪونه هُئن. موجوده محمد علي قائمخاني وارو ڳوٺ، اصل ۾ بلگير سنگ جو ڳوٺ هو. محمد علي قائمخاني، يوسف قائمخاني جو والد هو ۽ ذوالفقار جو ڏاڏو هو. سنجر سينهڙي پرڳڙين کي پنهنجي زمين وڪي هئي. وڏيرو چوي ٿو 1901ع ۾ بيماري جي صورت ۾ هڪ ويا پئي هئي، جنهن ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ به ڪافي.

ماٺهو مُٺا هئا. وڏيري جمعي جو باغ جيڪو 200 ايڪڙن تي هو وڏو مشهور هو. اهو باغ 1957ع لڳرايو ويو هو ۽ 2000ع ڌاري ختم ٿي ويو هو. اسان جي ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول تقريبن 1952ع ۾ ٺهيو هو اُن وقت هِتي ماستر الياس مقرر ٿيو هو. وڏيري جمعو خان جي وفات 1989ع ۾ ٿي آهي. وڏيري جُمعي رمداڻ جي والد جو نالو آجو خان رمداڻ هو.

وڏيرو هاشم رمداڻ رنگين مزاج شخص رهيو هو. ۽ هو چئي ٿو تہ ڏگهڙيءَ شهر ۾ شراب جي گُٽي تي ڏهہ روپين ۾ وڏي بوتل شراب جي اڳ ملندي هئي، ۽ اُن شراب جو رنگ ڳاڙهو هوندو هو. اهو گُٽو (وائن شاپ) مندر واري گهٽيءَ ۾ اڳوڻي پنساري جي دُڪان وٽ هو. هو چوي ٿو تہ اڳي وقت ۾ اسان جي هڪ هزار روپيہ ڪٽي حيدرآباد گُهمڻ لاءِ ويندا هئاسين تہ سڀ مزا ماڻي پوءِ ڳوٺ ايندا هئاسين تہ بہ پئسا بچندا هئا.

وڏيري محمد هاشم رمداڻ جي پُٽن ۾ راجا رمداڻ مرحوم، مختيارڪار دلبر رمداڻ، سڪندر رمداڻ، منظور رمداڻ، ايوب رمداڻ ۽ ديدار رمداڻ اچي وڃن ٿا.

سندس فرزندن جي نالن مان ئي وڏيري هاشم جي شوق جي پرک پئجي وڃي ٿي.

ابڙينگ

عبدالرزاق ابڙينگ جوچوڻ آهي تہ ابڙينگ اصل لاڙڪاڻي جي شاهہ پنجو درگاهہ واري علائقي کان ڏگهڙي جي طرف لڏي آيا آهن. ۽ اندازن ڪلهوڙن جي دؤر ۾ هت آيا آهن.

ابڙينگن جو وڏو ڏاڏو بجر ڏگهڙي لڳ موجود ابڙينگن جي ڳوٺن جي پٻڻ واري هنڌ لڏي آيو هو. ان بجر ابڙينگ کي گل محمد ابڙينگ نالي پُٽ هو ان ئي گل محمد ابڙينگ کي سرائي سلطان ابڙينگ نالي پٽ ٿيو هو جيڪو سرائي سلطان پوءِ راڄن جا فيصلا ڪندو هو.

عبدالجبار ابڙينگ جو چوڻ آهي ته ابڙينگ ديري غازي خان کان سنڌو ڏگهڙي لڳ موجوده سنڌن ڳوٺن واري هنڌ آيا هئا. (ممڪن آهي ته ابڙينگ ديري غازي خان کان لاڙڪاڻي جي طرف آيا هجن، پوءِ ڏگهڙي لڳ اچي آباد ٿيا هجن) بحرحال ابڙينگ زميندار رهيا آهن ، سنڌن نالي سان پورو تپو "ابڙينگ" سڏجي ٿو. ۽ تعليم ۾ وڏي تعداد رکن ٿا. شهزاديءَ رپ جو علائقو به ابڙينگ تپي ۾ اچي ٿو. رزاق ابڙينگ اهو به چئي ٿو ته ايم.آر.ڊي تحريڪ دوران 1983ع ۾ ڳوٺ شاهه محمد ابڙينگ ۾ وڏيري شاهه محمد وٽ فاضل راهو آيو هو. جنهن تي ڳوٺ وارن شاهه محمد جي مخالفت ڪئي هئي.

عبدالجبار ابڙينگ وڏيڪ چوي ٿو ته جلال ۽ الهيار ڀاڻ ۾ ڀه ڀاءُ هئا. جلال وڏو ۽ الهيار ابڙينگ ننڍو هو. جلال ابڙينگ کي حاجي عبدالرشيد ۽ گل شير ابڙينگ نالي پٽ ٿيا هئا. حاجي عبدالرشيد کي وري پنج پٽ ٿيا هئا .جن مان چئن کي والاد ٿيو هو ۽ هڪ پٽ بي اولاد رهيو هو.انهن چئن پٽن جو نسل اڄ به توهان کي ڳوٺ جلال ابڙينگ ۾ نظر ايندو. شهيد عبدالقدوس ابڙينگ جو تعلق ان ڳوٺ سان هو جنهن جي شهادت 18 نومبر 1989ع بروز ڇنڇر تي ٿي هئي.

موجوده وقت ۾ عبدالشڪور، عبدالباري عبدالرؤف ۽ عبدالسلام ابڙرينگ جا نالا اچي وڃن ٿا.

ڳوٺ جلال ابڙينگ ڏگهڙي کان ننڍو جان محمد روڊ تي ڪجهه پنڌ تي واقع آهي ان ئي علائقي ۾ ابڙينگن جا ٻيا به ننڍا ڳوٺ آهن.

ابڙينگ، ابڙو ذات جي نک آهي، ابڙا سما آهن.

ڳوٺ خاڪو مهر

ماستر محمد شريف مهر جيڪو دلاور مهر جو پٽ ۽ گلاب مهر جو پوٽو آهي. هاڻ نوڪري مان رٽائير آهي سندس تاريخ پيدائش 1944ع آهي.

محمد شريف مهر چوي ٿو تہ هن ڳوٺ جو اصل نالو الهڏنو مهر هو جيڪو بعد ۾ خاڪو مهر سڏجڻ لڳو. هتي اڳ صرف مهرن جا ٽي گهر رهندڙ هئا. هو وڌيڪ چوي ٿو تہ ميرن جي دؤر ۾ هت مهر ذات جا ڪجهہ وڌيڪ ماڻهو آيا جن هن ڳوٺ کي اچي آباد ڪيو.

محمد شريف جو چوڻ هو تہ خاڪو مهر سنڌ جي عام وڏيرن وانگر هو خاڪو مهر جي والد جو نالو ٿارو خان ۽ چاچي جو نالو الهہ رکيو مهر هو جيڪو سکيو هو زمين بہ الهہ رکيو وٽ هئي خاڪو مهر ٻاهر ويندو هو تہ اڪثر خرچ چاچي کان وٺندو هو. لوس جي بيماري هن ڳوٺ ۾ محمد شريف جي چاچي سان گڏ ٻين ماڻهن کي بہ موت جو شڪار بڻايو هو.

مهرن جي هن ڳوٺ ۾ چيني نسل جا گهوڙا هوندا هئا جيڪي وڏي هاڪ رکندا هئا خاص طور تي علي محمد شاهہ جو گهوڙو جيڪو سڄي سنڌ ۾ مشهور هو.

انهن گهوڙن کي چيني انگريز چيو ويندو هو جو گهوڙن جي پُڇ وٽ ٽن پٽن جا نشان هوندا هئا. محمد شريف ٻڌائي ٿو تہ مولوي حاجي مراد علي مهر جيڪو مدرسو هلائيندو هو وڏو سخي انسان هوندو هو ۽ حاجي خادم مهر جو پڙ ڏاڏو هو. حاجي مراد علي زميندار هو ۽ خاڪو مهر بہ زميندار هو. وڏيرو خاڪو مهر 4 جون 1957ع تي وفات ڪري ويو.

وڏيرو عظيم مهر وڏن ماڻهن سان دوستي رکڻ جو شوقين هو پ-پ جو تعلقي ڏکڙي جو صدر پڻ رهيو هو. ذوالفقار علي ڀٽي سان ويجهڙائپ هُيس عظيم مهر جي حوالي سان اهو مشهور هو تہ جڏهن خادم علي شاهہ کي ضلعي ٿرپارڪر جو صدر چونڊيو پئي ويو تہ هن ذوالفقار علي ڀٽي کي چيو هو تہ " اسان توهان کان ضلعي جو صدر گهريو هو اداڪار وحيد مراد ڪونہ گهريو هو " عظيم مهر ڪنهن جي بہ اڳيان پنهنجي ڳالهہ رکڻ جو هنر سٺي ريت ڄاڻندو هو.

الطاف ولد دريا خان مهر جو چوڻ هو تہ جڏهن جنرل ايوب جي مارشلا جو دؤر هو ۽ پي پي پي تازو جنم ورتو هو تہ هن تر ۾ پي پي پي جو جهنڊو

پهرين اسان جي ڳوٺ ۾ لڳايو ويو هو. هو اهو به چئي ٿو ته ذوالفقار علي ڀٽي ڊگهڙي ۾ موجوده هائير سڪنڊري گرلس اسڪول جي جاءِ وٽ جلسو ڪيو هو. تڏهن ڄام صادق علي به هن سان گڏ هو. تقرير هلندي مائڪ بند ٿي ويو هو ته ڀٽي مخصوص لاڙڪاڻي واري انداز ۾ چيو هو ته " ڏسو تاران ٿي لتان" ته ڪوڻ اچي ويا آهن.

ڊگهڙي ۾ مشهور آهي ته ان جلسي ۾ پنهنجي ليڊر جي مداح هڪ بنجارا ذات جي عورت پنهنجي ليڊر سان ملڻ چاهيو ته ان کي روڪيو ويو هو. جنهن تي ذوالفقار علي ڀٽي چيو ته ڇڏيو ته ڀلي اچي. محمد شريف مهر هڪ قابل استاد ٿي رهيو سندس نوڪري جي هون ته شروعات 1962ع ۾ ڇوهڙجمالي لڳ ڳوٺ لاڏيون ۾ اسڪول جي پهرين استاد تحت ٿي هئي . اها نوڪري هن کي ايجوڪيشن ڊپارٽمنٽ ضلعي حيدرآباد ۾ ڪلارڪ سوائي جروار وٽرائي ڏني هئي. نوڪري صرف ڇهه مهينا هلي پوءِ محمد شريف کي فارغ ڪيو ويو. پوءِ سائين شريف مهر مليريا پروگرام ۾ نوڪري ڪئي جيڪا 1969ع ۾ ڇڏي ڏنس ۽ وري 1970ع ۾ ماستر بڻيو ۽ آل رائونڊر هو. سائين جو اهو به چوڻ آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ غلام محمد مهر نالي حڪيم هو جيڪو لالچي نه هو. ڪچ پچ ۾ جڏهن ڏڪار پوندو هو اتان جا ماڻهو سنڌ ايندا هئا ۽ هن اسان جي ڳوٺ ۾ به اچي رهندا هئا.

ماستر محمد شريف مهر ڊگهڙي هاءِ اسڪول ۾ نوڪري دوران فارغ وقت ۾ سٽي موڊ ۾ هئڻ دوران هڪ عورت جي خوبصورت تصوير ٺاهيندو هو. جيڪا دلو ڪٽي بيٺل هوندي هئي سندس شاگرد ۽ همعصر استاد ان ڳالهه جي گواهي ڏين ٿا.

ماستر محمد عيسيٰ ولد
عطاالله ڪوري

هن جي تاريخ پيدائش 1972-01-02 آهي.

هُن جو چوڻ هو تہ ڏگهڙي لڳ ٽنڊو جان محمد روڊ تي سندن هي ڳوٺ 150 سئو سال پراڻون آهي يعني اهو انگريز دؤر ۾ 1863ع ڌاري آباد ٿيو هوندو.

سندن وڏو ڏاڏو جيندو خان هو ۽ ان کان بہ وڏو مصري هو. (هي ڪوري اصل ذات جا دائود پوٽا آهن.)

جسڪاڻي

ماستر قربان جسڪاڻي جيڪو هاڻ رٽائير ٿي چڪو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ اسان اصل ڪوٽ ڏيجي ۾ ويٺل هئاسين اتان لڏ پلاڻ ڪري ڏگهڙي لڳ مير واره روڊ جي اوير ۾ ۽ ڳوٺ سونهري جي لڳ اچي ويٺاسين.

ڪوٽ ڏيجي مان اسان جي لڏڻ جو وقت 1880ع ڌاري آهي. اسان پهرين ميرواه لڳ ڪوٽ غلام محمد روڊ تي واقع ڪوٽ ميرڻ (مير جي لانڊي) ۾ اچي آباد ٿياسين ۽ 12 سال اُتي رهياسين ۽ 1892ع ڌاري موجوده ڳوٺ ۾ لڳ سونهري اچي رهياسين.

ڏاڏو صوبيدار خان، ٽارو خان ۽ هن جا پٽ محمود خان، دين محمد خان ۽ نورنگ فقير جي صُورت ۾ هت آيا هئاسين. خيرپور جي تڙ مان لڏڻ جو اصل مقصد ميرن (ٽالپرن) جون بيگرون رهيو هو.

سائين قربان چوي ٿو تہ سنڌن وڏن جي اچڻ کان اڳ ۾ ٿي ڳوٺ سونهري ۾ ولي محمد شاھہ ۽ طاهر شاھہ وارا رهندا هئا. ماستر قربان جسڪاڻي ڪامريڊ مصطفيٰ رضا مرحوم جي ويجهن رفيقن مان رهيو آهي.

قربان جسڪاڻي عام ڪچهرين ۾ اڪثر اهي ٻول ٻوليندو رهيو آهي تہ"مولا ماڏروي جو مُلڪ گهماءِ" يعني هندستان جو سير ڪراءِ . هو هڪ خوش طبيعت ۽ سنجيدھہ شخيصت رهيو آهي . سنڌس دوستن ۾ نانو حاجي خاصخيلي ۽ مرحوم ڪالي خان ٽالپر جوڙ رهيا آهن. مامي شفيع سومرو جي هوٽل تي سنڌن ڪچهريون ڪنهن کان ٿيون وسرن.

ماپاره

جنهنکي مهاپارو يا مهپارو بہ چيو ويندو آهي.اُتان جو امام بخش ڪلوئي ولد شيرمحمد ڪلوئي جنهن جي تاريخ پيدائش 06 آڪٽوبر 1938 آهي. پاڻ رٽائرڊ روينيو ملازم آهي. هُو چوي ٿو تہ مهاپارو هن علائقي جو نالو آهي عمرڪوٽ طرف بہ هن نالي جو هڪ هنڌ موجود آهي. هو چوي ٿو تہ يونين ڪائونسل خدابخش ۾ ڪلوئي خاندان جي ماڻهن جا ننڍا وڏا 80 کن ڳوٺ آباد هوندا. امام بخش ڪلوئي اتي ڳوٺن ۾ ڪلوئين جي آبادي 10000 کن ٻڌائي ٿو (پر اسان کي ڪلوئين جي آبادي 10000 هزارن کان گهٽ لڳي ٿي) امام بخش ڪلوئي اهو بہ چوي ٿو تہ جڏهن ڏگهڙي ۾ مير / ٽالپر اچي آباد ٿيا هئا تنهن وقت هي ڪلوئي مهاپاري جي پٽن تي آيا آهن. هن جو چوڻ هو تہ سنڌ اندر ڪلوئين جو تعداد ڪو وڏو ڪونہ هو ميرن جي صاحبي جي وقت ۾ اڪثريت رکندڙ برادرين کي وزارتون ڏنيون پئي ويون پر ڪلوئين جو تعداد گهٽ هجڻ ڪري انهن کي وزارت نہ ملي جنهن تي هڪ ڪلوئي همراھہ ميرن وٽ ويو ۽ وزارت جي گهر ڪيائين."ميرن وراڻيس توهانجي ذات جي ماڻهن جو تعداد گهٽ ٻڌايو ويو آهي " ڪلوئي همراھہ موٽ ۾ چيو مونکي هڪ گهوڙو ڏنو وڃي تہ آئون پوري سنڌ مان منهنجي ذات جا ماڻهو گڏ ڪري توهانکي ڏيکاريان. پوءِ

ڪلوئي همراھ مختلف ذات جي ماڻهن کي پيسا ڏئي هڪ ڏينهن لاءِ ڪلوئي ٻڌايو هو تن ۾ چانڊيا ، خاصخيلي، جسڪاڻي وغيره سميت ٻين ذاتن جا ماڻهو اچي ويا هئا. امام بخش چوي ٿو تہ تن مان پوءِ گھڻن ڪلوئي ٻڌجي رهڻ بهتر سمجهيو ۽ پوءِ هو هميشہ لاءِ ڪلوئي سڏائيندا رهن ٿا.

مهاپارو اڳ رئيس شيرخان ڪلوئي جي حوالي سان سڃاتو ويندو هو پوءِ رئيس دريا خان ڪلوئي جو دور آيو دريا خان جي وقت ۾ پوليس مهاپاري ڳوٺ ۾ ان جي اجازت کانپوءِ ايندي هئي ۽ دريا خان جي دور ۾ ڪلوئي ذات جا مرد ٽولن جي صورت ۾ ڏگھڙي شهر ويندا هئا. رئيس درياخان ڪلوئي جووقت خاڪو مهر ۽ بالوخان ڪلوئي وارو ساڳيو آهي. مهاپارو ڳوٺ ۾ ڪلوئي ذات جا ماڻهو ٻن حصن ۾ رهن ٿا ذڪڙ واري طرف رئيس محمد خان ڪلوئي جا وڏا رهندا هئا ۽ اتر واري پاسي حاجي اميربخش ڪلوئي وارا جيڪي امام بخش ڪلوئي جا وڏا هئا رهندا هئا . ان پاڙي ۾ عبدالخالق ڪلوئي بہ هو جيڪو پڙهيل لکيل شخص هو.رئيس دريا خان ڪلوئي لاءِ روايت هئي تہ هو سخي قسم جو شخص هو اوطاق سني هلائائين باقي تعليم وغيره لاءِ ڪابہ خدمت ڪونہ هيس .امام بخش ڪلوئي خودڪاري دڙي ۾ هڪ مولوي وٽ شروعاتي تعليم ورتي هئي. امام بخش چوي ٿو تہ شاھ محمد ڪلوئي انب موري وارو وڏو باجي نواز هو. هو پيرن سان باجو وڄائڻ جي مهارت رکندو هو.بانسري بہ سني وڄائيندو هو هن وٽ سندس ڳوٺ ۾ سنڌ سطح جا فنڪار ايندا رهندا هئا.

موجوده وقت ۾ رئيس محمد خان ڪلوئي جيڪو رئيس جعفر خان جو پٽ آهي محمد خان جو ڏاڏو رئيس آدم خان جو پاءُ هو.محمد خان چوي ٿو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ حاجي ملان خاصخيلي قرآن شريف پڙهائيندو هو. هو اهو بہ چوي ٿو تہ سندن وڏو رئيس دريا خان ڪلوئي الله توڪل شخص هو رب انجي غيبي مدد ڪندو هو . انب موري جا ڪلوئي، ڳوٺ جيئو خان جا ڪلوئي ڳوٺ ابراهيم خان جا ڪلوئي سني مهاپارو سان سلهاڙيل آهن فردن ۾ ماستر ابوبڪر ڪلوئي ،ڊاڪٽر محمد ايوب ڪلوئي ، ماستر سليم

ڪلوئي PST، اڳوڻو ڪائونسلر غلام رسول ڪلوئي ڊگهڙي ۾ سيلون جا دڪان هلائيندڙ محمد شريف ڪلوئي، رازق ڏنو ڪلوئي ماستر محمد يوسف ڪلوئي، سميح ڪلوئي ، دوست علي ڪلوئي ۽ امير علي ڪلوئي وغيره پنهنجي هڪ سڃاڻپ رکن ٿا. ڪلوئين جي سيد راضي شاهه لڪياري سان ٽُپ ڪانه پئي، توڙي جو ڪلوئين جي اڪثريت اُن جي مُريد رهي آهي.

سرڪاري رڪارڊ ۾ اهو لفظ ماپارو (MAPARO) آهي. اصل ۾ هي فارسي لفظ "ماه پاره" آهي ماه معنيٰ چنڊ ، پاره معنيٰ ٽڪرو. " چنڊ جو ٽڪرو"

مهاپاره عمرڪوٽ ضلعي جي هڪ ديهه جو نالو آهي، اتي خاصخيلين جو هڪ ڳوٺ ان نالي سان آهي.

ٽنڊوجان محمد

ٽنڊوجان محمد جو باني مير جان محمد بهاراڻي ٽالپر هو جنهن کي سخي مير جان محمد به چون .مير جان محمد بن سعيد خان بن جيئند خان بن بهار خان ٽالپر .مير بهار ٽالپر ميان وال فقير ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو مريد هو. مير بهار خان ٽالپر جو اولاد بهاراڻي سڏجي ٿو.(بهاراڻي کي بهراڻي به چون) .

سخي مير جان محمد ٽالپر جو والد سعيد خان بهاراڻي ٽالپر ڪلهوڙن جي دور ۾ جاگيردار هو. ميجر گولڊ سمڊ لکي ٿو ته " ميرحسن علي خان بهراڻي ٽالپر مونکي ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي هڪ سند سال 1191ھ بمطابق 1777ع جي لکيل ڏيکاري آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هن جو ڏاڏو مير سعيد خان ٽالپرن جي فوج ڪشي کان اڳ (ڪلهوڙن جي دور ۾) ديري دار هوندو هو.

جڏهن ميرن جو دور آيو تڏهن سنڌ جي والي مير فتح علي خان ٽالپر (1198 هه 1217هه _ 1783ع_1802ع) هن خاندان جي مرتبي موجب سخي مير جان محمد خان کي مڪان ڳرهڙ تعلقي ڏکڙي جي ٽي هزار ميربيگهه (نيپئرن 2196 بيگها) ڄاگير جي سنَد عطا ڪئي هئي. انهي جاگير ۾ پوءِ مير جان محمد خان بهاراڻي ٽالپر پنهنجي نالي سان "ٽنڊوجان محمد" تعمير ڪرايو.

سخي مير جان محمد ٽالپر جي والد ميرسعيد خان ۽ ٻين بهاراڻي ٽالپرن جا عبدالرحيم گرهوڙي سان ويجها تعلقات هئا ۽ گرهوڙي خواجه محمد زمان لنواري واري جومريد ۽ خليفو هو تنهن ڪري انهي (گرهوڙي) جي چوڻ تي بهاراڻي ٽالپر ۽ ٻيا ماڻهو انهي علائقي (ٽنڊوجان محمد) جا درگاهه لنواري جا مريد ٿيا. سخي ميرجان محمد ٽالپر مٿيءَ جي ڪچي "ٽلهي" تي ويهندو هو جيڪو اڄ به موجود آهي. انهيءَ ٽلهي کي عام طور "سخي جو ٽلهو" چيو ويندو آهي .سخي مير جان محمد ٽالپر سن 1248هجري بمطابق 1832ع تي وڏي ڄمار ۾ وفات ڪئي.سندس آخري آرمگاهه خدا داد ڳوٺ خواجه سڏا ٽوره قبرستان ۾ آهي.سندس پٽ ميرحسن علي خان کي ميجر گولڊ سمڊ جي تجويز موجب برطانوي سرڪار 28 مارچ 1861ع ۾ ديهه ڳرهڙ ۾ 2196 بيگهه ۽ پراڻ جي ڪناري 146 بيگهه ايراضي واري جاگير بحال ڪري سنَد ڏني هئي. ميرحسن علي خان بهاراڻي ٽالپر 1295 هجري بمطابق 1878ع ۾ وفات ڪري ويو هو.

ميرحسن علي کي ٽي پٽ هئا. هڪ ميراحمد خان، ٻيو مير خدابخش خان ۽ ٽيو ميرمحمد خان .سندس پٽ ميراحمد خان کي ميرحاجي جان محمد خان ثاني نالي پٽ هو جيڪو 1338 هجري بمطابق 1919ع ۾ وفات ڪري ويو هو ان مير حاجي جان محمد ثاني کي ٻه پٽ هئا هڪ مير حاجي قادربخش وفات 1356هجري ۽ ٻيو ميرحاجي احمد خان وفات 1370هجري مطابق 1951ع.

ميرحسن جي ہي پٽ مير خدابخش خان کي ٻہ پٽ هئا،هڪ مير حاجي عبدالله خان وفات 1370هجري، ٻيو مير حمزه خان، وفات 1352هجري مطابق 1933ع ميرحسن علي جي پوٽي ان مير حاجي عبدالله خان کي مير حاجي خدابخش خان بهاراڻي ٽالپر نالي پٽ هو جنهن جي وفات 1395هجري مطابق 1975ع ۾ ٿي هئي. تنهن جو ميرحسن علي ٽالپر پڙڏاڏو هو (ان مير حاجي خدابخش ٽالپر نالي سان ٽنڊوجان محمد شهر ۾ ڪاليج اسڪول ۽ راند جا ميدان آهن)

(سچڻ ڏنو جڻ جوٽيچو سائين بخش قبولاٽي جلد ٻيو ص 122 کان 128، آگسٽ 2010ع)

مير حاجي خدابخش ٽالپر جي سخاوت جو اُهڃاڻ اهي عمارتون اڄ بہ ٽنڊوجان محمد شهر ۾ نظر اچن ٿيون ان کان علاوه ٽنڊوجان محمد ۾ سٽيزن ڪلب آهي ،جنهن اندر "پراڻ لائبريري" آهي جتي هڪ پريس ڪلب بہ آهي .اهو شهر ٽنڊوجان محمد تعليمي شعور جي لحاظ کان ڏگهڙي کان اڳتي محسوس ٿئي ٿو. اُتي راڳ رنگ جون محفلون بہ سجنديون آهن، راند روند کي وسعت مليل آهي ان شهر سان ٿي زاهد ڪنير ۽ سيد منظور حسين شاهہ لکياري واسطو رکن ٿا. جيڪي جاکوڙي ليکڪ آهن. جن ڪئين هن تر جا لکل پاسا توڙي فرد عيان ڪيا آهن. ٻئي ملنسار ۽ پلوڙ شخصيتون آهن .ساڻن گڏ نم نازُ بہ هوندو آهي جيڪو پڻ سنو شاعر آهي. ٽنڊوجان محمد لڳ آمري جو قداور قبرستان پراڻ ڪنڌيءَ تي واقع آهي جيڪو 1026ع کان بہ اڳ جو آهي ، ماموئي فقيرن جون قبرون بہ ان قبرستان ۾ ملن ٿيون. ٽنڊوجان محمد ڏگهڙي جي ذڪر ۾ پندرانهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي جهڏو ويندڙ روڊ لڳ واقع آهي ۽ حالتن جي ايپاس مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهو شهر ڏگهڙي توڙي جهڏي کان پهرين قائم ٿيو آهي.

اڄ اتي قاضي فيض الله ساند، مير جاني، صحافي لالچند مالهي، حاجي محمد مگٹهار مير ظفرالله، مير اعجاز ماستر غلام قادر قمبراڻي، الهڏنو

خاصخيلي، استاد ايوب قائمخاني، سيٺ رياست قائمخاني، بابو افتخار آرائين، افتخار گاندي، سيد منظور شاهه، زاهد ڪنيار، نمر ناز ۽ ٻيا ماڻهو رهن ٿا.

گرهڙ

ڪرهل کي مقامي زبان ۾ گرهڙ چيو ويجي ٿو. گرهڙ ٽنڊوجان محمد جي ميرن جي جاگير ۾ اچي ٿي. ڪرهل جو ذڪر چچ نامي ۾ به آهي.

(تاريخ ٿرپارڪر_ مهر ڪاڇيلوي_ اردو)

ڳوٺ بکر چانڊيو

اهو ذڪر اڳ به ڪري آيا آهيون ته ڪرهل (گرهڙ) واري پٽ ۾ محمد بن قاسم جو لشڪر نارائي نالي ماڳ ۾ لٿو جيڪو ماڳ نارنديءَ (هاڪڙو ـ پراڻ) جي ڊيلٽا وارو هنڌ آهي، جتي نار نديءَ ڪيترن ئي شاخن ۾ ورهائجي سمنڊ ڏانهن وهي ٿي، جئين ڳاهي جي نار، ڪنڍي جي نار، آمر جي نار ۽ ڪولاڇي جي نار وغيره. ان سڀني جو مرڪز"نار جو پوڻو" مشهور آهي.جتي لشڪر لٿو هو محمد بن قاسم جي مقابلي ۾ راجا ڏاهر جي فوج "ڪجي جت" وٽ ديهه بکر چانڊيو ۾ لٿي هئي. جنهن ماڳ کي عرب عالمن ڪجو جت بدران "قاجي جات" لکيو آهي. ٻنهين لشڪرن جي وچ ۾ 6_7 ميل مفاصلو هو. پوءِ راسل جي صلاح سان عرب لشڪر نارائي مان نڪري اتر طرف ڏاڏاهه واري پٽ ۾ وڃي لٿو ۽ سندن مرڪز ڪاهڙلي وارو پٽ هو. جنهن بابت ماموئي فقيرن جو هڪ آڳاٽو بيت ملي ٿو ته :

جهڙو لڳندو ڇهه پهر، ڪاهڙلي ڪاري،
سڪ وسندي سنڌڙي، مرمچي ماري.

(ڪاٺو ڪمايوم_ معمور يوسفاڻي_ ص_ 44 سال 2005ع)

ان ۾ جيڪو ديهه بکر چانڊيو جو ذڪر آهي، ان نالي سان هڪ ڳوٺ بکر چانڊيو (بکو چانڊيو) جيڪو ٽنڊوباگو جهڏو روڊ تي موجود آرائين ٽيل

موري جي ڏکڻ ۾ 8_7 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي، جتان پنگريو طرف به وڃي سگهجي ٿو.

اهو ڳوٺ بکر چانڊيو جتان 49_1948ع ۾ منهنجو ڏاڏو هوشو شيدي ولد ڏاهڻو شيدي لڏي ڏگهڙي جي طرف آيو هو. انگريزي هو بکي چانڊيي جا شيدي سڏيا ويا ۽ اڳيان هلي بکائي ٻڌجي ويا. هن وقت ڏگهڙي شهر جي وارڊ نمبر هڪ ۾ بکائي پاڙو به موجود آهي، هوشو شيدي ڏگهڙي لڏي آيو هو. هوشو شيدي جو نالو مون تي رکيل آهي. پر مونکي عام طور تي هوشو شيدي جي بجاءِ اڪرم قمبراڻي سڏيو وڃي ٿو. هوشو شيدي کي رمضان شيدي نالي پاءُ هو جنهن جو نالو هوشو جي وڏي پٽ محمد يوسف عرف شير جي پٽ تي رکيل آهي محمد يوسف جي ٻين پٽن ۾ محمد قاسم، محمد رفيق ۽ شفيع محمد اچن ٿا ۽ نائي مستري (رازو) محمد مريد شيدي اٿس..

اُهو هوشو شيدي ڏگهڙي اچڻ کانپوءِ ڪجهه وقت لاءِ دونهاو شريف به لڏي ويو هو پر وري موٽي واپس ڏگهڙي آيو هو.اُن هوشو شيدي جا چار پٽ ۽ هڪ نياڻي ڏگهڙي ۾ وفات ڪري ويا آهن، ان هوشو شيدي جون به شاديون هئيون، پهرين گهر واريءَ مان به هڪ پٽ الهداد ۽ هڪ نياڻي هئس. پاڻ به اُنهن کان اڳ ڏگهڙي ۾ گذاري ويو هو. سندس پوٽاڻ ۽ ڏوهٽاڻ ڏگهڙي ۾ رهي ٿو.

سيد منظور حسين لکياري ۽ زاهد ڪنيار

تاريخ 27 جولاءِ 2013ع تي آئون ۽ اقبال جت ڏگهڙي کان ٽنڊو جان محمد روانا ٿياسين. اسان جي منزل سيٽزن ڪلب ٽنڊو جان محمد هئي، جيئن ئي اسان سيٽزن ڪلب وٽ پهتاسين ته سيد منظور حسين شاهه لکياري اُتي موجود پريس ڪلب جي ورانڊي ۾ اخبار پڙهندي نظر آيو. اسان ساڻس ملياسين ۽ اچڻ جو سبب ٻڌائي ساڻس گڏ ئي ويهي رهياسين. منظور شاهه فون ڪري زاهد ڪنيار کي پڻ اُتي اچڻ لاءِ چيو. ايتري ۾ اسان جي سيد منظور حسين شاهه سان ڪچهري شروع ٿي وئي . ڪچهري جو موضوع سيد راضي شاهه لکياري ، معمور يوسفاڻي ، ۽ خاناڻي ٽالپرن جو

ڳوٺ خانپور / کن رهيا. ڪچهري هلندي زاهد ڪنيار به اچي ويو. ان دوران مظهر مهر جن به اچي اسان سان ويٺا. ڪچهري ۾ ذاتن تي به بحث ٿي رهيو هو. سيم نالن جو به ذڪر هلي رهيو هو. درياءَ پراڻ جي قدامت به ذڪر هيٺ آئي پئي. ۽ خاص طور سيد راضي شاهه لڪياري تي آيل به ڪتاب "مهراڻي جو مير" ۽ ان جي جواب ۾ آيل "راضي شاهه جو رسالو" بحث هيٺ رهيا پئي.

ڪتاب "مهراڻي جو مير" سيد منظور شاهه ۽ زاهد ڪنيار وارن گڏ جي مرتب ڪيو آهي. جنهن ۾ ولي سروري جو مضمون "رڙهه تون راضي شاهه ڇئي" آيل آهي.

اسان جو چوڻ هو ته پئي ڪتاب جي آٽينڊڙ راضي شاهه ثاني لڪياري وارن کي ان مضمون تي اعتراض آهي ته اهو مضمون ولي سروري جو لکيل ئي نه آهي. جنهن تي زاهد ڪنيار ۽ منظور شاهه جو چوڻ هو ته ان مضمون جي هڪ ڪاپي اسان وٽ آهي ته پئي ڪاپي راضي شاهه ثاني لڪياري وارن وٽ هئي. اهو مضمون ولي سروري جو ئي لکيل آهي همراهه اجايو اعتراض ڪن پيا.

راضي شاهه ثاني لڪياري جي ڪتاب جي آخر ۾ لڪياري سيدن جو شجروءِ پڻ ڏنل آهي. جيڪو سيد موليڏنو شاهه لڪياري کان شروع ٿئي ٿو. جنهن تي سيد منظور حسين شاهه لڪياري جو چوڻ هو ته سيد موليڏنو شاهه لڪياري اهو پهريون ماڻهو هو جيڪو خانپور ۾ ميرن (ٽالپرن) وٽ آيو هو. ان وقت پاڻ جوان هئا. ۽ خاناڻي ميرن کان روزگار لاءِ ڪم گهريو هُن پيو ڪو ڪم نه هئڻ ڪري، ميرن کين وراڻيو ته پيو ڪو به ڪم نه آهي البته اسان جو مال (مينهيون/ ڍور وغيره) آهن، اُهي پلي وڃي چار. اهڙي طرح لڪياري سيدن جو سلسلو اُن تر ۾ اڳتي وڌيو. پوءِ منظور شاهه سيدن جي ڪجهه ڪرامتن جو ذڪر ڪري ٿو. ۽ اڳتي هلي اهو به چئي ٿو ته عام ماڻهن جو لاڙو سيد موليڏنو شاهه ۽ سندس سوٽ ڏانهن وڌڻ ڪري، مير (ٽالپر) سيدن کان مال چارڻ ڇڏائي ڪجهه ٻنيءَ پوکڻ لاءِ ڏين ٿا. سيد منظور شاهه وڌيڪ ڪرامتي روايتون ٻڌائيندي چئي ٿو ته هڪ وقت اهڙو به

اچي ٿو جو سيدن جو سنو فصل ٿئي ٿو. ۽ ٽالپرن جو فصل اُن سال بنهي ڪونه ٿو ٿئي. ڪجهه مُاٿهو ٽالپرن جا ڪن پرين ٿا ته سيدن کان فصل مان آڏ وٺو. سيدن کي سڏايو وڃي ٿو ۽ کين چيو وڃي ٿو ته هن سال اسان جو فصل ماڳهين ڪسو ٿيو آهي. توهان جي فصل مان آڏ اسان کي ڏيو جنهن تي سيد چون ٿا ته پهرين ته اها واعدي خلاف ڳالهه آهي ته اسان کان فصل جو اڌ گهريو پيو وڃي. بيو ته اسان جو فصل ٿيو ئي ناهي!! جنهن تي بيا همراهه ٽالپرن جا ڪن پرندي چون ٿا ته سيد غلط چئي رهيا آهن. هنن جو فصل صفاءَ پلو ٿيو آهي. ٽالپر فيصلو ڪن ٿا ته ڪجهه ماڻهو مقرر ڪري فصل اکين سان ڏٺو وڃي جاٽايل ماڻهو جڏهن سيدن جي فصل واري هنڌ پهچن ٿا ته پورو فصل غائب هجي ٿو صرف ڪانا ۽ ڏڀ ان جاءِ تي موجود هجن ٿا (ان سچي عمل کي سيدن جي ڪرامت سان ڀيٽيو وڃي ٿو)

سيد منظور حسين شاهه ۽ زاهد ڪنيار جن علم دوست ماڻهو آهن هنن ٻنهين جون فقير بشير لغاري صاحب سان ڪافي ڪچهريون ٿيون آهن. هي ٻئي معمور يوسفاڻي صاحب کي پنهنجو استاد چون ٿا معمور يوسفاڻي صاحب جو فرزند ڊاڪٽر اسد جمال پليءِ سندن نه رڳو دوست آهي پر علمي جاکوڙ ۾ به هڪٻئي جو پڻ ساٿ ڏيندا رهيا آهن ٿي ، وي چينل ڪي، ٽي ، اين جو جاکوڙي صحافي فيض کوسو پڻ هنن سان ڪافي ٽي وي پروگرام ڪري چڪو آهي.

زاهد ڪنيار درياءَ پراڻ تي پنڌ هلي "پراڻ جا پير" ڪتاب لکيو آهي.

زاهد ڪنيار جو اهو به چوڻ هو ته هاڻ معلوم ٿيو آهي ته ٽنڊو جان محمد لڳ موجوده ڳوٺ خدا آباد جا مير به اصل خانپور/ کن جا آهن.

سيد منظور حسين شاهه جو اهو به چوڻ هو ته اسان لکيارين جا سنڌ ۾ ٽي نڪاٽا رهيا آهن. هڪ دادو پرسان لڪي جبل جي پر، جنهن ڪري لکياري ٽياسين بي ٽالپرن جي خانپور ۾ ٽيو دونهائو شريف آهي.

(پر ڏٺو وڃي ته لکياري سيدن جا سنڌ ۾ ٽي نه بلڪ وڏيڪ نڪاٽا آهن.)

جهڏو شهر يا جهڏي گودام تي ويچار!

رسالي ڪارونجهر ۾ ماڳن مڪانن جو شاندار تاريخي ڇاڻ ڇيڻ وارو سلسلو انتهائي ساراهه جوڳو عمل آهي ۽ ڪارونجهر جي پهرئين پرچي ۾ نور حسن هوت صاحب جو مضمون "جهڏو گودام" سندس زبردست محنت ۽ معلوماتي ڪوشش آهي پر تاريخن جو ڪجهه تضاد مونکي نظر اچي ٿو. سو آئون پنهنجي سمجهه آهر توهان سان اوريان ٿو.

نور حسن هوت شهر جهڏي لاءِ لکي ٿو ته "هي قديم ۽ تاريخي شهر 17 صدي عيسوي ۾ ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ قائم ٿيو. 1901ع واري نقشي موجب جهڏو پهريائين ڳوٺ محمد خان ٽالپر جي نالي سان هڪ ڳوٺ هو. سندس نالي سان محمد خان ٽالپر پرائمري اسڪول اڄ پڻ موجود آهي چون ٿا ته مير نصير خان ٽالپر خيرپور رياست کان آيو هو. ۽ انهي اچي جهڏي شهر جو بنياد رکيو هو. "هاڻ جي پاڻ خيرپور رياست جو جُڙڻ ۽ اتان لڏي اچي جهڏي شهر ٻڌڻ وارو وقت مير نصير ٽالپر جو ڏسنداسين ته خبر پونديءَ سڀ کان پهرين اهو ته سنه 1601ع صدي کان سنه 1700ع صدي تائين واري وقت کي 17 صدي چئبو آهي ۽ 1701ع کي 18 صدي چئبو آهي. جنت السنڌ جي صفحي 383 تي ڄاڻايل آهي ته " ميان يار محمد ڪلهوڙي کي سنه 1701ع ۾ مغيله دربار کان سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ پروانو مليو. هي ڪلهوڙن جي ڪاميابي جو پهريون دؤر هو" يعني 18 صدي جي اول ۾ ڪلهوڙا دؤر شروع ٿيو. ڪتاب "ڪليات ناز" جي صفحي نمبر 03 تي پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد "حامي" ڄاڻائي ٿو ته مير سهراب خان مير شهداد خان جي ٻئي نمبر فرزند مير چاڪر خان جو وڏو پٽ هو" ۽

صحفي 02 تي اهو بہ لکي آيو آهي تہ "مير شهداد خان 2 رجب 1147 هجري مطابق 1734ع تي وفات ڪئي ۽ سندس وڏو پٽ مير چامر نندو ڪلهوڙن جو سپهہ سالار ٿيو" اهو وقت 18 صدي جي اڌ جي ويجهو اچي ٿئي ٿو ٽالپرن هالاڻي جي جنگ 1782ع ۾ ڪلهوڙن کان کٽي، سنڌ تہ فتح ڪري ورتي هئي، پو حيدرآباد جو قلعو ڪلهوڙن جي جرنل (قلعيدار) شالمين شيدي کان احمد دايو هٿان ٻہ سال پوءِ خالي ڪرائي سگهيا هئا.

خيرپور رياست جي حاڪم مير سهراب خان لاءِ ڪتاب "ڪليات تاز" ٻڌائي ٿو تہ" ستاويهہ سال شان ۽ شوڪت سان حڪومت هلائي 1811ع ۾ گوشہ نشين ٿي وينو ۽ پنهنجي پڳ وڏي پٽ مير رستم خان جي حوالي ڪيائين"۽ خيرپور رياست ۾ مير پائرن اندر مير علي مراد جي سبب آئبت وڏي ويل هئي جنهن جي انگريزن سان قربت هئي تنهن وقت فرنگين جي سنڌ تي قبضي لاءِ آمد آمد هئي. مير علي مراد مير سهراب جو ننڍو پٽ ۽ مير رستم جو ننڍو ڀاءُ هو مُولائي شيدائي "سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا" جي صفحي 281 تي لکي ٿو تہ مير سهراب خان کي آخر عمر ۾ سنہ 1815ع ۾ هڪڙو پٽ مير علي مراد خان ڄائو.

جولاءِ سنہ 1830ع ۾ خيرپور واري محلات جي دري مان ڪرندي مير سهراب وفات ڪئي. مرڻ مهل پنهنجي ننڍي پٽ جي ٻانهن پنهنجي پٽ مير مبارڪ جي حوالي ڪري ويو "۽ صفحي 309 تي لکي ٿو تہ" 19 جولاءِ 1838ع ۾ مير مبارڪ وفات ڪري ويو هو. مير علي مراد خان جيڪو پائرن جا سور دل ۾ سانڊي وينو هو تنهن موقعو ڏسي انگريز ريزيڊنٽ ڪپتان راس بيل کي پنهنجي ڦايل زمين لاءِ درخواست ڪئي. راس بيل معاملي کي گورنر جنرل جي ڪائونسل کي پيش ڪيو.

جنهن صورت ۾ انگريز ڪابل جي مُهم ۾ رڌل هئا. ان حالت ۾ ريزيڊنٽ کي حڪم مليو تہ معاملي کي دوستانہ نموني ۾ ٽاريندو اچي مگر خانداني اندروني بغض ڪري مير علي مراد، مير رستم ۽ مير مبارڪ جو پٽ مير نصير خان تفنگ ۽ ترارين سان پاڻ ۾ ڳنڍجي پيا" پوءِ معاملو

نونهاري معاهدي ذريعي قرآن شريف تي حل ٿيو هو. هاڻ جڏهن جهڏي وارو مير نصير خان مير مبارڪ خيرپور واري جو پٽ آهي ته 1838ع ۾ پنهنجي والد جي موت وقت خيرپور رياست ۾ نظر اچي پيو يقين پوءِ پاڻ ۾ ٿيندڙ جهيڙن کان بيزار ٿي جهڏي واري موجوده سر زمين جي طرف آيو هوندو.

نور حسن هوت جو جهڏي شهر لاءِ وڏيڪ اهو لکڻ ته "ڪنهن زماني ۾ هي شهر وڏو ڪاروباري مرڪز هو جيئن ته پراڻ درياءَ جي ڪپرن تي ٻيڙين جون قطارون لڳل رهنديون هيون. مختلف هنڌن تي بندرگاهه به هئا جيئن ته پراڻ ندي ونگي پتڻ واري علائقي کان هيٺ شڪور ڍنڍ هندستان ويندو هو پراڻ ندي جڏهن زور شور سان وهندي هئي ته ان تي شهر آباد ٿيڻ لڳا. جن مان جُهڏو به هڪ آهي.... پراڻ درياءَ تي ڪاروبار ٻيڙين ذريعي ٿيندو هو. ايندڙ ويندڙ واپاري سامان گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو گدام هو. جنهن جا نشان اڄ به کنڊرات جي صورت ۾ موجود آهن. تنهنڪري جُهڏي کي اڳي ماڻهو گدام چوندا هئا"

ڳالهه صفا چٽيءَ پٽي آهي ته انگريزي لفظ Go Dawn (گو ڊان) مان اهو لفظ ڦري ٿيو آهي گدام. نور احمد ميمڻ جي ڪتاب "قديم سنڌ جي تاريخ" جي صفحي 620 تي ايم ايڇ پنهور صاحب پنهنجي مقالي ۾ سنڌ ۾ ريل راهن جا سرڪاري انگ اکر ڏيندي ڏسي ٿو ته " جمڙاؤ کان جهڏو ريل پٽڙي 18 اپريل 1909ع ۾ 49.96 ميل وڇائي وئي هئي. اهڙو ذڪر نور حسن هوت خود به تاريخن جي حوالي سان پنهنجي ڪالم ۾ ڪري ٿو. آئون اهو چوڻ چاهيان ٿو ته تڏهن ريل رستي سامان آڻڻ ۽ نيڻ لاءِ جهڏي ۾ گدام جڙيو هوندو. جنهن گدام جو جهڏي شهر تي نالو پئجي ويو هوندو. ڪتاب وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته "1 جون 1935ع ۾ جهڏي کان پٿورو 30.60 ميل وڌيڪ پٽڙي وڇائي ويئي هئي" جنهن مان نظر اچي ٿو ته پوءِ نئوڪوٽ وغيره جون ريل اسٽيشنون آباد ٿيڻ سبب جهڏي وارو گدام پنهنجي اهميت وڃائي ويٺو هوندو ڇاڪاڻ جو ٿر سيمت هن سموري علائقي جو مرڪز سامان جي

حوالي سان جهڏو گدام رهيو هوندو. ريل اڳتي ويئي تہ جهڏو گدام غير اهم ٿي ويو هوندو.

پيو تہ پراڻ درياهہ هاڪڙي جو حصو آهي ڪتاب "سنڌ جي پيرائتي ڪٿا" جو چوٿون نمبر نقشو هُن جي مڪمل شڪل واضح ڪري ٿو ۽ ماموئي فقيرن جا بيت اروڙ شهر جوذڪر ڪن ٿا. اروڙ هاڪڙي درياهہ جي ڪنڌي تي واقع هو تہ سنڌ جا تاريخدان هاڪڙي درياهہ جو سُڪڻ 1226ع ڌسين ٿا. يعني 13 صدي، پوءِ جيڪو پراڻ درياهہ ۾ پاڻي ايندو رهيو آهي. سو سنڌو درياءَ ۾ آبڪلاڻي جي صورت ۾ روهڙي وٽان وهي ايندو هو. 1819ع جي زلزلي ۽ پوءِ انگريز دؤر ۾ سنڌو درياهہ تي بئراج تعمير ٿيڻ سان هاڪڙي / پراڻ درياهہ کي پاڻي کان محروم ڪري ڇڏيو هاڻ صرف طوفاني برساتون پراڻ درياهہ کي واهن ٿيون.

واضح هجي تہ 1819ع جي زلزلي وارو دؤر ڪلهوڙن جو نہ بلڪ تالپرن جو آهي ۽ ريل پٽڙي جهڏي لاءِ 1909ع ۾ انگريزن جي دؤر ۾ آئي آهي جنهن لاءِ گودام تعمير ٿيو هوندو پيو تہ ڪتاب جنت السنڌ جي صفحي 484،483 تي آهي تہ "مير فتح علي ئي هو جنهن سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهايو هو. پهريون حصو پنهنجي عزيزن لاءِ رکيائين جنهن جون حدون ڪراچي کان سيوهڻ تائين ڊيگهہ ۾ هيون ۽ ويڪر ۾ اهو ٽنڊوالهيار کان کير ٿر جبل تائين هو ٿر جو سرحدي علائقو بہ هن سان شامل هو هي سرڪار شهداداڻي سڏبي هئي، حيدرآباد سندس تخت گاهہ هو. پيو حصو شاهہ بندر کان وٺي چوڙ تائين هو ذڪڻ ۾ ڪڇ جي رڻ کان وٺي اتر ۾ موري تعلقي تائين هو. سو مير ٺاري خان جي حوالي هو. هي سرڪار ماڻڪاڻي سڏبي هئي .سندس تختگاهہ ونگي ۾ ڪيتي هو. ٽيون حصو ٽر ۽ موري کان اُباوڙي، روجهاڻ ۽ سيوهڻ تائين مير سهراب خان جي حوالي ڪيو ويو. هي سرڪار سهراباڻي سڏبي هئي. سندس تخت گاهہ احمد آباد (ڏيجي) هو. پوءِ خيرپور تخت گاهہ مقرر ٿيو "مولاٽي شيدائي صاحب وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ" مير سهراب خان هاڻوڪي ڏيجي جو ڪوٽ ٽڪري مٿان اڏائي مٿس تويون

رکايون ۽ مٿس احمد آباد نالو رکيو هو. پوءِ ٽونارين کان هاٿوڪي خيرپور شهر واري زمين خريد ڪري خيرپور شهر تعمير ڪرايو“.

هاڻ جڏهن پاڻ نورحسن هوت صاحب جو اهو موقف تسليم ڪنداسين تہ جهڏو شهر مير نصير خان خيرپور رياست کان لڏي موجوده پٽن تي شهر اچي ٻڌرايو آهي تہ پاڻ پهرين خيرپور رياست جو ڄُڙڻ يا ميرن (ٽالپرن) جو سنڌ اچڻ جو درست وقت ذهن ۾ رکون پوءِ ئي جهڏي شهر جي قدامت جو صحيح اندازو ٿي سگهندو۽ پيو تہ ٽالپر 18 صدي يا اُن کان پوءِ هِنن پٽن تي آيا آهن. تنهن وقت پراڻ ڳنڊي تي ڪو پيو ڳوٺ تہ اُن وقت هوندو پر ميرمحمد خان ٽالپر ڳوٺ بعد ۾ قائم ٿيو هوندو. چاڪاڻ جو 17 صدي ۾ مير هَت نہ آهن.

(هي خط اقبال جت جولکيل آهي جيڪو سلسلي وار ڪارونجهر ۾ شايع ٿيو هو جنهن کي جهڏي شهر جي قدامت جي حوالي سان هت پيش ڪيو ويو آهي، جئين ايندڙ مورخ کي جهڏي شهر جي تاريخ لکڻ لاءِ آساني ٿئي.)

ڪامريڊ غلام محمد لغاري

ڪامريڊ غلام محمد لغاري جي ”آپ بيتي“ اردو ٻولي ۾ لاهور مان ڇپيل آهي جنهن جو چونڊ احوال هت پيش ڪجي ٿو.

ڏگهڙي تعلقي ۾ مراد علي مهر جو مدرسو هو مراد علي مهر زميندار ديندار ۽ نيڪ دل انسان هو.

ٽارل شاهہ نالي همراه پنهنجي مريدياڻي کي پڇائي ويو هو. اهو اُچ واري پيرن جي نالي سان مشهور هو ۽ ڪاڇيلي اسٽيشن جي اولهہ ۾ ڳوٺ هئس، اُتي ٽارل شاهہ جو هر سال ميلو بہ لڳي ٿو. مولانا محمد الياس پرڳڙي، مراد علي مهر جي مدرسي ۾ پڙهائيندو هو تقريبن هڪ سئو پنجاهہ طالب پڙهندا هئا.

ڪامريڊ غلام محمد موجب فارسي جي تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ مون مراد علي جي ان مدرسي ۾ عربي جي تعليم به حاصل ڪرڻ شروع ڪئي ان زماني ۾ اسڪول کولڻ جي مخالفت ته عام طور تي سنڌ جا سيپ وڏيرا ڪندا هئا، مگر ان وڏيرن ۾ خاڪو مهر پنهنجي مثال پاڻ هو عوام تي ظلم ڪرڻ ۽ بي دردي سان پيش اچڻ جو ڪوبه موقعو هٿان نه ڇڏيندو هو.

ڪامريڊ چواڻي ته منهنجي ڳوٺ فقير غلام علي لغاري ۾ مولوي حاجي محمد لغاري عرف مولوي عبدالڪريم صاحب هڪ مدرسو کوليو انڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ رهڻ جي وجه سان آئون به ان مدرسي ۾ داخل ٿيس، ان زماني ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ڏگهڙي ۾ مختيارڪار هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي مدرسي ۾ ايندو هو.

ڏگهڙي جا اسلم چوڌري ۽ شير محمد لغاري هٿ خاڪسار تحريڪ جاسالار هئا. هي 1940ع جو ذڪر آهي. ڪميونسٽ انقلابي ڪامريڊ هيرا لال جيڪو بي، اي پاس هو ۽ ڪامريڊ غلام محمد کي ملتان جيل ۾ آي، بي، سي(ABC) سيکاري هئس. ڪامريڊ ملتان جيل مان 1943ع ۾ آزاد ٿيو هو.

ڪامريڊ "مدائي غريب" اخبار ڪڍڻ چاهي پر نه ڪڍي سگهيو ان زماني ۾ ڪانگريس جي طرفان ڏگهڙي شهر ۾ هڪ وڏو جلسو ٿيو جنهن ۾ "جئي ڀارت" رسالي جي ايڊيٽر مهاشي هوت چند آسناڻي سان ڪامريڊ جي ملاقات ٿي هئي. ڪامريڊ غلام محمد لغاري مسڪين ماڻهو هو انڪري پنهنجي هٿن سان هارين جي حقن جا پمفليٽ لکي ڳوٺن ۾ پاڻ وڃي ورهائيندو هو ديوارن تي لڳائيندو هو ۽ ڳاڙهو جهنڊو به پنهنجي هٿ ۾ رکندو هو.

1945ع جي آخر ۾ ٿيڻ واري لوڪل بورڊ اليڪشن ۾ به حصو ورتس، غربت سبب اليڪشن ۾ ضمانت لاءِ پيسا جمع ڪرائڻ جي توفيق نه هئس، انڪري پنهنجي گهر واريءَ جي نٿ هڪ سئو روپين ۾ وڪڻي ضمانت جا پيسا جمع ڪرايس.

بلگير سنگهه وارن ڪامريڊ جا نامزدگي فارم پري جمع ڪرايا جنهن سبب سائين جڙيل شاهه به ڪامريڊ وٽ آيو ۽ پيا مير، پير ۽ سيد ٽنڊوجان محمد جي اُميدوار مير فتح خان سان گڏجي مون کي هٿ ڪٺائيڻ لاءِ آيا هئا. اهو مير فتح خان اسان سان گڏ لاهور هلڻ کان لنوائي ويو هو جتي مون کي 2 سال جيل آئي هئي. هو به اسان جو خاڪسار هو پر منهنجي سامهون بيٺل هو ۽ منهنجي والد کي ڌمڪيون پڻ ڏنيون هئن.

آخر اليڪشن ختم ٿي، ۽ جڏهن نتيجو سامهون آيو ته مير فتح خان جنهن کي پنهنجي ڪاميابي تي ناز هو هن اليڪشن ۾ هارائي ويو ان جي مقابلي ۾ چوڌري غلام حسين ڪامياب ٿيو ڪامريڊ پاڻ به هارائي ويو ڪامريڊ غلام محمد لغاري، تعلقه ڏگهڙي تعلقه جيمس آباد، تعلقه ميرپورخاص ۽ تعلقه سامارو تي مشتمل صوبائي اسيمبلي جي ٽڪ واري اليڪشن ۾ به اُميدوار طور بيٺو جتي سندس سامهون، امام بخش خان ٽالپر ۽ رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي جن مان غلام مصطفيٰ پرڳڙي ڪامياب ٿيو.

1946ع ۾ روينيو ڪمشنر چوڌري نظير احمد مستحق هارين کي پوکڻ لاءِ زمين ڏني پئي ۽ عمرڪوٽ تعلقي ۾ ڪامريڊ غلام محمد لغاري کي به تعلقي عمرڪوٽ جي ديهه باراني ۾ 24 ايڪڙ زمين ملي، جيڪا نبي سر ريلوي اسٽيشن ويجهي هئي. 47، 1946ع جي اسيمبلي جي چونڊن کانپوءِ ڪامريڊ مستقل نبي سر روڊ ۾ رهڻ لڳو.

(ڪامريڊ غلام محمد لغاري جي "آپ بيتي" صفحي 16 کان 60 تائين "اردو")

ڳوٺ علي محمد پيٽي

ماستر قربان علي پيٽي جي جمڻ جي تاريخ 5 اپريل 1966ع آهي. سندس والد محمد موسيٰ پيٽي ٻڏي فقير جو پوٽو ۽ محمد حسن پيٽي جو پٽ هو.

قربان چوي ٿو ته اسان جا وڏا بهاولپور کان سڌو هت آيا ۽ هي ڳوٺ "علي محمد پيٽي" ٻڌي ويٺا. سندس چوڻ آهي ته هي ڳوٺ انگريزن جي سنڌ

اچڻ کان اڳ قائم ٿيو آهي. انگريز دؤر ۾ جڏهن سرڪار ڏگهڙي جي مختيار ڪار آفيس (1908ع) ۾ ٺهرائي پئي ته ان جي ڪم جي نگراني تي علي محمد ڀٽي کي مقرر ڪيو ويو هو.

هو وڏيڪ چوي ٿو ته اسان جي ڳوٺ ۾ اڳ ٽر جا ماڻهو لابارن مزدوري سانگي ايندا هئا. جڏهن لوس جي بيماري پئي (1918ع) ۾ ته ان ۾ قربان جو ڏاڏو ۽ ڏاڏي گذاري ويا هئا.

قربان اهو به چوي ٿو ته حيدر بخش جتوئي جڏهن هاري اڳواڻ هو تڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ به آيو هو. هو اهو به چوي ٿو ته اسان جي ڳوٺ لڳ موجوده ڳوٺ غازي خان چانگ اڳ بلگير سنگ جو ڳوٺ هو.

هون ته قربان ڀٽي ڏگهڙي هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر آهي پر اتي فسٽيئر، انٽر جا ڪلاس هلن ٿا ان تحت سندس پرنسيپل واري دعوي کي به مان ڏجي ٿو. هو خد کي پروفيسر چورائڻ ۾ لکڻ پسند ڪن ٿا. جڏهن ته سندن اصل پوسٽ ايس، ايس جي آهي جنهن کي ايڊمنسٽر جون ذميواريون نڀيون ڏيئي سگهجن.

بهرحال هو طبيعت ۾ مانيٽو ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪيس وٽ آيل مهمان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندو آهي. هاءِ اسڪول جي سار سنڀال تي مٿس ڪوڙ آڱريون به کجنديون رهيون آهن. پر سندس پروگريس ڪافي بهتر آهي پاڻ تضاد جي زمري ۾ انڪري اچن ٿا جو پنهنجي نوڪري ۾ سياسي اثر جو رنگ ڪجهه گهڻو شامل ڪري ويا آهن. پر ڪن به ڇا؟ هن زماني جو هاڻ دستور به اهو ٿي ويو آهي.

چاند ماڙي_ لياقت آباد

ڏگهڙي شهر کان تقريبن سوا ٽي ڪلوميٽر اُيرندي طرف ويندي ڪوٽ غلام محمد روڊ جي اُتر ۾ ريل جي پٽڙي لڳ ٽيهه پنجٽيهه گهرن تي مشتمل آرائين برادري جو هڪ ڳوٺ واقع آهي، جنهن کي چاند ماڙي (لياقت آباد) چون.ان ڳوٺ جو حاجي محمد علي ولد دين محمد آرائين،

جنهن جي تاريخ پيدائش 1930ع آهي ۽ پاڻ ڍگهڙي شهر ۾ موجود عزير پيٽرول پئمپ واري سيٺ محمد اڪرام آرائين جو مامون آهي.

حاجي محمد علي جو چوڻ آهي ته ڳوٺ چاند ماڙي اصل ۾ ارباب تاج محمد نهڙيو جيڪو ارباب امير حسن جو والد هو انهي جي اوطاق هئي. ۽ ان جي زمين جيڪا 14 بلاڪن جي صورت ۾ هت هئي، ۽ پوري جي پوري آباد هئي.

محمد علي چوائي ته اسان جا وڏا هت آيا هئا ۽ ارباب وٽ اچي هاري ڪيو هئن. پوءِ انگريز سرڪار هڪ اعلان ڪيو هو ته بئراجي زمين ڏيڍ جي صورت ۾ سرڪار ٿر ۾ انهن کي زمين بيٽي (ڊبل) ڪري ڏيندي، جنهن سبب ارباب هتي جي 14 بلاڪ زمين سرڪار کي ڏيئي ٿر ۾ ڊوڏاري جي طرف 28 بلاڪ زمين ورتي. تڏهن ارباب اسان جي ماڻهن کي به چيو هو ته توهان اسان سان گڏ ٿر هلو ته اسين توهان کي به زمين ڏياريون ٿا پر اسان جا وڏا ٿر جي طرف نه ويا. ۽ ارباب اصل هئا به ٿر جا. جيڪي 1928ع ۾ ڍگهڙي کان واپس ٿر موٽي ويا ۽ سندن ڇڏيل هت 14 بلاڪ زمين سرڪاري ٿي پئي جيڪا پوءِ انگريز سرڪار اُها زمين اسان جي وڏن کي ڏني جن پنهنجي برادري ۾ ورهائي.

هن ڳوٺ چاند ماڙي ۾ انگريز دور ۾ هڪ مٽيءَ جي دڙيءَ هوندي هئي. جتي ڍگهڙي ٿاڻي جي پوليس پي، چوٿين ڏينهن اچي نشاني بازي (فائرنگ پريڪٽس) ڪندي هئي.انگريزن جي ڏينهن ۾ فائر پريڪٽس واري جاءِ کي چاند ماڙي يا گوليمار چيو ويندو هو. هاڻ هن کي لياقت آباد سڏيو وڃي ٿو.

حاجي محمد علي آرائين جي وڏي پٽ لياقت آرائين جي نالي پويان هن ڳوٺ چاند ماڙي کي هاڻ لياقت آباد سڏيو وڃي ٿو. لياقت آرائين جيڪو 03 مارچ 1992ع تي آمريڪا ۾ انگريز شيڊين هٿان هڪ قادياني شخص جي سازش تحت مارجي ويو هو. لياقت آرائين آمريڪا ۾ پهرين چار ڊالر في ڪلاڪ پوءِ آٺ ڊالر في ڪلاڪ ۽ آخر ۾ 16 ڊالر في ڪلاڪ

جي حساب سان ڪم ڪندو هو. هُن جو موت سندس والد لاءِ وڏي ڏک جو سبب بڻيو هو.

چاند ماڙي (لياقت آباد) ۾ تمام گهر آرائين برداري جا آهن. باقي هڪ گهر ڪمبوءَ برادري جو آهي جنهن جو تسلسل هلندو اچي. حاجي محمد علي جو اهو به چوڻ آهي ته هو 1937ع ڌاري ڊگهڙي شهر جي ميرن واري مدرسي ۾ پڙهيو به آهي، تڏهن اُتي درس قرآن ڏيندڙ مولوي عبدالحئي نوحاڻي، مولوي محمد الدين ديهه 170 وارو مولوي عبدالقيوم خير ۽ مولوي اسماعيل ڪوري هوندا هئا.

آرائين برادري جا ماڻهو جڏهن هن ڳوٺ چاند ماڙي ۾ آباد ٿيڻ آيا هئا تڏهن سندن تعداد ستن اٺن گهرن تي مشتمل هو. حاجي محمد علي سان هي ڪچهري اقبال سان گڏجي 21 آگسٽ 2013ع تي ڏينهن جو هڪ وڳي سندس ڳوٺ لڳ روڊ تي موجود ٽائر پنچر جي دڪان تي ڪئي وئي.

ڳوٺ خير محمد پرڳڙي

محمد حيات ولد دولت خان پرڳڙي، سندس تاريخ پيدائش 1945ع آهي هن جو چوڻ آهي ته اسان جو هي ڳوٺ خير محمد پرڳڙي جي نالي سان آهي خير محمد پرڳڙي منهنجو نانو هو. ۽ هن ڳوٺ جي عمر تقريبن هڪ سئو سال ٿيندي. اسان جا وڏا آبر سنڌ ڪان هت لڏي اچي آباد ٿيا هئا.

خير محمد پرڳڙي کي سومر خان پرڳڙي نالي پٽ هو جنهن جي اولاد رئيس محمد رمضان پرڳڙي آهي . اسان جي ڳوٺ جي حوالي سان خان محمد پرڳڙي هيڊ ماستر ٿي رهيو هو. ۽ مختيار پرڳڙي ٽيليفون آپريٽر ٿي رهيو. هن ڳوٺ ۾ اٽڪل ٽيهه کن گهر آهن. هي ڳوٺ ڊگهڙي جي اوڀر ۾ راڻي رمداڻ جي ڳوٺ جي رستي پر سان پٺاڻ ڪالوني لڳ آهي.

پُراڻ درياءَ

جهلوريءَ کان هيٺ هلندي ڪاڇيلو اسٽيشن کان گذري ڳوٺ راڻو رمداڻ جي ڀر ڏئي دونهائو ۽ ٽنڊوجان محمد کان ٿي جهڏي شهر مٿان گذري راهمڪي بازار اُڪري رڻ ڪڇ ۾ چوڙ ڪري ٿي ان کي پراڻ چيو ويندو آهي.

پراڻ آخر آهي ڇا؟ دريائن جي فطري بدلائن ۽ ليڪڪن جي آجائي مُنجهه قصي کي اهڙو وچڙايو آهي جو ويچارو عام ماڻهو دنگ رهجيو وڃي.

هماليه جي جابلو سلسلي مان وهي نڪرندڙ گنگا، جَمنا، چتانگ، سر سوتي، گهگهر درياءَ آهن. ايم ايڇ پنهور صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي پيرائتي ڪٿا" جي چوٿون نمبر نقشي ۾ 1226ع ۾ هاڪڙو درياءَ جو سُڪڻ ڏسندي ڏيکاري ٿو ته هاڪڙو سر سوتي ۽ گهگهر دريائن جي ملڻ (ميلاپ) کانپوءِ وهي هلندو هو .جيڪو پٽنير، صورت ڳڙهه ولهار سردار ڳڙهه کان ٿيندو رحيم يار خان کان مٿي ميرپور ماٿيلو جي هيٺين ڀر وٺي اروڙ کان گذرندو هو. پوءِ جيڪو سنڌ ۾ اُپر نارو وارو پٽ آهي اُتان اڳ هاڪڙي درياءَ جو گذر هو.

ميجر هينري جارج راورٽي جي ڪتاب جو ترجمو ڪندي عطا محمد ڀنڀرو صاحب "سنڌ جو مهراڻ" جي صفحي 225 تي ڄاڻائي ٿو ته عرب حملي جي لڳ ڀڳ هاڪڙويا واهندا. پنهنجون چتانگ، سرستي، گهگهر، ستلج ۽ سنڌن ٻيون نيون نارين پرتي ڪندڙ شاخون هيون.اهو ماروٽ پرسان ٻن وهڪرن ۾ وهندو هو " اڳيان لکي ٿو" ماروٽ کان اوپر طرف کان

ايندڙ جيسلمير واريون (هاڪڙو جون) پرتي ڪندڙ شاخون پنهنجو وهڪرو مٽائي ويون. اهو پاڻي جيسلمير جي اوپر طرف کان ايندو هو. انهي طرف کان دائمي وهندڙ نديون سڪي ويون ۽ سندن پيٽ ڍنڍون بڻجي ويا ۽ ڪاڻي واري جُهون ڍبون پيدا ٿي ويون. اها تبديلي پنهنجن شاهدين ۽ ثابتين سميت اڄ به بيٺي آهي ۽ چاهتر ميل اولهه کان اوپر ڏکهو پيٽ صدين کان وٺي اڄ تائين سلامت آهي اهو به راورٽي ٻڌائي ٿو ته "سنڌ جو مهراڻ، هاڪڙو واهندو ابهندا، وهندا ساگر سانڪر درياهه اهو آهي"

زلزلن جي سبب اڪثر درياءَ پنهنجا پيٽ تبديل ڪندا رهندا آهن. پر جيڪو وهڪرو گهڻو وقت هليو هجي تنهن کي پراڻو قديم يا آڳاٽو وهڪرو چيو ويندو آهي. ان آڳاٽي وهڪري يا گهڻو عرصو هلندڙ حصي کي ٿي پراڻ چيو ويو.

مهر ڪاڇيلوي تاريخ ريگستان ۾ چوي ٿو ته نارا سنڌو درياءَ جي سڀ کان وڏي شاخ آهي جيڪا بقار جي ويجهو اچي پاڻي جمع ڪري ٿي. جتان اڳيان ڍوري ناري کي پاڻي ملي ٿو.....بقار کان اڳيان تنڊي مٺا خان کپري هٿونگي پٽ پائيٽي کان ٿي فرش موري تائين وچي بين شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. جتان اڳيان ڍوري جي شڪل ڌاري سمنڊ ۾ با ذريعا پراڻ ڪري ٿو.

1700ع _ 1500ع وارو سنڌ جو نقشو ٻڌائي ٿو ته هاڪڙي درياءَ جي اوپر پاسي کان سوڍا ذات جا ماڻهو اڪثريت ۾ آباد هئا. ۽ اولهه ڪنڌي واري پاسي اُتر جي وچٽوٽ کان ونگي پتڻ تائين سميجا ذات وارا جنهن کي ڏل ذات به چيو ويو آهي. تن جي گهڻائي هئي. تنهن وقت ۾ سومرا ۽ سما اڪثريت ۾ نئي رياست ۾ رهندي نظر اچن ٿا.

ڏيپر گهانگهرو يعني موجوده سانگهڙ شهر کان ٿورو مٿي هاڪڙو درياءَ ٽن ڇاڙن ۾ ورهائجي ويندو هو. اوڀاري ڇاڙهه جيڪا نارو آهي سا اُمرڪوٽ کان اولهه پاسو ڏئي. ٽئون ڪوٽ ويندي آهي. وچُون وهڪرو ميرپورخاص (ڪاهو دڙي) روانو ٿئي ٿو. ٽي ڇاڙ يعني اولهه طرف وارو وهڪرو بهمڻ آباد/ منصوره کان ٿي موجوده ميرپورخاص جي شهر کان اڳ وچين وهڪري سان

ملي ويندو هو. سو ميرپورخاص اُڪري جهلوري پهچي ٿو اتان اڳتي ڪاڇيلو اسٽيشن جو اولهندو طرف ڏيئي ڊگهڙي شهر کان اٺ ڪلوميٽر اوير طرف واري ڳوٺ راٺو رمداڻ کان گذري دونهائو پتڻ لنگهي ٽنڊو جان محمد شهر جي اوڀاري ڪنڌي ڏيئي جهڏي شهر جي لڳ اُتر پاسي کان جهڏي ٽنڊو جان محمد شهر وارو روڊ (رستو) ڪراس ڪري اولهه ڏکڻ ڏيئي رهمڪي بازار جي طرف هلي ٿو. هاڪڙي جو نئون ڪوٽ وارو حصو به هيٺ هن سان ميلاپ ڪري ٿو هي گڏجي ان وقت جا آباد شهر اُڪري رڻ ڪڇ ۾ چوڙ ڪن ٿا. راوتي لکي ٿو ته ”پراڻي ڍوري يا مهراڻ يا هاڪڙي جيڪو ڪڏهن شهدادپور جي اُتر ۾ پوءِ اولهه ۾ وهندو هويا ان ڍوري سميت جنهن کي سنڌي لوهاڻو ڍورو سڏيندا آهن. جنهن جا سنڌو يا آب_ سنڌ ۾ مهراڻ يا هاڪڙو درياءَ جي وچ ۾ پراڻا وهڪرا ڏسبا آهن“ اِي ايڇ اِئٽيڪن پنهنجي ڪتاب سنڌ گزيٽيئر ۾ ٻڌائي ٿو ته منڙائون واهه جي منظوري (انگريز دؤر) ۾ 58_1857ع ۾ ڏني ويئي هئي. پرماليائي ڪوٽ ۾ واهه ڪاٽي جي گهٽتائي سبب ڪم 1879ع ۾ مڪمل ٿو. اهو بند قدرتي پاڻي جي ذخيري مُکي ڍنڍ مان نارا ڪان 136 ميل تي نڪري ٿو نارا جي چنڊڻ ڪارو ڪن ۾ وڃي چوڙ ڪري ٿو.“ سنڌ گزيٽيئر منڙاؤ واهه ڪان به اڳ ٻڌائي ٿو ته“ اوير نارو هاڻي دائمي واهه آهي ۽ سندس مڪمل ڊيگهه تائين ٻيڙيون هاڪاري سگهجن ٿيون.

ٻارهن ميل ڊگهي سپلاءِ چئنل سميت سندس روهڙي کان ڍوري پراڻ ۾ چوڙ واري جاءِ تائين ڪُل ڊيگهه 276 ميل آهي. پر آبپاشي جي مقصد لاءِ وهڪري جو انتظام رڳو جوڌپور_ حيدرآباد ريلوي تي216 ميلن ڍوري ناري ويجهو تر واهه جي مُنهن هيٺان ڇاپ تائين رکيو ويو هو.

پراڻ ڪنڌيءَ لڳ ماستر محمد اڪرم جٽ جو ڳوٺ ننڍي ڏوبرچي واقع آهي. جنهن ويجهو مينڌر ٻٽون وارو پراڻو ٿٽل شهر دڙي جي صورت ۾ موجود آهي. چيو وڃي ٿو ته سنڌ جو مشهور ڪردار راڻو مينڌرو انهي ڳوٺ جو هو. فقير بشير لغاري صاحب ٻڌائي ٿو ته بدين جي طرف وينل مينڌرا

ذات وارا ماڻهو اصل هن ڳوٺ (مينڌر پٽ) جا هئا، پوءِ لڏي بدين جي طرف ويا فقير صاحب جي چوڻ تي ته ان ڳوٺ ۾ توريي مان تيل ڪيڻ جا ٽي سئو جي لڳ ڀڳ گهاڻا هئا، هتان جا ماڻهو تيل ٻين ملڪن جي طرف ڪاروبار سانگي موڪليندا هئا. مهر ڪاچيلوي جو خيال آهي ته"مينڌرن پٽن وارو شهر هڪ اندازي موجب عرب دؤر جو آهي"سنڌ ۾عربن جو دؤر 712ع کان شروع ٿيو جڏهن مهاراجه ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ جنگ لڳي هئي. ايم ايڇ پنهور نقشي ۾ هاڪڙي درياءَ جو شڪڻ 1226ع ڏيکاري ٿو ۽ مهر ڪاچيلوي اهو چئي ٿو ته "مينڌرن جو شهر مڪاني راويتن مطابق ٽالپرن جي حڪومت جي آخري دؤر تائين ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ قائم رهيو آهي" ڪاڪو ڀيرو مل پنهنجي ڪتاب قديم سنڌ ۾ لکي ٿو ته " 1819ع واري زلزلي ڌرتيءَ کي گهڻو لوڏي ڇڏيو. جنهن سبب پاڻي پراڻ درياءَ کان ڪڇ رڻ ويڙهه مڪمل ڇڏي ڏنو. ان ڪري راهمڪي بازار به اُجڙي ويئي".

انهي درياءَ جي ڪنڌي تي وسندڙ شهرن جي اُجڙڻ جا اهي سبب ڏسيا وڃن ٿا. درياءِ پراڻ جي تاريخ اسان کي اهو به ٻڌائي ٿي ته موجوده نئون ڪوٽ کان وڱي پتڻ ڏانهن ويندڙ رستي لڳ سما نگر هو گنجڙي ملاح مائي جيڪا اصل جنهاڻ جي هئي تنهن محمود غزنوي کي وڃي ڏانهيو هو ته سامبر پٽي منهنجي پٽ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي، شانور پٽي ان وقت جهڏي تعلقي ۽ ٽنڊو جان محمد واري ايراضي واري راڄڌاني تي حاڪم هو. گنجڙي جي چوڻ تي محمود غزنوي شانور پٽي سان جنگ ڪئي. جنهن ۾ شانور قتل ٿيو هو. ڳالهه تحقيق طلب آهي.......بهر حال اها مائي گنجڙي ساڳي ئي آهي جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته الاٽا ٿلاٽا تون ڪو گنجڙي (يعني صفا پڙاڻي) دؤر جو آهي ڇا؟ مُطلب اها مائي گنجڙي 1026ع واري وقت ۾ هئي.

اهڙي طرح سوڊا ٻوڙ ڊنڊ جو ذڪر ڪندي مهر ڪاچيلوي لکي ٿو ته "هي ڊنڊ ريلوي اسٽيشن ڪاچيلو کان ڏيڍ ميل ٻري اوير ڪنڌيءَ تي واقع آهي، جنهن ۾ هڪ جنگ جي موقعي تي ميز ابوالقاسم سلطان حاڪم

نصرپور جي سيد جي فوجن سوڍن راجپوتن کي زنده جهلي هن ڍنڍ ۾ اُڇلي ڇڏيو هو. جنهن ۾ سميجن جو ڏل قبيلو پيش پيش ڀڏايو وڃي ٿو. "ٻوڙ" هڪ سنڌي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي. "ٻوڙڻ" يعني اها ڍنڍ جنهن ۾ سوڍا راجپوت ٻوڙيا ويا." اهڙي ريت سڪرياري ڍنڍ جنهن تي سڪريي فقير ملاڪاتياري جي نالي پٺيان نالو پيو. ڇاڪاڻ ته اهو ان جو آستان هو. سرڪرياري ڍنڍ ۾ پاڻي پراڻ مان ايندو هو ۽ اها ئي ڍنڍ "سوڍا ٻوڙ" ڍنڍ ڏانهن پاڻي موڪلندي هئي. ٽنڊوجان محمد لڳ پراڻ ڪنڌيءَ تي آمري جو قبرستان آهي جتي ملاح ذات جي ماموئي فقيرن جون قبرون ڏسيون وڃن ٿيون.

اتي ڪنهن دؤر ۾ شهر وردي ماڻهن جو وڏو نڪاڻو هو. محمود غزنوي جا سپاهي جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته بيماري سبب مئا هئا. تن کي اِن آمري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو ماموئي فقيرن جو بيت آهي ته:

> هاڪ وهندو هاڪڙو ڀڃندي ٻنڌ آروڙ
>
> ٻهه مڇي ۽ لوڙهه سمي ويندا سوڪڙي

عطا محمد ڀنيري صاحب جو چوڻ آهي ته "اها هڪ امڪاني صورت حال آهي، جيڪا شاعرانه شڪل يا طبيب ۾ لاڳو حالتن کان گهڻو وقت پوءِ چئي ويئي آهي." هَنِ ماجره جي اصل حقيقت بيان ڪرڻ جو مقصد آئم ته درياءَ پراڻ به هاڪڙي جو حصو آهي. ۽ هاڪڙو اڄ به پاڻ وٽ مختلف شڪلن ۾موجود اهي سندس گس حالتن جيءَ آهر ڪٿ بدليا آهن ۽ مختلف حصن تي مختلف نالا پيل نظر اچن ٿا پر آهي ساڳيو هڪ يعني واهندو يا هاڪڙا. بيبن واهن جو ذڪر ته اچي ٿو پر اُهي آيا ڪٿان؟ اهو نٿو ڏسيو وڃي. هاڪڙو اَڄ به پنهنجو وجود رکي پيو مختلف شڪلن ۾ تنهنڪري آئون هتان بيبن قدرتي واهن واري ذڪر کي محض مفروضو سمجهان ٿو.

ڳوٺ راڻو رمداڻ

راڻي رمداڻ جو ڳوٺ ڏگهڙي شهر جي اوير ۾ درياءَ پراڻ جي ڪنڌي تي واقع آهي. ميان راڻو رمداڻ، عبدالمطلب جو پٽ ۽ ميهار رمداڻ جو پوٽو هو.

هي ڳوٺ ان جي نالي سان سڃاڻپ رکي ٿو. راڻي رمداڻ جي وفات ڇهرين فيبروري 1953ع تي ٿي.

رمداڻ دل ذات جو پاڙو آهي. دل ذات وارا ماڻهو سنڌ جي 1500ع کان 1700ع واري نقشي ۾ پراڻ / هاڪڙو درياءَ جي اولهندي ڪنڌي تي موجوده ڳوٺ راڻو رمداڻ کان وٺي اُتر ۾ الور تائين ويٺل نظر اچن ٿا. مطلب اُن دور کان به اڳ هو پراڻ ڪنڌي تي رهندا اچن پيا. نقشي ۾ هنڌي ماڳين سميجا لفظ نظر ايندو، سميجا دل ذات جو پاڙو آهي.

اڳ به ذڪر اچي چڪو آهي ته پراڻ در حقيقت هاڪڙي درياءَ جو حصو آهي هاڪڙو درياءَ 1226ع ۾ سُڪي ويو هو ڪارڻ زلزلن جو تيڻ هو جنهن سبب هاڪڙي جا پرتي ڪنڌڙ درياءَ رُخ ڦيرائي ويا. 1226ع کانپوءِ پراڻ آبڪلاڻي جي صورت ۾ روهڙي وٽان سنڌو درياءَ جي ڪري وهندي هئي. جنهن کي ڇڇه ماهو پاڻي به چئي سگهجي ٿو. پر 1819ع واري زلزلي هن جو اهو وهڻ به ختم ڪري ڇڏيو. پوءِ صرف طوفاني برساتون پراڻ کي واهنديون آهن ۽ زميندارن جي ٻنين جي ڇڏڻ جو ڪم به هن کان ورتو وڃي ٿو.

دل رمداڻ ڪيئن بڻيا؟

ڪلهوڙن جي صاحبي جي ڏينهن ۾ دل ذات جي ماڻهن جي ڪلهوڙن سان بنهي ڪونه پوندي هئي. دل ذات وارا زوراور ۽ هنيلا هوندا هئا. ڌاڙا هڻندا ۽ ڦرون ڪندا هئا. اهڙي ڄاڻ پاڻ کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۾ سندس سوانح عمري ۽ شادي بابت ڄاڻ مان پڻ ملي ٿي. قصو هيئن آهي ته "هڪ ڏينهن اتفاق سان ائين ٿيو جو ڪي دل ذات جا رهزن،

مردن جي غير حاضري جو فائدو وٺي، مرزا مغل بيگ جي گهر تي ڪاهي آيا، سارو قيمتي مال ٻهاري رمندا رهيا.پوءِ مغل هٿيار بند ماڻهو ساڻ ڪري، ڏاڙيلن جي ڪڍ لڳا، ۽ اچي شاهه جي پاڙي ما لانگهائو ٿيا. اها روئداد ڏسي، شاهه سچي نيت سان پنهنجون ۽ پنهنجن ماڻهن جون خدمتون آڇيون، پر مرزا انڪي حقارت سان ٺُڪرائي ڇڏيو شاهه ڪي انهي تان ڏاڍو رنج رسيو. چون ٿا ته سندس زبان مان بي اختيار بد دعا نڪري وئي، مرزا پنهنجن ماڻهن سيمت شاهينگن هٿان مارجي ويو. اهو حادثو 1124 هجري مطابق 1712ع ۾ ٿيو مغلن جي زالن سيدن جي رنج متاثڻ لاءِ اچي ڪانئن معافي ورتي.پوءِ مرزا مغل بيگ جي نياڻيءَ جي شادي شاهه سان ڪرايائون."

(شاهه جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي ص_ 5)

لطيف سرڪار مسلسل ٽي ورهين جوڳين سان گڏ پنڌ هلي مشاهدو ڪيو جنهن ۾ گنجو ٽڪر ،هنگلاج ، ٺٽو،لنواري ،ويهڙي چپٽ، جيسلمير ،پراڻ وغيره جو پنڌ اچي وڃي ٿو.

فيض محمد ولد محمد سومار رمداڻ جيڪو چمار جي لحاظ کان گهڻو وڏو ڪونهي. سندس تاريخ پيدائش 1972_9_20 آهي ، پر پاڻ پنهنجي وڏڙن کان ٻڌل ڳالهين تحت ٻڌائي ٿو ته دل ذات جي ماڻهن جي ڏاڙن ۽ هَٺ خلاف ڪلهوڙا حڪمرانن هنن جو گهيرو تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. ڪلهوڙن جي ماڻهن سان روز روز جي جهيڙن سبب دل ذات وارا ماڻهو به تنگ اچي انڊيا جي طرف لڏڻ لڳا، اهڙو مثال ڏيندي هو ٻڌائي ٿو ته ٻيدا ڳوٺ جي طرف 24 ميل واري پاسي ڪانيو خان دل جو پِڊ آهي، جنهن کي اج به پڙين جا ڏڙا چيو وڃي ٿو. ڪانيو خان ڪلهوڙن جي جهيڙن سبب تنگ ٿي انڊيا جي طرف لڏي ويو.

فيض محمد وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته فقير رمضان دل جي اولاد رمداڻ سڏائي ٿي فقير رمضان دل جي مزار ڊينگاڻ شهر کان ٻن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي. فقير رمضان دل کي پنج پُٽ هئا، جن ۾ پهريون بائيب عرف بابو

پيو مکڻ، ٽيو موسو چوٿون طالب ۽ پنجون ڪنڊو سنڌس پنج ئي پُٽ فقير سڏبا هئا. هي ملتان وارن پيرن جا مريد هئا.

ڳوٺ راڻو رمداڻ جي چڱ مڙسي، فقير بابو جي اولاد وٽ رهي، بابو فقير اڪثر پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر رهندو هو. ان ڳالهہ جو فائدو وٺندي پويان ڳوٺ ۾ ٻيٺل سنڌس ڪُڪڙ کي مهمانن جي رات جي ماني لاءِ مجبوري جي صورت ۾ ڪُنو ويو. ۽ ان ئي رات فقير جو ڳوٺ اچڻ ٿيو ۽ ڪُڪڙ جي روئداد تان فقير ناراض ٿيو ۽ ڳوٺ ڇڏئين.

ويندي ويندي پنهنجي ڳوٺ وارن کي چئي ويو تہ ڪڏهن بہ منهنجي پُٺيان نہ اچجو نہ تہ نقصان ٿيندو. پوءِ بابو فقير ڪپري موري لڳ وڃي رهيو اُتي ئي وفات ڪيائين اُتي سنڌس مزار بہ آهي، جتي ترڪ ۽ خارڪ ذات جا ماڻهون سنڌس مريد آهن. اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن ،رمداڻ يعني سنڌس پوٽئيزهن جي مزار تي ڪونہ وڃن. چون ٿا ڪنهن هڪ آڌ اهو روزو ٽوڙڻ جي ڪوشش بہ ڪئي تہ ان کي نقصان پلي پيو. فقير رمضان جي ٻي پٽ مکڻ جي اولاد ۾ وڏيرو جمعون ۽ وڏيرو هاشم وارا اچن ٿا، ڪنڊو جي اولاد وري ڪنڊاڻي سڏائي ٿي.

فقير رمضان دل جي اولاد رمداڻ انڪري سڏايو جئين دل ذات تي آيل ڪلهوڙن جي رياستي عذاب کان بچي سگهجي ڇاڪاڻ جو سيرا دل ذات وارا ماڻهو انڌيا لڏي ويا ۽ باقي جيڪي ايرا هئا سي پنهنجي وڏڙن جي نالن پٺيان ذاتن جون نکون جوڙي، سڃاڻپ بدلائي رهڻ لڳا.

فيض محمد اهو بہ چئي ٿو تہ هن ڳوٺ راڻو رمداڻ ۾ پراڻي مسجد لڳ وڻن وٽ اڳ هڪ ڪاڻ هئي، جنهن کي سون ڳڙهہ ڪاڻ چيو ويندو هو چون ٿا هڪ واري هتان گذرندڙ هڪ بادشاهہ ان ڪاڻ جي تري ۾ سون لڪرايو هو جنهن تان هن تي نالو پيو سون ڳڙهہ برحال اڄ تائين اهڙي ڪا شيءِ اُتان ملي ناهي.

ڪڇهري ڪانپوءِ اسان فيض محمد سان گڏجي ميندر پٽون ڏسڻ وياسين اهو هنڌ ڳوٺ راڻو رمداڻ جي اتر ۾ ٻن بلاڪن جي پنڌ تي آهي

جڏهن تہ ڪچهري دوران فيض محمد برساتن ۾ مينڌر پٽن ۽ آس پاس مان مليل پراڻا سڪا بہ اسان کي ڏيکاري چڪو هو.

فيض محمد کان اڳ اسان جي اهڙي ڪچهري وڏيري دين سان بہ ان ڳوٺ ۾ ٿي هئي، هن بہ ان قسم جي معلومات ڏني هئي، پر هُن جو وڏيڪ اهو چوڻ هو تہ ڳوٺ راڻو رمداڻ جا ماڻهو اڳ ڳوٺ چاند ماڙي واري پٽن تي رهندا هئا، پوءِ اُتان لڏي هي ڳوٺ اچي ٻڌو هئن.

هي ڳوٺ راڻو رمداڻ اڄ وڏيري شمش رمداڻ، نصير رمداڻ، متارو رمداڻ، پير بخش رمداڻ، قائم رمداڻ، اشرف رمداڻ، شيرو رمداڻ، شبير رمداڻ ۽ ٻين جي حوالن سان سڃاڻپ رکي ٿو پر هن ذات جي ماڻهن جي پراڻ ڪنڌي تي رهائش قديم آهي.

جڏهن پٺائي رحہ پراڻ جي پٽن تي آيو هوندو تڏهن بہ دل ذات جا ماڻهو هِت ويٺل ڏٺا هوندس. پٺائي جي پيدائش 1689ع ۽ وصال 1752ع آهي. لاکي قلاڻي جا ڏس کڻي پٺائي پراڻ ڪنڌي جي وڻن کان پڇيا هئا، پر دل ذات جا ماڻهو ڪيس مليا هوندا.

چون ٿا تہ مومل جو راڻو راڻو مينڌرو ان ڳوٺ مينڌر پٽن جو هو. اهي مينڌرا پٽون، جيڪي اڳ وڏو ڳوٺ هو هاڻ پٽن جي صورت ۾ موجوده ڳوٺ راڻو رمداڻ جي لڳ موجود آهن. راڻي مينڌري جو دور همير سومري جي بادشاهي وارو دور آهي. همير سومري 1400ع کان 1421ع تائين ڍٽ (ٿر) تي حڪومت ڪئي گادي امر ڪوٽ هئس، ڪيس ٽي مشهور وزير هئا. ڏونر پٽي سينهڙو ڏما چاڻي ۽ راڻو مينڌرو. مينڌرا پوءِ لڏي بدين جي طرف ويا،جتي تاجن مينڌرو جي پنهنجي نئي راڄڌاني هئي جنهن غلام شاهہ ڪلهوڙو سان بغاوت ڪري ساڻس جنگ بہ ڪئي هئي. هاڻ جا رمداڻ انتهائي ملڻساز ،مهمان نواز ۽ سادگي سان رچيل نظر اچن ٿا نہ ڏنگائي نہ هوڏ. شايد باربار ڪلهوڙن سان جهيڙن سندن فطري حَس کي تبديل ڪري ڇڏيو هجي.

ڏگهڙيءَ جي نوٽيفائيڊ ايريا ڪميٽي / ٽائون ڪميٽي

۾ رهندڙ چيئرمينن، ايڊمنسٽرن ۽ ناظمي دؤر

نمبر	نالو	عهدو	ڪهڙي وقت کان	ڪيستائين
1	مير حاجي غلام حيدر ٽالپر	(چيئرمين)	ڊسمبر 1947ع	1953_4_5
2	مير حاجي مير محمد ٽالپر	(چيئرمين)	1953_4_20	1953_11_6
3	مير حاجي فتح خان ٽالپر	(چيئرمين)	1953_11_7	1958_10_31
4	حاجي عبدالعزيز آرائين	(چيئرمين)	1960_4_1	1962_5_31
5	شفيع محمد جي آرائين	(چيئرمين)	1962_6_1	1962_8_31
6	حاجي عبدالعزيز آرائين	(چيئرمين)	1962_9_1	1963_1_20
7	شفيع محمد جي آرائين	(چيئرمين)	1963_1_21	1966_1_16
8	مير حاجي محمد حيات ٽالپر	(چيئرمين)	1966_1_17	1971_6_16
9	مير علي محمد ٽالپر	(چيئرمين)	1979_11_11	1983_11_4
10	مير علي محمد ٽالپر	(چيئرمين)	1983_11_5	1986_1_12
11	حاجي عالم علي خان ٽائمخاني	ايڪٽنگ (چيئرمين)	1986_1_13	1986_2_17
12	مير علي محمد ٽالپر	(چيئرمين)	1986_2_18	1987_11_29
13	عبدالرشيد هاشمي	ايڊمنسٽريٽر	1987_11_29	1987_12_30
14	مير علي محمد ٽالپر	(چيئرمين)	1987_12_30	1992_10_5
15	مسٽر اقبال پناڻ	ايڊمنسٽريٽر	1997_8_23	1998_8_10
16	عالم رانا	ايڊمنسٽريٽر	1998_9_2	1998_9_29
17	اقبال پناڻ	ايڊمنسٽريٽر	1998_9_30	1998_10_9
18	شبير خان ٽائمخاني	ايڊمنسٽريٽر	1998_10_10	1998_10_19
19	حسن علي هڪڙو	ايڊمنسٽريٽر	1998_10_20	1998_11_23

20	محمد عالم رانا	ايڊمنسٽريٽر	1998_11_19	1999_5_12
21	راشد محمود	SDM	1999_5_12	1999_9_4
22	شڪيل هاشمي	ايڊمنسٽريٽر	1999_11_4	2000_6_16
23	شفيق احمد ميهسر	SDM	2000_6_17	2000_11_3
24	مسٽر نصير ناريجو	SDM	2000_12_1	2001_1_11
25	مسٽر فضل عمر ڪريم سومرو	ايڊمنسٽريٽر	_	_
26	مير علي محمد ٽالپر	ناظم	2001_8_27	2005_6_30
27	شفيع ڪوڪر	ڪيرٽيڪر	2005_7_1	2005_10_16
28	مير علي محمد ٽالپر	ناظم	2005_10_17	2010_2_24

اولڊ ٿرپارڪر، ضلعو ميرپور خاص ۽ ڏگهڙي جي انتظامي تاريخ جا حوالا.

مهر ڪاچيلوي لکي ٿو تہ 1846ع کان 1871ع تائين عمرڪوٽ جو پوليٽيڪل سپرٽينڊنٽ تروٽ مقرر ٿيو. هن جي دؤر ۾ پارڪر واري علائقي کيچ ٻيچ جي حصن کي توڙي حيدرآباد ضلعي سان ملايا ويا. تروٽ پنهنجو هيڊ ڪوارٽر عمرڪوٽ کي ٺاهيو هو.

تعلقو ڏگهڙيءَ جيڪو "محال" ڏگهڙي جي نالي سان منسوب هو پهرين هي حيدرآباد ضلعي سان شامل هو. ساماروءِ جيمس آباد (ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي) تعلقن جو اڃا تائين وجود بہ نہ هو. 1858ع ۾ نئين ضلعي ٿرپارڪر جيڪو ٿر ايراضي تي مشتمل هو تنهن کي ڪيچ جي انتظام کان الڳ ڪري حيدرآباد ۾ شامل ڪيو ويو. ۽ 1860ع ۾ مٺي ڏيپلو ڇاڇرو نارو عمرڪوٽ ۽ سانگهڙ کي ضلعي حيدرآباد کان الڳ ڪري "ايسٽرن سنڌ فرنٽيئر"جو نالو ڏنو ويو 1882ع ۾ هن کي ضلعي جي صورت ڏيئي لفٽننٽ آر آئي ڪرافورڊ کي هن جو پهريون ڊپٽي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو بعد ۾ ٻن تعلقي ڦٽوروءِ سنجهورو کي بہ هن ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو. ٻي طرف نارو تعلقي کي بہ اڌ ڪري ساماروءِ کپرو کي وجود ۾

آندو ويو 1896ع ۾ حيدرآباد ضلعي مان شهدادپور ۽ محبت ديرو تعلقن جي ڪجهه علائقن کي ٿرپارڪر ۾ شامل ڪيو ويو.

1806ع ۾ ميرپورخاص جيءَ وجود وٺڻ کانپوءِ پورا هڪ سئو سال يعني 1906ع ۾ اوج وٺڻ لڳو هن جو سبب جمڙاؤ جو نهڻ ۽ ريل جو اچڻ هو. پوءِ ميرپورخاص جي مقابلي ۾ عمرڪوٽ جي آمدني گهٽجڻ لڳي هئي. ماٺهو اُتان لڏپلاڻ ڪري ميداني بيراجي علائقن جي طرف اچڻ لڳا هئا. انگريزن اهو ڏٺو انڪري عمرڪوٽ جي بجاءِ ميرپورخاص کي ضلعي جو صدر مقام ٺاهن حالانڪ ان کان اڳ ميرپورخاص تعلقي جو درجو رکندو هو سندس صدر مقام ميرواهه گورچاڻي هو جتي ڪجهه وقت لاءِ مختيار ڪار به وهندو هو جنهن جو تعلق حيدرآباد ضلعي سان هو 1901ع جي آدمشماري ۾ ميرپورخاص تعلقي کي ٿرپارڪر ۾ شامل ڪيو ويو. 1904ع ۾ جيمس آباد کي تعلقو بڻايو ويو 1843ع کان 1906ع تائين ضلعي ٿرپارڪر جا مختلف صدر مقام ٺهندا ۽ ڊهندا رهيا ڪڏهن ڇڇ ڪڏهن حيدرآباد ۽ ڪڏهن عمرڪوٽ وغيره پر آخرڪار ميرپورخاص کي مستقل ضلعي جو صدر مقام بڻايو ويو. جيستائين سرڪاري آفيسون تعمير ٿين تيستائين ڪجهه وقت پٿوري ۾ عارضي طور تي هيڊڪواٽر قائم ڪيو ويو.

1907ع ۾ ميرپورخاص ۾ نئون حضور خانو (ٽريزري) کوليو ويو. انکان پهرين حيدرآباد ضلعي جو ڊپٽي ڪليڪٽر اهو ڪم ڪندو هو 1912ع تي جمڙائو ڪئنال جي ڪالونائزيشن آفيسر جو عهدو ختم ڪري ٿرپارڪر ۽ حيدرآباد جي ضلعن مان هڪ نئي ضلعي نواب شاهه کي جنم ڏنو ويو. انهي سال ڊپٽي ڪمشنر جو عهدو ڪليڪٽر ۾ تبديل ٿيو. ضلعي ٿرپارڪر جون ٽي سب ڊويزنون، جمڙاؤ نارو ۽ ٿر کي قرار ڏنو ويو. جنهن ۾ ڪُل ٻارانهن تعلقا هئا. مير پورخاص صدر مقام ٺهڻ بعد 1912ع ۾ محال ڏگهڙي کي حيدرآباد ضلعي کان الڳ ڪري ٿرپارڪر ۾ شامل ڪيو ويو ۽ سنجهورو تعلقو ضلعي نواب شاهه کي ڏنو ويو. آگسٽ 1947ع کانپوءِ به ٿرپارڪر ضلعي ۾ 9 تعلقا هئا. ميرپورخاص، جيمس آباد، ڏگهڙي سامارو،

عمرڪوٽ، ڏيپلو ڇاڇرو، مٺي ۽ ننگر پارڪر تعلقا رهجي ويا هئا. 1990ع ۾ ضلعي ٿرپارڪر کي ٽوڙي ٻه ضلعا ميرپورخاص ۽ ٿر ٺاهيا ويا. جنهن تي عمل جنوري 1991ع تي ٿيو ڊپٽي ڪمشنر الله رکئي آسي جي وقت ۾ ٿرپارڪر مان ٻه ضلعا ٿر ۽ ميرپورخاص جوڙيا ويا هئا.

27 مارچ 1993ع تي وزيراعليٰ سنڌ سيد مظفر حسين شاهه عمرڪوٽ ۾ علان ڪيو ته ميرپورخاص کي ڊويزن ۽ عمر ڪوٽ کي هلندڙ مالي سال ۾ ضلعي جو درجو ڏنو پيو وڃي.

1843ع کان 1847ع تائين سنڌ ۾ سر چارلس نيپئرجو وقت رهيو آهي پوءِ 1847ع کان 1850ع تائين. پرنگل بمبيءَ کان سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ٿي آيو هو 1851ع ـ1856ع تائين سنڌ جو ڪمشنر سر بارٽل فريئر مقرر ٿيو سنڌس دؤر ۾ سنڌي زبان جي لکت لاءِ ڀرپور ڪم ٿيو عربي رسم الخط ۾ رائج ڪري سنڌي کي دفتري ٻولي ٺاهيو ويو انکان اڳ آفيسن ۾ فارسي ٻولي لکي ويندي هئي، بارٽل فريئر جي دؤر ۾ ئي سنڌ اندر تپيدارن، ڪاردارن ۽ مختيارڪارن کي مقرر ڪيو ويو.

جيئن روينيو جون وصوليون ٿي سگهن ۽ سندس دور ۾ رستا ٺاهي ان تي پٿر هنيا ويا فريئر جي وقت ۾ ٿرپارڪر اندر ٽي اسڪول نگرپارڪر، اسلام ڪوٽ ۽ مٺي ۾ قائم ٿيا. اسڪولن جا ماستر احمد آباد مان گهرائي 35 روپيه في ماستر ماهوار تي مقرر ڪيا ويا، جيڪي گجراتي ٻولي ۾ تعليم ڏيندا هئا. انهي کان اڳ گهرن ۾ آڌ اکري پڙهائي ويندي هئي ننگر پارڪر ۾ 101 ڇوڪرا، اسلام ڪوٽ ۾ 34 ڇوڪرا ۽ مٺي ۾ 35 ڇوڪرا داخل ٿيا هئا.

1854ع ۾ مسٽر فريئر پاڻ ٿر ۽ پارڪر جي علائقن جو دور ڪري ٻٽائي واري نظام کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي ڍل وارو اصول لاڳو ڪيو. ان ڏس ۾ قائم مقام ڊپٽي ڪمشنر مسٽر شارٽ (Short) پاڻ علائقن جو دورو ڪري ڍل جي حد مقرر ڪئي. ڊسمبر 1855ع ۾ زمينن جي ماپ ڪئي ويئي، ڪراچي وارو فريئر حال ان ڪمشنر فريئر جي نالي سان منسوب

آهي. جي. ڊي انوايتي ڪمشنر سنڌ جو دور 1854 کان 1862ع رهيو سندس دور ۾ درياءَ ناراتي بند ٻڌا ويا جن کي بچا بند پڻ چيو ويو. 1867 ۾ ڪمشنر سنڌ ڊبليو. ايچ هيولاڪ پوليس کاتي مان مقامي عهدا ڪڍي انگريزي نالا جاري ڪيا.

1896_97ع ۾ ايچ. اي. ايم جيمس ٻي دفعي ڪمشنر سنڌ مقرر ٿي آيو. سندس وقت ۾ حُر تحريڪ زور ورتو حُرن جو اڳواڻ بچو بادشاهه سانگهڙ مان گرفتار ٿيو. ان خوشي ۾ ڪمشنر جيمس شادي پلي ۾ دربار منعقد ڪري پوليس عملدارن ۽ زميندارن کي انعام سان نوازيو. خان بهادر محمد يعقوب خان کي به "سرداري"جو لقب اُتي مليو هو. پوءِ ڪمشنر جيمس جي مختلف وقتن تي سنڌ ۾ مقرري ٿيندي رهي هئي جيمس آباد (ڪوٽ غلام محمد ڀرڳڙي) جو شهر سندس نالي سان آهي.

1846ع کان 1871ع تائين مشهور آفيسر ليفٽينٽ ڪرنل ٽائي رائيٽ عرف تروٽ ضلعي جو پوليٽيڪل سپريٽنڊنٽ مقرر ٿيو. جڏهن1859ع ۾ ننگرپارڪر جي سوڍن انگريزن خلاف آواز اٿاريو ته سڀ انگريز بمبيءَ کان ڪراچي تائين سوڍن جي خلاف ٿي ويا. ننگر پارڪر ۾ جنگ لڳي جنهن ۾ سوڍن کي شڪست آئي. هو گرفتار ٿيا.انهن ۾ لاڏو سنگهه به گرفتار ٿيو هو جنهن جي نوجوان پُٽ اُوڍي سنگهه تروٽ تي هڪ ڳوٺ ۾ حملو ڪري ڏنو تروٽ شاماياني مان ڀڄي لاڍو نالي ميگهواڙ جي گهر ۾ گهڙي ڪلَن جي هيٺ لڪي ويو هو. اهڙي طرح پنهنجي جان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو.

اهو تروٽ ئي هو جنهن پوليس لاءِ ڳاڙهي پٽڪي (پڳڙي) جو رواج وڌو هو. اَج چوڻ ٿا ننگر پارڪر ۾ موجود ڪارونجهر جبل تي تروٽ جو ٽلهو آهي.

تروٽ بعد ليفٽينٽ ڪرنل آر آئي. ڪرافورڊ ضلعي جو پوليٽڪل سپريٽينڊنٽ مقرر ٿيو. سندس دؤر 1882ع کان 1885ع رهيو ان دؤر ۾ ئي پوليٽڪل سپرينٽنڊنٽ کي ڪمشنر جو درجو ڏنو ويو ان بعد ايچ. اي.

واٽسن 1885ع کان 1886ع تائين ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿي ويو. سنڌس دؤر ۾ ٿي ٿرپارڪر کي ضلعي جو درجو ڏيئي عمر ڪوٽ کي هيڊ ڪواٽر مقرر ڪيو ويو. اهڙي ريت آر _ گائيلس وري 1890ع کان 1892ع تائين ڊپٽي ڪمشنر ٿي رهيو سنڌس دؤر ۾ حيدرآباد کان شادي پلي تائين وڏي ريلوي لائن وڇائي ويئي. 1899ع کان 1902ع تائين ٻي دفع ڊبليو ايچ ليوڪس مقرر ٿيو سنڌس ان دؤر ۾ ميرپورخاص ريلوي جنڪشن ٿيو 1902ع کان 1906ع تائين ايم .ڊي . مينگري 13 ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو. سنڌس وقت ۾ عمرڪوٽ جي بجاءِ ميرپورخاص کي ضلعي جو هيڊ ڪواٽر مقرر ڪيو ويو.

جمڙاؤ ڪئنال بہ سنڌس وقت ۾ کوٽيو ويو ۽ پٿورو ۽ جيمس آباد پڻ تعلقا اُن وقت ۾ ٿيا. ايم. ڊي مينگري جي ٻي دؤر 1907ع کان 1909ع تائين مقرر ٿي اچڻ تي جهڏو ريلوي لائن تيار ٿي ۽ پٿورو ۾ مدرسي جو وجود پيو. ڊبليو ايف هيڊسن 1911ع کان 1913ع تائين ضلعي ٿرپارڪر ۾ پهرين ڪليڪٽر جي حيثيت سان مقرر ٿي آيو. سنڌس ڏينهن ۾ کڏڙو ريلوي لائن تيار ٿي. ۽ حيدرآباد کان تعلقي ڏگهڙي کي الڳ ڪري ٿرپارڪر سان ملايو ويو. پاڻ ميرپورخاص ۾ هڪ لائبريري ۽ هڪ اسڪول بہ ٺهرايو جيڪي هيڊسن لائبريري ۽ هيڊسن اسڪول جي نالي سان اڄ بہ موجود آهن.

اي ايل ميسي 1917ع کان 1919ع تائين ڪليڪٽر ٿي رهيو سنڌس وقت ۾ ٿر ۾ ”لوِس“ جي بيماري هلي هئي، جنهن ڪافي نقصان ڪيو.

1925ع کان 1928ع تائين ڪليڪٽر سي، سي هنڊرسن جو زمانو آهي، سنڌس وقت ۾ ميرپورخاص ۾ زرعي فارم قائم ٿيو ۽ ميرپورخاص ريلوي اسٽيشن جو پليٽ فارم ۽ موجوده اسٽيشن جي عمارت تيار ٿي اڳ اسٽيشن جي عمارت ننڍي هئي.

جڏهن جهڏي کان پٿورو تائين ريلوي لائن وڇائي وئي تڏهن ٿر پارڪر جو ڪليڪٽر اي.ايس. وي ايڪاٽ هو. سنڌس دؤر 1931ع کان 1934ع تائين آهي. غلام حسين آغا ايڪيتاليون ضلع ڪليڪٽر 1946ع کان

1948ع تائين ٿيو هو. سندس وقت ۾ انڊيا پاڪستان ٻه الڳ ملڪ ٿيا. مانجهي عورت بختاور لاشاري به سندس وقت ۾ شهيد ٿي. مهاجرن جون لوڊون به سندس وقت ۾ ٿرپارڪر ۾ داخل ٿيون ۽ هتان جا اصلوڪا سنڌي به ان وقت ۾ وڏي تعداد ۾ هتان کان لڏي انڊيا ويا. 27 آگسٽ 1990ع ۾ الله رکيو آسي ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو، سندس تعلق پنجاب جي ضلعي لوڌران جي ڳوٺ پيپلي سان هو.

والد جو نالو ميان الله وسايو آرائين هئس. سندس گهراڻو هاريءَ سان تعلق رکندڙ هو سندس ئي دؤر ۾ سنڌ حڪومت آڪٽوبر 1990ع ۾ ٿرپارڪر ضلعي کي ٻه اڌ ڪري ٻه ضلعا جوڙيا، هڪ ميرپورخاص ضلعو ۽ ٻيو ٿرپارڪر ضلعو.

الله رکيو آسي ٿرپارڪر جو 79 ۽ آخري ڊپٽي ڪمشنر هو ۽ پاڻ ئي نئي ٺهيل ميرپورخاص ضلعي جو پهريون ڊپٽي ڪمشنر به ٿيو اتفاق سان جڏهن ميرپورخاص کي ٽوڙي اجا به هڪ ٻيو ضلعو عمرڪوٽ پي جوڙيو ويو تڏهن به پاڻ ئي ڊپٽي ڪمشنر هو. پاڻ 23 مئي 1993ع کان 3 آگسٽ 1993ع تائين ميرپورخاص ڊويزن جو انچارج ڪمشنر به ٿي رهيو.

(تاريخ ٿرپارڪر_ مهر ڪاڇيلوي_ "اردو")

ڏگهڙيءَ ۾ سال 2015 دوران ماڻهن جو تعداد، رهائشي سرڪاري عمارتون ۽ ڪاروبار

شمار	سرڪاري عمارتون ۽ ڪاروباري مرڪز	تعداد	شمار	سرڪاري عمارتون ۽ ڪاروباري مرڪز	تعداد
1	آبادي غير سرڪاري طور اندازً	41000	2	ڪچين ۽ پڪين جاين (گهر)	5895
3 -	ٽائون ڪميٽي وارڊ	14 عدد	4	سرڪاري هائير سيڪنڊري اسڪول گرلس، برائز	02
5	هاءِ اسڪول سرڪاري گرلس 2 برائز 1	03	6	گورنمنٽ پرائمري اسڪول گرلز 4 برائز 9	13
7	ميڊيڪل سينٽر (نجي)	03	8	ميٽرنٽي هوم (نجي)	05
9	ڪلينڪ (نجي)	26	10	ميڊيڪل اسٽور	47
11	هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر	03	12	هوميوپيٿڪ اسٽور	02
13	پنسار دڪان	03	14	حڪيم .	05
15	ريزڪي دڪان (پرچون)	156	16	ورٽنري ڊاڪٽر	02
17	ورٽنري ڊاڪٽر	02	18	منياري دڪان	65
19	بوٽ هائوس	72	20	فرنيچر دڪان	08
21	سونارن جا دڪان	30	22	ڪپڙي جا دڪان	54
23	ڏاڪا ليس	12	24	ملائي جا دڪان	21
25	ڪير ۽ ڪٽلري جا دڪان	09	26	هوٽلون	63
27	گوشت مارڪيٽ	02	28	مڇي دڪان	02
29	ڪڪڙ جا دڪان	23	30	گوشت جا دڪان (وڏو)	05
31	گوشت جا دڪان (ننڍو)	12	32	ڪنفيڪشنري دڪان	15
33	ڪنفيڪشنري ايجنسي	05	34	دال پڪوڙن دڪان	01
35	ميڊيڪل ليبارٽري .	08	36	ايڪسري ليب	04
37	سگريٽ ايجنسي	03	38	پان سگريٽ ڪيبن	89
39	نسوار دڪان	02	40	فوٽوگرافر اسٽوڊيو	05
41	بئنڪون	11	42	آرمي شاپ	01
43	پريس ڪلب	02	44	ڏرين	13
45	پراپرٽي ايجنسي	01	46	اسٽامپ وينڊر	05
47	ڪمپيوٽر ڪيفي	01	48	ڪمپيوٽر سکيا سينٽر	02
49	پرنٽنگ پريس	01	50	پان ڏرمي دڪان	28
51	شادي هال	04	52	موبائل دڪان	43
53	ڪيبل نيٽ ورڪ (راڄ جي)	01	54	واٽر سپلاءِ	01
55	فلٽر پلانٽ	02	56	پاڇي جا نيلها	22

57	ميون جا ٿلها	24	58	ڀاڄي مارڪيٽ	01
59	خشڪ ميوات جا دڪان	01	60	لوهه جا دڪان	04
61	ميڪهوائڙ موچي ٿلها	07	62	گدام	04
63	هيئر ڊريسر (مين)	65	64	بيوٽي پارلر (ورمين)	32
65	سنيڪر ڪلب	01	66	آرا مشين	12
67	رايا دڪان	35	68	ٻارن جي رانديڪن جا دڪان	02
69	برياني ٿلها	39	70	ٽائرن جا دڪان	18
71	ريڙها (هٿ وارا)	22	72	پکال (پاڻي ڀرڻ وارا)	01
73	پلاسٽڪ چوڙي دڪان	01	74	تيل مشين (آئل مل)	05
75	تيل گهاڻو	01	76	بيٽري دڪان	02
77	مهنهن جا واڙا	13	78	هٿيارن جا دڪان (اسلحو)	03
79	سرمون مسواڪ ريڙهو	01	80	اليڪٽرسٽي سامان دڪان	02
81	سلائي مشين دڪان	02	82	سلائي مشين مستري	03
83	ٽيرسينڊل موچي دڪان	02	84	ماربل دڪان	02
85	سيمنٽ ڊيپو	03	86	اٽي جون چڪيون (فلور مل)	39
87	ڪباڙي دڪان	19	88	گئس سلينڊر دڪان	9
89	ٽرنسفارمر مرمت مستري دڪان	01	90	پارڪ	01
91	ڪميونٽي هال (آرائين هال)	01	92	برف ڪارخانا	02
93	ڊيڪوريشن	03	94	گاريا مورتن سامان وڪڻندڙ	25
95	چشمي جا دڪان	03	96	مڙهي (ڪنڌن لاها)	01
97	بيڪريون	12	98	شيشي جا دڪان	03
99	مٽي جا ٿانو وڪڻندڙ	03	100	جنس جا واپاري	65
101	ڪاٺا	03	–		–
103	باءِپاس روڊ	01	104	پيٽرول پمپ	04
105	پيٽرول ايجنسيون	04	106	درزي جا دڪان (مين)	70
107	درزي جا دڪان (ورمين)	25	108	درزي پرت پرڻ وارا	10
109	عورت درزي دڪان	02	110	گارمينٽس دڪان	25
111	ريڊيو ٽي وي دڪان	04	112	ريڊيو ٽي وي مستري دڪان	08
113	پن ٻيڙي جا پاٿا	02	114	پن ٻيڙي پاٿارا	07
115	چاٻي ٺاهيندڙ دڪان	01	116	پنسار دڪان	02
117	فرج A/C دڪان	02	118	فرج A/C مستري	13
119	فولاد اسٽيٽ ڪاپي دڪان	08	120	لوهار 03، ڪاريگر 05	08
121	شاپنگ سينٽر	14	122	ڪولڊ ڊرنڪس ايجنسي	02

123	ڪولاپ پرنٽس شاپ	08	124	همال مزدور	185
125	رازا مستري، مزدور	450	126	ڪيلي جا مزدور	180
127	مسجد (ديوبند)	22	128	مسجد (بريلوي)	12
129	مسجد (اهلحديث)	01	130	مسجد اهل تشيع	01
131	مدرسا	07	132	مدرسا (چوڪرين لاءِ)	05
133	مندر	03	134	قبرستان (مسلم)	04
135	قبرستان (غير مسلم)	05	136	تندور (نان)	01
137	لوهه پيٽي ٺاهيندڙ دڪان	03	138	هول سيل ايجنسيون	11
139	ٽرڪ اڏا	09	140	ڪار ٽيڪسي	148
141	مزدا	71	142	ڊاٽسن	08
143	سوزوڪي	03	149	ويگن	05
150	ڪيري	11	151	ٽرڪ	59
152	ڏگهڙي رايا ماتلي حيدرآباد ڪوسٽر	50	153	ڏگهڙي رايا ماتلي حيدرآباد ويگن	08
154	ٽنڊو ڪوٽ رايا ڏگهڙي ميرپورخاص ڪوسٽر	70	155	ٽنڊو ڪوٽ رايا ڏگهڙي ميرپورخاص ويگن	12
156	ملي ميرپورخاص ٽو ڪراچي A/C ڪوچ	18	157	ٽنڊو ڪوٽ ڏگهڙي رايا ميرپورخاص بس	02
158	ڏگهڙي ٽو ڪوٽ غلام محمد بس	08	159	ڏگهڙي ٽو آبڙي بس	02
160	پيٽرول گاڏي مستري	12	161	ڊيزل گاڏي مستري	10
162	ٽريڪٽر مستري	07	163	ريڊيٽر مستري	04
164	ڪار پينٽر مستري	03	165	ڪار گاڏي پينٽر	03
166	سائيلنسر مستري	06	167	اليڪٽريشن مستري گاڏين جا	10
168	ڪرات مشين	12	169	ڪشن ويلڊنگ دڪان	19
170	سروس اسٽيشن	07	171	ڪوچ اڏا	05
172	موٽر سائيڪل مستري	36	173	ٽائر پنڪچر دڪان	14
174	ڊيزل ليبارٽري	03	175	ڪماڻي ميڪر	05
176	موٽر سائيڪل اسپيئر پارٽس دڪان	15	177	ڪار شوروم	02
178	موٽر وائنڊنگ دڪان	14	179	موٽر سائيڪل شوروم	07
180	اسپيئر پارٽس دڪان	16	181	چڪڙي انجڻ پارٽس	02
182	چنگچي	475	183	چنگچي شوروم	02
184	سائيڪلن جا دڪان	18	185	موبائيل فرينچائز	02
186	پلمبر مستري	18	187	چن ٺار سيلنگ	02
188	ڪشن ميڪر	02	189	گڏهه گاڏي	115
190	ڪيلي پچائڻ جا اسٽور	03	191	گاڏا	266
192	رنگ مستري	25	193	ٽيڪسي شوروم	05
194	ڪاٺ جا ٽال	-	195	رنگ ساز ڪپڙن جا	02
195	رانديڪن جا ميدان	Nil	196	سوئي گئس	Nil
197	آريون (مٽي جا ٿانوَ پچائڻ لاءِ)	Nil	198	ٽانگا	Nil
199	گتو	Nil	200	گلن جا ليا	03
201	عطر (خوشبو) شاپ	01	202	پيزا شاپ	01
203	لائبريريون	02	204	چانهه پتي ڪليل جا دڪان	02
205	تعلقه اسپتال	01			

اڪرم قمبراڻي جي هن خوبصورت پورهئي جي تفصيلي جائزي مان ڪيئي بيحد اهم ۽ خوبصورت راز ۽ حقيقتون نروار ٿين ٿيون. انيڪ ڏوڙ ۾ لڪل، مٽيءَ ۾ پُوريل سچائيون چٽيون ٿي سامهون اچن ٿيون. ڄاڻ جو نئون خزانو ذهنن جي ملڪيت بڻجي ٿو. اڳ نامعلوم ڳالهيون معلوم ٿي وڃن ٿيون. رازن جي جسم تان لباس لهي ٿو تہ حقيقتن جون جواڻيون ايري نروار ٿين ٿيون. بناشڪ جي هن ڪتاب ۾ پيش ڪيل معلومات ۽ ڳالهيون اڳ ۾ ڪٿي بہ پيش ناهن ٿيون. پهريون ڀيرو اُنهن کي قلم جي زبان ملي آهي. اهي واقعا تاريخ ۾ ضرور اهميت جوڳا آهن. ڏگهڙيءَ جي قائم ٿيڻ ۽ آباد ٿيڻ کان وٺي ان سان لاڳاپيل اهم مستند واقعن، ڳالهين ۽ ڪردارن کي، قبيلن کي جنهن ريت روشنيءَ ۾ آندو ويو آهي. اهو بيمثال تحقيقي ڪم آهي. اُن جي اهميت کان انڪار ممڪن ئي ناهي. اڪرم لڪل حقيقتن جي روح تائين رسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو ذميوارانو تحقيقي رويو آهي.

هڪ باشعور فرد ۽ محقق جي حيثيت ۾ اڪرم جو اهو ترقي پسند نظريو بيحد شانائتو آهي تہ: علائقا بد دعائن جي ذريعي سان ڪڏهن بہ ڪونہ اجڙندا آهن. علائقا مختلف جاگرافيائي حالتن، آفتن، جنگين، تباهين ۽ معيشيت جي مسئلن جي ڪارڻ ئي برباد ٿيندا آهن. پراڻي شهر سُنهريءَ تي ڪيل تحقيق شاندار آهي.

ايوب ڪوسو
جهڏو

Sahil Printers Hyd: 0333-2634650

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪانئو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ڦهلائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٹَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجھہَ ۽ ڏاھپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھہ ڏيندي انھن سينِي کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيھاريو آھي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، ھو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاھا ڪن ٿا، موتي مَنجھہِ پھاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالھہَ ھُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلھہ نيلا پيلا آھن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن........

... ...

ھي بيتُ اَٿي، ھي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنھي ۾ فَرَقُ نہ آ، ھي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنھن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنھن ھَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِھو سوچي مَڙھڻ تہ "ھاڻي ويڙھہ ۽ عمل جو دور آھي، اُن ڪري پڙھڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آھي.

پَنَن جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوَ، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)